






سنڌ جا سڄڻو سلام ..........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر **ٻاهتر** (72) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **ڪڇھريءَ جا مور** ليکڪ ۽ محقق **ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي** جو لکيل آهي، جڏهن ته حڪومت سنڌ جي ثقافت کاتي پاران ڇپايو ويو آهي.

اسان ٿورائتا آهيون مانواري ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي ڏيڻ سان گڏ ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
salamatsindh@gmail.com

# ڪڇهريءَ جا مور

تحقيق، تحرير، سنوار ۽ مقدمو

**ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو**

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ آهن.

ڪتاب جو نالو: ڪڇهريءَ جا مور
تحقيق، تحرير، سنوار ۽ مقدمو: ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2013 ع
ڪمپوزنگ: اقبال ابڙو
ٽائيٽل: ظفر ابڙو
ڇپيندڙ: پيڪاڪ پرنٽرز، ڪراچي 0300_2152634
ڇپائيندڙ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
قيمت: 300 رپيا

Book: Kachahri Ja Mor (Folk Poets)
Researcher, Writer & Editor: Dr. Kamal Jamro
Edition First: December 2013
Title Design: Zafar Abro
Composing: Iqbal Abro
Printer: Peacock Printers, Karachi. 0300-2152634
Publisher: Culture Department Government of Sindh
Price: Rs.300/-

ملڻ جو هنڌ
**ڪلچر ڪتاب گهر**
سامهون ايم. پي. اي. هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ.

# سٽاءُ


- چپائيندڙ پاران 7
- مقدمو 9
- سنڌي لوڪ ادب سيمينار ۽ سگهڙن جي ڪچهري 71

**سگهڙن جا ڪتاب (تعارف ۽ تبصرو)** 76

**استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جا ڪتاب**
- موتي مور ملوڪ جا 79
- موتين مٽ ملوڪ جي 83

**استاد عبدالرحمٰن مهيسر جا ڪتاب**
- مهيسر جي مام 91
- مهيسر جي موج 96
- مهيسر جي مرڪ 100
- حال حيات ضلعي خيرپور جا سگهڙ 103

**محمد لقمان ڪوڪر جا ڪتاب**
- لاتيون سڻ لقمان جون 105
- لعل ڪٽا لقمان جا 108
- لوچون ڏس لقمان جون 113

**فقير هدايت علي رڏ جو ڪتاب**
- سگهڙ ڪچهري (ڪلام فقير هدايت علي رڏ) 121

**وريام فقير شيخ جو ڪتاب**
- سچ ۽ سونهن وريام جي ورونهن 124

**ديدار علي سيال جو ڪتاب**
- ديس وسي ديدار اسان جو 125

**حاجي علي نواز وگڻ جو ڪتاب**
- وگڻ جا ويچار 130

**گل محمد غازيءَ جو ڪتاب**
- گفتا گل محمد جا 133

**رحمت الله عباسيءَ جو ڪتاب**
- رهاڻ رحمت الله جي 136

**حسين بخش رڏ جو ڪتاب**
- حرف هيرن جهڙا 141

**عاجز رحمت الله لاشاريءَ جا ڪتاب**
- سلسليوار سگهڙ سماچار 146
- سنڌ سجاڻ سگهڙ ڊائريڪٽري 148
- رنگ رحمت الله جا 149
- مولود ۽ مداحون 152
- رمزون رحمت الله جون 155
- رحمت جا خزانا 158

**ڏلي فقير پٽيءَ جو ڪتاب**
- گنيءَ جو گن 161

**عبدالله ورياهه جو ڪتاب**
- سگهڙن جي ڊائريڪٽري 167
- مهراڻ لوڪ ادب نمبر 171

**فقير علي گوهر قريشيءَ جا ڪتاب**
- محبت جا موتي 178
- محبت جي منزل 180

**محمد ايوب جوڻيجي جو ڪتاب**
- مٽيءَ جي خوشبوءِ 182

**نظير احمد ميمڻ جو ڪتاب**
- صدين جي سوغات 184

**محبوب علي ڏيپر جو ڪتاب**
- پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ 186

**تعارف کان رهجي ويل ڪتابن جي لسٽ** 190

**سگهڙن جون تنظيمون**
- سنڌ سگهڙ سنگت/ سنڌ سگهڙ پلاٽي تنظيم 195
- سنڌ سگهڙ ادبي پلاٽي تنظيم 197
- سنڌ سجاڻ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) 200

سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تحريڪ (سلات)
سنڌ سگهڙ سنگت لوڪ ادب تنظيم (سلات)
- سگهڙ لوڪ وينجهار ڪچهري (سلوڪ) سنڌ 206
- سنڌ سگهڙ اتحاد 208

## سگهڙن جو تعارف ۽ سندن چونڊ ڪلام

1) حضرت جلال ڪتي 212
2) ٻيڙو فقير ڪنڀار 218
3) استاد محمد ملوڪ عباسي 220
4) محمد سومر ڳاهو 227
5) فقير عبدالرحمٰن مهيسر 233
6) فقير هدايت علي رڏ 240
7) سگهڙ فقير ديدار علي سيال 248
8) استاد محمد امين سنياسي 256
9) گل بيگ رند 260
10) گل محمد غازي 266
11) سگهڙ محمد لقمان ڪوڪر 273
12) سگهڙ فقير حاجي علي نواز وڳڻ 282
13) حاجي رحيم بخش قريشي 292
14) سگهڙ محمد مٺل جهتيال 294
15) رحمت الله عباسي 297
16) ڏاڏو ڏتل ابڙو 309
17) عاجز رحمت الله لاشاري 310
18) محمد ايوب جوڻيجو 320
19) حسين بخش رڏ 322
20) نظير احمد ميمڻ 332
21) رحيم بخش ڌهوت 357
22) محمد اسماعيل پهوڙ 361
23) احمد علي چانديو 363
24) الهڏنو لانڊر 366
25) محمد سومر سومرو 367
26) ممتاز علي عباسي 369
27) غلام قنبر عرف ڪبير 372
28) فقير امداد علي ٻبر 373
29) غلام رسول "غلام" مگريو 376
30) امام ڏنو مهراڻي 378
31) گدا حسين سهتو 381
32) بهار علي "بهار" ٻرڙو 383
33) گل حسن گل ملڪ 388
34) خليل الرحمٰن مهيسر 396
35) استاد پنهل "فقير عارف" لغاري 399
36) ممتاز امين سنياسي 401
37) حافظ غلام شبير وسطڙو 406
38) محمد ايوب واهوچو 408
39) روشن علي ڪوري 413
40) ڏلو فقير پٽي 415
41) شاهنواز چنو 418
42) محمد صالح عباسي 419
43) سگهڙ رمضان فقير مگڻهار 420
44) جان محمد جاني بروهي 421
45) حاڪم علي ميمڻ 425
46) غلام شبير عباسي 427
47) محمد جمن پٽي 428
48) طالب پنپيرو 430
49) الله بخش سامت 432
50) غلام اڪبر گاڏهي 433
51) عبدالستار مير بحر 434
52) سيد مختيار علي شاهه 435
53) عبدالقادر اوڳاهي 436
54) صابر حسين عباسي 438
55) شفيق الرحمٰن ڪوري 439

ٻہ ڏنو آهي. هُو ڪن سان روبرو مليو تہ ڪن سان فون وسيلي رابطو ڪري مواد گڏ ڪيائين. ڪتاب کي جامع بڻائڻ لاءِ ڊاڪٽر صاحب رُڳو سگهڙن جي تعارف ۽ چونڊ ڪلام تائين محدود نہ رهيو پر تمام گهڻو تفصيلي مقدمو، سگهڙن جي ڇپيل ڪتابن جو تعارف ۽ سگهڙن جي تنظيمن بابت تفصيل بہ لکيو آهي.

هُن مقدمي ۾ ڪچهريءَ جي اهميت ۽ قانونن کان سواءِ لوڪ شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سڀني صنفن جي وصف پڻ لکي آهي، جنهن سان خاص ڪري شاگردن ۽ نون سگهڙن کي تمام گهڻي معلومات ملندي، ادب جي امتحانن ۽ مقابلي وارن امتحانن ۾ پڻ اهڙي قسم جي ڄاڻ ڪارائتي ثابت ٿيندي آهي. سگهڙن جي ڇپيل ڪتابن ۽ تنظيمن واري معلومات بہ هڪ اهم دستاويز آهي. مطلب تہ ڪنهن حد تائين هيءُ ڪتاب ”سنڌي لوڪ ادب بابت انسائيڪلوپيڊيا“ جو درجو رکي ٿو. مان ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جو ٿورائتو آهيان، جو هُن ايترو ڪم اڪيلي سِر تمام مختصر عرصي ۾ ڪري ڏنو.

اميد آهي تہ اسان جو هيءُ پورهيو لوڪ ادب سان چاهہ رکندڙن وٽ مڃتا ماڻيندو.

**منظور احمد ڪناسرو**
ڊائريڪٽر جنرل
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

09 ڊسمبر 2013ع
ڪراچي

# ڇپائيندڙ پاران

لوڪ ادب ثقافت جو اهم جُز آهي. لوڪ ڏاهپ، ثقافت، ٻوليءَ جا ٺيٺ لفظ، روايتون، ريتون ۽ رسمون وغيره ان ذريعي نہ رڳو سفر ڪن ٿيون ۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿين ٿيون بلڪ محفوظ بہ ٿي وڃن ٿيون. اسان جا سگهڙ ان سلسلي ۾ مک ڪردار ادا ڪن ٿا. هُو مڪتبي تعليم نہ هوندي بہ وڏا ڏاها ۽ ڄاڻو آهن. اهو ئي سبب آهي جو ڪين ڪچهريءَ جو مور سڏيو وڃي ٿو. اسان جي هن ڪتاب جو نالو ”ڪچهريءَ جا مور“ بہ ان مناسبت سان ئي رکيو ويو آهي.

لوڪ ادب کي سهيڙڻ، وڌائڻ ويجهائڻ ۽ سگهڙن جي همت افزائي ڪرڻ لاءِ ثقافت کاتي گذريل سال کان هڪ رٿا جوڙي آهي، جنهن تحت اسان ڪجهہ ٻيا ڪتاب بہ شايع ڪرايا آهن، خاص طور تي سگهڙن جي سردار استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جو ڪتاب ”موتي مور ملوڪ جا“ جو ٻيو ڇاپو. ان ڪتاب جي مهورت 17 مئي 2013ع تي سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ ڪرايل لوڪ ادب سيمينار ۽ سگهڙن جي ڪچهريءَ جي موقعي تي ڪئي هئي سين، جنهن ۾ سنڌ جا نالي وارا اديب، محقق ۽ سگهڙ شريڪ ٿيا هئا. ان سيمينار ۾ اسان اعلان ڪيو هو تہ هتي جيڪي سگهڙ آيا آهن، انهن جو ڪلام شايع ڪرايو ويندو. ان ڪلام سهيڙڻ ۽ ايڊٽ ڪرڻ جو ڪم اسان نوجوان محقق ۽ لوڪ ادب جي ڄاڻوءَ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي صاحب حوالي ڪيو.

ڊاڪٽر صاحب نہ رڳو ان ڪچهريءَ ۾ موجود سگهڙن کان ڪلام ورتو پر سنڌ جي ٻين چونڊ سگهڙن جو بہ ڪلام هٿ ڪري، سندن تعارف

www.sindhsalamat.com

نندي وڏي جي لڙ لحاظ جي خاص تربيت ڪئي ويندي آهي، قرب ونڊيو ورهايو ويندو آهي. ڪڇهريءَ ۾ هر طبقي جو ماڻهو ويهندو آهي. ملان به ويهي ته وڏيرو به ويهي، چور به ويهي ته ساڌ به ويهي. سنڌي ملان ڏاڍو روشن خيال رهيو آهي. هن وٽ ڪنهن به فرقي خلاف نفرت نه رهي آهي. پر ڪجهه سالن کان ٻاهرين اثرن سبب هر فرقي جي ملان وچي پنهنجي مسيت ۽ امام بارگاهه وسائي آهي، جيڪو چڱو عمل آهي پر اهو عمل ان وقت شڪي ٿي ٿو پئي جڏهن رڳو پاڻ صحيح ۽ ٻين کي بلڪل غلط سمجهي فتوائن جاري ڪرڻ تائين پهچي ٿو. ان صورت ۾ ڪڇهريءَ جا مور سگهڙ روشن خياليءَ جو پيغام پکيڙي انتها پسنديءَ کي ٽڙڻ جو ڪم ڪن ٿا. تنهن ڪري اوطاقن آباد ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.

اڄ نـه اوطـاقـن ۾، طـالـب تـنـواريـن
آديسـي اُٿـي ويـا،مـڙهـيـون مـون مـاريـن
جي جيءَ کي جيئارين ، سي لاهوتي لڏي ويا.
(شاهه)

اسان جا سگهڙ ٻچيل اوطاقن کي آباد ڪرڻ لاءِ هڙان وڙان ڏئي اڳ کان اڳرا آهن. ڪڇهريون قائم رکندا پيا اچن. هو پنهنجين اوطاقن کي سهڻو سينگاري مهمانن کي نيندون ڏئي لوڪ ڏاهپ ۽ سگهڙائپ جي فن کي بچائڻ ۾ رُڌل آهن. جنڊيءَ تي لٽل کٽن مٿان سهڻيون رليون وڇائي ۽ ويهاڻا رکي، ڪانپ ڪدي پيا هڪ ٻئي سان حال اوريندا ۽ صبح جو لسي/مهي مکڻ، رات جو کير، چانهه چُڪا ۽ شربت مانيون وغيره پيا پيندا ۽ کائيندا. حقي جو رواج به شايد ڪٿي هُجي. هڪٻئي کي پيا ڳجهارتون ڏيندا، بيتن جا به ڪڙڪا هوندا، گفتا، راڳ رنگ ۽ قصا پيا ڪٽبا. اوطاق بابت سگهڙ گل محمد غازي چئي ٿو ته:

الله تـون اوطـاقـيـن کـي، سـکـيـو رک سـهـنـجـو
سک ڏسـن سـدائـيـن، اصـل نـه ڪـريـن اهـنـجـو
کنهن کان گهرن کين کي، پاڪ ڏين پنهنجو
سٽي سوال منهنجو، ڏين گنج "گل محمد" چئي



# مقدمو

ڪڇهري ۽ اوطاق سنڌي ثقافت جا اڻٽٽ حصا آهن. هزارين سالن کان اهي جز اسان سان گڏ هلندا پيا اچن. اوطاق ڪڇهريءَ جي جاءِ/ مهمان خانو آهي، ٻهراڙين ۾ وڏيون وڏيون اوطاقون ۽ لانڍيون ٿين. هر ماڻهو/ڪٽنب اوطاق لازمي ٺهرائيندو آهي. وڏيرا ۽ چڱا مڙس ته شاندار اوطاقون اڏرائن ۽ مهمان نوازي به ڪن. تنهن کان سواءِ سگهڙن، فنڪارن، هنرمندن، ملهن ۽ ڪمي ڪاسبين جي سرپرستي به ڪن. اهڙن همراهن کي اوطاقي مڙس سڏيو وڃي ٿو. شهرن ۾ ڊرائنگ رومن کان اوطاق جو ڪم ورتو وڃي ٿو. پر اهو چس ۽ چاهه، پيار، پاٻوهه ۽ مهمان نوازي ڊرائنگ رومن ۾ ڪٿي! ڪڇهريءَ جي لفظي معنيٰ "جلسو، درٻار، رهاڻ لاءِ گڏجاڻي، رهاڻ، ونڊر، ڪورٽ_ عدالت" آهي. (هڪ جلدي لغت) شهرن ۾ جلسا جلوس ته ايترا ٿين ٿا، جو عوام بيزار ٿي چڪو آهي. لائوڊن تي رڙين جي باوجود ڪو ٻڌڻ وارو ڪونهي. هوٽلن ۾ گڏجاڻيون ٿين، ونڊر ورونهن جي جاءِ ريڊيي، ٽي ويءَ ۽ ڪمپيوٽر پري چڙي آهي. اهي سموريون شيون گهٽي پاڳي هڪ پاسائيون (One sided) آهن. رڳو ٻڌيءِ ڏسي سگهون ٿا باقي ٻڌائي نه ٿا سگهون. اهو ئي سبب آهي ته شهرن ۾ اندر جي اوٻر ڪڍڻ لاءِ رستا ڏاڍا سوڙها آهن، جنهن ڪري بيحسي ۽ اوپرائپ وڌندي وڃي ٿي. گهر گهر جي سامهون هوندي به هڪٻئي کي نه ٿو سڃاڻجي.

ٻهراڙين ۾ به اوطاقن جي ويران ٿيڻ جا واقعا وڌندا پيا وڃن، ڪڇهريون گل ٿينديون پيون وڃن، جنهن جا ڪيترائي سبب آهن. پر ان سان جيڪو وڏي ۾ وڏو نقصان پيو آهي، اهو آهي انتها پسنديءَ ۾ واڌ. چاڪاڻ ته ڪڇهرين ۾ ونڊر ورونهن سان گڏ سهپ، برداشت، مذهبي هم آهنگي ۽

سخي سڄڻ سي، جن کي الله ڏني اوطاق
محبت تن جي من ۾، پرور ڏني پاڪ
هلي ٿي هن دنيا ۾، هر هنڌ تن جي هاڪ
اهي ادب ۽ اخلاق سان پيا گذارين ”گل محمد“ چئي

سخي آهن سپرين، اوطاقي انسان
مهمان ڏسي مرڪن پيا، ماڻ پريا ميزبان
آئي کي عزت سان، اهي محب ڏين مان
جيڪو حال پربان نال ڪن، پيش آٽي پهلوان
ڪري ڪچهريون قرب جون، خوش ٿين پيا خان
جانب اهي جوان، گهٽ نہ ڪن ”گل محمد“ چئي

دائم قائم سنڌ ۾، اوطاقون آهن
سخي سورهہ سدائين، ٺاهيون پيا ٺاهن
ماني ڪارائي محبت سان، پيا عزت ماڻن
پيا ناتو نيهن نباهن، غازي اهي ”گل محمد“ چئي
(سگهڙ گل محمد غازي)

امن امان سنڌ مان رات واريون ڪچهريون گهٽي پاڳي ختم ڪري ڇڏيون آهن. ڏينهن جو ڳوناٺا گڏ ٿي پنهنجي روايت برقرار ۽ ثقافت زنده رکيون پيا اچن. سياري ۾ مڙئي ڪٿي ڪٿي مچ ڪچهريون بہ ڪن ٿا. ڪچهريءَ جا بہ مختلف ادب ۽ اصول ٿين ٿا. جڏهن ڪو پاهران ايندو تہ سڀ کان اڳ ۾ سلام ڪندو، جنهن جو جواب سيئي ڏيندا، اُتي ويهي ياڪر پائي ملندا. ويهي بعد ۾ تفصيلي حال احوال وٺندا. حال احوال پهريان وينل يا اوطاق جو مالڪ وٺڻ شروع ڪندو. وڏن جي ادب جو خاص خيال رکيو ويندو. ننڍن سان شفقت سان پيش اچبو. ننڍا هرو پرو جي وچ ۾ ڳالهائڻ تہ ڪين ماٺ ڪرايو ويندو آهي.

ڪچهريءَ جي شروعات مٺي نالي سان ڪن. حمد ۽ ثنا کان پوءِ اڳتي وڌن. ڳجهارت ڏيڻ جو انداز بہ ڏاڍو نرالو ۽ ڳولهڻ جو ڍنگ بہ منفرد اٿن.





ڳجهارت ڏيڻ وارو چوندو اچيو ٿي، ٻيا چوندا پلي اچي، پلي پلي اچي، پلي ڪري اچي... ڳجهارت جي پاون ۾ جنهن شئي، ذات، وغيره جو نالو لڪل هوندو تہ پڇڻ وارو دنيا جي شين جهڙوڪ: وڻن ٽڻن، ذاتين، نالن وغيره جا درياهہ وهائي ڇڏيندو. جيستائين نہ پڄندي تہ چوندو: بچي، اجا بچي، مري تہ مار ڪائي... ڳجهارت جي چاليهين پتي/حصو جيڪڏهن ٻڌايو ويو تہ چوندا: وئي، پچي پئي، وهوا ڪرينس... پوءِ ڏيڻ واري کي چوندا: تہ ادا سچي ڪرا هيءَ هڪ ذهني ڪسوٽي آهي. جديد دور ۾ جيڪڏهن ان کي Analytical انداز چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. مختلف امتحانن ۾ اهو رجحان وڌندو پيو وڃي.

ڪچهرين ۾ حمد، ثنا، سينگار وغيره جا بيت جيڪڏهن هڪڙو سگهڙ پڙهندو تہ ٻيا ٻڌندا ۽ واهہ واهہ ڪندا. پر جڏهن ڳجهارت ڏجي ٿي تہ ڏيڻ کان پوءِ هر ڪنهن کي ڳولهڻ جي اجازت هوندي آهي. هڪ نہ پچي تہ ٻيو پر واري واري سان. مطلب تہ هڪ قسم جي سيني جي پائيواري هوندي آهي. ڳجهارت جو فن ڪو سولو فن بہ ناهي، جيڪو سگهڙ ڳجهارت ٺاهي ڏيندو آهي تہ اهو وري ڪوشش ڪندو آهي تہ تمام گهٽي ڏکي ڳجهارت ڏئي. نتيجي ۾ ڪي سگهڙ ڳجهارت کان پري ٿيندا پيا وڃن.

پنجاهہ سٺ واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لوڪ ادب ميڙڻ جي سلسلي ۾ سڄي سنڌ گهميو ۽ ڪچهرين جو مور بڻيو تہ اُن کي اهو محسوس ٿيو تہ ڏکيائيءَ جي ڪري ڳجهارت جو فن گهٽبو پيو وڃي . پوءِ هُن سگهڙن سان گڏجي ڪچهريءَ ۾ ڳجهارت جا اصول ٺاهيا. سگهڙن اهي اصول قبول ڪيا ۽ پنهنجين ڪچهرين ۾ رائج ڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ ڳجهارت وڌڻ ويجهڻ لڳي. ڊاڪٽر صاحب اهي اصول/ قانون پنهنجي ڪتاب ”ڳجهارتون“ ۾ ڏنا آهن، جيڪي هتي جيئن جو تيئن پيش ڪجن ٿا.

## ڳجهارت جي ڪچهريءَ جا قانون

1) ڳجهارت جي رهاڻ کي پريءَ ڪچهريءَ لاءِ سينگارجي: ٻن-ٽن سگهڙن جو وچ ۾ يا ڪنڊ پاسي ويهي هڪبئي کي ڳجهارتون ڏيڻ وٺڻ

سندن پنهنجي واسطي نيڪ آهي، پر ڪڇهريءَ جي لحاظ کان اها ڇڻ گونگي رهاڻ آهي. پَريءَ ڪڇهريءَ ۾ ضروري آهي ته ڳجهارت ڏيندڙ ۽ وٺندڙ سگهڙ، هڪ طرفان سڄي ڪچهري ڳجهارت جي ڏيٽيءَ کي سمجهي؛ وٺندڙ ڳجهارت کي آهستي پر وڏي سڏ ڳولي، جيئن سڄي ڪچهري سندس ڏڪ سٽي؛ جي ڳجهارت پڄي ته ڏيندڙ يڪدم وڏي سڏ 'واهه واهه' ڪري ۽ اڳتي وڏي ڳوليندڙ کي هٿ ڏئي، ڏارو ڏئي يا پاڪر پائي جيئن سڄي ڪچهري ڏسي. مطلب ته ڳجهارت جي رهاڻ کي پريءَ ڪچهريءَ لاءِ سينگارجي، جو ڪنڌ پاسي واري رهاڻ گونگي ٻوڙي آهي.

2) <u>ڳجهارت جي ڪچهري ٻڌندڙن جو چاهه وڌائجي</u>: ڳجهارت ڏيندڙ توڙي وٺندڙ ائين سمجهن ۽ محسوس ڪن ته 'اسان ٻڌندڙن جي اڳو پنهنجو فن پيش ڪري رهيا آهيون.' جي رڳو ٻيهي پاڻ ۾ ٽڪا ڏنائون ته اِها عام رهاڻ نه، پر سندن پنهنجي ڇڪتاڻ چئجي، جنهن سببان ڪچهري ٻاڙي ٿي پوندي. ٻڌندڙن ۾ ڪچهريءَ لاءِ چاهه تڏهن وڌندو جڏهن هڪ ڳجهارت پئي پڇندي ته ٻي پئي ڏٻي ۽ ٽڪ ٽڪ لڳي ايندي. اهو خيال ٿي موران غلط آهي ته اهڙي ڳجهارت ڏجي جو ڪو پڇي نه سگهي: اهڙي رٿ سببان ڪچهري ڪُلڻ جي بدران ٻٽجي ويندي.

3) <u>ڳجهارت جي ڪچهريءَ کي زيب وٺائڻ ۽ ان جي معيار قائم رکڻ لاءِ هڪ امين مقرر ڪجي</u>: ڳجهارت جي ڪچهري شروع ڪرڻ کان اڳ، حصو وٺندڙ سگهڙ پاڻ کي ٻن ٽولن ۾ وراهين، جيئن واري سان هڪٻئي کي ڳجهارتون ڏين ۽ ڳولين. پنهنجي وچ ۾ هڪ اهڙي سگهڙ کي 'امين' ڪري ويهارين جو ڳجهارت جي ڪچهريءَ کان بلڪل پوريءَ طرح واقف هجي. سڀ کان اول ٻنهي طرفن جي سگهڙن جي واقفيت ڪرائي؛ ٻنهي طرفان واري سان ڳجهارتون ڏياري؛ ڏنل ڳجهارت کي وهجائي ورجائي ۽ ڪچهريءَ کي مچائي زيب وٺائي؛ باوجود چڱيءَ ڳول جي ڳجهارت نه پڄي ۽ ٻيهي وڃي ته ڪولائي سال ڪرائي؛ ڏيٽيءَ ۽ پڇٽيءَ ۾ ڪو اختلاف ٿئي ته فيصلو امين تي ڇڏين ۽ جو به فيصلو ٿئي سو فوراً قبول ڪري ڪچهريءَ کي مچائي ٻيٺا هجن. پريءَ ڪچهريءَ ۾ ڪِر ڪِر ڪرڻ سگهڙ پائيءَ جي شان ۽ ڪچهريءَ جي اصول جي خلاف آهي.





4) <u>واري سان هر هڪ سگهڙ ڳجهارت ڳولي</u>: هڪ طرفان ڳجهارت ملي ته ٻئي طرفان واري سان هر هڪ سگهڙ ڳجهارت ڳولي، جيئن هر هڪ ڳوليندڙ جا ڏڪ سڄي ڪچهري سٽي، سمجهي واهه واهه ڪري ۽ هر هڪ سگهڙ جي لياقت جو انصاف ٿئي. جڏهن ڪا ڳجهارت ڳوليندڙن مان هر هڪ جا ڏڪ جهلي وڃي، تڏهن جي امين مناسب سمجهي ته سيني کي گڏجي ڳولڻ جي صلاح ڏئي؛ پر امين جي صلاح کان سواءِ، جي ڳوليندڙ اُٻهرا ٿي ساڳئي وقت ڳجهارت کي ڳوليندا ته هڪ ته سندن گوڙ سببان ٻڌندڙن کي ڪچهري سمجهه ۾ نه ايندي ۽ ٻيو ته خود ڳولن مان هر هڪ جي لياقت پڌري نه ٿيندي.

5) <u>ڏيندڙ ڳجهارت کي سهٽو ڪري ڏئي، ۽ 'سر' جو نالو نروار ڪري ڏئي</u>: ڳجهارت 'پرائو ڳجهه' آهي ۽ ڳولڻ ڏکيو آهي سگهڙ جعفر ڏيرو چوندو هو ته 'ڳجهارت چري مبارڪي آهي'، يعني ته مبارڪ ملڻ سان سرهائي ٿيندي آهي، پر ڳجهارت ملڻ سان حالي ته ڳوليندڙ سگهڙ مونجهاري ۾ اچي ويندو. انهيءَ ڪري ڏيندڙ لاءِ لازمي آهي ته ڳجهارت کي سهٽو ڪري ڏئي. ڳجهارت جي ڪچهريءَ ۾ پهرين وڏي جوابداري سيني کان وڌيڪ ڳجهارت ڏيندڙ تي آهي . انهيءَ جوابداريءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ هن کي هيٺيون ڳالهيون خيال ۾ رکڻ گهرجن:

ڏيندڙ کي ڳجهارت جي ڏيٽي توڙي پڇٽي ٻئي حرفَ بحرفَ چٽيءَ طرح ياد هجن. ڪچهريءَ ۾ ڳجهارت ڏيڻ کان اڳ هو 'ڏيٽي' توڙي 'پڇٽي' کي پنهنجي وجود ۾ ويچاري وهجائي خاطري ڪري. ائين نه ٿئي جو ڳوليندڙ جڏهن ڳجهارت کي ڳولي ڳولي مٿو هٽي ڪڪ ٿي ڏيندڙ کي چون 'ادا سڄي ڪر' تڏهن چوي ته 'پڇٽي مون کي به نٿي اچي' يا 'پڇٽي مون کان وسري وئي آهي'.

'ڏيٽي' بالڪل 'پڇٽيءَ' مطابق هجي: يعني 'ڏيٽيءَ' ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ سٽاءُ هوبهو 'پڇٽيءَ' واريءَ بيهڪ ۽ سٽاءُ موجب هجن، اهڙيءَ طرح جو پائو پائي سان ملي، حرف حرف سان ملي ۽ لفظ لفظ سان ملي. ڳجهارت ڏيڻ کان اڳ ۾ ڏيندڙ کي گهرجي ته ڳجهارت جي 'پڇٽي' کي خيال ۾ رکي 'ڏيٽيءَ' کي ويچاري ڏسي ته برابر بيهڪ ۾ پوري آهي. ڪا گهٽ وڌائي

هجي ته سگهڙ ’ڏيٺيءَ‘ کي سوڌي سنواري پوءِ ڳجهارت کي ڪچهريءَ ۾ پيش ڪري.

’ڏيٺيءَ‘ ۾ ڳجهارت جو سر ظاهر نه هجي ته ’سر‘ جو نالو رکي ڏجي. عام خيال آهي ته سر ڪٽي ڏبو ته ڳجهارت يڪدم پڄي پوندي، پر ائين نه آهي: ڳجهارت جو فن ايڏو ته ڳوڙهو آهي جو سر ڏيڻ ساڻ ته خير، پر ڳالهه جي ٿاٽن ڏيڻ سان به ڳجهارت وڏي داناءُ ڳولي کان لڪي سگهي ٿي. پر جي سر رکڻ سان ڳجهارت پڄي ته پل پڄي: هڪ پڄندي ٻي ڏبي ۽ ڪچهري پاڻ مچندي. پهاڪو مشهور آهي ته ”رسو پڄي وَرَ تي، ڳجهارت پڄي سر تي“ ’سر‘ جي ڄاڻ کان سواءِ ڳجهارت ائين آهي جيئن ’جَرِ ۾ گڏون‘ پوءِ جڏهن ليي. هڪ سگهڙ چيو ته: بنا سر جي ڳجهارت ڏيڻ ۽ ڳولڻ، ڄڻ مرونءَ ڪتي واري ويڙهه ڪرڻي آهي: ’هڪ ٿَمَ ۾ ٽنيي هنيو ويٺو هوندو، ٻيا پيا چوڌاري باهيندا‘.

’سر‘ يا ’سرائتي ڳجهارت‘ جي معنىٰ کي سمجهڻ ضروري آهي. سگهڙن کان سواءِ ٻيا جيڪي هن فن کان واقف نه آهن، تن کي ’پرولي‘ ۽ ’ڳجهارت‘ ۾ جو فرق آهي سو صحيح طور معلوم نه آهي، انهيءَ ڪري عام طرح سان ٻين پرولين جي ڀيٽ ۾ خاص طور ڳجهارت کي ئي ”سرائتي ڳجهارت“ ڪري سڏين. پر سگهڙ جڏهن چوندا ته ’ادا، ڳجهارت سرائتي ڏي، بي سري نه ڏي‘، ته ان جو مکيه مطلب اهو آهي ته: ’ادا ڳجهارت سهٽي ۽ سوڌي ڏي: اهڙي نه ڏي جنهن جي ڏيٺي يا پڇٽيءَ ۾ ڪا خامي هجي‘. ڪچهريءَ جي لحاظ سان ’سر‘ جي هڪ خاص معنىٰ آهي ۽ ڳجهارتون مجموعي طور سان هيٺين ’سرن‘ ۾ ورهيل آهن:

(الف) **مٿين سرن واريون يا حقاني**: جن ۾ نبين، اصحابن، امامن ولين، فقيرن ۽ درويشن بابت، يا نصيحت ۽ هدايت طور چيل ڳجهارتون ڳڻجن ٿيون.

(ب) **خاص رهاڻ جا سر**: (1) سر سسئي، (2) سر مارئي، (3) سر سهڻي، (4) سر مومل_ راڻو، (5) سر ليلان _ چنيسر، (6)سر راءِ ڏياچ (7) سر مورڙو، (8) سر نوري، (9) سر موکي متارا، (10) سر ڦل وڏوئو_پوري، (11) سر بوبنا جراڙ، (12) سر همون دولهه دريا خان، (13)سر ليلىٰ_ مجنون .

(ج) **سر ’ٻاهر‘**: يعني ته اهي ڳجهارتون جي (الف) ۽ (ب) هيٺ





ڄاڻايل سرن کان ٻاهر هجن: يعني ته جيڪي ’حقاني‘ يا سنڌ جي مشهور قصن وارين ڳجهارتن کان ٻاهر آهن.

(د) **سر بادشاهي**: سڪندر بادشاهه، دودي چنيسر، ٻين حاڪمن ۽ بادشاهن وغيره بابت جملي تاريخي ڳجهارتون.

(هه) **سر مجازي**: عشق ۽ محبت جي پيغامن، ڏکن ڏوراپن ۽ ٻي پهه پچار واريون ڳجهارتون.

مٿي (ب) هيٺ ڄاڻايل ’تيرهن سر‘ ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جا خاص سر آهن. پريءَ ڪچهريءَ ۾ اڪثر اهي ڳجهارتون ڏبيون جي انهن سرن مان آهن، جڏهن به ڪا ڳجهارت ڏبي ته ’سر رکي ڏبو‘: يعني ته چٽو ڪري چئبو ته سر سسئي، سر مارئي يا سر سهڻي وغيره مان آهي. پريءَ ڪچهريءَ کان ٻاهر واريءَ رهاڻ ۾ پل ٻين سرن مان به ڳجهارتون ڏجن، پر هر هڪ ڳجهارت بابت چِٽو ڪري چئبو ته ’مٿين سرن‘ ۾ آهي يا ’حقاني‘ آهي؛ يا چئبو ’سر ٻاهر‘، ’سر بادشاهي‘، ’سر مجاز ۽ محبت‘ يا ’سر سنگت‘. مطلب ته هر حالت ۾ سر رکي ڏبو.

جيڪڏهن ڳجهارت ڪافي ڏک جهلي وڃي ته ڏيندڙ کي گهرجي ته ڳولي کي ’ٿاٽو ڏئي‘، ۽ ڳجهارت جيئن چئي ٿي تيئن لهجي سان چئي ٻڌائي، يعني ته پڇٽيءَ واري خيال مطابق ’ڏيٺيءَ‘ کي ادا ڪري: ’ٿاٽو ڏيڻ‘ معنىٰ اهڃاڻ ڏيڻ ته ڪير ٿو چوي يا ڪهڙي موقعي جي ڳجهارت آهي. مثلاً ڳجهارت آهي ته:

**ٻولي** اٿئي ليلان، پل پئي **ٻولي** ڪر، **پنهنجو** ٿيندءِ ڪونه.

’ڏيٺيءَ‘ مان ئي ظاهر آهي ته هيءَ ڳجهارت ’ليلان چنيسر‘ جي سر مان آهي. ڏيٺي به سوڌي ۽ سهٽي آهي، پر ڪاريگر اهڙا ڪک رکيا اٿس جو تڪڙو ڪانه پڄندي. ظاهر آهي ته ڪو ماڻهو ليلان کي ٿو چوي، پر اِهو معلوم ناهي ته ڪير ٿو چويس: ڪونئرو ٿي چويس، سرتيون سهيليون ٿيون چونس، يا خود چنيسر ٿو چويس؟ جيڪڏهن ڳجهارت ڪافي ڏک جهلي وڃي ته پوءِ ڳولي کي همٿائڻ لاءِ ٿاٽو ڏبو ته: ’ادا چنيسر ٿو ليلان کي چوي:

جواب اٿئي ليلان! هاڻي ويٺي سوال ڪر، نفعو ٿيندءِ ڪونه ڪو.

(ٻولي= جواب، ٻولي= سوال، پنهنجو= نفعو)

هيٺين ڳجهارت اسان پاڻ جوڙي ۽ ڪچهرين ۾ ڏني، پر گهڻو ڪري بيهي وئي ۽ پڳي ڪانه:

راڻي مال جي، ڏسي وڪر ڪاتيءَ تي

هيءَ ڳجهارت اهڙي نموني سان سِٽيل آهي جو ٻُڌيندڙ اڪثر ائين سوچيندو ته هيءَ ڳجهارت انهيءَ موقعي جي آهي، جڏهن راڻي مومل کي ڪٺ تي ٻئي ڪنهن سان سُتل ڏٺو. ڪو ٻُڌلو انهيءَ لحاظ سان ٻُولي ۽ ڳجهارت ڪافي ڏک جهلي بيهي وجي ته پوءِ ٽاٽو ڏبو ته: 'ادا! هيءَ ڳجهارت ڪٺ واريءَ جاءِ تي نه آهي؛ مومل ڪان راڻو رسي ويو، جنهن تي مومل گهڻيون ڪي منٿون ڪيون جي نه مڃيائين. هيءَ ڳجهارت ان ڪان پوءِ جي آهي.' انهيءَ ٽاٽي ڏيڻ سان ٻُولو وڌيڪ سَولا ۽ سنڌائتا ڏک هٽندو. هيءَ ڳجهارت ان موقعي جي آهي جڏهن مومل ويس بدلائي راڻي وٽ آئي ۽ ويهي پاڻ ۾ چوپڙ راند ڪيائين. ڊارو هٽندي، مومل جي ٻانهن تان ڪپڙو ڪڇي ويو ۽ راڻي لَسڻ ڏسي سڃاتو ته هيءَ مومل آهي (مال جي=سڃاتي؛ وڪر = لسڻ (ٿوم)؛ ڪاتي= ٻانهين (ٻانهن) _ يعني:

'راڻي سڃاتي، ڏسي لسڻ ٻانهن تي.'

'ٽاٽو ڏيڻ' ڄڻ ٻُولي کي همٿائڻو آهي، ڪچهريءَ جي قاعدي موجب اهو همٿائڻ ضروري آهي. بنيادي اصول اهو آهي ته 'ڏيندڙ ڳجهارت کي سهڻو ڪري ڏي ۽ ضرورت پوي ته ٻُولي کي ٽاٽو ڏيئي همٿائي. ڏيڻ ۾ سهڻي ڳجهارت اها آهي جا نظاري چڙهي نشان تي بيهي، جيئن ٻُولو حرص مان ڏک هٽيس. اڳ سگهڙ 'هڪ ٽپي' (هڪ 'پائي'واري) ڳجهارت کي قبول ڪين ڪندا هئا ۽ هن وقت پڻ ڪچهريءَ ۾ 'هڪ ٽپي' ڳجهارت جو رواج گهٽ آهي. اسان ڪن سگهڙن کي ائين چوندي ٻڌو ته: 'ٻه_ٽپي يا ٻه_پائي ڳجهارت ليلان ۽ مارئيءَ جي اصل ئي نپٽي آهي'، يعني ٻُولڻ ۾ ڏکي آهي. ائين برابر آهي، پر سڄو مدار ڳجهارت جي رخ ۽ بيهڪ تي آهي: ٻٽيل ڳجهارت ٽن پاون واري به ٻُولڻ ۾ ڏکي آهي، پرجي هڪ پائي واري ڳجهارت سهڻي ۽ سوڌي هجي ته پوءِ ان جي ڏيڻ يا ٻُولڻ ۾ ڪو هرج ڪونهي. مثلاً





هيٺين ڳجهارت 'هڪ پائي' واري آهي پر بلڪل سهڻي آهي ۽ ڪچهريءَ ۾ ڏجي ته عيب ڪونهي:

ڏيڻي: اديون! مون سان اها هلي، جيڪا **واڻڪي** ڪري.
(سسئي)

ٻجڻي: اديون! مون سان اها هلي، جيڪا **چوٽي** ڪري.

ان جي برعڪس 'ٻٽيل ڳجهارت' ڏيڻ مناسب ناهي، پوءِ ڀل ڪٽي ان ۾ ٻن ڪان وڌيڪ پاوا ئي هجن. ٻٽيل ڳجهارت' اها آهي جنهن جو رخ ۽ رايو ظاهر نه هجي_ مثلاً، "ڪک، پکي، ڪاتي ڙي." هن ڳجهارت جو سر ڪٽي رکي به ڏجي ته 'سسئي' جي سرمان آهي، مگر ان بعد ۾ اهو معلوم نٿو ٿئي ته ڳجهارت جو رخ يا رايو ڪهڙو آهي. اهڙيون ڳجهارتون سگهڙ سندن خاص ڪچهرين ۾ ڏيئي پل پنهنجو ذهن پيٽين، پر پريءَ ڪچهريءَ ۾ ڏيڻ مناسب نه آهن . هن ڳجهارت جي مراد هيءَ آهي: [ڪک= قلم (ڪانهن جو)؛ پکي=وهيو؛ ڪاتي (لٺ) = لوڙهہ] "قلم وهيو لوڙ ڙي".

6) <u>ٻُولو اول ڳجهارت جي رايي کي سمجهي ۽ پوءِ ملوڪت سان ٻُولي:</u> ڳجهارت جي ٻُول فني لحاظ سان ذهانت ۽ هنرمنديءَ جو بهترين مظاهرو آهي. ٻُولڻ واري جي ملوڪت اها آهي جو اجايو جهنگ نه جهڙي پر گس وٺي هلي؛ رڳو رخ تي ڪڙن، پٽرن ۽ چاڙين جا وارا نه لائي، پر ڪا شيءِ ڏسي نشان چُٽي؛ ڪانبو ٻڌي ڪکَ ڪهجر نه ميڙي پر جا چي گل چوندي. مطلب ته ڳجهارت جو رايو ۽ لَهُہ ڏسي، پاون جي لحاظ سان سهڻا ۽ سنڌائتا ڏک هٽي جيئن هر ڪو 'واه واه' ڪري.

اڳ وارين ڪچهرين ۾ ڳجهارت جو سر ظاهر ڪر ي نه ڏيندا هئا، انهيءَ ڪري ٻُولي کي اهو ته معلوم نٿي ٿيو ته نشان ڪٿي آهي، پر ڪيس اها به خبر ڪانه ٿي پيئي ته نشان ڪهڙي قبلي تي آهي: انهيءَ ڪري هو وٺي چوڌاري ٻُوڙها وسائيندو هو ته من ڪو وڃي ڪٿي لڳي. پلا نه هئي نشان جي خبر ، ته نه هو رخ معلوم؛ پوءِ جي ڪو ٻُوڙهو اتفاق سان وڃي ٿي نشان جي پرپاسي سان ڪِريو ۽ نشان کي پورو واءُ ته نه پر جي 'چاليهين پتي واءُ' لڳو ته به چوندا هئا ته 'ڳجهارت پڳي'. ظاهر آهي ته ڳجهارت جي اهڙي

ڳوٺ ۾ ڳوٺ جي پنهنجي سمجهہ ۽ عقل کي گهٽ دخل رهي ٿو: البتہ جي وٿس ڪٽرا، پٽر، ڳوڙها گهٽا هجن تہ پل پيو وسائي تہ من کو اتفاق سان وجي نشان کي لڳي؛ يا ڪٽي چئجي تہ جيڪڏهن وٿس ٻوليءَ جي نالن ۽ لفظن جو وڏو لشڪر موجود آهي تہ پل ڪٽي هر قبلي تي فوجون چاڙهي، جن مان ڪي نہ ڪي فرد وجي نشان جي مٿان پوندا.

ڳجهارتن جي نئين رس رهاڻ ۾ اول 'سر' ظاهر ڪري ٿو ڏجي انهيءَ لاءِ تہ ڳولي کي گهٽ ۾ گهٽ ايتري خبر پوي تہ نشان ڪهڙي ڏِس تي آهي؛ ان بعد ٽاٽو ٿو ڏجي تہ انهيءَ ڏس تي نشان ڪيتري مفاصلي تي ڪيتريءَ حد اندر آهي. انهن اهڃاڻن سان ڳولي کي ڏس ۽ گس جو پتو پوي ٿو: پر پوءِ سڄو مدار سندس سمجهہ ۽ دانائيءَ تي آهي تہ هو پوري تڪ تور ڪري نشان چٽي. پر اها ڳڻ بہ ڪا سولي نہ آهي: ڳجهارت کي ملوڪت سان ڳولڻ ۾ وڏي سمجهہ ۽ سياڻپ کپي، جنهن لاءِ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن:

**I. ڳولو پهريائين پاڻ ۾ ڳجهارت ڳولڻ جي لياقت پيدا ڪري:** اسان جي خيال ۾ انهيءَ لياقت پيدا ڪرڻ جا تي درجا آهن: پهريون تہ مشهور سرن مان، هر هڪ سر مان ڪيس گهٽ ۾ گهٽ پنجن ڳجهارتن جي ڏيٺي ۽ پيڄٽي ياد هجي، جيئن ڳجهارت جي مختلف بيهڪن، پاون ۽ پيڄٽين سان ڪيس پوري واقفيت پيدا ٿئي. ٻيو تہ هو مشهور قصن ۽ داستانن (سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عمر مارئي وغيره وغيره) جي ڳالهين جي سلسلي کان پاڻ کي پوريءَ طرح واقف ڪري، ڇو تہ ڳجهارتون ڳالهين جي ٽاٽن ۽ اُهڃاڻن تي ٻڌل آهن: ڳجهارت ڳولڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڳالهين جا موقعا ۽ ٽاٽا ياد هجن، جيئن ڳولو سمجهي سگهي تہ ڳجهارت ڪهڙي موقعي جي آهي، ڪير ٿو چوي، ڇا ٿو چوي، ڇو ٿو چوي ۽ ڪيئن ٿو چوي؟ ٽيون تہ 'پاون' جي مناسبت سان سهٽن ڏکن هٽڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڳولي کي سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن، ۽ مختلف قسمن جي شين ۽ جنسن جي نالن سان ڪنهن حد تائين واقفيت هجي. اهڙي واقفيت هر شخص جي پنهنجي ڄاڻ ۽ تجربي جو نتيجو ٿي سگهي ٿي. ٻهراڙيءَ ۾ سگهڙن لاءِ خالص سنڌي ٻولي، سنڌ جي رهڻي ڪهڻي ۽ پوکن، وٽن، پکين وغيره شين جو قدرتي ماحول اهڙيءَ ڄاڻ واقفيت لاءِ موجود آهي: البتہ لکيل پڙهيل طبقي لاءِ لکيت ۾





اهڙو مواد موجود نہ هو، پر هاڻي هن ڪتاب (**ڳجهارتون**) جي 'پهرئين ڀاڱي' ۾ اهڙي واقفيت لاءِ چڱو خاصو مواد موجود آهي.

**II. ڳولو اڳ ٻڌل ڳجهارت کي ڏڪ نہ هٽي :** ٻڌل ڳجهارت کي ڏڪ هٽڻ ڄڻ مئل شيءِ کي مارڻو آهي. محض سرخرو ٿيڻ خاطر ٻڌل ڳجهارت کي ڏڪ هٽڻ سگهڙ پائيءَ جي شان ۽ ڪچهريءَ جي قانون جي خلاف آهي. ٻڌل ڳجهارت ملي تہ ڳولو چوي تہ: 'ادا ٻڌل آهي، يا مون وٽ اڳي آهي' البتہ ڪي ڳجهارتون 'ڏيٺيءَ' ۾ هڪجهڙيون ٿين ٿيون، انهيءَ ڪري ڏيندڙ سگهڙ جي مناسب سمجهي تہ بيشڪ ڳولي کان ثابتيءَ جي طلب ڪري. اهڙيءَ طلب تي پوءِ ڳولو پل ٻڌل ڳجهارت سڄي ڪري ٻڌائي.

**III. ڳجهارت تڏهن پڄي جڏهن ڳولو ڪنهن بہ 'پائي' وارو صحيح ۽ ثابت نالو ڪٽي:** جڏهن سر ڪري ٿو ڏجي تہ پوءِ 'چاليهين پتي واءُ' تي ڳجهارت ڪانہ پڄندي. ضروري آهي تہ ڳولو ڪنهن بہ پائي وارو صحيح ۽ ثابت نالو ڪٽي. ڪن سڄاڻ سگهڙن اهو اصول اڳ بہ تسليم ڪيو هو جو چيائون تہ "ڳجهارت پنهنجي پائي پڄنندي" يعني ڳجهارت پڄندي تڏهن جڏهن 'پائي' وارو لفظ پڌرو ٿيندو مثلاً پائي وارو لفظ 'ڏڳو' آهي تہ 'ڏاند' چوڻ سان ڳجهارت ڪانہ پڄندي ۽ جي پائي وارو لفظ 'دلو' آهي تہ 'گهڙي' چوڻ سان ڳجهارت ڪانہ پڄندي. چوندا آهن تہ، "هر 'پائي' پنهنجي مزوري پوري لهڻي". البتہ جيڪڏهن ڳولو هڪ پائو ڳوليندي، ڪنهن ٻئي پائي وارو پورو لفظ چئي ويو تہ بہ ڳجهارت پڄي پوندي. مثلاً ڪنهن ڳجهارت ۾ ڳهہ ۽ ذات بہ جدا پاوا آهن، ۽ ڳهہ جي پيڄٽي 'دستي' آهي: پوءِ جي ڳولو ذاتيون ڳوليندي 'دستي' چئي ويو تہ بہ ڳجهارت پڄندي. اصول اهو آهي تہ ڳولو پائي جي مراد وارو صحيح ۽ پورو لفظ ڪنهن ڪنهن صورت ۾ پڌرو ڪري چئي.

**IV. ڳوٺ جي ملوڪت انهيءَ ۾ آهي تہ ڳولو ڳجهارت جو خيال ۽ رايو سمجهي، پوءِ پاون جي مناسبت سان پورا ڏڪ هٽي:** ڳجهارت ڳولڻ آسان نہ آهي: پراڻو ڳجهہ ڳولڻو آهي، جو ڪنهن بہ طرح ڳولجي تہ جڳائي، پر سهٽائي انهيءَ ۾ آهي تہ ڪنهن ڍنگ سان ڳولجي، سهٽائي ۽ دانائيءَ جي لحاظ سان ڳوٺ جا ٽي درجا آهن:

سڀ کان سولي پر ڄڻ ٻاراڻي درجي واري ڳوٺ اها آهي جو فقط

’پاون‘ کي ٻُولجي يعني ته پائو ’ڳھه‘ جو ھجي ته وٺي ڳھن جا نالا وٺجن، يا ’ذات‘ جو ھجي ته وٺي ذاتيون بيان ڪجن. اھڙيءَ ٻُول ۾ خيال ۽ فڪر جي ضرورت ناهي: ڳھن يا ذاتين جا گھڻا نالا ياد ھوندا ته ’پاون‘ جي پڄڻ جو وڌيڪ امڪان ٿيندو. انھيءَ ڪري ڪن سگھڙن ڳھن، ذاتين، ڪاٺين، پکين، وکرن وغيره جنسن جي نالن کي بيتن ۾ منظوم ڪيو ته جيئن مختلف شين جي نالن جون ڪنڊيون سولائيءَ سان ياد ٿي سگھن. جن کي بيت ياد ھوندا سي ڳجھارت پڄڻ وقت وٺي ڳھن، ذاتين، پکين وغيره جنسن جي نالن جي ڪنڊي ڪٽڻندا ۽ بيت پڙھندا. جن ٻُولن اھي ڪنڊيون ٺاھيون ۽ ياد ڪيون تن جي ذوق شوق ۽ يادگيريءَ کي آفرين ڏيئي سگھجي ٿي؛ پر ڳجھارت ٻُولڻ جو اھو طريقو ھيٺين درجي وارو شروعاتي طريقو آھي، جو نون سيکڙاٽن کي ئي جڳائي ٿو. بنا سوچ سمجھ جي وٺي پاون جا نالا ڪٽڻ، ڳجھارت سان انصاف ڪرڻ ناهي، مگر اُن تي زبردستيءَ سان فوج چاڙھڻي آھي؛ پوءِ جي اتفاق سان ڪو تير لڳو ته گھائجي پوندي نه ته گھڻو ڪري بچي پوندي.

وچين درجي جي ٻُول اھا آھي جو ٻُوليندڙ ڳجھارت جي ’ڏيٺي‘ يا ’بيھڪ‘ کي خيال ۾ رکي پوءِ پاون کي انھيءَ لحاظ سان ٻُولي.

بالڪل مٿئين ۽ اعليٰ درجي واري سھڻي ٻُول اھا آھي، جو ٻُولو ’ڏيٺيءَ‘ کان نظر اڳتي وڌائي ، مقصد ۽ مراد جي لحاظ سان ڳجھارت جو خيال يا رايو سمجھي ته ڪھڙي موقعي تي چيل آھي، ڪير ٿو چوي ۽ ڪيئن ٿو چوي! جيڪڏھن ٻُولي دانائيءَ سان ڳجھارت جو رايو ھٿ ڪيو ته انھيءَ رايي کي موزون لفظن ۾ بيان ڪرڻ سان ڳجھارت کلي پوندي. سدا ملوڪ ٻُولو اُھو چئبو جو ڳجھارت جي مقصد کي وھجائيندي ڳالھه ۾ ڳجھارت کي پڄي چڙي، پر جي ڳالھه ۾ ڳجھارت نه پڄي ته قابليت اِھا آھي جو ٻُولو، ڳالھه جي لحاظ سان ’پاون‘ کي سھڻا ۽ سَنڌائتا ڏک ھڻي. سھڻا سنڌائتا ڏک اُھي آھن جن ۾ پاون (مثلاً ’ڳھه‘ يا ’ذات‘) جون پيڙھيون به اچي وڃن ۽ اھي پيڙھيون ڳجھارت جي رايي سان پڻ پڄي بيھن. ڪچھرين ۾ اسان جيڪي سگھڙ ڏٺا آھن تن ۾ رمضان ٽالپر کي اھا رمز ياد آھي جو بعضي ته_ پائي ڳجھارت جي تنھي پاون کي سھڻا ۽ سَنڌائتا ڏک ھڻي چاڻ ڏيندو ويندو.





ڳجھارت پڄي ته، ڏيندڙ ڳجھارت کي سڄو يا سال ڪري. ڳجھارت جو ڪوبه ھڪ پائو پڄو ته ڳجھارت پڄي. ان بعد ڳجھارت جي پوري پيڙھي يا وراڻ پڌري ڪرڻ ضروري آھي. انھيءَ لاءِ ته سڄي سر بستي ڳجھارت ڪچھريءَ جي ڪنين پوي ۽ ٻُولي کي پڻ اطمينان ٿئي ته ان کان اڳ سندس ڪنھن ٻئي ڏک سان ته ڳجھارت ڪانه پڄي! انھيءَ لاءِ ٻُولي کي گھرجي ته ڏيندڙ کان طلب ڪري ته: ’ادا ڳجھارت سڄي ڪر‘ پڻ چوندا ته: ’ڳجھارت سال ڪر‘ يا ڳجھارت کول.“ (ڪتاب: **ڳجھارتون**)

اوطاق ۽ ڪچھريءَ جي قانون کان پوءِ ھن ڪتاب ۾ جيڪو مواد شامل ڪيو ويو آھي، ان لاءِ عرض ڪجي ٿو ته ھيءُ مواد گھڻي پاڱي اھو مواد آھي جيڪو پھريون دفعو شايع ٿئي پيو. حال حيات سگھڙن کان سڌو سنئون مواد ورتو ويو آھي، انھن مان ڪن تمام ٿورڙو مواد موڪليو، جنھن ڪري انھيءَ کي جڳھه گھٽ ملي. سندن تعارف ڪانئن پڇي لکيا ويا، ڪن پاڻ لکيا، ڪي ٻين ڪتابن تان به کنيا ويا، جن جو حوالو ڏنو ويو آھي. سگھڙ ته تمام گھڻا آھن پر ھتي چوند سگھڙن جو تعارف شامل ڪري سگھيا آھيون، جيڪي رھجي ويا آھن. انھن کي ايندڙ ڪنھن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويندو. ڪوشش ڪبي ته لوڪ ادب رتا ٻيھر شروع ڪري ٽيم جي صورت ۾ ڪم ڪيو وڃي. مواد جي ترتيب سگھڙائپ جي فن ۾ مھارت ۽ ذخيري جي حساب سان رکي وئي آھي. مليل شاعريءَ ۾ سينگار جا بيت وڌيڪ موڪليا ويا آھن،جنھن جو سبب ھڪ اھو آھي ته اسان جا سگھڙ ان صنف کي پسند ڪن ٿا يا وري ان صنف تي سولائيءَ سان لکي سگھن ٿا. وڏي ڪوشش ڪئي وئي آھي ته شاعريءَ جون سڀئي جنسون شامل ٿين. جتي چوند جو موقعو مليو، اتي ان ڳالھه جو گھڻو خيال رکيو ويو.

جيڪي جنسون ڪتاب ۾ شامل آھن، انھن جو تعارف ڏيڻ ان ڪري ضروري سمجھيو ويو ته جيئن ھن فن کي سکڻ ۾ سھولت ٿئي. ھڪڙو سوال ھر ڪنھن جي ذھن ۾ ايندو آھي ته سگھڙ ۽ شاعر ۾ ڪھڙو فرق آھي. حقيقت ۾ ٻئي ھڪ ئي تخليقار جا نالا آھن، ٻئي شاعر آھن پر منجھن معمولي فرق آھي. ان فرق بابت سگھڙ عبدالرحمان مھيسر جي وضاحت ڏجي ٿي، ”سگھڙ جي بيتن سان وزن ۽ بحر جو تعلق نه آھي، بحر ۽ وزن

عروضي شاعريءَ سان لاڳو آهي. تڏهن تہ وڏا پارڪو چوندا آهن تہ سگهڙ جگري شاعر آهن" (**رهاڻ رحمت الله جي**_ ص: VI)

ان ڪان سواءِ فڪري فرق بہ آهي. سگهڙن جو فن پڙهڻ سان گهٽ ٻڌڻ سان وڌيڪ مزو ڏئي ٿو. ٻين لفظن ۾ سگهڙن وٽ (Presentation) ڪمال جي آهي. هُنن جو ورجاءُ بہ ٻڌڻ سان ڏاڍو وڻي ٿو. جڏهن تہ عام شاعرن وٽ وري خيال ۽ فڪر جي گهرائي وڌيڪ آهي.

هن ڪتاب ۾ سگهڙائپ جي فن ڪي وڌائڻ ۽ سگهڙن جي مسئلن ڪي حل ڪرائڻ لاءِ جوڙيل تنظيمن جو تعارف بہ ڏنو ويو آهي تہ جيئن اها تاريخ بہ سانڍجي وڃي. توڙي جو انهن تنظيمن بابت مڪمل ڄاڻ نہ ملي سگهي آهي، تنهن هوندي بہ محققن لاءِ اها ڄاڻ هڪ گس جو ڪم ضرور ڏيندي ۽ اسان جا نوجوان محقق ان طرف ڌيان ڏيندا.

جيتوڻيڪ اهي تنظيمون ڪي باقاعدي منظم تنظيمون ناهن، وسيلن جي اڻاٺ ۽ قيادت جي اپرائپ جو شڪار آهن، ڪين سرڪاري سرپرستي بہ ناهي. تنهن هوندي بہ انهن پاڻ ملهايو آهي، وِتَ ۽ وَس آهر خدمت ڪئي آهي. بهرحال وڌيڪ جاکوڙ، محنت ۽ سرپرستيءَ جي سخت ضرورت آهي.

سگهڙن جا ڏار ڏار ڪتاب ستر واري ڏهاڪي کان پوءِ وڌيڪ ڇپبا اڇن پيا. سئو کن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. جيڪي گهڻي ڀاڱي هنن پنهنجيءَ مدد پاڻ هيٺ شايع ڪرايا آهن. لڳ ڀڳ پنجاهہ سالن دوران ڪتابن جو اهو انگ تمام گهٽ آهي. انهن مان بہ سمورا نہ ملي سگهيا آهن. ڪتابن جي تعارف ڏيڻ جو مقصد بہ هڪ تاريخ سانڍڻ آهي. جن ڪتابن جو تعارف شامل نہ ٿي سگهيو آهي، انهن جي ڳولها جاري رکي ويندي. اميد تہ اوهان پڙهندڙ بہ رهنمائي ڪندا.

هيٺ هن ڪتاب ۾ شامل صنفن جون وصفون مثالن سميت ڏجن ٿيون. اهي وصفون مون پنهنجن ڪتابن 1. سنڌوءَ جا گيت، 2. سنڌي لوڪ ادب: مضمون ۽ مقالا تان ڪٽي انهن ۾ ٿوري گهڻي ڦيرڦار ڪري واڌارا پڻ ڪيا آهن.





## لوڪ شاعريءَ جون صنفون

اڻين لکڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ سنڌي لوڪ ادب سواءِ لوڪ ڪهاڻيءَ جي باقي سمورو نظم ۾ آهي، ائين لڳي ٿو تہ سنڌي ٻولي هڪ ردم، موسيقيءَ ۽ شاعريءَ واري ٻولي هئي ۽ آهي، جو جيڪا بہ لوڪ ادب جي صنف پڙهجي يا ٻڌجي ٿي، سا نظم جي صورت ۾ ملي ٿي، ويندي ڪيترن ئي پهاڪن ۽ چوڻين تائين بہ.

هونءَ بہ هن خطي (نندي کنڊ) ۾ شاعر وڌيڪ مقبول ۽ مؤثر آهي. جڏهن تہ يورپ ۾ وري نثر، نثر ۾ ناول وڌيڪ سگهارو آهي. اسان انهن سببن تي بحث نہ ٿا ڪريون.

سنڌ ۾ شروع کان ئي شاعريءَ جو اثر ۽ ماڻهن جو لڳاءُ ۽ جهڪاءُ رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ اسان وٽ شاعر/ سگهڙ تمام گهڻي انگ ۾ موجود آهن ۽ انهن ڪي تمام سٺي موٽ بہ ملي ٿي.

لوڪ شاعريءَ، خاص ڪري سگهڙائپ جي فن واريءَ شاعريءَ جي صنفن جو مختصر تعارف مثالن سان هيٺ ڏجي ٿو.

**حمد:**

حمد ۾ الله سائينءَ جي واکاڻ ۽ وڏائي بيان ڪئي ويندي آهي. سگهڙ ڪچهريءَ جي ابتدا ئي مني نالي سان ڪندا آهن، حمديہ ڪلام کان سواءِ بہ اڪثر ڪچهريءَ جي ابتدا ٻاجهاري نالي، مني محمد جي ساراهہ ۽ منقبتن سان ڪندا آهن. حمد ۾ بيت بہ ٿين تہ وري وائي ۽ ڪافي وغيره بہ ٿئي. مطلب تہ حمد ۽ ثنا جي لاءِ فن جي لحاظ کان ڪنهن صنف جو قيد ناهي. ڪنهن بہ صنف ۾ اهو موضوع شامل ڪري سگهجي ٿو.

مثال لاءِ حمد جا ڪجهہ شعر ڏجن ٿا.

حمد ثنا/ سنڌي

موجود حق هر جاءِ تي مالڪ ملڪ منان ڏس
خلق جو خالق خدا رازق رب رحمان ڏس
احد صمد لم يولد، الله عاليشان ڏس
اول آخر ظاهر باطن لامثل سبحان ڏس

بي مثل، بي چون بالا شهہ شاهان سلطان ڏس
قدرت انهيءَ قادر سندي ڪيڏي تہ بي بيان ڏس
باد خاڪ و آب آتش اول اصل سامان ڏس
ٽنپ ٽوٽي ڪان سواءِ پنهنجي مٿان آسمان ڏس
جاڳ جاني جاءِ کهڙي پيرن تري ميدان ڏس
مهر سان مالڪ حقي جوڙيو ڪيئن جهان ڏس
بهشت دوزخ قلم ڪرسي انصاف حق ميزان ڏس
ملڪ حور وَ انس جن ديو و پرستان ڏس
سمنڊ جبل ريت رڻ بريٽون بيابان ڪوهستان ڏس
وستيون واهڻ ڳوٺ جهوپا شهر محلا شان ڏس
هاري پورهيت واڻيا ڏيندڙ اعلیٰ مغز انسان ڏس
عالم حقاني علم جا علماءَ عمل قرآن ڏس
ڪي گداگر پيٽ جا حيرت اندر حيران ڏس
ڪوٽ قلعا پڊ پراڻا واحد ڪيا ويران ڏس
ڪالهہ جيڪي سيج سٽا اڄ اهي دربان ڏس
خاڪ ۾ ٿي خاڪ ويا ذات حق ذيشان ڏس
هدايت علي هر چيز ڪي بي بقا بستان ڏس
حق تعالیٰ هر هميشہ پنهنجو ڏري ڏيان ڏس.
(فقير هدايت علي رڏ)

## مولود شريف /نعت

دنيا وارا پاڻ سڳورن جي ساراهہ ۽ واکاڻ واريءَ شاعريءَ کي نعت يا ثنا چون پر سنڌ وارن ان اظهار لاءِ نرالو نالو ”مولود“ ايجاد ڪيو. مولود راڳ جو هڪ اهڙو سر آهي، جيڪو بنا سازن جي ڳايو وڃي ٿو. آهي تہ اهو نبي ڪريم جن جي واکاڻ پر نعت کان مختلف آهي. نعت ۽ مولود ڳائڻ ۾ بہ وڏو فرق آهي. مولود ايڏيءَ سِڪ ۽ سوز مان ڳايو وڃي ٿو جو سڄي جسم جي سگهہ استعمال ڪئي وڃي ٿي. مولود رڳو پڙهيل ڳڙهيل نہ پر اڻپڙهيل ماڻهو بہ ڳائين ۽ ٻاهين. جڏهن تہ نعت گهڻي پاڳي پڙهيا لکيا ئي لکندا





آهن. مطلب تہ سنڌ ۾ مولود کي عوامي مڃتا مليل آهي. نعت بہ هتي لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي پر مولود گهڻا ڳايا وڃن ٿا ۽ رڳو سنڌيءَ ۽ سرائڪيءَ ۾ ٿين ٿا. جڏهن تہ نعت سنڌ جي هر ٻوليءَ ۾ ملي ٿي.

مولود جي معنیٰ آهي نئون ڄاول ٻار. سنڌين پاڻ سڳورن جن جي ڄم کي واکاڻ جو مرڪز بڻائي سندس شان ۾ چيل صفت ۽ ساراهہ کي ”مولود“ سڏيو. مولود ۾ نبي ڪريم جن جي هن دنيا ۾ اچڻ ۽ ان سان ٿيل روشنيءَ کي موضوع بڻايو ويندو آهي.

مولود جي شروعات سترهين صدي عيسويءَ ۾ مغلن جي زماني ۾ ميين شاهہ عنات رضويءَ ڪئي. شاهہ عنات جي پيءُ جو نالو سيد نصرالدين رضوي هو، جيڪو مڪي مان اچي پهريان روهڙيءَ شريف ۽ پوءِ نصرپور ۾ آباد ٿيو. شاهہ عنايت رضوي 1035هہ مطابق 1644ع ڌاري ڄائو. هُو سهروردي طريقي جو بزرگ هو. هن جي وفات ڪلهوڙن جي دور ۾ 1125هہ مطابق 1713ع ۾ ٿي. الهہ بخش نظاماڻي پنهنجي ڪتاب ”لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ“ ۾ لکي ٿو تہ ”شاهہ عنايت پهريون پيرو پنهنجي ڪلام ۾ مولود لفظ ڪم آندو ۽ پنهنجيءَ هڪ وائيءَ کي مولود سڏيو.

ان کان پوءِ سنڌ ۾ مولودن جو سلسلو شروع ٿي ويو. مخدوم عبدالرئوف ڀٽي پهريون سنڌي شاعر هو، جنهن باقاعدي سموري شاعري مولودن ۾ ڪئي. مخدوم عبدرئوف جو تخلص ”عاصي“ هو. سندس پيءُ جو نالو محمد عمر ڀٽي هو. هُو پراڻن هالن ۾ مياں نور محمد ڪلهوڙي جي صاحبيءَ ۾ ڄائو. سندس وفات 1752ع ۾ عربستان ۾ ٿي. کيس مديني شريف ۾ دفنايو ويو.

مولود شريف ۾ هروڀرو حضور جي هن جهان ۾ اچڻ جوئي ذڪر نہ بلڪہ ان سان لاڳاپيل هر ڳالهہ کي آندو وڃي ٿو. ان جي ڳائڻ جو پنهنجو انداز آهي. ڪافيءَ سان ملندڙ جلندڙ آهي. هيءُ سنڌ جو لوڪ انداز آهي. وائيءَ ۽ ڪافيءَ وانگر تاجي پيٺو اٿس. ٿلهہ ۽ بند. بند ٽي چار يا ان کان وڌيڪ بہ ٿيندا اٿس . مولودن ۾ وائيءَ وانگر وراڻي بہ ٿئي. ڪي بنا وراڻيءَ جي بہ ٿين. قرئت ۽ ذڪر جو اثر بہ ڳائڻ ۾ ملي ٿو.

سنڌ جي اترئين حصي ۽ ڏاکڻين حصي لاڙ جي مولودن ڳائڻ ۾

چڱو ڀلو فرق آهي. اتر سنڌ ۾ ڳائجندڙ مولودن ۾ سُريلائپ وڌيڪ هوندي آهي ۽ لفظ چِٽي نموني ادا ڪيا ويندا آهن. جڏهن ته لاڙ ۾ ڳائجندڙ مولودن جو انداز ذڪر وارو آهي. جنهن ۾ لفظن جي چِٽائي گهٽ ۽ لانڊ وڌيڪ ٿئي ٿي. مولود اڪيلي سِر به ڳايا وڃن ته ٽوليءَ جي صورت ۾ به ڳايا وڃن ٿا. مسجدن ۾ روزانو يا جمعي جي ڏينهن کان سواءِ خاص مذهبي ڏڻن تي به ڳايا وڃن ٿا. تنهن کان سواءِ ڪٿي ڪٿي خوشيءَ جي موقعن جهڙوڪ: شاديءَ وغيره ۽ غميءَ جي موقعي موتيءَ فوتيءَ تي به ڳايا ويندا آهن. ان جي ڳائڻ جا مختلف انداز آهن. جن ۾ سُريلي ۽ لسي آواز ۾ مولود پڙهڻ جن کي لاڙ ۾ ”لاتيون“ چون. اڪيلي سِر توڙي ٻه ٽي ڄڻا گڏجي ڳائن. زِيل سان مولود پڙهڻ واري انداز ۾ هر هر ”الا، يعنيٰ **الله**“ ڏاڍي زور سان ذڪر واري نموني آلا پيندا آهن. اهڙن مولودين کي ”زيلڙيا“ چيو وڃي.

لاڙ ۾ ٽولين جي صورت ۾ پڙهجندڙ مولود واري انداز کي ”ٻارين وارو“ انداز سڏين. ٻاريءَ ۾ هڪ اڳواڻ ۽ ٻيا ساٿي يا جميلي هوندا آهن جيڪي گهٽ ۾ گهٽ چار يا وڌ ۾ وڌ پنج يا ڇهه هوندا آهن. محفلن ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻاريون به مولود پڙهنديون آهن. مولود کان اڳ مدح سڳوري به پڙهي ويندي آهي. مولود ڏيڍو به ٿئي ته چوٽڪو به. ڏيڍي ۾ ٽي ٽپ ۽ چوٽڪي ۾ چار ٽپ ٿيندا آهن. مولودن سان گڏ مداح کان سواءِ منا جاتون ۽ معجزا به پڙهيا ويندا آهن. انهن سيني جي پڙهڻ جو انداز مولود واروئي آهي. غلام محمد ٻگائي مخدوم عبد**الله**، جمن چارڻ، شرف شاهه، ملان صاحبڏنو شڪارپوري، حسين بخش ديدڙ، پير مهدي شاهه، چتو فقير سانگي. پير محمد راشد وغيره مولود جا وڏا شاعر ٿي گذريا آهن. هن دور جي مولودي شاعرن ۾ غلام رسول جتوئي، غلام نبي مهيسر، ثناءُ **الله** عباسي، علي بخش نجار، حاجي امداد **الله** ڦلپوٽو ۽ الحاج رحيم بخش قمر وغيره شامل آهن. جن مان ڪي حال حيات آهن ته ڪي **الله** سائين کي پيارا ٿي چڪا آهن. سچل سرمست به مولود چيا آهن. سندس هڪ مولود هيٺ ڏجي ٿو:

مرسل ملندو مون، آهي آس اکين کي
مولو مهر ڪري، مون کي مان ملن





-----

اُڪنڊ عربيءَ ڄام جي آهي محبت منهنجي مَن
نيشاني ته نبيءَ جي آهي، سُنت سُپرين.

-----

**سچيڏني** کي سيد ڪيو، آجو ڪان عيبن
ويندا سي ايمان سان، جيڪي ڪلمون پاڪ پڙهن.

نموني خاطر هڪ ٻيو مولود به هيٺ ڏجي ٿو، جيڪو سچل سرمست جي نگريءَ جي هڪ شاعر جو آهي. اهو شاعر اسان جي ڳوٺ گل محمّد ڄامڙي ۾ استاد هيو.

وڏي محمد مير مون کي،
تيئن ڪين وڏي ڪنڊ ڪير مون کي.

(1)

آهي شوق سدا انهيءَ نام سندو،
مون کي مير محمد ڄام سندو،
جيڪو ضامن قبر قيام سندو،
شب و روز اندر اُڪير مون کي.

(2)

هُجان شال مديني جو ئي دم جيان،
زم زم سندو پاڻي شال پيان
آڏو مير محمد (   ) جي ته مران، آهي
هتي زوريءَ جهليو تقدير مون کي

(3)

حُب حسنين سَندي مون کي آهه اندر،
جن جو نانو نبي علي شاهه پدر،
خاتونِ جنت سندا ٻئي لخت جگر،
وڻن وارث مِنا پنجئي وِير مون کي.

(4)
پلا شاھ شفيع جا اصحاب ڪلي،
خاصا چار خليفا دوست دلي،
ابا بڪر، عمر، عثمان، علي،
مٿا نور نبيءَ جا وزير مون ڪي.

(5)
آ ”نجار“ نبيءَ جي درجو ”گدا“
هجان پيش پرينءَ جي شال سدا،
آهي پاڪ ڪلمو منهنجو وِرد ادا،
ٻي ڪا نہ سجهي تدبير مون ڪي.

**گدائي علي بخش ”نجار“ سومرو**

هِن وقت افسوس جي ڳالهہ آهي تہ مولود شريف ڪافي ڪلام وارين ٺيٺَ ڏُنن يا پنهنجين ڏنن تي ٺاهڻ بدران هندستاني گانن جي ڪَٺُن تي ٺاهيا وڃن ٿا، مسجدن ۾ بہ پڙهيا وڃن ٿا، جنهن سان نہ رڳو مولود شريف جو تقدس متاثر ٿئي ٿو بلڪ ان لوڪ موسيقيءَ کي بہ نقصان پهچي ٿو.

**مددي ڪتاب:**

1) سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
2) سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ، الھ بخش نظاماڻي.
3) نعتيہ شاعري_ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو_ آگسٽ 1980ع.
4) گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڳوٺ گل محمد جامڙي جي رٽائرڊ هيڊ ماستر ۽ منهنجي استاد محڪم الدين جامڙي پاران مليل گدائي علي بخش ”نجار“ جو پنهنجن هٿ اکرن سان لکيل ڪتاب جنهن ۾ سندس مولود آهن.

## مناقبو ۽ منقبت

مولودن کان سواءِ سنڌيءَ ۾ مناقبا بہ چيا وڃن ٿا. مناقبو رڳو سنڌيءَ ۾ ئي ٿئي. مناقبو لفظ مناقبت مان نڪتل آهي. جنهنجي معنیٰ نيڪي، لڇڻ درجو يا منزل آهي. ان نظم ۾ نبين ولين ۽ اصحابن سڳورن جي





ڪنهن گڻ يا واقعي کي بيان ڪيو وڃي ٿو. امامن جي شان ۾ بہ منقبتون چيون وڃن ٿيون. جن کي مناقبو نہ بلڪ منقبت ئي چيو وڃي ٿو. منقبت ۾ بہ مناقبي وارا ئي موضوع هوندا آهن. منقبت سنڌيءَ کان سواءِ اُردوءَ وغيره ۾ بہ آهي. مناقبو ۽ لوڪ ادب جي صنف سينگار هڪ الڳ صنف آهي. ان ۾ بہ ڪنهن شئي جي واکاڻ ڪئي وڃي ٿي.

سينگار جي بيتن ۾ ڳجھہ رکيل هوندو آهي.، سگهڙ هڪٻئي کي ڏيندا وٺندا آهن. انهن ۾ ڪيترا ئي موضوع سمايل ٿين پر گهڻي ڀاڱي واکاڻ، هدايت ۽ نيڪيءَ وارا هوندا آهن. اهي ڏبا وٺبا تہ آهن پر ڳائبا ناهن. جڏهن تہ مناقبا ڳايا وڃن ٿا. سنڌ ۾ مناقبا ڪلهوڙن جي دور کان شروع ٿيا، مخدوم غلام محمد ٻگائي، مخدوم عبدالرئوف ڀٽي ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي مناقبي جا بنيادي شاعر آهن. هتي نموني خاطر هڪ منقبت ڏجي ٿي:

**منقبت** (پيران پير جي شان ۾)
محبوب سبحانيءَ جو ڀڳ شان وڏو آ
ڪهڙو لکي ڪاغذ قلم بيان وڏو آ

دنيا جي ولين جي مٿان جنهن جو آ قدم سو غوث الاعظم
هڙني ولين کان هن جو مان وڏو آ

آيا جي اڳڻ فعلي هتي چور ۽ زاني، ٿي وين مهرباني
چورن مٿان مور ٻٽائي مهربان وڏو آ

ماڻهن جا مردا قلب ڪيا جيلانيءَ جيرا، هڪ نہ لک پيرا
جنهن نہ مڃيو تنهنجو ٿيو نقصان وڏو آ

نالو آ دستگير جو جنهن آندو، ننگر ۾ گوهر انهي گهر ۾
جلدي اچي مرشد ٿيندو مهمان وڏو آ

چئي ’لاشاري عاجز‘ جو ٻٽيو يار جو دشمن دربار جو دشمن
’انسان‘ انهيءَ جو مونکي ارمان وڏو آ

**عاجز رحمت الله لاشاري**

## مناجات

مناجات عربي لفظ "ناجا" مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڪَنَ ۾ ڳالهه ڪرڻ. خدا پاڪ کي حاضر ناظر ڄاڻي سندس حضور ۾ دعا گهرڻ کي مناجات چون ٿا. مطلب ته هيءُ دعا وارو شعر آهي. مداح، معجزا ۽ سماع به هِن صنف جا ئي قسم آهن. جن جو هتي الڳ ذڪر ڪبو. ڇاڪاڻ ته انهن صنفن جي الڳ حيثيت به آهي . مناجات لاءِ چيو وڃي ٿو ته ان جو باني سنڌ جو حاڪم ميان سرفراز ڪلهوڙو پٽ ميان غلام شاهه ڪلهوڙو آهي. جڏهن ميان سرفراز پنهنجي حڪومت هٿان وڃائي ته هُن کي قيد ڪيو ويو. جيل ۾ سندس اکيون ڪڍيون ويون. ان ڪان پوءِ هن شاعريءَ کي پنهنجو ساٿي بڻايو. فارسي شاعري به ڪيائين.سنڌيءَ ۾ سندس هڪ مناجات سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور آهي، جيڪا سندس واحد سنڌي ڪلام آهي. ان بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ۾ لکي ٿو ته "اها مناجات علم بديع جي لحاظ ڪان صنعت ترصيح تي بيٺل آهي. بحر هزج ۾ چيل آهي ۽ وزن اٿس: مفاعيل مفاعيل فعولن. شاعريءَ ۾ سندس اُستاد غلام علي مداح آهي. جنهن ڪان سيد ثابت علي شاهه مرثيي گو به اصلاح وٺندو هو."

بسم الله، لڳ الله، محمد شاهه ڪر پناهه پرين تون
منجهه درگاهه، ڪيم آهه، مٿي راهه رسين مون
آهيان ڏڌ، غمن گڏ، سڃا سڃ سڏ تون
پسي پاڻ، ڪرم ساڻ، ڏکيا ڏاڻ ڏئين تون
پيلا چام، هن غلام، سندو سوال سڄ تون
سرفراز ڪي، اداس آهي آس، اوهان ڏئون
رهه راس، بند خلاص، خوشي خاص، ڏئين مون
پيلا چام، هن غلام، سندو سوال سڄ تون

ان مناجات کي مداح به چيو وڃي ٿو، پر جيئن مٿي ذڪر ٿيل آهي ته مداح به مناجات جو هڪ قسم آهي. تنهنڪري ان کي مداح توڙي مناجات چئي سگهجي ٿو.





## مداح/مدح

مدح يا مداح جي معنيٰ آهي ساراهه يا واکاڻ. ان ۾ پاڻ ڪريم جن جي صفت سان گڏ اصحابن سڳورن ۽ اوليائن کي به واکاڻيو وڃي ٿو. مولود ۽ مناجات وانگر مدح به مسجد ۾ پڙهي وڃي ٿي. سنڌ ۾ شادين مرادين عيد براد ۽ غمين ۾ به مولود، مدح، مناجات، مراقبو وغيره پڙهيا ويندا آهن. مداحن جي پڙهڻ يا ڳائڻ جو انداز به ساڳيو مولودن وارو ٿئي. هتي نموني طور صدر الدين چارڻ جي مداح ڏجي ٿي.

صلوات سَرور ڄام تي، رب فرض ڪئي فُرقان ۾
صلوات عليه وسلمو، قادر چيو قرآن ۾
"يعطيڪَ رَبڪ فَترضيٰ" ٿيو شرف جنهنجي شان ۾
ما سوا محبوب جي، پيو جڙيو ڪونه جهان ۾
حُب جنهن حضرت جي ٿي اصلي رڪن ايمان ۾
سو وسيلو مان وٺي، هنپ جيئن رڙان بيابان ۾
ڪيئن ڇڏيندو ڪارڻي، وارث وصي ويران ۾؟
ريءَ دير ڪر درگاهه مان مقصد سگهو محتاج جو
"رکُ يا رسول الله! تون ٻانهي مٿي هٿ ٻاجهه جو"

## معجزو

معجزو به مذهبي لوڪ شاعريءَ جي هڪ صنف آهي، جنهن ۾ نبين جي معجزن جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ته بزرگن جون ڪرامتون به بيان ڪيون وڃن ٿيون. معجزي جي معنيٰ آهي اهڙي ڳالهه يا واقعو جنهن کي عقيدت ۾ انسان مڃڻ لاءِ عاجز ٿي وڃي. ڪرامت به ائين ئي آهي. پلي عقل يا سائنس ان ڳالهه کي مڃي يا نه مڃي پر عقيدت ۾ ان کي لازمي مڃڻو آهي. سنڌ جا سگهڙ ۽ مولودي وغيره معجزي ۾ حضرت محمد جي معجزن جو ذڪر ۽ واکاڻ ڪندا آهن. هتي نموني خاطر مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو هڪ معجزو ڏجي ٿو. جنهن جو مفهوم ڪجهه هن ريت آهي ته "هجرت وقت پاڻ سڳورا اُم معبد جي خيمي وٽان لنگهيا، خيمي ۾ هڪ ڏُبري ٻڪري ٻڌي بيٺي هُئي، جنهن جا ٿڻ سڪي ويا هُئا، پاڻ ڪريمن ان

جي ٽٽن کي هٿ لاتا تہ ٽٽن ۾ ڪير اچي ويو. ايترو ڪير ڏنائين جو سيني ڍئو ڪري پيتو ۽ اُم معبد کي ڏئي ويا.“

تڏهن رسول ڏٺيءَ جي، ٿڻ ٻڪريءَ جا هٿن سين مليا
دعا گهريائون ڏٺيءَ ڪنا، چئي بسم الله
تان پرچي ٿَڻَ ٻڪريءَ جا، آيا ڪير منجهان
ڏُهي پريائون تنهن ڪان، گهڻو وڏيرو ٿانءُ
وٺي ڏنائون ڪير سو، مڙني ماڻهن ڪان
جيڪي هُئا تنهن ماڳ ۾، حاضر هيڪاندا
ڪٽيو ڏنائون سيني کي، پري پيالا
پر پياريائون اُم معبد کي، پهريائين تنها
تنهن ڍڄاٽا پياري ڍاپائون، پڻ ماڻهو سڀ ٻئا
تان پڻ پيتائون ڪير کي، سيني ڍڄاٽا
ماڻهو سيئي تَنهِن منجهان، پيئندي ۾ ٿيا
پڻ موٽي ڏُڏائون پهونءَ کي، ڦِري ٻيهارا
ڏُهي پريائون ٿانءُ وڏو، وري تَنهِن منجها
سو ڏيئي ”اُم معبد“ کي، ماڳهين ڇڏي هليا

معجزن تي ٻڌل شاعري گهڻي ڀاڱي سگهڙ ۽ مذهبي ڄاڻو ڪندا آهن. جيڪو سلسلو اڄا جاري آهي. معجزي واري تاڃي پيٽي تي لوڪ ادب جي صنف ڏور بيت ٿين. ان ۾ فرق رڳو اهو آهي تہ پنجتني ڏور بيتن ۾ پنجن تنن يعني حضرت محمد ، حضرت علي ، حضرت فاطمہ ، حضرت امام حَسن ۽ حضرت امام حُسين سان لاڳاپيل ڪنهن ڳالهہ يا واقعي کي بيتن ۾ بيان ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ معجزي ۾ رڳو معجزي کي ئي بيان ڪيو وڃي ٿو. پوءِ اُهو معجزو پنجن تنن جو هُجي يا ڪنهن ٻئي بزرگ جو. نبي سڳورا معجزا ۽ ٻيا بزرگ ڪرامتون ڏيکاريندا آهن پر لوڪ ادب جي هن صنف ۾ ٻنهي جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. معجزي کي مولود واري انداز ۾ ڳايو ويندو آهي. هتي فرق واضح ڪرڻ لاءِ ڳوٺ چينگاٽي لڳ باجارا سيوهڻ جي لوڪ شاعر گل بيگ خان نوتاڻي رِند جو هڪ پنجتني ڏور بيت ڏجي ٿو.





سهڻيون سيئي هُيون، پرسهڻي منجهن هڪَ
قابو سا ڪامڻ بڻي، سهڻ جي سِڪَ
رهبر تنهن تي راضي ٿيو، واليءَ ڪيس ورڪ
امت کي آريءَ ڄام جي، ملندي مبارڪ
راضي ٿيو ”رند“، چئي، پورهيت کي آهي پَڪَ

پيڄڻي: هڪ دفعي امام حسن عليہ السلام ۽ امام حسين عليہ السلام جن کي راند ڪندي وڻ هيٺان آرام اچي ويو. ايستائين جو سج لٿڻ سان امامن تي ڇانو ختم ٿيڻ واري هئي. الله تعاليٰ تارين کي حڪم ڪيو تہ ٻيون سڀ تاريون پلي ڇانوَ ختم ڪن پر منهنجي حڪم سان اها تاري اُتي پنهنجي ڇانوَ بيهاري ڇڏي، جتي امام ستا پيا آهن.

اهڙيءَ طرح شاعر هن ڏور ۾ ڳالهہ ڪري ٿو تہ تاريون سهڻيون تہ سيئي هيون پر هڪ تاري ڏاڍي سهڻي هئي، جو بخت واري بني ۽ الله جي حڪم سان پنهنجي ڇانوَ حسنين جن تي ننڊ مان اُٿڻ تائين قائم رکي. رب سائينءَ جي انهيءَ راضي ٿيڻ تي سيني تارين ان کي مبارڪ ڏني. آخري سٽ ۾ شاعر پنهنجي ذات وِڌي آهي تہ هن پورهيت تاريءَ کي پڪ هئي تہ مون تي الله راضي ٿيندو.

(تحقيقي جرنل ڪلاچي (مارچ 1999ع) ۾ ڊاڪٽر عابد مظهر جي مضمون ”لوڪ ادب جو شاعر گل بيگ خان رند“ تان ورتل. ڇپائيندڙ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي)

## سماع

سماعُ نج مذهبي صنف تہ ناهي پر ان ۾ صوفياڻي طريقي سان مذهب جي پرچار پڻ ڪئي ويندي آهي. ان قسم جو راڳ يا ذڪر صوفي بزرگن جي مزارن، مقبرن ۽ درگاهن تي ڪيو وڃي ٿو. هونءَ اسلام ۾ راڳ جي اجازت ناهي پر سنڌ جا صوفي بزرگ راڳ وسيلي انسانن ۾ ميٺ محبت ڀائيچاري ۽ اسلامي اُصولن جي پرچار ڪندا آهن. ان صوفي ڪلام جي رچندڙ فقيراڻي محفل کي سماع چيو وڃي ٿو. قوالي بہ ان ئي قسم جو راڳ آهي پر سنڌ ۾ ان جو رواج تمام گهٽ آهي. درگاهن تي صوفياڻا ڪلام ڳايا

وڄن ٿا. ان راڳ ڳائڻ لاءِ سازن ۾ گهڻي ڀاڱي يڪتارو ۽ چپڙي وڄايا وڃن ٿا. هونءَ سنڌي لوڪ راڳ جو به اهو ئي انداز آهي، جنهن کي ڪافي ڪلام چيو وڃي ٿو. جيڪڏهن ٽولي جي صورت ۾ ڳائن ته ان کي سنگ وارو انداز سڏن.

سنڌ ۾ سماع جي ابتدا سومرن جي دور کان ٿي. ان ۾ صوفي بزرگن جون ڪافيون، ڏوهيڙا ۽ وايون ڳايون وڃن ٿيون. جن ۾ مذهبي پرچار کان سواءِ انساني جذبن ۽ احساسن جي اُپٽار، اخلاقي تربيت، حقيقي عشق وغيره جهڙا موضوع سمايل هوندا آهن.

سنڌ ۾ سماع جون محفلون تمام گهڻيون آڳاٽيون آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڏاڏي شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري لاءِ روايتون ملن ٿيون ته هو هميشه سماع جي محفلن ۾ ويندو هو. شاديءَ پيريءَ به مٽيارين منجهان هڪ محفل مان سندس پاءُ جلال شاهه وٺڻ آيو ۽ چيائنس! ته هل ته تنهنجي شادي ٿا ڪرايون. مطلب ته هو هڪ ته درويش صفت انسان هو، ٻيو راڳ رنگ سان تمام گهڻي دلچسپي هئس. شاهه ڪريم پاڻ به ڳائيندو هو سندس آواز ڏاڍو سريلو هو.

سماعُ لفظ سنڌيءَ ۾ عربيءَ منجهان آيو، جنهنجي معنيٰ آهي ٻڌڻ. هن وقت سماع جي معنىٰ راڳ رهاڻ ورتي وڃي ٿي. پر اهو راڳ جيڪو صوفي بزرگن جي درگاهن تي ڳايو وڃي ٿو.

ان راڳ ٻڌڻ سان ماڻهوءَ تي وجد طاري ٿي وڃي ٿو. ٻڌندڙ جهومڻ ۽ نچڻ لڳن ٿا. مختلف محفلن ۾ اهڙا ڪيترا ئي منظر ڏسڻ ۾ ايندا.

سماع بابت ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، مير معصوم بکريءَ جي حوالي سان روايت لکي ٿو ته ”ڳچ جيترا آدمي هڪ هنڌ گڏ ٿيندا آهن، انهن مان ڪي پنهنجي زبان ۾ سر سان بيت پڙهندا آهن ۽ ٻيا انهيءَ سر جي موافق سماع ڪندا آهن. پوءِ ڪن کي حال پوندو آهي. جن کي حال پوندو آهي سي گهوڙي وانگر پڙ ڪندا آهن ۽ مست ٿي پوندا آهن. ويٺلن مان هر هڪ انهن کي چيلهه کان قابو جهلي ويهندو آهي. پوءِ اهي نچندا آهن ۽ وات سان بلند آواز ڪندا آهن. ٻن ٽن سون سماعين جو آواز هڪڙي هنڌان اچڻ عجيب پڙاڏو وجهي ڏيندو آهي ۽ ميل يا وڌيڪ مفاصلي تي ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.“

اها روايت ثابت ڪري ٿي ته ماضيءَ ۾ سنڌ ۾ سماع ان ريت هوندو





هو. پر هن وقت ان ۾ تمام گهڻي تبديلي اچي چڪي آهي. چيلهه مان جهلڻ جي روايت هاڻي ڪنهن درگاهه تي ملڻ مشڪل آهي. ها باقي ناچو چيلهه سان ڪپڙو ٻڌي پڻ نچندا آهن. ناچن جي ڳائڻ ۽ نچڻ وارو انداز ڀڄتي آهي. هُو چيڙ به ٻڌندا آهن. صوفي بزرگن جي درگاهن تي جيڪو راڳ ٿئي ٿو سو سماع وانگر ٽولين جي صورت ۾ به ٿيندو آهي ته اڪيلي سر به ڳائڻا ڳائيندا آهن. صوفين جي درگاهن تي گڏجي ڳائڻ واري انداز کي ”سنگ سڏجي ٿو. سنگ سماع جي ئي نئين صورت آهي. ان ۾ يڪتارو ۽ چپڙيون وغيره وڄايون وينديون آهن. سنگ جي معنىٰ آهي گڏجي. ردم ۽ آواز جو گڏ هجڻ گڏ ڳائڻ يعني هڪ ئي وقت ساڳيا ٻول چوڻ. راڳداريءَ ۾ ان کي اڻين به چئي سگهجي ٿو ته پنج ڇهه همراهه جيڪڏهن گڏجي نچن يا ڳائن ته سندن پيرن يا ڳائڻ جا الڳ الڳ نه بلڪ گڏ ئي آواز ٻڌڻ ۾ اچن. سنگ ۾ درگاهن تي پنج ست ڏهه ٻارهن يا وڌيڪ سئو کن به گڏجي ڳائيندا آهن. سماع ۽ سنگ حقيقت ۾ ذڪر جي انداز کان متاثر ٿيل آهن. مسجدن ۾ گڏجي هڪ ئي آواز ۾ ذڪر ڪيو ويندو آهي. صوفين ان ذڪر کي پنهنجو رنگ ڏنو ۽ مذهب کان ڪجهه پاسيرو ٿي عوامي رنگ اختيار ڪيو، جنهن سان مذهبي پرچار کي ۾ به هٿي ملي. اڳتي هلي سنگ راڳ جي صورت اختيار ڪئي. درگاهن تان عام اسٽيجن تائين سنگ کي آڻڻ ۾ ممتاز مرزا صاحب جو به هٿ هو. هُن ان سلسلي ۾ پهرين ڪوشش ايڪيهين اپريل 1970ع ۾ شاهه سائينءَ جي 218 هين عرس جي موقعي تي ڪئي. جنهن ۾ هن شاهه صاحب جو ڪلام فقير عبدالغفور جي سرواڻيءَ ۾ مختلف ڳائڻن کان سنگ جي انداز ۾ ڳارايو، جيڪو تمام گهڻو ساراهيو ويو. هُنن شاهه جو ڪلام ”مون کي ڏونگر ڏورڻ آيو، ڪيچي ڪيچ وڃن“ ڳايو. فقير عبدالغفور سان گڏ حسين بخش خادم، چاڪر چانڊيو ۽ فقير يار محمد ڳائڻ وارا هئا. ان کان پوءِ سرڪاري محفلن، ريڊيي ۽ ٽي ويءَ تي سنگ جي انداز ۽ ان انداز ۾ ڳائڻ وارن کي وارو مليو ۽ اهو انداز ايترو مقبول ٿي ويو جو دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به سنگ ۾ ڳائيندڙن کي سرڪار پاران موڪليو ويو. يڪتارو ۽ چپڙيون هٿن ۾ گيڙو ڪپڙا پاتل پٽڪا ۽ ٽوپيون پاتل فقير جڏهن نچندا ۽ ڳائيندا آهن ته من موهي وجهندا آهن. اڄ ڪلهه ڪيترا ئي ڳائڻا سنگ جي انداز ۾ ڳائن ٿا

، جن ۾ جمال الدين فقير ۽ ساٿي، شير شاهه ۽ ساٿي ۽ مختلف درگاهن جا فقير شامل آهن.

## مددي ڪتاب:


1) شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام _ عمر بن محمد دائود پوٽو، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاهه_ ٻيو ايڊيشن_1977 ع

2) وساريان نہ وسرن_ ممتاز مرزا، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽ شاهه حيدرآباد_ 1988 ع

3) Rhythms of the Lower Indus, Edited & Compiled by: Zohra Yousuf, Culture & Tourism Department, Govt. of Sindh_ 1988

4) نعتيہ شاعري_ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي_ سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو_ آگسٽ 1980 ع

5) سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ _ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو_ ٽيون ايڊيشن 1990 ع


## سَمَهِن

سَمَهِن بہ سنڌ جي عوام ۾ مقبول صنف آهي. سَمَهِن سماع جي ئي بگڙيل صورت آهي. تنهن هوندي بہ ان جو هڪ الڳ انداز آهي. اهو سلسلو ملتاني بزرگن لاءِ آهي. سنڌ جي اُترئين پاسي تمام گهڻو مقبول آهي. هيءَ صنف ملتاني بزرگن جا مريد ڳائيندا آهن. سنڌ مان هر سال ڪي پنڌ تہ ڪي ريل گاڏيءَ ذريعي تہ ڪي ٻيءَ سواريءَ وسيلي هزارين ماڻهو ملتان پنهنجي مرشدن جي زيارت لاءِ ويندا آهن. اُهي محفلون مچائيندا ۽ سَمَهِن هڻندا ويندا آهن. ٻُڌ ۾ جيڪي فقير پنڌ ملتان ويندا آهن، تن جي لاءِ نہ رڳو هيءُ هڪ ذڪر هوندو آهي بلڪ ان سان سفر ڪي سؤل بہ بڻايو ويندو آهي.

ان ۾ فقير گڏجي ٽوليءَ جي صورت ۾ بيهي مختلف بيت ڳائيندا آهن. ان ۾ هڪ فقير بيت ڏيندو تہ ٻيا وراڻي ڏيندا آهن. وراڻيءَ جو طريقو اهو آهي تہ ڪو فقير بيت چئي پورو مس ڪندو تہ ٻيا ڏاڍي جوش ۽ جذبي مان گڏجي چوندا تہ ها... ها... يا وري چوندا، لاالہٰ الا الله. ان ڪان پوءِ ڪو ٻيو فقير





بيت چوندو. وراڻي حقيقت ۾ هڪ ذڪر آهي. جيڪو ڪين سُڪون ڏئي ٿو. سمهن ۾ گهڻي ڀاڱي بيت ئي چيا وڃن ٿا. انهن ۾ شاهه ۽ سچل جا بہ بيت پڙهيا آهن. ٻيا فقير پاڻ بہ تخليق ڪندا آهن . جن ۾ گهڻي ڀاڱي ملتاني بزرگن ۽ نبي ڪريم وغيره جو شان بيان ڪيل هوندو آهي ۽ ڪين مدد جي اپيل ڪيل هوندي آهي. ملتاني فقير سنڌ جي مختلف شهرن مان ٽولين جي صورت ۾ نڪري مختلف منزلون ڪندا ۽ واٽ تي ايندڙ مختلف بزرگن جون زيارتون ڪندا وڃي پار پهچندا آهن. ڪين پنڌ ويندي ڪيترا ئي ڏينهن لڳيو وڃن. پر هو عقيدت ۾ سڀ ڏک ڏاکڙا سهي ويندا آهن. جڏهن اُتان موٽ ڪندا آهن تہ پوءِ سنڌ ۾ انهن جون مختلف ماڻهون دعوتون جهليندا آهن. فقير بہ هڪٻئي کي دعوتون ڏيندا آهن. جن ۾ سمهن لازمي هڻئي ويندي آهي. سمهن لاءِ هو ڳائڻ جو لفظ نہ بلڪ چوندا آهن تہ سمهن هڻئي ويندي يا هڻئي وئي. ان جو مقصد تہ هُو ان کي راڳ نہ ٿا سمجهن، اُهو سندن ذڪر جو قسم آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ ۾ لکيو آهي تہ ستين هجري (13 هين عيسوي) ۾ حضرت غوث بهاءُ الدين ذڪريا جي دور کان وٺي سنڌ ۾ سمهہ جو سلسلو نمايان طور تي رائج ٿيو ۽ ايندڙ ٽن سئو سالن ۾ سنڌي سمهہ سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر ٿيو. 16 صدي عيسويءَ جي شروع ۾ سنڌ جي ذاڪرن هڪ طرف ملتان کان مٿي ويندي لاهور تائين سمهہ جي محفلن کي رچايو تہ ٻئي طرف هنن بُرهان پور (هندستان) ۾ پڻ سمهہ جي رنگ کي سجايو. ان وقت جي ويجهن حوالن مان ظاهر آهي تہ سنڌي ذاڪر سمهہ ۾ بيت ۽ وايون (ڪافيون) ڳائيندا هئا. (ص _292) اصل عربي لفظ سماع آهي. جنهن جو مقامي سنڌي اُچار سمهہ آهي. (ص_ 293)

ستين هجريءَ کان سماع جو سلسلو سنڌ ۾ رائج ٿيو. جنهن ڪري علمي نالي سماع بدران عوامي نالو سمهہ جي صورت ۾ پڻ مشهور ٿي ويو. چوندا آهن فلاڻي وقت سمهن لڳندي يا ٿيندي. فقير سمهہ لڳائڻ کان اڳ ۾ حضرت غوث بهاءُ الحق، سخي پير غوث بهاءُ الحق مدد ڪر اچي! غوث بهاءُ الحق جو نعرو لڳائي سمهن ڪندا آهن ۽ سمهن جي پڄاڻيءَ تي ذڪر الاهي

ڪري نعرو هڻي سمهن پوري ڪري پوءِ دعا سڄي عالم لاءِ خير آفيت ۽ سوالن جا سوال پورا ڪرڻ لاءِ الله تهارون پڻ ڪندا آهن. سمهن ۾ ناچ پڻ هوندو آهي. جيڪو حلقي/وراڻيءَ جي آواز سان گڏ هڪ پير زمين ڪان مٿي ڪٽندا آهن ته ٻيو پير انهيءَ لئي ڪي بيهارڻ لاءِ رکندا آهن. محفل حسين ۽ پرڪشش نظر اچڻ لڳندي آهي. ننڍا توڙي وڏا، پڪا توڙي پوڙها ناچ ۾ پڻ حصو وٺندا رهندا آهن. جنهن سمهن ۾ آخر ۾ راڻو ڳايو ويندو آهي، اُها سمهه وري عجيب خوشبوءِ بخشي ڇڏيندي آهي. مريدن جي عقيدي مطابق چون تا ڪي اهل الله بزرگ مرشد ڪريم سمهن ۾ حاضر اچي ٿيندا آهن. انهيءَ ڪري به سمهن ڪئي ويندي آهي . اُتي اُتر طرف ڪان خالي جاءِ رکي ويندي آهي. اهو انهيءَ ايمان تحت ته اها جاءِ مرشد ڪريم اچي پربندا ۽ باقي سمهن جڏهن به ڪئي ويندي آهي ته اُتي بيهي گول دائري ۾ وچ خالي هوندو آهي ۽ مٿي اُگهاڙو ڪوئي نه هوندو آهي.“

سمهن جا ڪجهه بيت هتي ڏجن ٿا.

(1)

اُناٽي: مديني جا مير، سڄ منهنجا سَڏَ
هيءَ ڪميٽي ڪيچ ۾، تون گولي نيئي گڏ
هاٽي چني نا تون ڇڏ، ڪاهيون وچ قطار سين

لاهٽي: سوال سٽي سردار احمد آيو گهرجين

اُناٽي: پاڙي منجهه پرينءَ جي، مَن مري ماندي
ته ايندم عربي، ٿيندم ڪيچ ڏٽي ڪانڌي
هيڪو هيڪاندي، اُتي پاڙي پرينءَ ٿيان

لاهٽي: وٺي هوت حبيب، جانب جنت نيندو

(خليفي محمد ايوب ۽ غلام محمد فقيرجي پڙهيل سمهن)

(2)

اُناٽي: مرشد منهنجو ملتان ۾، نذر ويو ڇڏي

حلقو/لاهٽي: هي الله هي...

اُناٽي: مولا ڪندو مريد حسين سان، جيڪو تار منجهان تاريو





لاهٽي/حلقو: هي... الله هي...

اُناٽي: سگهو سار لهجانءِ، او غوث هن گنهگار جي

لاهٽي/حلقو: هُو... الله هُو...

اُناٽي: ”رَبن“ڪي ٻه الله، سَرور صحت ڏيندو

لاهٽي/حلقو: هُو... الله هو..

اُناٽي: مون جي سڏ ڪيا، منهنجا سڏ سٽيائين
چڙهيو غوث بهاءُ الدين، اچي واهر ڪيائين
اچي مدد ڪيائين، موچارن مريدن سان

حلقو/لاهٽي: هُو الله هُو..

اُناٽي: مولا ربن ڪي مرڪاءِ، ملڪ مليرمٿي
صبح ٿي صبح جو ڪيم پنهنجي سائينءَ ڪي سوال
نذر آهيان نڪٽيان، هيڏو منهنجو حال
ڪر پليرا پال ، راجا روضن جا ڏٽي

لاهٽي/ حلقو: اچ اچوڪي آهه، روضن منجهه رسندو

اُناٽي: مرشد منهنجو ملتان ۾، تي ”مريد حسين“ منٺار
غم ته لاهيندو گولن جا، ”محمود شاهه“ مٽيادار
ڏوريئون مون به ڏٺو، روضو مرشد غوث جو

لاهٽي/حلقو: مرشد منهنجو ڪامل آ، چاڙهيءَ مئون جنهن چاڙهيو

لاهٽي/حلقو: هي الله هي...

اُناٽي: ثمر جنين نه ساڻ، هوت حمايتي تن جو
ڪري چانءَ چپر ۾، پنهل ايندم پاڻ
ٿيندي روح رهاڻ، لحظي منجهه لطيف ٿئي

لاهٽي/حلقو: الاهه هُو..

اُناٽي: ويجهو ٿي ورناءِ، دانهون درد وندن جون

لاهٽي/حلقو: الله هُو...

اُناٽي: سوال ٻڌو سردار، مرسل مڪي جا

لاهٽي/حلقو: الله هُو..

اُناٽي: پڪي ۽ فقير، ثمر نه ڪٽن ساڻ

هن ڪي زور پرن جو، هن ڪي الھ جي اُڪير
مارو ميلچ پير، مون آسروندي آهيان
لاهڻي/حلقو: بخش علي باغن ۾، ڪليون ڪير پيندو
اُناٽي: مون جي سڏ ڪيا، اڄ قريشي پير ڪاهي
درد هِن دڪايل جا، وڃ لالڻ تون لاهي
اڄا بہ آسرو آهي، تو داتا تنهنجي در ۾
لاهڻي/حلقو: ڪل جماعت جا مولا مطلب جوڙ
اُناٽي: سائو روضو شاھ جو، جت ڪبوتر ڪٽڪن
تڪو وڃ طبيب چئي، هُت ويهون وڳ وَهَنِ
ڪوڙين ڪنگ رهن، روضي شاھ رُڪن جي
اُناٽي: روضو شاھ رڪن جو ٿي بُلند وڏو باري
سيئي پارين سيباڻو، مون ڪي اُتر جو آري
توڙي آن ڏوهاري، تہ بہ پير نہ ڇڏيندم پنهنجا
لاهڻي/حلقو: سيد جي ساڃاءِ، اُمت پار ٽپيندو
اُناٽي: روضو شاھ رڪن جو، ڪنهن گهاڙوءَ يار گهڙيو
روپي سان راس ٿيو، وچي جو هر ساڻ جَڙيو
ڪلمي ساڻ چڙهيو، مهابي محمد ڄام جي
لاهڻي/حلقو: برڪت محمد جي، هيڪر شال وسندو
ذڪر: الله صمد...
لا الہ الاالله...
الله تو هَار...
دُعا...

مٿين سَمهن ضلعي خيرپور جي شهر راڻي پور لڳ ڳوٺ محمد يعقوب ڄامڙي جي بخش علي ڄامڙي جي گهر ۾ خليفي محمد ايوب، غلام محمد فقير ۽ ساٿين هنئي. ان ۾ گهٽي پاڳي پنهنجي مرشد جي واڪاڻ ۽ مدد لاءِ سڏ ٿيل آهن. التجائون ۽ آهون آهن. درد ڀريون دانهون آهن. ملتان جي بزرگن غوث بهاءُ الدين، مريد حسين، شاھ رڪن عالم ۽ محمود شاھ جو





ذڪر آهي. سندن روضي جي تعريف آهي. اهي بزرگ قريشي آهن. تنهنڪري ”قريشي“ لفظ بہ ڪم آندو ويو آهي. ان ۾ شاھ جا بيت بہ پڙهيا ويندا آهن تہ حضرت امام حسين رضہ ۽ دستگير پير عبدالقادر جيلانيءَ لاءِ بہ عقيدت جا بيت چيا وڃن ٿا. ان ۾ گهٽي پاڳي الله هو... هي ... الله هي... جو ورد شامل هوندو آهي. ڪٿي تہ هڪ بند ڪان پوءِ ورد پڙهن يا وراڻي ڏين يا لاهڻي ڏين. ڪٿي وري هڪ همراھ سڄو بيت چئي پورو ڪري تہ پوءِ لاهڻي يا وراڻي ڏين يا ذڪر ڪن. ذڪر گهٽي پاڳي وراڻي ڏيڻ ۽ پراءَ لاءِ بہ ڪندا آهن. سَمهن فقير جڏهن شروع ڪندا آهن تہ لڳاتار اڌ منو ڪلاڪ هڻندا رهندا آهن. وچ ۾ ساهي ناهن پٽيندا. هڪ فقير جيڪڏهن بيت ڏئي ڪُٽي پئي تہ ٻيو شروع ٽيندو آهي. ان ۾ رڳا بيت ئي پڙهجن ۽ اهي بہ گهٽي پاڳي دعا وارا ٿين. مٿينءَ سمهن ۾ بہ ڪيترين ئي دعائون گهريل آهن. جنهن گهر ۾ سَمهن هنئي ويندي آهي تہ ان لاءِ، ڳوٺ ۽ سڄيءَ اُمت لاءِ دعا گهري ويندي آهي. ان سمهن ۾ ربنواز عرف ربن فقير جي صحتيابيءَ ۽ سندس پٽ بخش علي ڄامڙي جي خوشحاليءَ لاءِ دعا ڪئي وئي آهي. اها شاعري ڪنهن ٻئي جي آهي. هتي دُعا خاطر ربن ۽ بخش عليءَ جو نالو آندو ويو آهي. سمهن جي شروعات الله هو ۽ ڪنهن دعا واريءَ سٽ يا بيت سان ڪئي ويندي آهي ۽ پڄاڻي بہ باقاعدي ذڪر ڪان پوءِ هٿ ٻَڌي دُعا گهري ڪئي ويندي آهي.

## مددي ڪتاب:


1) دَرسِ غوثيا (حضرت غوث بهاءُ الحق ابو محمد ذڪريا ملتانيءَ جي مختصر سوانح ۽ سندن جماعت سهروردیہ عاليہ غوثيہ جو طريقو ۽ تبليغ)_ سهيڙيندڙ: درس عبدالڪريم پَلي_ نفيس پرنٽنگ پريس_ حيدرآباد_ ڊسمبر 1996ع
2) سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ_ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز_ ڀٽ شاھ حيدرآباد_ ڇاپو پهريون 1978ع
3) ملتان جي فقيرن ۽ سمهن پڙهندڙن خليفي محمد ايوب، غلام محمد فقير، غلام جعفر ڄامڙي ۽ ٻين سان 2003_05_09 تي ڳالهہ ٻولهہ ۽ وٺائنن هٿ ڪيل سَمهن جا ٻول.


## پرولي

سنڌي ماڻهن جي ڏاهپ جي اهڃاڻ پرولي هڪ تمام آڳاٽي صنف

آهي. پرولي لفظ پروئڻ مان نڪتل لڳي ٿي، جنهن جي معنىٰ آهي موتين جي لڙهي. موتين يا چيزهن جي پوچ جو ڪم تمام گهڻو قديم ۽ شاندار آهي. اهو ئي سبب آهي ته لفظن جي پروئڻ کي پرولي سڏيو وڃي ٿو. پروليءَ بابت محترم الهه بخش نظاماڻيءَ جي راءِ آهي ته ”پرولي هڪ ڳجهارتي هنر ۽ فن آهي. پرولي سنڌي لوڪ ادب جي هڪ پراڻي شاخ آهي. پروليءَ کي هنديءَ ۾ ”پهيلي“ چون. اهو لفظ سنسڪرت ۾ ”پرهيدي“ آهي، جنهن جي معنىٰ آهي گهڻيءَ سوچ ويچار کان پوءِ ڪنهن شئي جو پتو لڳائڻ يا پرو لهڻ.“ (سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ_ ص_ 24)

پروليون سنڌيءَ کان سواءِ دنيا جي ٻين ٻولين ۾ پڻ ملن ٿيون. انهن جو اصل ماڳ ڪهڙو آهي تنهنجي پروڙ پوڻ مشڪل آهي.

سنڌ ۾ فارسي ٻوليءَ به ڪافي عرصو راڄ ڪيو آهي ۽ فارسي گهوڙي چاڙهسي رهي آهي. فارسيءَ وارا پروليءَ کي چيستان چوندا آهن. فارسيءَ جا چيستان هتي آيا ۽ سنڌ جي سگهڙن انهن کي پروليءَ جهڙو پاتو، تنهنڪري پروليءَ کي پارسي يا پاريسي به سڏڻ لڳا. پروليءَ کي لاڙ ۽ ٿر ۾ ”هيماري“ به سڏن پر سڄيءَ سنڌ ۾ پرولي وڌيڪ مشهور آهي.

پروليءَ جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا. جن جو هتي ذڪر ڪجي ٿو.

**ساديون يا رواجي پروليون:** اهي ننڍن جملن يا موزون فقرن تي ٻڌل ٿين ٿيون، جن جي پيڇٽي گهڻي ڀاڱي گهر جي ماحول مان ملي ويندي آهي. اهي گهڻو ڪري ٻارڙا هڪٻئي کي ڏيندا ۽ پڇندا آهن يا وري وڏڙيون انهن وسيلي ٻارڙن کي وندرائينديون ۽ سندن ذهانت وڌائينديون آهن. مثال:

1: گهر گهر ۾ لڏڙو ليٽي

پيڇٽي: ڦريو يا ٻهارو

2: اڌ ڪاٺ جو اڌ لوهه جو

پيڇٽي: ڏاٽو

**بيتي يا بيت واري پرولي:** اها سادي منظوم پرولي ٿئي ٿي. جنهن ۾ موزون فقرا ٿين ٿا.

مثال:

هيٺرو هيٺرو پناڻ جنهن کي سَئو سين جو ساڻ





پيڇٽي: ڄاهو

**ڳوڙهي پرولي:** ان ۾ ڪجهه ڳوڙهائپ رکيل هوندي آهي جنهن کي پيڇڻ لاءِ ذهن تي سرس زرو ڏيڻو پئي ٿو. انهن کي معنوي لڙهين واريون پروليون به چيو وڃي ٿو.

مثال: اٺ وهنجي نڪتا، گهڙا ڪين ٻڏن

پـرديسـي پـڪـيـئـڙا اُڃ مـرن

پيڇٽي: ماڪ

**ٻول پرولي:** اِها اُها پرولي آهي، جنهن جي پيڇٽيءَ لاءِ چيو وڃي ۽ جڏهن پڇي تڏهن پروليءَ جي چيل لفظ سان قافئي ۾ ٺهڪي اچي.

مثال: ڪُرڙين کي پاڻي پياري ڏيو

پيڇٽي: لڪڙ هلي، لڪڙ چلي

لڪڙ ۾ مانارو، پي چڙهيو تارو

تاري ڪئي سير، پي چڙهيا مير

ميرن ڪيون گرڙيون پي چڙهيون ڪُرڙيون

**ڏستاڳ:** اها پرولي جنهن ۾ پهريان پيڇٽيءَ واريءَ شئي جو اهڃاڻ ۽ اشارو آيل هجي پر اڳتي هلي اُن تان ڦري وڃجي، هن پروليءَ ۾ جيتريون سٽون هونديون آهن اوترا اهڃاڻ ۽ اشارا هوندا آهن. ڪاڇي ۽ ڪوهستان پاسي اهي عام آهن.

مثال: نَڪ سبائي ٿو ڪنوار وانگر، ڪنوار به ناهي

جبل جهاڳي ٿو شوق سان، جوڳي به نـاهـي

ٻڌايو ته ڇا آهي؟

پيڇٽي: اُٺ

ان قسم جون پروليون استاد ۽ مائٽ ٻارڙن کي ڪنهن سبق سيکارڻ لاءِ به ڪتب آڻيندا آهن. پڙهائڻ ۽ سمجهائڻ جو اهو بهترين طريقو آهي.

**هيماريون:** جيئن شروع ۾ لکيو آهي ته ٿر ۾ پروليءَ کي هيماري سڏيو وڃي ٿو. ان ۾ ڍاٽڪي ۽ مارواڙي ٻولي ڪم آندي وڃي ٿي. هيماريءَ جي معنىٰ هيم = سون (سسنڪرت) +آري=واري يا سوني سوکڙي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو ته ”ٿر ۾ هيماريون اڪثر ڪري

زالون وهانءَ جي موقعي تي ڏينديون آهن. ڳيچن بعد هيمارين سان منڊل مچائينديون آهن ۽ ڏيڻ ۽ پيچڻ وقت چرچا پوڳ بہ ڪنديون آهن.“ (لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو_ ص_ 21)

هيماريون ۽ ڳوڙها جن کي ڏکيون پروليون بہ سڏجي ٿو ۾ عام آهن.

مثال: هڪ سئو آنبا آنبلي، ٻہ سئو ٻيا جهاڙ

ڪور ٻنا پانڙو، سر تا ڪرو ويچار

(هڪ سئو انب ۽ انبڙيون بہ سئو ٻيا وڻ ٽاريءَ ٻنا پن ڏاها ڪريو ويچار)

پيچٽي: سائو بصر

## ڏٺ پرولي ۽ معما/مام پرولي

ڏٺ پروليءَ جو مقصد آهي ڪا شئي ڏسي يا ٻڌي نہ پهہ يا ٽڏي تي پرولي ٺاهي ڏيڻ. هن ۾ سگهڙن جي ذهانت کي ڪجهہ سرس داد ڏيڻو پئي ٿو. اهڙيءَ ريت معمو/معما بہ ڏٺ پروليءَ جو نمونو آهي. ان حوالي سان سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر لکي ٿو تہ ”ڏٺ پروليءَ جو بنياد ڪنهن ڏٺل شئي تي ٻڌل هوندو آهي. اهڙيءَ طرح معما جو مطلب خيال ۽ ويچار تي ٻڌل هوندو آهي. ڏٺ پرولي ٿورن لفظن ۾ سگهڙ ٺاهي ڏيندو ۽ انهيءَ جو جواب بہ سگهڙ سڏن سولن لفظن ۾ بيان ڪندو.

معما ۾ وڏي فن جي ضرورت آهي. سگهڙ پنهنجي خيال کي معما جي رنگ ۾ ظاهر ڪندو تہ ٻيو سگهڙ بہ انهيءَ کي بيت ۾ معما جو جواب ڏيندو ، جنهن جي مراد لڪل هوندي پر معما جو ڏيندڙ ۽ معما کي سڃي ڪري ٻڌائيندڙ ٻئي سمجهندا آهن. انهيءَ ڪري معما ڏٺ پروليءَ کان وڌيڪ ڏکي آهي، جنهن ۾ گهٽي خيال ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي. (ڪتاب: مهيسر جي مام_ ص: 116)

**ڏٺ پرولي**

ٻن ٽن ڪوهن تائين آهي، ڊڊيءَ جي ڊِڪَ
گاهہ گني جي ڪونهي، پٽاريءَ کي ٻڪَ
تتيءَ ٿڌيءَ جي ڪونہ ڪري، پل لڳي پئي لَڪَ
لَڪڙَ ڪان نہ لرزي، آڙيءَ تي وڏائي وِڪَ





سَوَن کي ڏنا سک، آهن گهوڙيءَ گدا حسين چئي.

**پيچٽي** : پيڊل سائيڪل

**(گدا حسين سهتو)**

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو صاحب لکي ٿو تہ: ”معما يا مام پرولي ڏٺ جو هڪ اعليٰ ۽ انوکو قسم آهي، جنهن ۾ ڳوڙهائي زياده آهي. جيتوڻيڪ ٻئي پروليون (ڏٺ ۽ معما) ڪنهن وَٿُ، واقعي يا حقيقت تي ٻڌل هونديون آهن پر ڏٺ جي سٽا سادي ۽ خيال بہ سادا. معما، بيتي يا نظم جي صورت ۾ هوندي آهي، ليڪن سندس پيچٽي ڪڏهن بيتي يا نظم ۾ تہ ڪڏهن هڪ لفظ تي ٻڌل هوندي آهي. عربي ۽ پارسي معمائون، سنڌي مام يا معما کان ٻيءَ طرح آهن. منجهس لفظن جي حرفن جي ترتيب اهڙي نموني بيان ٿيندي آهي، جو ظاهر ۾ هڪ معنيٰ تہ باطن ۾ وري ٻي معنيٰ هوندي آهي. اهو قسم سنڌي معمائن کان گهٽو متي، اوکو ۽ ڳوڙهو آهي.“

سگهڙ روشن علي شاهہ جي ”بيماريءَ“ تي ٻڌل معما:

منڊ سڄي تي ملڪ ۾، ڏاڍي زور زبر
تنهن ڪامڻ کي هن ڪيترا، هزارين تہ هنر
ملڪن ۾ مشهور آ، خونياڻيءَ جي تہ خبر
ري هٿيار روشن چوي، لڙيو پوي لشڪر
اِها اَٿوَ خان خبر، قادر جي قدرت جي

(**لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو**_ صفحو: 28 ۽ 29)

## آڏي

اڏي بہ ساديءَ پروليءَ جو هڪ قسم آهي،جنهن کي ٻارڙا ڏيندا وتندا آهن. اڏيءَ جي هڪ معنيٰ نهيل يا اڏيل آهي. جڏهن تہ ٻي معنيٰ اٽس اَڏَ يعني پاٽيءَ جي وهڪري لاءِ تمام ننڍڙي شاخ يا کَسي. ٻارڙا اها اَڏَ. اڏي سولائيءَ سان پار ڪري ويندا آهن ۽ پروليءَ ۾ اڏي پڻ آسان صنف آهي. تنهنڪري ٻارڙن جي پرولين کي اڏيون چيو وڃي ٿو. اڏيءَ جا ٻہ قسم آهن. 1: هڪ سٽ واري اڏي، 2: ٻن سٽن واري اڏي. ان وسيلي جڻ تہ ٻارڙن کي تربيت ۽ تعليم ڏني ويندي آهي. ڪين عام شين وغيره جي ڄاڻ راند جي هن طريقي

وسيلي ڏني وڃي ٿي.

مثال: (1): گهر گهر اندر ڳاڙهي ڪنوار
پيڇٽي: باهه
(2): گـول گـنـدي پـاٽـي پـاٽـي
جو نه پڇي، تنهن جي ناني ڪاٽي
پيڇٽي: کوهه

## ڳجهارت

ان کي به پروليءَ جو هڪ ڳوڙهو نمونو سڏيو وڃي ٿو پر ان جي الڳ حيثيت پڻ آهي. ڳجهارت لفظ ٺيٺ سنڌي آهي، جيڪو ڳجهه مان ڦُٽل آهي. ان جي معنىٰ آهي ڪنهن ڳالهه جو ڳجهه ڳولهڻ يا راز پروڙڻ. ميلن ملاکڙن، ڪچهرين، شادين مرادين ۽ خوشيءَ جي موقعن تي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڳجهارت هڪ وڏي وندر بڻيل هوندي آهي. ”تر ۾ ڳجهارت کي ڳجهيرت به چوندا آهن.“ (**معمور يوسفاڻي**، مضمون: **لوڪ ادب** ماهوار وينجهار ڪراچي _ ص_ 44)

ڊاڪٽر سنديلو صاحب ڳجهارت لاءِ لکي ٿو ته ”انسان جي فطرت ۾ هر وقت جذبا، احساس امنگون ۽ اُڌما سمايل رهن ٿا، جي موقعي مهل پٽاندر پلٽجي پون ٿا. تنهنڪري يقينن ڳجهارتون به اندر جي اڇل ۽ اور، ريجهه ۽ رهاڻ، ڏک ۽ ڏوراپي، وندر ۽ ورونهن، ميار ۽ مهٽي، پيار ۽ پريت راز ۽ نياز، دل ۽ دلبريءَ ۽ آواز ۽ اشاري جي ترجماني ڪن ٿيون. تنهن کان سواءِ جا ڳالهه ڪنهن کي لڪ چوريءَ چوٽي هجي سا لفظي ڍَڪ پردي ۾ چئي سگهجي ٿي. (**لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو**_ ص_ 37)

ڳجهارتون هڪ ڳجهي نياپي ڏيڻ ۽ رومال ۾ ويڙهي ڳالهه پهچائڻ جو بهترين طريقو آهن. ٻين لفظن ۾ Code words آهن. جيڪي سمجهو ڪي سمجهن. تمام آڳاٽي زماني کان سنڌ ۾ اهو طريقو رائج آهي. عاشق محبوب ڏانهن ۽ دوست دوستن يا دشمنن ڏانهن نياپا موڪليندا رهن ٿا. ڳجهارت ۾ لڪ نياپو گهڻي ڀاڱي لفظن جي صورت ۾ ٿيندو آهي. اهي لفظ ۽ جملا اڪثر ڪري ترنم وارا ٿين ٿا. تنهن کان سواءِ ڪا شئي يا سوکڙي وَٽُ





موڪلي ڳجهه پروڙرايو ويندو آهي. جيئن اڄ به جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڏانهن رومال وغيره سوکڙي موڪلي ته سمجهيو ويندو آهي ته پيار ۽ محبت جو سنيهو آهي.

ڳجهارت جو فن به تمام گهڻو آڳاٽو آهي. سنڌ ۾ سومرن جي دور کان ملي ٿو. خاص ڪري نيم تاريخي داستانن عمر مارئيءَ، دودي چنيسر، سسئي پنهونءَ وغيره جي ڪهاڻين کي موضوع بڻائي ڳجهارتون ڏنيون وينديون هيون. ان کان پهريان به يقينن اهو فن موجود هوندو، پر جيئن ته ثابتي نه ٿي ملي، تنهنڪري ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي.

ڳجهارتن جا به مختلف قسم آهن. جيئن:

1: سريليون يا سرائتيون ڳجهارتون، جن ۾ مختلف داستان جهڙوڪ: مومل راڻو، عمر مارئي، ليلا مجنون، هير رانجهو، سهڻي ميهار وغيره موضوع هوندا آهن.

2: بي سريون يا بنا سر واريون ڳجهارتون، جن ۾ ڪنهن به سر جو قيد نه هوندو آهي. انهن ۾ سگهڙ ڪنهن به موضوع يا خيال کي سامهون رکي ڳجهارت ڏئي سگهي ٿو.

اهي ڳجهارتون بيتن ۽ ڏوهيڙن وغيره جي صورت ۾ هڪ سٽيون، ٻه سٽيون، ٽه سٽيون يا وڌيڪ سٽيون وڏي ڏوهيڙي جي شڪل ۾ پڻ ڏنيون وينديون آهن.

ڳجهارت ڏيڻ ۽ پڇڻ جو طريقو به ڏسڻ وٽان هوندو آهي. ڏيڻ وارو ڪچهريءَ ۾ ڪنهن سگهڙ يا سيني کي چوندو اچي ٿي، اڳلا چوندا، ڀلي ڪري اچي! جي جي ڪري اچي وغيره. ڳجهارت اچڻ کان پوءِ پڇڻ وارو همراهه جيڪڏهن سمجهندو ته ان ۾ ڪو وڻ جو قسم يا وڻ لڪل آهي ۽ ان جي نالي ڪٽڻ سان پڇي پوندي ته سڄيءَ دنيا جي وڻن جا نالا ايڏا ته تڪڙا ڪٽندو جو ٻڌي حيراني وٺي ويندي ته همراهه کي اهي ياد ڪيئن ٿيا آهن! اهڙيءَ ريت جيڪڏهن ماڻهن جي نالن يا جانورن جي نالن ۾ پڇندي ته اهي به ساڳيءَ ريت ورتا ويندا. ڳجهارت جو اُصول آهي ته ان جي جواب جو جيڪڏهن چاليهون حصو يا پتي ٻڌائي وئي ته پڇي پوندي، پوءِ ڪچهريءَ ۾ هُوڪرا پئجي ويندا ته سائين وئي، سائين پڇي پئي وغيره. پوءِ سڄي ڪري

يعنيٰ ان جي مڪمل پڇاڙي ۾ مطلب ٻڌائيندو. جيستائين ڏنل ڳجهارت نه پڄندي تيستائين چوندا، بچي ايا بچي، اڳتي هل وغيره. (هن ڪان اڳ ۾ ڳجهارت جي ڪچهريءَ جا قانون تفصيل سان لکيا ويا آهن.)

## رسالو ڳجهارت

سنڌ جا سگهڙ توڙي ٻين شعبن سان تعلق رکندڙ سنڌي ماڻهون شاهه سائينءَ سان تمام گهڻي عقيدت رکن ٿا. سگهڙن جي اها ڪچهري ٻتي هوندي آهي، جنهن ۾ هو شاهه لطيف جو بيت نه پڙهن يا ذڪر نه ڪن. اهو ئي سبب آهي ته هُنن ڳجهارت جو هڪ الڳ قسم شاهه سائينءَ جي رسالي لاءِ مخصوص ڪيو آهي، جنهن ۾ شاهه سائينءَ، سندس بيت يا ڪردار بابت ڳجهارت ڏيندا آهن. ان سان شاهه لطيف جي پيغام پکيڙڻ ۾ سندس بيت ياد ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ملي ٿي. هر سگهڙ شاهه سائينءَ جا بيت ان ڪري به ياد ڪندو آهي ته متان ڪچهريءَ ۾ رسالي ڳجهارت ڪي پڇاڙو پئي ۽ نه پڄڻ جي صورت ۾ لڄي ٿيڻو پئي. ان ڪان سواءِ هو شاهه سائينءَ جي مختلف سرن مان به ڳجهارتون ڏيندا آهن، جن کي سرائتيون ڳجهارتون چئجي ٿو. پر انهن سرائتين ڳجهارتن ۾ شاهه جي سرن ۽ ڪردارن کان سواءِ اهڙن سرن جون به ڳجهارتون ڏين، جيڪي شاهه جي رسالي ۾ ناهن. مثال: هير رانجهو، شيرين فرهاد، ليلا مجنون وغيره مطلب ته رسالو ڳجهارت گهڻي ڀاڱي رسالي تائين محدود آهي. هيٺ نموني خاطر عاجز رحمت **الله** لاشاريءَ جي هڪ رسالو ڳجهارت ڏجي ٿي.

ڏيڻي: ليڪو مهانگو جر جو، ٻولي شهادت
ٻولي عبادت، نالو نالو پرينءَ جو

پيڇڻي: لفظن جي معنيٰ: ليڪو= ملهه، جر جو= قطرو، ٻولي = سِڪڻ، ٻولي= اسان، نالو= نظر، نالو= ناز

سڄي: ملهه مهانگو قطرو، سڪڻ شهادت
اسان عبادت، نظر ناز پرينءَ جو





(سر ڪلياڻ)

## گُرچيلو/ ڳاٽوءَ جا بيت

هندي ٻوليءَ ۾ گرو ۽ چيلي واري شاعري گهڻي ملي ٿي، ان اثر هيٺ سنڌي سگهڙ به ان موضوع تي ڪلام چون ٿا. گرو ۽ چيلو به ڪردار آهن. گرو استاد ۽ چيلو شاگرد آهي، سوالن جوابن وسيلي هن صنف ۾ نصيحت ۽ هدايت واري شاعري ڪئي وڃي ٿي. سنڌيءَ ۾ ان کي ڳاٽوءَ جا بيت به چيو وڃي ٿو.

هي ٻئي ڪردار پاڻ ۾ ڳالهائن ٿا. هڪ ٻئي کي سمجهن ۽ سمجهائن ٿا. سگهڙ روايتي گرچيلن ۾ انهن ڪردارن جا نالا به ڏيندا آهن. هيءُ ڳجهارت جو ئي نمونو آهي، جنهن ۾ هڪ سگهڙ گرو يا چيلو ٿي ٻئي/ ٻين کي ڳجهارت ڏيندو. مثال لاءِ سگهڙ لقمان ڪوڪر جو سنڌي گرچيلو ڏجي ٿو، جنهن ۾ ڳاٽوءَ (گرو) کان سوال پڇيو ويو آهي:

زال مڙس سان نهي نه ٿي
ملان جي مانيءَ سان پوي نه ٿي
گهوڙو نه ڪائي گاهه.
ڳڻ ڳاٽو ڪهڙي ڳالهه؟

**پيڇڻي**: پسند ناهي

وضاحت:

- مڙس پوڙهو ۽ زال جوان آهي، اهو مڙس زال کي پسند ناهي، تڏهن پاڻ ۾ نه ٿا نهن.
- ماني اَٽي ۽ رُکي آهي، ملان کي اها ماني پسند ناهي، تڏهن نه ٿو کائي.
- گهوڙو گاهه نه ٿو کائي، چاڪاڻ ته گهوڙي جي پسند جو گاهه ناهي.

هتي سگهڙ گروءَ کي ڳاٽو چيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ڳڻ، سوچ ويچار ڪندڙ. فقير هدايت علي رڏ جو گرچيلو هن ريت آهي:

سوال: انگريز اُس نه هلي، اڪين ڪتر پيو

اونهون کوهه کڄي، هي ٻڌايو ته ڳالهه پڇي

**جواب**: سائين چشمو ناهي.

ڳجهارت حقيقت ۾ آهي ئي سوال جواب يا ڪسوٽي. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو ته: "ڪڇهريءَ ۾ ٻئي وڪر سان گڏ "گروچيلي" جون پروليون به پيش ڪندا آهن، جن ۾ عجيب لطف هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته **ٽن سوالن** جو جواب **هڪ ئي ڏڪ** سان ملندو آهي. اڳتي لکي ٿو ته "جيتوڻيڪ اهي پروليون 'سنڌي' آهن پر جيڪڏهن سندن پيرو کڻبو ته اصليت جون پاڙون امير خسرو (601_750هه) جي "دو سخنه هندي" پرولين ۾ نظر اچن ٿيون. سنڌي پرولين ۾ مَٽَ سَٽَ ۽ ڪاٽ ڪوٽ ڪيل آهي پر تڏهن به ڪيترين پرولين مان اصليت جي خوشبوءِ اچي رهي آهي.

مثال:

روٽي جلي ڪيون؟
گهوڙا اڙا ڪيون؟
پان سڙا ڪيون؟

**جواب**: ڦيرا نه ٿا

انهيءَ پروليءَ کان متاثر ٿي سنڌي سگهڙن پنهنجي ٻڌَ. هن ريت ٻڌي؛

گرو: روٽي سڙي، گهوڙي اڙي
وِديا وسري، چئه چيلا ڇا بات؟

**چيلو جواب**: گروجي! ڦيري نه آهي

ماني به ڦيري (اٿلائي) نه ويئي، جنهن ڪري سڙي وئي. گهوڙي به ڦيري يا گهمائي نه ويئي، جنهن ڪري گهُه ڪيائين. وِديا (علم) به ڦيري (دَور) نه ويئي، تڏهن وسري ويئي"

(ڪتاب: **لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو**، ص 31)

**ڏور**:

ڏور لفظ ڏورڻ مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي جاڪوڙ،





جستجو ڪرڻ يا ڳولڻ، ڳڌارڻ وغيره. جيئن عام چوڻي به آهي ته "ڏوربون وينا، يا ڏوربون وينو ڏور". ڏور به بيت جو هڪ قسم آهي. جنهن کي چيو ئي ڏور بيت وڃي ٿو. ڏور جي معنيٰ ڏاڳو يا ڏوري به آهي. هي بيت يا ڏوهيڙا نبي ڪريم يا ٻين نبين جي معجزن ۽ اسلامي قصن تي ٻڌل ٿين ٿا. هنن ۾ هڪ تمثيل ٿئي ٿي يعني هي هڪ لڙهيءَ مثل ٿين ٿا. هڪ رايو اهو به آهي ته تمثيل جي انداز ۾ پيش ٿيڻ ڪري به انهن کي ڏور بيت يعني هڪ ڏاڳي ۾ پوپل يا پرويل بيت چئجي ٿو.

انهن بيتن ۾ اسلامي قصا ڪي سڌو سنئون ڪونه بيان ڪيا ويندا آهن. انهن کي اهڃاڻي يا لڪ واري انداز ۾ ڳايو ويندو آهي ۽ پوءِ ڪڇهريءَ ۾ ويٺل ان کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته اِها ڳالهه يا قصو فلاڻي نبيءَ يا حضرت محمد جي فلاڻي معجزي يا واقعي تي ٻڌل آهي. الهه بخش نظاماڻيءَ جي راءِ مطابق "ڏور جي شروعات ارڙهين صديءَ ڌاري ٿي،جڏهن درويشن، ولين ۽ اسلامي عالمن جو شعور وڌيل آهي."

(**سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ**_ ص_ 40)

سگهڙن ڏور کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي:

1: پنج تن: يعنيٰ حضرت محمد، حضرت علي ، حضرت بي بي فاطمه الزهرا ، حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين.

2: سوا لک: حضور ڪريم کان سواءِ ٻين پيغمبرن بابت.

3: ٻاهر: پنجن تنن ۽ سوا لک نبين کان سواءِ الله پاڪ جي قدرت ۽ طاقت ۽ اصحابن ۽ ولين جي ڪرامتن جو ذڪر هجي يعني قدرت ۽ وليت.

هتي پنجن تنن مان هڪ ڏور بيت ڏجي ٿو:

اڇي ظاهر ٿيو، پوش منجهون پنجي
ڪاري رات ڪهان گئي، ماهه ڪِڙيا منجي
ٽن واڻ وڄجي، جن جا هيڏا جوهر "جلال" چئي.
شاعر: جلال ڪتي

تمثيل: زيب= نور_ پوش= حضرت محمد جو وات مبارڪ، ماهه= ڏند مبارڪ

مراد: ھڪ دفعي رات جو ڪپڙن سبندي حضرت بي بي عائشہ رضہ جي سئي ھٿ مان ھيٺ زمين تي ڪري پئي. پاڻ گھڻوئي ڳولھيائون پر لھي نہ سگھيون. ڏيئو بہ ھوا لڳڻ سبب گُل ٿي ويو ھو. جڏھن پاڻ سڳورا صہ آيا تڏھن حال ٻڌي ٿورو مرڪيا تہ سندن ڏند مبارڪ ظاھر ٿي پيو جنھنجي چمڪ تي سئي ڏسڻ ۾ آئي.

## هُنر:

ھُنر جي معنيٰ آھي فن يا ڪاريگري، ڏنو وڃي تہ سيئي لطيف فن جھڙوڪ: شاعري، موسيقي، چتر ڪاري وغيره انساني ھنر جا شاھڪار آھن. تخليقڪار پنھنجيءَ ذات، ڏانءَ ۽ ھُنر وسيلي عام شين کي اھڙو تہ خاص بڻائي ڇڏيندا آھن جو اھي نہ رڳو ماڻھن جي دلين کي موھي، چاھ وڌائي ۽ سڪون پھچائيندا آھن پر ڪڏھن بہ مرندا ناھن. صديون گذري چڪيون آھن پر سنڌ جو اساسي شعر، ادب ۽ راڳ وغيره اڃا تائين زنده آھي.

زندگيءَ جي عام وھنوار ۾ بہ ھُنر ۽ ڪاريگريءَ جو اھم ڪردار آھي. ڪنھن بہ ضرورت جي شئي مثال: کٽ، ڪُرسي، ميز وغيره ٺاھڻ لاءِ بہ ھُنر جي ضرورت پئي ٿي پر اھي ٺاھڻ لاءِ ڪنھن عام شئي، جيئن ڪاٺ وغيره کي گھڙڻو پئي ٿو. پوءِ ئي وڃي ڪا سھڻي شئي جُڙي ٿي. ساڳيءَ ريت جڳ مشھور ڏاھي علامہ آءِ آءِ قاضيءَ چواڻي "لغت جي لحاظ سان لفظ ادب جي معنيٰ ريڙھيون ڏيندڙ ٻار کي پنڌ سيکارڻ يا پنھنجي سنڌي اصطلاح موجب ڄڻ اڻگھڙيل ڪاٺ کي رندو ھڻي سِڌو ڪرڻ. انھيءَ لحاظ سان ئي اسان جي معاشري ۾ اُستاد مقرر ٿيندا ھئا، جن کي اديب سڏيو ويندو ھو. ڇاڪاڻ تہ تعليم سان گڏ ٻار جي تاديب بہ سندن ذمي ھُئي."

جيئن تہ ھنر بہ لوڪ ادب جي شاخ آھي. تنھنڪري ان وسيلي ٻوليءَ جي عام لفظن کي خاص ڪاريگريءَ سان ڳنڍي اھڙي تہ سھڻي جنس جوڙي وڃي ٿي جو ٻڌندڙ ۽ پڙھندڙ کان واھ واھ نڪري وڃي ٿي. سنڌي لوڪ ادب ۾ ھُنر جي بيتن جو طريقو اِھو ھوندو آھي تہ لفظ جي اصل معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ڪڍي ويندي آھي. ان ۾ لفظن جي پيچڻ ۽ گڏڻ وسيلي بہ ڪا انوکي معنيٰ ڪڍي وڃي ٿي.





"ھُنر بہ ڳجھارت جو ھڪ قسم آھي. ھن ۾ قسمين ۽ عجيب رنگ ۽ ڍنگ ۾ ڏوھيڙا چيل ھوندا آھن. جن جي ظاھري معنيٰ تہ آسان پئي لڳندي آھي پر سگھڙ جنھن وقت ويھي انھن جي اونھي معنيٰ تفصيلوار بيان ڪندا آھن ان وقت ڳجھيءَ ڳوڙھيءَ معنيٰ جي راز جو پتو پوي ٿو ۽ ٻڌندڙن کي تعجب لڳيو وڃي."

(**الھہ بخش نظاماڻي۔ سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ۔** ص۔ 32)

ھُنر جا پڻ مختلف قسم آھن، جيئن 1: سرائتا ھنر يعنيٰ لوڪ داستانن جي مختلف سرن تي ٻڌل. 2: چيروان(چيريل) ھنر: ان ۾ ھنر واري بيت يا ڏوھيڙي جي ھر بند جو پويون لفظ ساڳيو ھوندو آھي. مثال لاءِ ھيٺ ھنر ڏجن ٿا.

ھيءُ ھنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آھي ۽ ھن بيت جي آخري لفظ جي معنيٰ ٿيندي، جيڪا تجنيسي پاڃ جي ڪوشش سان مراد سمجھائي وئي آھي ۽ ھر ھڪ آخري لفظ جي معنيٰ جدا جدا بيھندي، يعني ھڪ اکر وارو ھنر.

مارونئڙا ملڪ ۾ پائن عمر ٻانھوٺي،
ڪٺي آئين ڪوھہ تان عمر ٻانھوٺي،
ڪڏنھن ڏٺا ھيم ڪينڪي ائين عمر ٻانھوٺي
سونھن توکي سومرا ڪا عمر ٻانھوٺي
تو عمر ٻانھوٺي، اصل نہ پايان عبدالرحمٰن چوي

1. ٻانھوٺي= ٻانھن ۾ سٺ جي ٺاھيل سھڻي پٽي ٻڌڻ.
2. ٻانھوٺي= ٻانھن+وٺي= ٻانھن وٺي
3. ٻانھوٺي= ٻيا+اوٺي= ٻيا اوٺي
4. ٻانھوٺي= ٻي+ھاٺي= ٻي ھاٺي (جوڙ جيس)
5. ٻانھوٺي= ٻانھين+وٺي= ٻانھين وٺي

1) وڏي وار تي ٻانھن ۾ ٻنھوٺي مارو ٻڌن.
2) اي عمر بادشاھ تون ڪوھہ تان ڪٺي پڪڙي منھنجي ٻانھن وٺي آئين.
3) اي عمر بادشاھ تو جھڙا مون ڪڏھن ٻيا اوٺي نہ ڏٺا جيڪي پرائي زال

ڪٽي وڃن.

4) اي سومرا تو کي ڪا جوڙ جيس زال جڳائي مون تنهنجي لائق نہ آهيان.

5) اي عمر بادشاهہ توکان سون يا چانديءَ جي ٻانهين وٺي ڪو نہ پائيندس.

(**سگهڙ عبدالرحمان مهيسر**)

## ٽوڪ:

ٽوڪ لفظ جي معنيٰ آهي شئي يا وٽ. سنڌيءَ ۾ اهو لفظ هاڻي عام استعمال ۾ تہ ناهي پر لوڪ ادب کان سواءِ اساسي شاعريءَ ۾ ڪتب آيو آهي. سورهينءَ صديءَ عيسويءَ ۾ شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري (ڄم: 20 هين شعبان 944هہ مطابق 20 جنوري 1538ع_ وفات: ستين ذوالقعد 1032هہ) پنهنجي ڪلام ۾ لفظ ٽوڪ ڪم آندو آهي.

هنيون ڏجي حبيب کي، لڳ ڳنڍجن لوڪ
ڳنڍيون ۽ ڪروتون، اي پڻ سڀڙ ٽوڪ

ٿلهي ليکي جيئن سڀ صنفون هنر آهن تئين لوڪ ادب جون سموريون وٽون ۽ صنفون ٽوڪ آهن پر ٽوڪ يا شئي جي پنهنجي بيهڪ، جوڙجڪ، ڏيک ويک ۽ خاصيت ٿئي ٿي. لوڪ ادب ۾ ٽوڪ اهڙيءَ منظوم صنف کي چئجي ٿو، جنهن ۾ ڪن بہ چئن ٻين شين لاءِ سڌيءَ يا اڻسڌيءَ طرح سنائي بيان ٿيل هجي. ان جي آخر ۾ وراڻيءَ طور "ٽڪا مڙئي روڪ چڱا" وغيره استعمال ڪيو ويندو آهي. مثال:

اول ۾ الله پلو، پير کان ويساهہ پلو
اهي چارئي ٽوڪ چڱا، ٽڪا مڙئي روڪ چڱا

## ڏهس/ويهس/ٽيهس/ چاليهس

ڏهس لوڪ ادب ۾ اهڙي بيت يا ڏوهيڙي کي چئجي ٿو، جنهن ۾ ڪنهن بہ هڪ شئي جا ڏهہ نالا ڏنا وڃن. ان وسيلي سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي ذخيري ۽ سگهڙن جي ڄاڻ جي پروڙ پئجي سگهي ٿي. گهڻو ڪري اڻپڙهيل سگهڙن جي ڄاڻ جي پروڙ پئجي سگهي ٿي. گهڻو ڪري اڻپڙهيل سگهڙ،





جيڪڏهن ڪين ڪنهن هڪ شئي جا سنڌيءَ ۾ ڏهہ نالا نہ ملندا تہ ٻين ٻولين جهڙوڪ: عربيءَ، فارسيءَ، هنديءَ، بلوچيءَ، پنجابيءَ ۽ سنسڪرت وغيره مان هٿ ڪري پورت ڪري وٺندا آهن يا وري ساڳيءَ جنس/شئي جا مختلف قسم بيان ڪندا آهن. الهہ بخش نظاماڻيءَ جي راءِ ۾ "ڏهس جا بيت سينگار وانگي اصل هندي دوهن بيتن جو تتبع آهن. سنڌي شاعرن هندي دوهن کان متاثر ٿي پنهنجي فضا ۽ ماحول موجب اهي بيت ۽ ڏوهيڙا چيا ۽ ڳايا آهن." (سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ_ ص_ 45)

ڏهس ۾ محبوب جي ساراهہ مختلف جانورن ۽ پکين جي نالن کان سواءِ سائينءَ جي قدرت، نبي ڪريم ۽ ٻين نبين امامن، ولين ۽ بزرگن جو شان بہ بيان ڪيو ويندو آهي. ڏهس کي ڏهس سينگار بہ سڏن. ان لحاظ سان اهو سينگار جو هڪ قسم آهي.

اها صنف آهي تہ تمام گهڻي اڳاٽي پر ان کي ارڙهينءَ صديءَ ۾ تمام گهڻي هٿي ملي، جنهن جو سبب اهو آهي تہ ان وقت سنڌ جي تعليمي نصاب ۾ سنڌيءَ سان گڏ مختلف ٻولين جهڙوڪ: عربيءَ ۽ فارسيءَ جا لفظ بہ پڙهايا ويندا هئا. ٻارن کي درسگاهن ۾ ڏوايو (ٻہ وايو= ٻن معنائن وارو) ۽ سِوايو (ٽوايو= ٽن معنائن وارو) پڙهائيندا هئا. اهڙيءَ ريت ٻار سنڌيءَ کان سواءِ وڏا ٿي پرپاسي ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين بہ ڄاڻي وٺندا هئا.

هونءَ بہ اسلام جي ڪري عربيءَ ۽ حُڪمرانن جي ڪري فارسيءَ سنڌ تي راڄ ڪيو آهي، تنهنڪري عام ماڻهو بہ انهن ٻولين جا لفظ سولائيءَ سان ڪتب آڻيندو هو/ آهي. هن وقت بہ سنڌي ٻار سنڌيءَ سان گڏ عربي، اردو ۽ انگريزي ٻولي پڙهي ٿو ۽ انهن ٻولين جو اثر قبولي ٿو. اهو اثر سڄي زندگي برقرار رهي ٿو.

ڊاڪٽر سنديلي صاحب سگهڙ جلال پٽي جي حوالي سان لکيو آهي تہ "ڏهس اهڙي بيت کي چئبو، جنهن ۾ اهو شرط اولين آهي تہ آيل لفظ محبوب جي خوبين يا وصفن جي نمايان ترجماني ڪن." (لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو_ ص_ 180)

اسان جا سگهڙ هاڻي ڏهس کان اڳتي نڪري ويهس، ٽيهس ۽ چاليهس تائين وڃي پهتا آهن، جنهن تي ڪين جَس هُجي. هن ڪتاب ۾ اهڙا

مثال پيش ڪيا ويا آهن هيٺ ڏهس ۽ ٻٽو ڏهس نموني خاطر پيش ڪجي ٿو.

**ڏهس**

گلالڪ گوهر غازيءَ جا، وار ويتر ونگ وڄهن
فِٽَ فياض فضليت ور جا، ڏسي مار مرن
ڪاڪل ڪيس ڪاريهر ڪي، تفنگ تير هڻن
پڙيندا پاڳ پرئي جا، ڏسي پيرا پوَنگ ڏين
زلف زياده ذهب ڪان، رباني رنگ ٿهن
اڳ اڳرا اپسرا گيسو، شهر تلنگ وڃن
جي مار سياه ڪلي ميم مراقبي ، ڏسي پٽ پون
جن ڪي لڳا امنگ عجيبن، ڪندا بيان ”بحرالدين“ چئي.

**بحرالدين شنباڻي**

**ٻٽو ڏهس**

پب، پگ، پائون، پايا، پد، پاڪ پرين جا پير
ريٽا، رتول، رتڙا، ارتا، احمر، پنيا پلي پير
فاز ، فيٽ ، چرن، چمان لهن من جا مير
ڪڪا، ڪڪور، ڪهنبا، جيئن ڳاڙها ٻيرين ٻير
نين نازڪ_نتاڪ_ نازپري جا سهڻا جن جا سير
سي ”گل ملڪ“ مور مٿير، جن جي اُڪير عرش ڪي

**گل حسن ”گل“ ملڪ**

## سينگار:

سينگار لوڪ ادب ۾ اهڙي بيت کي چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ محبوب جي سورهن سينگارن، ڳهڻ ڳٺن ۽ سونهن وغيره جي واکاڻ ٿيل هُجي. هونءَ بہ سونهن ۽ سينگار شاعر توڙي سگهڙ جي فطري ڪمزوري رهيا آهن. دنيا جو شايد ئي ڪو شاعر هُجي، جنهن محبوب جو ذڪر تہ ڪيو هُجي پر سندس سينگار جو ذڪر نہ ڪيو هُجي.

سينگار نيٺ عشقيا صنف آهي، پوءِ اهو محبوب مجازي هُجي يا





حقيقي. نبي ڪريم ﷺ کي پنهنجو محبوب سمجهي سينگار ۾ ساراهيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو بنياد هندي دوها چيا وڃن ٿا. انهن دوهن کي سنڌ جي شاعرن ۽ سگهڙن پنهنجو رنگ ڏئي سينگار بڻائي ڇڏيو. اُردوءَ ۽ هنديءَ ۾ سينگار کي سِنگهار چيو وڃي ٿو، جنهن جي معنىٰ ٺاهہ ٺوهہ ۽ سجاوٽ آهي.

سينگار جي بيتن ۾ تشبيهن ۽ استعارن جي اُٽت اهڙي تہ من موهيندڙ هوندي آهي جو ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ سرور ۾ اچي ويندو آهي ۽ اُن مان محبوب جي سونهن جو تجلو نظر ايندو آهي. سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ جيڪي محبوب جي سونهن جي باري ۾ بيت چيل آهن، انهن کي جيڪڏهن سينگار بيت سڏجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. اهو سلسلو اڄ جي جديد شاعرن تائين هلندو اچي پيو ۽ هلندو رهندو. ان سلسلي ۾ مثال لاءِ هڪ ڪلاسيڪي ۽ هڪ جديد شعر ڏجي ٿو.

چندَ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرينءَ سين
تون اڇو ۾ رات، سڄڻ نِت سوجهرا
(شاهہ لطيف)

صاف ڪير جيئن، جوڀن تنهنجو
نرم مکڻ جيئن، تن من تنهنجو
ڪير مکڻ سڀ سهڻي آ
چنڊ تہ آهي چاچ چڙي ووا!
(نارائڻ شيام)

مٿيان بيت سڌا سنوان سينگار جا بيت تہ نہ ٿا چئي سگهجن پر انهن ۾ محبوب جي سونهن ۽ سينگار جو ذڪر آهي. هاڻي هيٺ اهڙو بيت ڏجي ٿو، جيڪو سگهڙ ”بردي“ جو آهي ۽ ان کي سينگار بيت سڏجي ٿو.

سون ورني سهڻي، اڌر عجب گل رنگ
ڪيسرِ لنکي ڪامڻي، ڪومل نين ڪُرنگ
ناس ڪکيلو، ڪوئل بيني، پرون پئونر پوَنگ

تَليھر وڏ تَرنگ، تي بيھوش ڪِري ”بردو“ چئي

(اَڏَر= چپ_ ناس= نڪ_ ڪڪيلو= چَتون/طوطو_بيني=آواز_ پَوَنگ=نانگ)

اھا سون جي رنگ جھڙي آھي ۽ چپ گلاب جي گل جھڙا، نڪ طوطي جيان، آواز ڪوئل جھڙو ۽ پرون نانگ جھڙا اٿس.

عورت جي سورھن سينگارن جي جيڪا ڳالھ ڪئي ويندي آھي، سگھڙن پاران انھن کي چئن حصن ۾ ورھائي پيش ڪيو ويو آھي. (1) چار چلنت (ھلندڙ جانور)، (2) چار اڏنت (اڏرندڙ پکي)، (3) چار قول (گل)، (4) چار قل (ميوا). انھن شين جي خوبين کي عورت جي سينگار سان ڀيٽيو ويو آھي.

**چار ھلندڙ:** (1) مرگھ نيني (ھرڻ اکي)، (2) ڪيھر لڪي (شينھن جھڙي چيلھ)، (3) اَسپ (گھوڙي جھڙو ناز نخرو)، (4) رد/ ھاٿي (ھاٿيءَ جھڙو ھلڻ)

**چار اُڏندڙ:** (1) ڪڪيلو (طوطو) =نڪ طوطي جھڙو، (2) ڪوئل= ڳالھائڻ ڪوئل جھڙو مٺو، (3) مور=ڳچي مور جيان ڏِگھي ۽ سنھي، (4) پونر (پونئر پکي ته ناھي پر اڏامندڙ ڪارو جيتا مڙو آھي) = پرون ڪارا ائين ھجن جيئن چمپي گل تي پونر.

**چار ميوا:** (1) ڪيلو= ھٿ ڪيلي جي ڦريءَ جھڙا نرم، (2) انار (ڏاڙھون) ڏند ڏاڙھونءَ جي داڻن جھڙا سھڻا، (3)سوپاري= ڳُڙي سوپاريءَ جيان ننڍڙي ۽ گول ھجي، (4) ناريل= ڪامڻيءَ جا پستان سندس چوليءَ اندران ناريل وانگر لڳن.

**چار قول (گل):** (1) گلاب= چپ ۽ ڳل گلاب جھڙا، (2) سوسن= وار سوسن جي گل جھڙا ڪارا، (3) ڪيسر= بدن ڪيسر (گل زعفران) وانگر سدا بھار ۽ خوشبوءِ وارو، (4) ڪنول= منھن ڪنول جي گل جھڙو خوبصورت.

ضروري ناھي ته ھر ڪو سگھڙ رڳو اھي ئي چار چلنت، چار اڏنت، چار قول ۽ چار قل پنھنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪم آڻي. پنھنجيءَ پسند مطابق





تشبيھون تبديل ڪري سگھي ٿو. مٿي رڳو سمجھائڻ لاءِ نالا ڏنا ويا آھن.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي ڪتاب ”لوڪ ادب جي تحقيقي جائزي مان مٿيون وضاحتون ڏنيون ويون آھن. ھو رام گلام رام جي ڪتاب ’رام گلام شبد ڪوش‘، جيڪو لڪشمي وينڪٽيشور ڇاپي خاني ڪلياڻ، سنبت 1967ع ۾ ڇپرايو، جي حوالي سان عورت جا ھيٺيان سورھن مجازي يا مصنوعي سينگار بيان ڪري ٿو:

(1)بدن صاف ڪرڻ، (2) وھنجڻ، (3) صاف پوشاڪ پھرڻ، (4) ڪجل لڳائڻ، (5) لاک جي رنگ سان پير ڳاڙھا ڪرڻ، (6) وار سنوارڻ، (7) سينڌ پرڻ، (8) نرڙ تي تلڪ ڪڍڻ، (9) ميندي لڳائڻ، (10) ڪاڏيءَ تي تل ڪڍڻ، (11) بدن کي خوشبوءِ لڳائڻ، (12) زيور پائڻ، (13) گلن جو ھار وارن جي چوٽيءَ ۾ ويڙھڻ، (14) پان کائڻ، (15) ڏندن کي مِسي ھڻڻ، (16) لبن کي لال ڪرڻ. (صفحو_143)

اھي سيئي سينگار ھاڻي جديد طريقن سان ڪيا وڃن ٿا. پراڻا وکر به نئين انداز سان بازارن مان ملن ٿا. ھر خطي ۾ طور طريقا به ڪجھ مختلف آھن. جيئن ھندو ڌرم ۾ تلڪ ٿئي، جڏھن ته سنڌ ۾ شھرن ۽ ٻھراڙين ۾ عورتون پنھنجي طريقي سان پاڻ کي سينگارن. جنھن جي شاعر عڪاسي پڻ ڪن ٿا.

## سَتَ سُريون:

سَتَ سرا به بيت جو ھڪ قسم آھن. جنھن ۾ سَتَ سر سَمايل ھوندا آھن پر ھرون پرون اھو لازمي به نه ھوندو آھي ته پورا سَتَ سر ھُجن تي يا چار به ٿي سگھن ٿا. ان ڪري انھن مان ڪن بيتن کي دوراھا به چئي سگھبو آھي، چاڪاڻ ته ڪن دوراھن ۾ ٻن ڪان وڌيڪ سر به ٿين ٿا. سَتن سرن ۾ به ظاھري طرح ھڪ ته ڳجھي نموني ٻي معنىٰ ٿيندي آھي، جيڪا سگھڙ ئي سمجھائي سگھندا آھن. سنڌ ۾ ھڪ پھاڪو به آھي ته ”مات ڪر ته ٻڌايانءِ نه سَتَ سريون!، ھتي سَتَ سرين ٻڌائڻ جو مطلب گھٽ وڌ ڳالھائڻ يا ڪَچو چنو ظاھر ڪرڻ آھي. سَتَ سرا بيت لوڪ ادب جي مختلف صنفن جھڙوڪ ڳجھارت ۽ ھُنر ۾ ھڪ سر يا مختلف سرن تي ٻڌل به ٿيندا آھن.

ست سريءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ چار سر يا موضوع ۽ ستن کان وڌيڪ اَٺَ نوَن يا ڏهہ سر يا موضوع بہ ٿي سگهن ٿا. ائين ناهي تہ نون سرن وارن بيتن کي نوسرو سڏجي. انهن بيتن ۾ جيڪي سر عام طور ڪتب اچن ٿا انهن ۾ سسئي پنهون، مومل راڻو، عمر مارئي، سهڻي ميهار، ليلان چنيسر، سورٺ راءِ ڏياچ، هير رانجهو وغيره شامل آهن. ڳجهارتون بہ سَت سريون ٿينديون آهن. ڪتاب مان مثال ڏسي سگهجن ٿا.

## ٻول/پنجڪا:

هي ڏاهن ۽ سگهڙن جي تجربي ۽ مشاهدي جا چٽا مثال هوندا آهن، جيڪي زندگيءَ گهارڻ ۾ ڪارائتا ثابت ٿين ٿا. انهن سادن ٻولن ۾ تشبيهون ۽ استعارا وٽندڙ، ٻولي عام فهم ۽ وڏو فڪر سمايل هوندو آهي. انهن کي ٻهڳڻن جا ٻول پڻ چيو وڃي ٿو. ٻهراڙيءَ جا سياڻا ماڻهو پنهنجين ڪچهرين ۾ اهي گفتا يا ٻول ڪندا رهندا آهن، جن مان گهڻو ئي سبق پرايو ويندو آهي معنىٰ تہ اخلاقيات پکيڙڻ جو اهي هڪ بهترين ذريعو آهن. لوڪ ادب جي صنف ٻول بہ نظمي صورت ۾ آهي. اهي بيت ٻن بندن کان وٺي ويهن بلڪہ ٽيهن بندن تائين بہ ٻوليا ويندا آهن. ڪن ٿوڪ ۽ پنجڪا (پنجن ٻولن وارا) بہ ٻولن جا قسم آهن.

ان ۾ عام طور تي پنج ٻول شامل ڪيا ويندا آهن. پر سَتَ سريءَ وانگر هن ۾ بہ اها گنجائش هوندي آهي تہ پنجن کان گهٽ يا وڌ ٻول بہ جيڪڏهن ڪم آڻجن تہ بہ ان کي پنجڪا ئي چون. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو تہ ”پنجڪا“ پنج+ اِڪا= وار، پنجن (جي جوڙ) وارا. اها صنف جنهن ۾ پنجن ماڻهن يا پنجن شين جي لڇڻن، ڪلڇڻن، خوبين ۽ خاصيت جي پليءَ پَتِ اُپتار ڪيل هُجي. ٿي سگهي ٿو تہ پهريائين هڪ سگهڙ، ٻئي کان اهڙي قسم جا سوال ڪري، جواب طلب ڪيا هجن ۽ پوءِ سگهڙن عقل ويڙهائي سوال توڙي جواب پاڻ ئي ٺاهيا هجن.“ (لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ص ـ 55)

پنجئي نہ ٿيا 1: ڏچر (ٿور ڪائڪ) گهوڙي، 2: سچر (گهڻ ڪائڪ) زال، 3: چڊي ڪٽڪ 4: گهاٽا تر، 5: اُڏارو وهاڻُ





پوري چوٽي هن ريت آهن:

**پنجئي نہ ٿيا**

ڏُچر گهوڙي، سچر زال
چڊي ڪٽڪ، گهاٽا تر
اُڏارو وهاڻُ، پنجئي نہ ٿيا

(**لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو**، ص:55)

## سالڪن جا سخن/سچا سخن/نصيحت ڀريا ٻول/گفتا

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ سگهڙ پائيءَ جو لڳ ڀڳ سمورو فن نصيحت ۽ هدايت وارو آهي. هي همراهہ پاڻ سالڪ ۽ سچا آهن، اهو ئي سبب آهي تہ سندن سخن/ٻول سچا ۽ هدايت وارا آهن. زماني جي تجربن ۽ مشاهدن کي سامهون رکي ۽ ٻين سياڻن جي ڳالهين ۽ سبقن جي آڌار تي هڪٻئي خاص ڪري نوجوانن کي نصيحت ڪندا رهن ٿا. ڪنهن صنف ۾ سڌو تہ وري ڪنهن ۾ اڻسڌو پنهنجي پرچار ڪندا رهن ٿا. هُو ٻُرن جي صحبت کان پاسو ڪرڻ، نشي ۽ چوريءَ چڪاريءَ، ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ کان پري پچڻ جي صلاح ڏين ٿا، نصيحت واري ڪلام کي نصيحت نامو بہ سڏن. اهڙيءَ ريت محبت واري ڪلام کي محبت نامو، سنڌ جي سورن ۽ ساراهہ واري ڪلام کي سنڌ نامو چون. مطلب تہ جنهن موضوع تي ڪلام چون، گهڻي ڀاڱي ان کي اُهو ئي موضوع ڏين. ان ڳالهہ جي ثابتي ڪچهرين کان سواءِ سندن ڪتابن ۾ بہ ملندي. هتي نموني خاطر نصيحت وارو هڪ بيت ڏجي ٿو:

تعصب جنهن جي تن ۾، منهن تنهين کان موڙ
پيءُ ڏاڏو پاڻ پَڏائي، پيو اُبتي ڏيندو اوڙ
پڪڙا تنهن کان پريرا، جاني وڃي جوڙ
نہ خيما پنهنجا کوڙ، اهڙي آدميءَ وٽ عبدالرحمٰن چئي.

(عبدالرحمٰن مهيسر)

## چوڻي/ پهاڪو

پهاڪا يا چوڻيون (Proverbs and Sayings) ڪنهن به ٻوليءَ جي قدامت، تاريخ، تهذيب ۽ تجربن جون جيئريون جاڳنديون ثابتيون هونديون آهن. پهاڪي پٺيان ڪانه ڪا ڳالهه، مشاهدو يا تجربو هوندو آهي، جيڪو جنم ته ڪنهن هڪ جاءِ تي وٺندو آهي پر پکڙجي سڄي خطي ۾ ويندو آهي. پهاڪا دنيا جي سڀني سڌريل ٻولين ۾ آهن ۽ اهي به ٻولين جيترا قديم آهن. پهاڪي کي جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه، واقعي يا ڪهاڻيءَ جو پسمنظر ظاهر ڪندڙ موضوع سڏجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. هونءَ به ان جي لفظي معنيٰ اهڙو پهو يا رستو آهي، جيڪو اصل ڳالهه يا ڳجهه ڏانهن وٺي وڃي ۽ ڪا سنئين واٽ سنهائي. پهاڪي لفظ جو چيد پها= پهو يا رستو يا واٽ+ ڪو= پڇاڙي آهي.

پهاڪا ۽ چوڻيون قومن جي رهڻي ڪهڻي، رسم رواج، تاريخ ۽ ثقافت وغيره جا ترجمان هوندا آهن. سنڌيءَ ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون ڪلاسيڪي شاعرن جهڙوڪ: شاهه لطيف ۽ سچل سرمست وغيره جي ڪلام جي سٽن تي پڻ ٻڌل آهن. مثال:

1: سڄڻ ۽ ساٽيهه، ڪنهن اٿاسيءَ وسري
2: سچ تا مڙد چون، ڪنهن کي وٽي نه وٽي
3: ڏاند ته ڪاهي ويو جمعو پر اسان ائين به نه چئون

مٿيان پهريان ٻه پهاڪا شاهه ۽ سچل رحه جي بيتن منجهان آهن، جڏهن ته ٽيون پهاڪو هڪ واقعي جي پيداوار آهي،جيڪو هن ريت آهي ته هڪ ڳوٺ مان ڪنهن همراهه جو ڏاند چوري ٿي ويو. سو همراهه ٻئي ڳوٺ ۾ واهر سميت پيرا کڻي اچي پهتو.

ان ڳوٺ جي هڪ همراهه چور کي ڏٺو هو ۽ سڃاڻي ورتو هئائين. اتفاق سان پيرادين ان کان ئي اچي پڇيو ته ٻڌاءِ ته تو اسان جو ڏاند ته نه ڏٺو؟ اُن جي جواب ۾ هُن سِڌو سنئون چوڻ بدران دل ۾ اهو سوچيو ته جيڪڏهن چور جو نالو کڻندس ته مسئلو ٿي ويندو. تنهنڪري ڪو وچ وارو رستو وٺجي ۽ چيائين: ڏاند ته ڪاهي ويو جمعو پر اسان ائين به نه چئون مطلب ته هو پاڻ کي





به بچائي ويو ته واهرن کي به چور جو پتو ڏئي ويو.

سگهڙن پهاڪي کي الڳ صنف طور به ڪم آندو آهي. مثال لاءِ حسين بخش رڏ جو پهاڪي جو هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

بک نه پڇي ڳنڍڻ، ننڊ نه پڇي هنڌ
عشق نه پڇي ذات، پيار نه پڇي پنڌ
باهه نه پڇي ڪاٺ، واءُ نه پڇي رنڊ
گنجو نه پڇي ڦڻي، پٽ نه پڇي ڏند
موت نه پڇي مهل، ڪات نه پڇي ڪنڌ
بيت ۾ اهڙا بند، ڪنهن حريف چيا حسين بخش چئي

## اصطلاح:

اصطلاح جنهن کي انگريزيءَ ۾ Idiam چيو وڃي ٿو. ان جي سولي معنيٰ صلح ڪرڻ، ڪنهن لفظ جي ٻي معنيٰ مقرر ڪرڻ. مثال طور: هٿ پير هڻڻ= ڪوشش ڪرڻ يا جاکوڙڻ. هٿ ۽ پير جي چورڻ کي محنت ڪرڻ ۽ جاکوڙڻ جي معنيٰ ڏني وئي آهي. ٻيو مثال: نڪر پچڻ= ڪوڙو الزام لڳائڻ. نڪر پچڻ جي ظاهري يا اصلي معنيٰ ته نڪر کي ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ آهي پر ان جي رواجي معنيٰ الزام مڙهڻ آهي. اصطلاح سنڌي ٻوليءَ ۾ هزارن جي تعداد ۾ ملندا. اهي اسان جي ٻوليءَ جي شاهوڪار هُجڻ جي علامت آهن. انهن کي به لوڪ ادب جو حصو سمجهيو وڃي ٿو.

پهاڪي يا اصطلاح ۾ بنيادي فرق اهو آهي ته پهاڪي پٺيان ڪا ڪهاڻي يا واقعو هوندو آهي ۽ اهو هڪ جملي يا شعر جي ٻن ٽن بندن جيڏو به ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته اصطلاح ۾ ٻه يا ٽي لفظ هڪ ننڍڙي فقري ۾ ڳوڙهي معنيٰ رکن ٿا. ان کان سواءِ ڪجهه اصطلاحن کي به پهاڪن وانگر پسمنظر آهي، پر عام طور تي ائين ناهن.

## واقعاتي بيت:

لوڪ ادب ۾ هيءَ صنف واقعاتي شاعريءَ تي ٻڌل آهي. ڪنهن

واقعي کي شاعريءَ ۾ بيان ڪيو ويندو آهي. ڏنو وڃي ته هر شعر جي پسمنظر ۾ ڪا نه ڪا وارتا يا واقعو لڪل هوندو آهي پر لوڪ ادب جي هن صنف کان تاريخ جو ڪم وٺي ڪيترن ئي واقعن کي محفوظ ڪيو ويو آهي. لوڪ ادب سهيڙڻ واريءَ رٿا ۾ واقعاتي بيتن تي ٻڌل هڪ ڪتاب ڇپايو ويو آهي. اسان جي شاعرن ۾ ليڪن ڪيترن ئي واقعن کي شاعريءَ جو موضوع بڻايو آهي، ان حوالي سان تازو مثال محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت واري واقعي تي ڪيل شاعري به آهي.

هتي مثال خاطر شاعر مل محمود جي ڏکهي واقعاتي بيت مان ڪجهه سٽون ڏجن ٿيون، جيڪو بچو بادشاهه، پيرو وزير ۽ سندن ساٿين جي انگريزن سان لڙاين جي موضوع تي آهي.

ڏيهه ڏڪائي ڏيا سان، ڪيائون زير زبر
اک نه هُين انگريز تي، ٻيو ڪنهن نه متي ڪلتر
ماري سَوَ سپاهين جا، ٿي لوڙهيائون لشڪر
ڏسي هيبت حُرن جي،ٿي گهٽن ڇڏيا گهر
پوءِ اُتي ويا افسر انهن جي تاڻن پئي ٽڪون جهليون

**مناظرا:**

اڄ ڪلهه جي ٽي وي ٽاڪرن وانگر سگهڙ پنهنجيءَ شاعريءَ وسيلي ڪن به ٻن شين، ڪردارن ۽ عملن جو پاڻ ۾ مقابلو ڪرائيندا آهن. خوبيون ۽ خاميون بيان ڪري ڪنهن هڪ کي مات ڏياريندا آهن. هو ٽي وي ميزبان وانگر ڪو امين به مقرر ڪندا آهن، جيڪو ٻنهي جو فيصلو ڪندو آهي. هن قسم جي شعر ۾ مزاحيه عنصر وڌيڪ هوندو آهي. مناظرا لوڪ ادب ۾ شروع کان ئي هلندا اچن پيا. ڊاڪٽر بلوچ مناظرن جو جيڪو ڪتاب سهيڙيو آهي، ان ۾ هيٺيان موضوع ڏنل آهن: ٽوپي ۽ پڳ، زال ۽ مڙس، سس ۽ نُنهن، ٻيڙي ۽ حُقو، هاري ۽ گدڙ، ڏيڏري ۽ اُٺ، سگهڙ ۽ موتي، سسئي ۽ مارئي وغيره وغيره. (مثال لاءِ هن ڪتاب ۾ ڏنل مناظرا پڙهو)

**ڳاهه:**

ڳاهه بيت جو هڪ قسم آهي، پنهنجيءَ ڪچهريءَ ۾ سگهڙ بيت





ته ڏيندا آهن پر ڳاهن سان ڳالهين جو مزو ئي ٻيو آهي. ڪا ڳالهه ڪٿندا يا ڪو قصو يا داستان ٻڌائيندا ته ان ۾ چس پيدا ڪرڻ لاءِ موضوع سان ٺهڪندڙ بيت به لازمي ڏيندا/ جهونگاريندا آهن. جيئن دودي چنيسر، سسئي پنهونءَ وغيره جي ڳالهه ڪٿندا ته ان ۾ بيت به چوندا يا ڳائيندا.

**نڙ بيت:**

نڙ هڪ ٻوٽو آهي جيڪو سَرَ يا جوئر جي ٻوٽي وانگر هڪ ڏگهو ڪانو رکندو آهي. سَرَ جو ڪانو اندران پريل ٿيندو آهي جڏهن ته نڙ جو ڪانو هڪ pipe وانگر اندران پورو ٿيندو آهي. ڪاني کي صاف ڪري بينسريءَ يا بين وانگر ڦوڪ وارو ساز ٺاهيو ويندو آهي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڏنار ۽ سگهڙ وغيره اهو ساز وڄائي دل وندرائيندا آهن. نڙ تي بيت پڻ آلاپيندا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ نڙ جي وڄت بابت لکي ٿو ته، ”انهن آلاپن ۽ وڄت جو اهڙو ئي تعلق هوندو آهي، جهڙو سانوڻ جي گوڙ ۽ مينهن جو. نڙ جي وڄت جڻ هلڪي هلڪي گوڙ آهي، جا پنهنجي مسلسل ڏڏڪارن سان بيتن ڏيڻ واري کي اُڀاري، دل ڳاري سندس زبان مان بيتن جي آلاپ جا اهي ته وڏڦڙا وسائي ٿي، جو ٻڌندڙن جون دليون پچيو پون يا ڪٽي ائين چئجي ته انهن جو تعلق واءَ، باهه وارو آهي، نڙ جا مٺا ٻول وڄڻي جي هلڪي هلڪي واءَ وانگر بيت ڏيندڙ جي درد جي دونهين کي پيا ڏڪائيندا آهن، تان جو بيتن جا پنيٽ پڙڪي ٻاهر نڪرندا“ (سنڌي لوڪ ادب: مضمون ۽ مقالا، ص: 190_189)

نڙ جا بيت سڪ سوز واري موضوع تي چيا وڃن ٿا ۽ اهي ڏگها ٿيندا آهن. ڪلاسيڪي شاعرن به ڏگها بيت چيا آهن پر انهن کي نڙ بيتن جو نالو نه ڏنو ويو آهي، ان حوالي سان ڪبير شاهه ۽ سانوڻ فقير کي نڙ بيت جو شاعر سڏيو وڃي ٿو. سانوڻ فقير خاصخيلي ضلعي بدين جي هڪ ڳوٺ پنيءَ جو رهاڪو هو. هن نڙ بيت کي تمام گهڻي ترقي وترائي ۽ ان سلسلي ۾ پنهنجا شاگرد به پيدا ڪيا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب نڙ بيت (سانوڻ ۽ ان جا ساٿاري) ۾ نڙ بيت، نڙ جي نمائندن شاعرن ۽ وڄتن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

هن وقت هيءُ فن تيزيءَ سان ختم ٿيندو پيو وڃي، پنج ڇهه سال اڳ

مون ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي نڙ بيت رڪارڊ ڪرڻ جو پروگرام جوڙيو، وڏيءَ ڪوشش کان پوءِ عبدالرحمٰن ڄامڙي معرفت هڪ نڙ بيتائي محمد ياسين جوکيو مليو، جنهن جو تعلق نواب شاهه سان هو. ان نڙ بيت الغوزي/ بينن تي ٻڌايا، مون پڇيو مانس نڙ ڪاڏي ويا؟ چيائين سائين نڙ جو رواج ختم ٿي ويو آهي. هاڻي اسان بينن تي بيت چوندا آهيون.“

روزاني سنڌ ايڪسپريس حيدرآباد (18_09_2012ع) ۾ ڪي ڪي بروهيءَ پنهنجي سروي مضمون ۾ ڄاڻايو آهي ته ”سڄيءَ سنڌ اندر هن وقت صرف ٻه ڄڻا بدين ضلعي سان تعلق رکندڙ سگهڙ ساجن چانگ ۽ نواب شاهه ضلعي جو سگهڙ علي گل پتي بچيا آهن، جيڪي سرڪاري تقريبن توڙي ميلن ملاڪڙن ۾ پنهنجي نڙ بيت جو منفرد فن پيش ڪن ٿا.“

### نڙ بيت

موڪل ڏي ته مليـر، وڃان ادا ڄام عمر
تولاءِ طرح طرح جا، طعام سٺا سڀ سڄر
مون لاءِ ملڪ مليرجا، سٺا ساڳ سنگر
تولاءِ تول وهاڻا، مون لاءِ لاٽا ۽ لُلر
تولاءِ محل منارا، مون لاءِ ڪکاوان گهر
توکي بادشاهي بي پرواهي، مون کي پنهوارن جي پچر
تو وٽ قيمان ڪواب ڪوفتا، اسان وٽ فقيراڻا فڪر
تو وٽ گوشت مڇون پَلا، اسا وٽ پسيون رپ پسر
تنهنجا مٺا طعام مون لاءِ، زري به آهن زهر
ڇڏ ته وڃين ڇيلا چاريان، ويڙهيچن جا ته ولر
موڪل ڏي ”محب علي“ چوي، ڪر نماڻيءَ تي ته نظر
توتي راضي ٿيندو رهبر، ڇڏ ته ملان وڃين مارن سان

**حاجي محب علي ڏيٿو**





## ڪانگل جا بيت

پکين ۾ ڪانءَ يا ڪانگ کي سنڌي ثقافت ۾ خاص اهميت حاصل آهي، ٻهراڙيءَ ۾ ڪانءُ خاص ڪري ٻارڙن کي تنگ ڪري لولو ڪسي وڃي ٿو. مهمان ۽ محبوب جي اچڻ جو اڳواٽ اطلاع ڏئي ٿو. ٻيون به سنڌس خوبيون ۽ خاميون آهن، شاعر گهڻي ڀاڱي ڪانگ کي محبوب ڏانهن نياپو ڪڻي ويندڙ ۽ وٺائس حال احوال آڻيندڙ پکي سمجهن ٿا. اهوئي سبب آهي ته ڪلاسيڪي، لوڪ ادب ۽ جديد ادب ۾ ڪانءَ جو ذڪر ضرور ملي ٿو. لوڪ گيتن ۾ به ان کي ڳايو وڃي ٿو. لوڪ گيت جو قسم ڪانگڙو يا ڪانگلڙو ان لاءِ مخصوص آهي، ساڳيءَ ريت سگهڙائپ جي فن ۾ ڪانگل جا بيت مشهور آهن، مجازي محبت جي بيتن ۾ ڪانگل جو ذڪر وڌيڪ ڪيو وڃي ٿو، گهڻن ئي سگهڙن ان موضوع تي بيت چيا آهن، جيڪي سندن ڪتابن ۾ به آندل آهن. هتي سگهڙ خير محمد ناريجي جو ڪانگل تي هڪ بيت ڏجي ٿو:

ڪانگل وڃي قريب وٽ، روئي ڪج ريهان
دل تولاءِ دلبر هتي، ڪري پئي ڪِيهان
هيڻو حال هلڻ کان، ٿيو بيوس ٿي بيهان
تانگهه تنهنجي تن ۾، آهي راتيان ۽ ڏينهان
جانب پيو جيئان، تنهنجو نالو وٺي ناريجو چئي

## هنفتا، ڏينهن، راتيون، مهينا ۽ سال:

لوڪ ادب جي سڃاڻپ گهڻي ڀاڱي فني گهاڙيٽي/ جوڙجڪ بدران موضوع وار آهي. اهوئي سبب آهي ته هفتي، ڏينهن، راتين، مهينن ۽ سالن وارين صنفن تي به موضوع سبب اهي نالا رکيا ويا آهن. سگهڙن انهن موضوعن سان ڏاڍو نڀايو آهي. اهڙي قسم جي شاعريءَ ۾ هنن محبوب جي جدائي، سار، سڪ ۽ سوز کي ڳايو آهي. ان کي نه رڳو بيان ڪيو آهي بلڪ ماپيو ۽ توريو آهي، ڏينهن، هفتن، مهينن ۽ سالن ۾ ڳڻيو آهي. هن صنف ۾

ڳٽپ، حساب ڪتاب جو عمل دخل وڌيڪ آهي. دانهون ۽ ڪوڪون ڪيون ويون آهن ۽ عازيون ۽ نيازيون بلڪ توبه زاري ڪئي وئي آهي. لوڪ ادب کان سواءِ جديد شاعريءَ ۾ بہ ان موضوع تي طبع آزمائي ڪئي وئي آهي. (مثال لاءِ ڪتاب مان شعر ڏسو.)

## ٽيهہ اکري:

سہ حرفي يا ٽيهہ اکريءَ تي خاص ڪري پڙهيل لکيل سگهڙن شاعري ڪئي آهي. ان ۾ عربي ٻوليءَ جي الف ب کي آڌو رکي شعر چيو ويو آهي. ان کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي اکرن تي پڻ شاعري ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ اکر ٽيهن کان وڌيڪ پنجاهہ ٻاونجاهہ تائين آهن. تنهن هوندي بہ صنف جو نالو ٽيهہ اکري ئي آهي. هن قسم جي شعر ۾ تجنيس حرفي وڌيڪ ڪتب آندل آهي. شعر جي ابتدا ۾ ئي ساڳي اکر/اُچار سان شروع ٿيندڙ لفظ کي اوليت ڏني وئي آهي. جديد شاعريءَ ۾ ٻارڙن لاءِ ڪيل ڪجهہ شاعريءَ ۾ الف ب کي بنياد بڻايو ويو آهي. نہ تہ گهٽي پاڳي سگهڙ ان صنف کي زنده رکيو پيا اچن. ٽيهہ اکريءَ ۾ موضوع جو ڪو قيد ناهي. (مثال لاءِ ڪتاب مان شعر ڏسو.)

لوڪ گيت، ڳيچ، سهرا، لاڏا ۽ انهن جا مختلف قسم جهڙوڪ: مورو، چلڙو هو جمالو، ٻيلڻ همر چو وغيره لوڪ ادب ۾ شامل آهن، جن جي وصف، تاريخي پسمنظر ۽ موضوع هڪٻئي کان ٿورو مختلف آهي. انهن صنفن جي تفصيل لاءِ منهنجو ڪتاب ”سنڌوءَ جا گيت“ پڙهو.

هتي ڪوشش ڪري لوڪ ادب جون اٽڪل سڀ مک صنفون (نظمي) ڏنيون ويون آهن، تنهن هوندي بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪا صنف رهجي وئي هجي يا ڪنهن سبب ڪري رهائي وئي هجي، انهن سمورين جي مطالعي مان اهو پتو پئي ٿو تہ سنڌي لوڪ ادب جون اٽڪل سيئي صنفون (سواءِ لوڪ ڪهاڻي وغيره جي) ذهني ڪسوٽيءَ، پرک، چٽا پيٽيءَ ۽ هدايت تي ٻڌل آهن. انهن ۾ ڪا نہ ڪا لِڪ رکيل آهي، جنهن جي ڪولڻ لاءِ ڪڇهريءَ جا ڪوڏيا تمام گهڻو ووڙن ٿا. ٻهراڙين ۾ موجود هن علم جا شوقين رڳو لوڪ ادب جي مختلف صنفن کي تخليق ڪرڻ وارا ئي ناهن پر





انهن کي باقاعدي سمجهڻ ۽ پيچڻ وارا ماهر بہ آهن. سچيءَ ڪچهريءَ جا مور ان جو چَس وٺن ٿا ۽ هو پنهنجيءَ ٻوليءَ جو ذخيرو وڌائن ٿا. ڪين جس هُجي. اها بہ خبر پئي ٿي تہ اسان جون تقريبن سڀ صنفون شعر يا موسيقيءَ (ردم) تي ٻڌل آهن. جنهن ڪري انهن جو ميناج، ٻوليءَ کي ئي منو ڪري ڇڏي ٿو.

آخر ۾ انهن مهربانن جا ٿورا، جن جي مدد سان هيءُ ڪتاب تيار ٿي سگهيو. ثقافت کاتي جي سيڪريٽري محترم سعيد احمد اعوان ۽ ڊائريڪٽر جنرل محترم منظور احمد قناصري جو ٿورائتو آهيان، جن مون کان هيءَ خدمت ڪرائي.

مواد جي سلسلي ۾ مختلف سگهڙن مون سان پيالا پيلايا، جن جا بہ قرب، انهن ۾ هيٺيان دوست شامل آهن:

1. محترم حاجي علي نواز وگڻ
2. محترم ممتاز علي عباسي
3. محترم عاجز رحمت الله لاشاري
4. محترم حسين بخش رڏ
5. محترم جان محمد جاني بروهي
6. محترم خليل الرحمٰن مهيسر
7. محترم محمد لقمان ڪوکر

مان سيني دوستن جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن مواد هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

**ڊاڪٽر ڪمال جامڙو**
چيئرمين
سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي
ڪراچي، سنڌ

**مقالا پڙهندڙ**

1. محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا
2. محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق
3. محترم ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
4. محترم ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
5. محترمہ جنت جروار
6. محترم محمد ياسين مانڊڻ
7. محترم عاجز رحمت الله لاشاري
8. محترم هيمون ڪالاڻي

**سگهڙ**

| | |
|---|---|
| 1. محترم ممتاز عباسي | لاڙڪاڻو |
| 2. محترم ڏاڏو ڏتل ابڙو | لاڙڪاڻو |
| 3. محترم روشن علي ڪوري | لاڙڪاڻو |
| 4. محترم گل محمد غازي ٻليدي | ڪراچي |
| 5. محترم قاضي بدرالدين | لاڙڪاڻو |
| 6. محترم رحمت الله عباسي | نوشهروفيروز |
| 7. محترم محمد سومر سومرو | شڪارپور |
| 8. محترم غلام شبير عباسي | لاڙڪاڻو |
| 9. محترم صابر حسين عباسي | لاڙڪاڻو |
| 10. محترم محمد ايوب جوڻيجو | ڄامشورو |
| 11. محترم محمد صالح عباسي | لاڙڪاڻو |
| 12. محترم محمد لقمان ڪوکر | نصير آباد |
| 13. محترم غلام اصغر لاکو | قاضي احمد |
| 14. محترم غلام اڪبر گاڏهي | باڏهه |
| 15. محترم علي گل گاڏهي | شهداد ڪوٽ |
| 16. محترم گل محمد چنجڻي | نصير آباد |
| 17. محترم عبداللطيف ڪوکر | نصير آباد |

www.sindhsalamat.com

# سنڌي لوڪ ادب سيمينار
## ۽ سگهڙن جي ڪچهري

سنڌ جي ثقافت کاتي پاران 17 هين مئي 2013ع تي سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ سنڌي لوڪ ادب سيمينار ۽ سگهڙن جي ڪچهري ٿي. سيمينار جي صدارت ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪئي، جڏهن تہ خاص مهمان سنڌ جي ثقافت کاتي جو سيڪريٽري سعيد احمد اعوان هو. سيمينار جي ڪمپيئرنگ نصير مرزا ڪئي، جڏهن تہ ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل منظور احمد قناصري آجياڻو ڏنو. ان موقعي تي سنڌ جي ثقافت کاتي پاران استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي ڪتاب "موتي مور ملوڪ جا" ۽ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جي ڪتاب "سنڌي لوڪ ادب، مضمون ۽ مقالا" جي مهورت ڪئي وئي.

سيمينار ۾ ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي، عاجز رحمت الله لاشاريءَ، جنت جروار، محمد ياسين مانڊڻ ۽ هيمون ڪالاڻيءَ مختلف موضوعن تي مقالا پڙهيا.

سنڌ جي ثقافت کاتي جي سيڪريٽري سعيد احمد اعوان سگهڙن جي ڪچهريءَ ۾ پڙهيل ڪلام ڪي ڇپرائڻ جو بہ اعلان ڪيو.

سيمينار کان پوءِ سگهڙن جي ڪچهري شروع ٿي، جنهن جو خاص مهمان ڊي جي ڪلچر منظور احمد قناصرو هو. جڏهن تہ ميزبان ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو هو. ڪچهريءَ ۾ نالي واري ڳائڻي مظهر حسين شاهہ جو ڪلام ڳائي داد حاصل ڪيو. ان ڪچهريءَ ۾ سڄيءَ سنڌ جا سگهڙ شريڪ ٿيا، جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| 18. محترم جعفر لاکو | قاضي احمد |
| 19. محترم عاجز رحمت الله لاشاري | ڄامشورو |
| 20. محترم محمد جمن پيٽي | ڄامشورو |
| 21. محترم غلام قنبر عرف ڪبير لولائي ڄامشورو | |
| 22. محترم ممتاز امين سنياسي | مٽياري |
| 23. محترم امداد علي ٻبر | دادو |
| 24. محترم عبدالستار مير بحر | شڪارپور |
| 25. محترم الهه بخش سامت | جيڪب آباد |
| 26. محترم عبدالقادر اوڳاهي | ڪشمور |
| 27. محترم مختيار علي شاهه | قمبر شهداد ڪوٽ |
| 28. محترم شاهنواز چنو | رتو ديرو |
| 29. محترم الهڏنو لانڊر | سانگهڙ |
| 30. محترم خليل الرحمان مهيسر | خيرپور |
| 31. محترم حسين بخش رڏ | نارو |
| 32. محترم گدا حسين سهتو | راڻيپور |
| 33. محترم حافظ غلام شبير وسطڙو | پيرجو ڳوٺ |
| 34. محترم امام ڏنو مهراڻي | ڪوٽڏيجي |
| 35. محترم ڏلو فقير پيٽي | گمبٽ |
| 36. محترم حاڪم علي ڪوري | شڪارپور |
| 37. محترم محمدعرس بليدي | قمبر شهداد ڪوٽ |
| 38. محترم حاجي علي نواز وڳڻ | ڪراچي |
| 39. محترم جان محمد بروهي | ڪراچي |
| 40. محترم محمد اسماعيل پهوڙ | ڪراچي |
| 41. محترم منٺار عمراڻي | |
| 42. محترم احمد علي چانديو | ڪراچي |
| 43. محترم قاضي راهمون | مٺي |
| 44. محترم طالب پنيرو | شڪارپور |

سنڌ جي سگهڙن صدين کان پيڙهي وار وهايا آهن. سندن ذات سيني بسيني سفر ڪندي آئي آهي. ان سفر ۾ سندن ڪيترين ئي تخليقون مري به ويون. جيڪي جيئريون رهيون ته انهن جي ڪيترن تخليقارن جا نالا گم ٿي ويا، يا وري انهن مالڪيءَ جي دعوا ڪي ايتري اهميت نه ڏني جو اڄ لوڪ ادب جو گهڻو ذخيرو ڪنهن هڪ شاعر/سگهڙ جي نه پر سڄي سنڌي عوام جي ملڪيت آهي. جيئن جيئن زمانو ترقي ڪندو ويو ته تخليقڪارن ۾ مالڪيءَ جو احساس وڌندو ويو. ڪڇرين ۾ سگهڙ پنهنجي تخليق سان گڏ پاڻ کان اڳ وارن هڪ جيڏن ۽ پنهنجن استادن جا شعر، ڳجهارتون ۽ ڏنون نالي سان وڏي واڪي پيش ڪندا رهيا. ڪيترن سڄاڻن انهن کي قلمي صورت به ڏني.

سنڌي لوڪ ادب کي ڪتابي صورت ڏيڻ جو سلسلو انگريزن جي زماني کان شروع ٿيو. مختلف سڄاڻن ان سلسلي ۾ وِک وڌائي. ان سلسلي ۾ تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

مولود شريف مذهبي صنف هجڻ سان گڏ لوڪ ادب ۾ به شامل ڪيو وڃي ٿو. مقيم جو "مجموعہ مولود"، جنهن جو ٽيون ڇاپو بمبئيءَ مان 1882ع ۾ ڇپيو. اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي کي حمزه علي ابڙي جو 1886ع ۾ لکيل هڪ قلمي نسخو، سيد علي حيدر شاهه ويٺل رشيد وڳڻ، لاڙڪاڻي معرفت مليو. ان نسخي بابت سنديلو صاحب لکي ٿو ته "ان نسخي ۾ ترجي شاعرن ۽ سگهڙن جي ڪلام سان گڏ سنڌ جي ٻين مشهور شاعرن ۽ سگهڙن جو ڪلام لوڪ ادب جي هر صنف تي مواد شامل آهي. نسخو 1886ع ۾ لکيو ويو. (لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو ص: 310)

ان کان پوءِ ڇپجندڙ ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1) سنڌي پهاڪا، ڪوڙو مل چندن مل ڪلڪاڻي، 1889ع
2) ڏهه سرو، نور محمد، منشي پوڪرداس شڪارپور، 1892ع
3) نَوَ سرو، امام بخش، پوڪرداس، شڪارپور، 1892ع
4) ڏهه قصا، محمد، ڇاپيندڙ، منشي پوڪرداس شڪارپور، 1892ع

www.sindhsalamat.com

# سگهڙن جا ڪتاب

## (تعارف ۽ تبصرو)

5) پنج معجزه گڏ، ڇپائيندڙ، شولداس ٽانور داس تاجرڪتب، شڪاپور (سنڌ) 1892ع

6) ست سرو، غلام نبي، ڇپائيندڙ محمد يوسف ميمڻ تاجر ڪتب ڪراچي، 1894ع

7) دل جي وندر،مختلف سگهڙ، هريسنگ سکر، 1900ع.

8) سنڌي ڳجهارتون، ڪوڙومل چندن مل، قيصريہ پريس حيدرآباد، 1901ع

9) لولي نامہ، رمضان واڍو، هريسنگ ڪتب فروش سکر، ٻيو ڇاپو، 1910ع

10)مداحون بہ گڏ، ميان سرفراز ۽ جمن چارڻ، هريسنگ تاجر ڪتب سکر، ٽيون ڇاپو، 1911ع

11)توپي ۽ پڳ، خير شاهہ، پوڪرداس شڪارپور، ٻيو ڇاپو، 1912ع

12)عجائب ڳجهارتون (I_II)الهڏنو، شولداس پوڪرداس، شڪارپور، 1914ع

13)سڳنڌ، عبدالحسين شاهہ موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسي، ڇپائيندڙ، شفقت حسين شاهہ موسوي، 1950ع

14)ٻيلاين جا ٻول، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، زيب ادبي مرڪز، 1951ع

15)وينجهار، عبدالڪريم سنديلو، ڇپائيندڙ: عبدالڪريم سنديلو لاڙڪاڻو، 1951ع

16)سنڌ جو سينگار، عبدالڪريم سنديلو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1956ع

17)سرهاڻ، عبدالحسين شاهہ موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسي، ڇپائيندڙ، شفقت حسين شاهہ موسوي، 1958ع

18)ڏهس نامون، عبدالڪريم سنديلو، اسلم منزل لاڙڪاڻو، 1969ع

19)لاڙين جون لاتيون، عنايت الله زنگيجو، 1970ع

20)ڪليات حسين ديدڙ، عبدالڪريم سنديلو، سنڌي ادبي بورڊ، 1971ع

21)بهترين ڳجهارتون، اي ايم بزمي، آر ايچ احمد برادرس حيدرآباد،





1969ع

22)ڪليات شاهہ محمد ديدڙ، عبدالڪريم سنديلو، سنڌي ادبي بورڊ، 1977ع

انهن ڪتابن کان سواءِ بہ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪتاب هوندا. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو ڪتاب ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“، الهہ بخش نظاماڻيءَ جو ڪتاب ”سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ“، ڊاڪٽر ڪمال جامڙي جا ڪتاب ”سنڌوءَ جا گيت“ ۽ ”سنڌي لوڪ ادب: مضمون ۽ مقالا“، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا لوڪ ادب رڳا وارا تحقيقي ڪتاب آهن، جن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي سوين سگهڙن جون تخليقون ڏنيون ويون آهن. الهچائي يار محمد سمين جي ڪتابن I_ سير ڪوهستان، II_ لاڙ جو سير، ۾ بہ لوڪ ادب سمايل آهي. هتي اسان انهن ڪتابن کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي، جيڪي خالص هڪ يا ٻن چئن سگهڙن جي تخليق تي ٻڌل آهن.

جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ لوڪ ادب جي ذخيري کي گڏ ڪري ڇاپڻ جي رٿا جوڙي تہ وينجهارن ۽ سگهڙن جي سينن کان سواءِ ڪيس قلمي صورت ۾ بہ مواد مليو. اهو سمورو مواد اڳتي هلي ڪيترن ئي ڪتابن جي صورت ۾ نہ رڳو سامهون آيو پر صدين تائين سانديجي بہ ويو.

ان جاڳرتا کان پوءِ سگهڙن جي مان مرتبي ۾ واڌاري سان گڏ چاهہ بہ وڌيو، ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيليويزن ۽ هاڻي مختلف ريڊيو، ٽي وي چينلن، اخبارن، رسالن، سنڌ جي ثقافت کاتي ۽ ٻين ادارن لوڪ ادب ۽ سگهڙن کي مڃتا ڏني آهي، جنهن جي نتيجي ۾ سگهڙن پنهنجيءَ ذات کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جو سلسلو تيز ڪيو. گهڻي ڀاڱي سندن ڪتاب پنهنجيءَ مدد پاڻ هيٺ شايع ٿيا آهن، هن وقت تائين سگهڙن جا نجا سئو کن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.

سگهڙن جا شايع ڪرايل سمورا ڪتاب تہ هٿ نہ اچي سگهيا آهن پر جيڪي ڪتاب مليا آهن، انهن جو مختصر تعارف ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو تہ جيئن انهن تي وڌيڪ ڪم ڪندڙن يا پرستارن کي جاڻ سان گڏ ڳولهڻ ۾ سولائي ٿئي. ڪتابن جي ترتيب شاعر ن سگهڙن جي سينيارٽيءَ کي

# موتي مور ملوڪ جا

ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو سنڌ جي ثقافت کاتي مئي 2013ع ۾ ڇپرايو، جنهن جو مرتب ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ۽ ايڊيٽر ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو آهي. هن دور جي سگهڙن جي سردار اُستاد محمد ملوڪ عباسيءَ جو جولاءِ 1981ع ۾ ڇپيل ڪتاب ”موتي مور ملوڪ جا“ ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل محترم منظور احمد قناصري مون کي هڪ نظر ڏسڻ لاءِ ڏنو، جنهن مان ڪيترائي موتي پسڻ جو موقعو مليو. ان ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنڌ سگهڙ سنگت باڊهه، شڪارپور ماڊرن پرنٽنگ پريس مان ڇپرايو.

محمد ملوڪ عباسي ۽ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ٻئي لوڪ ادب جا وڏا نالا آهن. ٻنهي لوڪ ادب کي نه رڳو سهيڙڻ، تخليق ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. پر سگهڙن کي منظم ڪرڻ لاءِ به جاکوڙيو. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ کي الله سائين حياتي ڏئي، پنهنجي جاکوڙ جاري رکيون پيو اچي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، شيخ محمد اسماعيل، محمد ملوڪ عباسيءَ ۽ ٻين لوڪ ادب لاءِ مثالي ڪم ڪيو آهي.

سگهڙ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي ڪلام جو وڏو ذخيرو آهي. سنڌس پنج ڪتاب شايع ٿيل آهن.

(1)موتي مور ملوڪ جا، (2) موتين مٺ ملوڪ جي، (3) ماڻڪ موتي ملوڪ جا، (4) منهن مٺانهان جن جا، (5) گلشن ڏور.

انهن ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ حاجي منور علي عباسيءَ سنڌس سهائتا ڪئي.





انهن ڪتابن ڪانسواءِ سنڌس هڪ ڪتاب ”موتين مالها ملوڪ جي“ ڇپائيءَ جي انتظار ۾ آهي. تنهن کان سواءِ سنڌس ٽڙيل پکڙيل ڪلام به ٻن ٽن ڪتابن جيترو ٿيندو.

هُن سگهڙائپ کي باقاعدي تحريڪ جي صورت ۾ رائج ڪيو. سگهڙن کي گڏ ڪيائين، کين تربيت ڏنائين. هُن پنهنجن ٽنهي پٽن فقير ممتاز علي، شبير ۽ محمد علي عباسيءَ کي به هن ميدان ۾ لاٿو. سنڌس پوٽا به سگهڙائپ جي فن ۾ پاڻ مڃائن پيا، جن ۾ احمد علي ولد ممتاز علي ۽ صابر حسين ولد ممتاز علي نرالا آهن.

انهن جي ڪلام کي به شايع ڪرائڻ جي ضرورت آهي. محمد ملوڪ عباسيءَ جا پونير سنڌس ڇڏيل ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن.

استاد جي هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ محمد ملوڪ عباسيءَ جي زندگيءَ جو احوال، ڪلام جون خوبيون وغيره تفصيل سان بيان ڪيون آهن. ڪتاب جي پهرئين ڇاپي جي پوئين ٽائيٽل تي ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جو تعارف ڏنو ويو هو، جيڪو محترم نقش ناياب منگيءَ جو لکيل هو. اهو تعارف ٽيهه سال پراڻو هو، تنهن ڪري ڊاڪٽر صاحب جو تازو تعارف ”نئين ڇاپي بابت به اکر“ ۾ ڏنو ويو آهي.

سگهڙ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ پنهنجي هن ڪتاب ۾ لوڪ ادب جي جن صنفن/ موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، تن ۾ مذهبي ڪلام، ناصحاڻو ڪلام، طنز ۽ مزاح، عشقيه ڪلام، ڪانگل جا بيت، ست سريون، گوريءَ جو سينگار، سنڌ سگهڙ جي منظوم تاريخ ۽ گڏيل بيت شامل آهن.

سنڌ سگهڙ تاريخ ۾ سنڌ جي مختلف سگهڙن جا نالا، سگهڙن کي همٿائيندڙن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ وغيره، ريڊيي ٽي ويءَ جي پروڊيوسرن جا رويا نالن سميت شامل ڪيا ويا آهن.

ڪتاب جي ٽائيٽل تي محمد ملوڪ عباسيءَ جي رنگين تصوير ۽ اندر عباسي صاحب جي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب سان نڪتل يادگار تصوير به ڏني وئي آهي. ڪتاب ۾ ڇپائيندڙ محترم سعيد احمد اعوان،

سيڪريٽري ثقافت، سنڌ حڪومت جا ويچار بہ شامل آهن. جن ۾ هن لوڪ ادب جي اهميت، ثقافت کاتي جي لوڪ ادب رٿا ۽ ڪتاب جي نئين ڇاپي جو تعارف ڏنو آهي. هن ڪتاب جي مرتب ۽ ايڊيٽر جا ٿورا مڃيندي ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل منظور قناصري کي شاباس پڻ ڏني آهي. ڪتاب جي پهرئين ايڊيشن جي مهورت بابت ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکي ٿو تہ:

”هن ڪتاب جو مهورت مون 1981ع ۾ شڪارپور ۾ ڪرايو. شڪارپور جي دوستن جهڙوڪ: ڊاڪٽر بدر الدين اڃڻ، غلام رسول ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ ۽ خليل موريائيءَ جي تعاون سان انهيءَ موقعي تي اتر سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو وڏي پئماني واري ”سنڌ سگهڙ ڪانفرنس“ بہ سڏايم، جيڪا ڄماڻي هال ۾ ٿي هئي. هن ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، اتر سنڌ جا ناميارا قلم ڌڻي ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سگهڙ شامل ٿيا هئا. مون انهيءَ ڪانفرنس جي صدارت بہ ڪئي ۽ اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرض بہ انجام ڏنا“.

ٻئي ڇاپي جي مهورت 17- مئي 2013ع سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ ثقافت کاتي پاران سڏايل لوڪ ادب سيمينار جي موقعي تي ٿي، جنهن جي صدارت ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪئي، جڏهن تہ خاص مهمان سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي جو سيڪريٽري سعيد احمد اعوان هو، ٻين مهمانن ۾ ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو ۽ ٻيا شامل هئا.

ڪتاب مان نموني طور ٿنا جا ڪجھ شعر پيش ڪجن ٿا:

مالڪ مختيار، قرب ڪلتار، ڪيو ستار، جلد جبار،
مکو منتار سبحان الله
راضي رهبر، ٿيو پرور، خوشيون گهر گهر، جشن جهنگ جهر،
گل و گلزار سبحان الله.
ٻڌو حضرات ٻارهين جي رات، سومر پريات، پکن ڪئي لات،
پهتو پڳدار سبحان الله.
پلي ڪيو پال، سهڻو ٿيو سال، آيو لج پال، امڙ جو لعل،





سچو سردار سبحان الله.
وڏو ول ول، ربيع الاول، پرندا پل پل، چون هل هل،
ٿيو هيڪار سبحان الله.
ملڪ مستان ، ٿيا حيران، حوران غلمان، چوان چا شان،
ٿيو سنسار سبحان الله.
نبيءَ جي ذات، وڏي درجات، حورن وائي وات، سيئي صلوات،
پڙهن صد بار سبحان الله.
هيٺن همراهہ، مڪائين ماهہ، محمد شاهہ، ڏيهن پئي ڏاهہ،
تہ عرب ۾ ٻارَ سبحان الله.
الاهي شان، امڙ جو مان، ڪنيو جنهن خان، سيئن سلطان،
دائيءَ دلدار سبحان الله.
تکيرو تاب، مک مهتاب، لب گلاب، ڏسي جناب،
ترت ٿي تيار سبحان الله.

o

# موتين مٺ ملوڪ جي

استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جو هيءُ ڪتاب عباسي ڪلهوڙا تنظيم لاڙڪاڻي پاران 1991ع ۾ ڇپرايو ويو. جيڪو ڊاڪٽر ڊُر محمد پناھ ترتيب ڏنو آهي. ڪتاب جي ڇپائيءَ جو گهڻو خرچ سنڌ عباسي ڪلهوڙا تنظيم جي سرواڻ، نالي واري سياستدان ۽ چونڊيل نمائندي سردار حاجي منور علي عباسيءَ پريو. 400 ڪان وڌيڪ صفحن تي پکڙيل هن ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي. هو لکي ٿو ته: ”فقير محمد ملوڪ نه فقط سڄاڻ سگهڙ آهي پر وڏو سگهڙ شاعر به آهي. شاعرانه شعور سان گڏ وٽس لفظن جي ڪاڻ ۽ زوردار بيان آهي: سندس ٻولي پياري ۽ ٻول پڪا آهن.سندس گفتا گُن وارا ۽ قول سچا آهن.“

بلوچ صاحب جو استاد محمد ملوڪ ڏانهن لکيل هڪ خط اسڪين ڪري ڏنو ويو آهي. ڪتاب ۾ لوڪ شاعريءَ جا تقريبن سيئي رنگ شامل آهن. حمد ۽ ثنا سان شروعات ڪئي وئي آهي. ڪتاب ۾ ڏهه باب ڏنل آهن. خاص ڪري ڏهون باب وڌيڪ توجهه طلب آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ، نالا ۽ وڪر موتين وانگر جڙي سانديا ويا آهن. مثال ذات نامي ۾ سموريون ذاتيون، ماڳ نامي ۾ ڪيترائي ماڳ، پکي نامي ۾ پکي، جانور نامي ۾ جانور، ڪاٺ نامي ۾ ڪاٺ ۽ ان مان ٺهندڙ شيون_ ملهه نامي ۾ ناميارا ملهه ۽ سندن انگ بيان ڪيا ويا آهن.

استاد محمد ملوڪ جو هيءُ ڪتاب، سندس پهرئين ڪتاب کان وڌيڪ شعور ۽ پختگيءَ وارو آهي، فن توڙي ٻوليءَ ۽ جاڳرتا جي لحاظ کان هيءُ ڪتاب وڌيڪ لاپائتو آهي، ڪتاب ۾ مختلف شخصيتن، سگهڙن ۽ سگهڙائپ جي فن کي هٿي وٺرائيندڙن جون تصويرون به ڏنيون ويون آهن.





ڊاڪٽر ڊُر محمد پناھ ڪتاب جي سهيڙيندڙ جي حيثيت ۾ استاد محمد ملوڪ جي فن، شخصيت ۽ شاعريءَ تي تفصيلي روشني وڌي آهي.

هتي ڪتاب مان ذات نامو پيش ڪجي ٿو:

ساراهه سونهن سائين جي جنهن ڏيهه جوڙيا ڏاتر،
احمد محمد مدني مرسل ٿيو اسان اڙين جي آڌر،
آدم جي اولاد جا ٻڌو ذاتين جا ته ذڪر،
اوٺا، انڙ، اڄڻ، ابڙا، انصاري، ابڻ، پنهور،
اباڇي، اتيرا، اڳڙا، اعواڻ، ايراني، الڪاڻي، اجگر،
اُڌا، ايري، اگڻ، اگهم، اوٺوال، اسلامي ، ايسر،
اوڍ، اهير، انوس، اوٺار، اندڙ، اوڳا ۽ احمر.

ٻڙدي، بروهي، برهمڻ، بوجا، بيراڳي، بوزدر،
پٽ، بکياري، بهليم، بدوي، بلادي، بونگر،
باريچا،بلوچا، بگٽي، بابر، بجا، بازيگر،
برڙا، بالاڻي، بُلا، پنگر، بڪيجا، ڏر،
بڪڪ، بنگوار، بارٽي، بوبڪ، بارجاڻي، بالر،
تاتاري، تنيا، تماچي، تيوٽا، توڏاڻي، طاهر،
توت، تجلا، ترڪ، توچڙ، طالباڻي، تڳر.

ٻانيڻ، ٻاوا، ٻگهيا، ٻالا، ٻيلائي، ٻٽ ٻگهر،
ٻٽڙا، ٻوڪ، ٻليجائي، ٻٽا، ٻروچ، ٻپڙ ۽ ٻاٻر،
ٻڌ، ٻل، ٻاورچا، ٻانهاڻي، ٻاجهارا، ٻٻر،
ٻرڙا، ٻاڪر ٻيرڙا ٻانها، ٻوليون ڪن، ٻيلر،
ٻاليشاهي، ٻگهڙا، ٻپرلا، ٻاپڙا، ٻداني، ٻوٻر.

ٿلها، ٿهيم، ٿڌا، ٿوڏا، ٿونياڻي، ٿوهر،
ٿيٻا، ٿورا ٿڪيا ٿريچا، ٿنياڻي، ٿاهر،

پـٽـا، پـيـڇـا، پـاڳـيـا، پـيـلار، پـر ڳـڙي، پـيـلـر، پـوا، پـرٽ، پـنـگـي، پـيـل، پـٽ، پـيـلائـي، پـونـر، پـولائـي، پـان پـرٽـيـا ، پـولا پـوڪـاڻـي، پـالـر، پهـمـا، پـٽـي، پـاڳـت، پـاٽـوجـا، پـابـر پـلا ٽـي پـوڏر.

ٽـڙي، ٽڳـا، ٽڳـڙ، ٽـانـوري، ٽـالـپـور، ٽـلـڻ، ٽـنـدا، ٽـاٽـيـا، ٽـوڙ، ٽـوٽـاڻـي، ٽـاٽـر، ٽـانـور، ٽـل،ٽـنـگـيـا، ٽـولائـي، ٽـولاڻـي، ٽـنـگـر.

سڪ، سيندل، سپريا، سيال، سمالاڻي، سولجر، سيد، سما، سوهو، سخيراڻي، سومرا، سونڊر، ساماڻا، سونارا، سچارا، سٺلريا، سنجوڳي، سنڊر، سيار، سيڙا، سوريا،سينا، سرڪي، سرور، ساقي، سانيداڻا، ساڪڙائي، ساڳي، ۽ ساڳر، ساريا،سانگھرو، سامٽيا، سهاڳ، سر گاڏي ، سوڊر ، سيرا، سڪياڻي، سالاڻي، سوريا، سنجراڻي، ساڪر سهتا، سرهيا، سرتاڻي، سانگي، سوناڻي، صابر، سولنگي ، سروري سروهي، سميجا، سيٽر، سيهڙ،سانپل، سلاڻا، سهول، سناڻي سيلر.

جَت جيها جلباڻي، جيڙ، جاڳيراڻي، جوهر، جوڳي، جوٽيجا، جويا،جوڏا، جنگي، ۽ جيسر، جهرڪ، جڪراڻي، جمالي، جوڪيا، جڳڙ، جو ڳيسر، جروار، جنجهڻ، جانوري، جلي، جنداڻي، جابر، جوڳ، ججهہ،جهلڻ، جتوئي، جاڊڻ،جڪرا، جادوگر، جنجها، جهتيال، جيسا،جوٽا،جعفراڻي، جهبر، جهانگارا، جماڻي، جسڪاڻي، جڪڙ جمارائي جافر.





هليا، هڪڙا، حاجاڻا، هوٿي، هيسباڻي ، هونگر، هوت، هگورا، حجم، همالي، هولاڻي، هولڊر، مرهاءَ، هاليجا، هاليپوٽا، حبشي ۽ هوبر، هيلائي، هل، هليجا، هتار، هاشمي، هلي آيا حر ڊودا، ڊڳڙبيها، ڊما، ڊانگا، ڊانڊ ڊيائي، ڊوهر، ٿوٽا، ٿوڳي، ٿل، ٿاڪر، ٿياني، ٿانگر.

خواجا، خاجا، ڪنپ، ڪاشا، خولي ۽ خاتر، خاصخيلي، ڪوٽا، ڪاهوڙي، ڪروس، ڪيراڻي، خاخر، خشڪ، ڪتري، خرول، ختڪ، ڪچي، ڪنوبر، خخول ، ڪهرا، ڪرڙا، خريا، ڪهڙا، خوڙ، خچر.

ڳُهاوڙ، ڪٽي،ڪٽوريا، ڪيڏا، ڪبڙاڻي، ڪوڪر، ڪٽڙيا، خيمٽا، ڪرل، ڪهارا، ڪوسا، ڪيڏڪر، ڪونيڙا، خارولي، ڪٽڙا، ڪماڻ، ڪڪراڻي، ٻيا ڪر.

دايا، ڏاريجا، دوراڻي، ڏوٻي،دل، داٻر، دڪر، ڏامراهہ، ڏاريچا، ڏڇراچ، دلڪاڻي، دلبر، دائود پوٽا ، دائي داڻا، دودا، ڏاٻچا، دڪر، ڏوڪي، ڏڪڙ ڏوڙيا، ديدڙ، دمڙي، داس دمر ، درازي، داسا، درس، داگوڙا، دلال، ۽ ٻيادر، رگها رونجها، رواهي، رهواڙي، راسڪائي، روڳر، رياڻ، رند، رباني، راگهٽ، رمڏاڻي رهبر.

شورا، چناڻي، شيرازي، چٽا، شاهاڻي، ٻيا شر، شاهہ، چپ، چيڙا، شيدي، شانگاڻي چچر، چجڙا، شنياڻي، شابڙاڻي، شريفاڻي، چوچر، ششول، چورا، شوڏا ، شاشي، چبر ۽ چاچڙ.

ڏوڀل، ڏوڏر، ڏوپر، ڏڪيا،ڪوڙ، ڏھر
ڏيرا، ڏم، ڏاھا، ڏنگڙا، ڏوڏاڻي، ڏير
ڏاڏي پوٽا، ڏھراج، ڏيٿا، ڏوٿي، ڏھيسر
ڏنگراج، ڏنور، ڏيپلا، ڏنگا، ڏيساور
ڏاھري،ڏڏ، ڏيھا، ڏاوش، ڏاھاڻي، ڏونگر.

عقيلي، علوي، عباسي، ال آجباڻي، احمر
اوڳا، آريجا آسياڻي، عرب، عمالي، ادگر
اجان بہ عارفاڻي ”عباسي“ چوي عمراڻي عامر.

گنجا گائنچا، ڪورڪا، گيدڙي، گورا ٻيا گوڏر
گھلو گولا، گلڻ،گھانگھرا، غرغاڻي، غابر
پالاري، پنجابي، پتوجا، پناھگير، پنھور
پاتڻي، پلال، پڳڙ، پھوڙ، پتافي، پالر

نائچ، نارا،نون، نٿا، ناڙيوال، نڌر
ناريجا، ننگراج، نائي، نوڊا، ننگراڻي، ناھر
نوناري، ننگ،نودارا، نول، نوھاڻي، ننگر
نانگا، نظاماڻي، نصوري، نند،نلڪوٽي، نر
نوح، ناسي، نامي،ناڪوٽا، نطمي، نانگر.

واڍا، ورڪ ، ويراڳي، ويڪل، واھوچا، وينجھر
وڏا، وھريا، ونڪ، واڏيا، واپاري، ويسر
وڪا، وڳڻ، وسايا، وسطڙا، ونگياٻيا وندير
واگھا، ونگا، ولائتي، وڏا، وڪيل ڪن پيا واھر.





اراقي، آرائين، آھيڙي، آھڙا، آريٽا، عيسر
آڳڙا، آبڙا، آمرا، آھيٿي، آگاڻي، آڏر
آسر، آڊر، آڏوتي، آچراڻي آڪر ريسر
لولا، لورا، لولائي، لنگھا، لنگواڻي، لوڊر
لالا، لڪياري، لورلائي، لوڊا، لنجواڻي، لھر
لانگھہ لليا، لاڪير، لاڙڪ، لڌاڻي، لوھر
لول، لڪّ، لاسي، لنگڙا، لاڪيا ۽ للر
لوڙائي، لڪٽيا، لاٻاڻا ، لولجا ۽ لھر
زرداري، زنگي، زنوار، ذرا، زير ڪاڻي، زرگر
زگري، زھري، زنگيچا، زڪير، ظاھر.

راما، رونجھا راھوجا رانجھاڻي،
راجپوت، روڏا، راجھا، راضا، رٽيڙ، رونڌر
رڏ، روھا، رڪ، راڏڻ، رئيساڻي، ريڊر
راٺوڙ، رنگ، رحماني ، رانگڙ، راز ڪاڻي، روڏر

مغل، مغيري، ميڙا، منگلا، مھاڻا، مونگر
مينگھواڙ، موچي، مارا، ملان، مماڻي، مھر
مگٽا، ميراثي، مول، ماچي،ميراڻي مير بحر
مري، مگٽيجا، موريا مڪڻ، مولائي، مھاجر
منڌرا، ملڪ، متارا، منگھڻ، مارفاڻي، مسافر
مرنگھ، مھتم، مھي، مڪول، ماڪا، ماھي، ٻيا مامر
مڳي، مگڻ، مسڻ، ماگڙا، مھتاڻي، ميھر
مرھٽا مھتا ميمڻ ملاح ملگاڻي موندر
منامجا، مرڪ ”ملوڪ“ چئي ٻيا مر ڪاڻي مھر
مانجھر، مينگل، محمد حسني، متو، مرڪند مزاور
منگي، ميٽا، مدواڻي، مارون، موساڻي، ميلر
مشتاق، منگتا، مجيداڻا، ماباري، مڪراڻي، مندر

گوپانگ، گاڏهي، گهوچائي، گورچاڻي، گهر،
گهبرا، گودوا، گوگلا، غوسائي، گبر،
گهوٽيا، گهمڻ، گاروڙي، گدا، گرماڻي ۽ گر،
گگ، گهٽا، گٽيا، گوري، گروڙي، گوندر.

ڦل، ڦرڙا، ڦهيم، ڦٽلاڻي، فيروزا، ڦوڳ، ڦڏر،
ڦل پوٽا، فاروقي، ڦيريدار، ڦلڪارا، ڦوڏر،

ڪلهوڙا، ڪانڌڙا، ڪارڙا، ڪل ڪرٽيا، ڪياگر،
ڪولاچي، قاضي، کهيري، ڪتريا، ڪرساڻي، ڪيهر،
قريشي، ڪونگا، ڪاسائي، ڪلوئي، قمبراڻي، ڪسر،
ڪليري، ڪاٺاڙي، ڪڪ، ڪلواڙي، ڪوڏا، ڪاريگر،
ڪاتيار، ڪليار، ڪلو، ڪوڏراڻي، ڪونباڻي، ڪيڏر،
ڪاڏي، ڪوري، ڪاڪي پوٽا، ٻيا ڪورڪاڻي، ڪيمياگر،
ڪولي، ڪاراڻي، ڪلوٽيا، ڪيريا، ڪونريجا، ڪٽبر،
ڪالا، قادري، قاسماڻي، قاسمي، ڪنير،
قوش، ڪچي، ڪٽا، ڪيچي، ڪلوڙ ڪاٺيارا ڪيهر،
ڪانگڙي، ڪپري، ڪونڊري، ڪرٽيا ٻيا ڪوهر،

پليجا، پيچوها، پٺاڻ، پاهي،پڻپار، پلر،
پل، پڳيا، پگهريا، پلي، پلئي پوٽا،پر،
پاتليا، پليا، پٽيل پهار پٽ، پالوٽي پوپر،
پرپيا، پسيا، پاٽولي، پانڌي ٻيا پڌر.

ڳل، ڳهيو، ڳولهيا، سي ڳاهيچا، ڳڙير،
ڳچل، ڳپل، ڳورڙا ۽ ڳودا، ڳم، ڳنور،
ڳاها، ڳڻ، ڳورا، ڳهلا، ڳنواس،ڳاهيجا، ڳڻپر،





چانڊيا، چن، چنڊول، چنا، چاڪراڻي، چاڪر،
چچڙ، چيڙ ، چوهڙ، چاچڙ، چولاڻي،چاڪر،
چڪ، چانڊڪا، چاڪي، چچڙ، چانڊاڻي، چولر،
چاها، چچا، ڇهڙا، چتروال، چنجڻي، ڪوڙ چندر،
چلڻ، چارڻ، چنگ، چاچول، چانگاڻي، چوڏر،
چاڪراڻي، ڇهواڻ، چورنگ، چيها، چچاڻي، چتر.

ڄام، ڄامڙا، ڄيٽا، ڄاموٽ، ڄاڄياڻي، ڄونر،
ڄاڄي، ڄاڄوها، ڄم، ڄڪا، ڄينخيا يار، ڄنگهر،

ڏومڪي، ڏيڏ، ڏڏڙا، ڏنڊر، ڏوبناڻي ڏانگر،
ڏوڪا، ڏولا، ڏوسا، ڏوها، ڏينباڻي ڏانهر.

o

# مهيسر جي مام

(سگهڙ عبدالرحمان جو ڪلام)

سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر به هن دؤر جي سڄاڻ ۽ سرواڻ سگهڙن مان هڪ هو. هُن ڊاڪٽر بلوچ ۽ ٻين سگهڙن سان گڏجي هِن فن جي وڏي خدمت ڪئي. سندس ڪلام ۽ سهيڙ تي ٻڏل مختلف ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن جو تعارف هن ڪتاب ۾ شامل آهي. مهيسر صاحب جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي، جنهن جو نالو "مهيسر جي مام" رکيو اٿائين. هن ڪتاب ۾ سندس زندگيءَ جو احوال ۽ ابتدائي ڪلام ڏنو ويو آهي. 215 صفحن تي ٻڌل هيءُ ڪتاب حفيظ برادرز ڳوٺ رفيق مهيسر ضلعي خيرپور ميرس پاران ظفر چشتي، ڪرم پبليڪيشن سرور مارڪيٽ اردو بازار لاهور وارن 1997ع ۾ ڇپيو ويو. هن ڪتاب ۾ سندس 1965ع کان 1995ع وارن ٽيهن سالن جو چونڊ مواد شامل آهي.

ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي. بلوچ صاحب لکي ٿو ته: "هر سگهڙ جي ڪلام ۾ ڪانه ڪا خوبي آهي پر ٻوليءَ ۽ بيان جي سهڻائي، جنهن سان ڪلام شاعريءَ واريءَ منزل تي پهچي ٿو، سا سگهڙ عبدالرحمن مهيسر جي ڪلام ۾ آهي."

بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو ته:

"مهيسر جي مام سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر جي شاعريءَ ۽ سگهڙ پائيءَ جو هڪ مثالي مجموعو آهي، جنهن کي ڏسي خوشي ٿئي ٿي ته سنڌ جي سگهڙ پائيءَ جو معيار نهايت ئي بلند ٿيو آهي."

ڪو وقت هوجو ڳوٺن ۾ ماڻهو "ڏورن ڳجهارتن وارا" يا "بيتائي" سڏبا هئا پر "سگهڙن" جي نالي مشهور نه ٿيا هئا. ميلن جي موقعي تي پَٽ





تي پوتيون وڇائي ڏورن، ڳجهارتن يا ٽڙن بيتن جون رهاڻيون ڪندا هئا پر ڪنهن سهڻيءَ سٽاءَ واريءَ "سگهڙن جي ڪچهري" جو اڃا نالو ئي ڪونه هو. جيئن ته راقم سنڌي لوڪ ادب سهيڙڻ جي ذميداري قبول ڪئي هئي، انهيءَ ڪري ضروري سمجهيو ويو ته اهي سگهڙ جن سنڌي لوڪ ادب جو ذخيرو پنهنجن سينن ۾ سانديو آهي تن سان نه رڳو ملجي پر انهن جو ماڻ شاڻ وڌائجي ۽ پڙهيلن جي دنيا ۾ انهن جو منهن مٿانهون ڪجي. 1955ع کان وٺي انهيءَ مقصد خاطر سڄيءَ سنڌ ۾ سگهڙن کي ڳولي ڏسڻ ۽ باقاعدگيءَ سان "سگهڙن جون ڪچهريون" قائم ڪرڻ منهنجو هڪ محبوب مشغلو بڻجي ويو." (ص:07)

ڪتاب جو مقدمو امان الله مهيسر لکيو آهي، جنهن ۾ هن عبدالرحمٰن جي زندگيءَ جو احوال ۽ لوڪ شاعريءَ تي تفصيل سان لکيو آهي.

ان ڪانسواءِ ضلعي خيرپور جي تعليمي ماهر سيد ضياءَ الدين شاهه به سگهڙ عبدالرحمٰن بابت ٻه اکر لکيا آهن.

ڪتاب ۾ حمد ۽ ساراهه، نصيحت، ڪچهري، سڪ سوز، مهل موقعي جابيت ۽ ڪافيون وغيره شامل آهن. هُن پنهنجي مرشد سائين راشد روضي ڌڻيءَ جي ساراهه کان سواءِ سائين غوث علي شاهه ۽ ٻين کي به واکاڻيو آهي. هيٺ ڪتاب مان چونڊ ڏجي ٿي:

### مرشد جي ساراهه

(1)

منهنجو مرشد محمد راشد سائين رهبر روضي وارو،
روءِ زمين تي روشن، آهي چوڏس جيان چوڏارو،
مشهور ساري ملڪ ۾، هر هنڌ آهِه هاڪارو،
قادري سلسلو قائم، ڪيَئين سنسار ۾ سارو،
وٺائي واٽ وِلهين کي، چڱو سهڻي ڏسيو چارو،
اچي عبدالرحمٰن چئي، ڏسو سيد پير سوپارو،
ته مڙيئي منَ مونجهارو، هڪ لحظي منجهه لهي وڃي.

(2)

لحظي منجهه لاهي ٿو، مونجهه پارس منهنجو پير،
توڪل تڪيو رب تي، سچو سندس سير،
ڏسڻ سان ٿو ڏک وڃي، ٿئي ساهه سڌير،
لکين مريد لعلڻ جا، تن جي واهر ڪري وير،
مِٺڙو محب منير، اڇي ڪامل ڏسو ڪِنگريءَ ۾.

(3)

ڪامل ڏسو ڪنگريءَ ۾ آهي پير پاڳارو،
مريدي جنهن جي ملڪن ۾، آ هند سنڌ نعرو،
دلبر جي درگاهه تي آهي نوري نظارو،
جامعه راشديه جڳ ۾ عالم اظهارو،
ديني درسگاهه هلي ٿو سالن کان سارو.
هر هنڌ جاءِ تي اٿس نالو نروارو
مفتي مولوي حافظ هزارين ڇا ڪري شاعري شمارو،
سي پاس ٿي پار پهتا، ويا ياد پڙهي يارو،
دعائون تن کي دانَهُه ڏئي پيو، مرشد موچارو،
ڪونه ڏسنديـن ڪٿهين اهڙو ڪامل قرارو،
هتي هُتي هر جاءِ تي، آهي سيد سَهارو،
منهنجو پارس پاڳارو، ملڪن ۾ مشهور آ.

(4)

ملڪن ۾ مشهور ڏسو، سائين شاهه مردان شاهه ثاني،
فائق ڏٺي فيض جو لعلڻ لاثاني،
ملڪَ مهيسر ڇوي ڏيهه سندس ڏاني،
هميشه هتي هلي پئي، خوب لنگر خاني،
اَهڙو جلوبدارُ جاني، سيّد سهڻو سنڌ ۾.

(5)

سيد سهڻو سنڌ ۾ مشهور آهي ملڪن،
هيرا موتي هزارين تنهن جي ڇُغي تي چلڪن،





ڪلنگي تاج ڪامل پائي، ته عاشق عيدون ڪن،
پيج پاڳارا پيج پاڳارا، لات پيا لنون،
پنهنجي پير مرشد سان ايڏي محبت مريدن،
محڪم شريعت محمدي تي پورا رهي ته رهن،
ساز ۽ سرودَ جي ويجهو نا وڃن،
عبادت ڪن الله جي، پيا پنجئي وقت پڙهن،
خوف خدائي مَنَ ۾ رات ڏينهن رکن
تهجد جي تياريءَ لاءِ، آڌيءَ وري اُٿن،
لاالـه الاالله هردم هنئين سان هنديائن،
ذڪر ڪن ذوق سان هاديءَ جي حڪمن،
انهيءَ جو عبدالرحمٰن چئي، آهي فڪر فقيرن
مرشد پاڻ مِڙن، اڪاريندو احسان سين،

(6)

اُڪاريندو احسان سين، ڪندو هيڏن حمايت،
پار پهچائيندو پڳ ڌڻي، آهي ڪامل ڪرامت
مريدن تي مهيسر چئي، ٿيندي ايڏي عنايت،
پٺي لائي پاڻ هلندو، جانب جماعت،
ميڙي محمد مير جي، سڀئي سلامت،
مالڪ ڏني مدنيءَ کي، آ بيحد بشارت،
سو شافع شفاعت ڪندو، ڏينهن قيام جي.

(7)

ڪندو ڏينهن قيام جي، اڙين جو آڌارُ
مير محمد مصطفٰی هوندو مالڪ جو مختيارُ
ڪوئي رهندو ڪو نڪو، اُتي گدلو گنهگارُ
پرين وٺي پاڻ هلندو، جتي جنت جو جنسارُ
ڪلمون جن قرار، سي ڏُک ڏسندا ڪينڪي.

## معما

معما ڏٺ پروليءَ جو هڪ سٺو نمونو آهي ڏٺ پروليءَ جو بنياد ڪنهن ڏنل شيءِ تي ٻڌل هوندو آهي اهڙيءَ طرح معما جو مطلب خيال ۽ ويچار تي ٻڌل هوندو آهي ڏٺ پرولي ٿورن لفظن ۾ سگهڙ ڏاهي ڏيندو ۽ انهيءَ جو جواب بہ سگهڙ سڌن سولن لفظن ۾ بيان ڪندو.

معما ۾ وڏي فن جي ضرورت آهي. سگهڙ پنهنجي خيال کي معما جي رنگ ۾ ظاهر ڪندو تہ ٻيو سگهڙ بہ انهيءَ کي بيت ۾ معما جو جواب ڏيندو، جنهن جي مراد لڪل هوندي پر معما جو ڏيندڙ ۽ معما کي سڄي ڪري ٻڌائيندڙ ٻئي سمجهندا آهن. انهيءَ ڪري معما، ڏٺ پروليءَ کان وڌيڪ ڏکي آهي، جنهن ۾ گهڻي خيال ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي. عبدالرحمٰن هيءُ بيت حفيظ الرحمٰن کي ڏنو جو بيت هيٺ ڏجي ٿو:

آهي معصومن مرڪ، جيڪي ٻنڌٽن منجهہ ٻارَ
شاهي بازار شهر ۾ تون وڃين ٿو وينجهارَ
ياد ڪري يارَ، اهو آڻجانءِ عبدالرحمٰن چئي.

يعني تہ سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر پنهنجي فرزند سگهڙ حفيظ الرحمٰن مهيسر کي معما بيت ۾. ”مکڻ“ وٺي اچڻ لاءِ هيءُ بيت ڏنو. حفيظ الرحمٰن شهر جي بازار ۾ مکڻ جي پڇا ڪئي پر مکڻ سويرو وڪامي ويو هو ۽ مکڻ مان جيڪو گيهہ ٺهي ٿو اهو خاص هڪ دڪان تي گهٽو رکيل هو، واپس موٽي پنهنجي والد کي معما جو جواب هيٺينءَ معما جي بيت ۾ جوڙي ڏنائين تہ:

باب وڃي بازار ۾ تنهن جو پڇايم پيرو
سو هليو ويو حفيظ چئي، سائين صبح سويرو
ڪاڄ ۾ جيڪو ڪم اچي، ڪري مان متيرو
هيو تنهن جو دڪان تي ديرو، اهو چئو تہ آٽي ڏيان

O





# مهيسر جي موج

(سگهڙ عبدالرحمان جو ڪلام)

حفيظ برادرز پاران 1999ع ۾ شايع ڪرايل هيءُ ڪتاب سگهڙ عبدالرحمٰن جو ٻيو ڪتاب آهي، جيڪو 155 صفحن تي ٻڌل آهي. حفيظ برادرز، سگهڙ عبدالرحمٰن جا فرزند آهن، جن ان نالي سان فقير صاحب جا ڪتاب پنهنجي خرچ تي شايع ڪرايا آهن. ڪتاب ”مهيسر جي موج“ جو نالو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ رکيو، جنهن ۾ مهيسر صاحب جي ٻن سالن دوران تخليق ڪيل شاعري شامل ڪئي وئي آهي. ڪتاب ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي ارپيو ويو آهي. منڍ واري مبارڪ (مهاڳ) ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکيو آهي، مقدمو استاد امان الله مهيسر ۽ ٻہ اکر پروفيسر شيخ محمد فاضل لکيا آهن.

ڪتاب ۾ حمد ۽ ثنا ۽ ٻين بيتن کان سواءِ وڏو حصو مهل موقعي (واقعاتي) بيتن جو آهي؛ جهن سان ڪيترن ئي واقعن جي شاعريءَ ۾ تاريخ لکي وئي آهي، تنهن ڪري اسان هن کي هڪ تاريخي ڪتاب بہ سڏي سگهون ٿا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان حوالي سان لکي ٿو تہ:

”عبدالرحمٰن مهيسر سهڻي سيرت ۽ صورت وارو سگهڙ آهي ۽ ان سان گڏ هو وڏو سرتيو ۽ سرائتو سگهڙ آهي. هو صحيح معنيٰ ۾ ”شاعر سگهڙ“ آهي ۽ هن عوامي رنگ واري سهڻي شاعري ڪئي آهي.“

جن جن واقعن تي سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر بيت چيا آهن سي ان وقت جي ماحول جو چٽو آئينو آهن. انهن ۾ محض ڳالهہ يا بيان ناهي پر حقيقت پڻ سمايل آهي. اعليٰ عوامي شاعريءَ جي اها خصوصيت آهي جو جيڪو بيان ڪجي سو سچو هجي. اڳيان پارڪو چئي ويا آهن تہ: ”شاعر اهو

جو سچ چوي.”

سو سگھڙ عبدالرحمٰن بہ پنھنجن بيتن ۾ گھڻيون سچيون ڳالھيون ڪيون آھن. سائين غوث علي شاھ ڪي ڏوراپو ڏنائين تہ:

”ڪم ڪرين پيو ڪيترن جا، مون اھوجھہ سان انڪار!“

بس ھن ھڪ ست سان سگھڙ عبدالرحمٰن جا سڀ ڪم ٿي ويا.

ڪمشنر نثار احمد صديقيءَ ڪي بہ چئي ڏنائين تہ:

”مارين ٿيون مھيسر چوي تنھنجيون ليٺ واريون لُوھان“

ٻڌڻ سان صديقي صاحب وڏا ٺھڪ ڏنا.

مير شاھنواز خان شاھلياڻي (جمالي) ھڪ ھر دلعزيز انسان ھو ۽ سندس وفات تي اسان ڪي وڏو صدمو پھتو. سگھڙ عبدالرحمٰن پنھنجي بيت ۾ حقيقت بيان ڪئي تہ:

”محبت وارو ميننھن، وسائي ويو وَڏ ڦُڙو“

ھڪڙي دفعي ڪتاب لاھور ۾ ويھي پاڻ ڇپايائين تڏھن البت دانھن ڪيائين تہ:

”ھِت ڏکيون ڏنم اڇي ڳالھيون، ٻيو لاھورين جو لَمُ“

ڪمشنر خالد محمود سومري ڪي بہ چئي ڏنائين تہ:

”پئسي نٿو پنڌ پُڄي، ٿا غم وڌن گوندر“

سومري صاحب بيت ٻڌي ڪلي ڏنو.

ھن ڪتاب ۾ واقعاتي بيتن کانسواءِ ڳجھارتون، نصيحت، سڪ سوز وارا بيت بہ ڏنا ويا آھن. ڳجھارتون بہ موضوع وار ڏنيون ويون آھن، جھڙوڪ: شاھ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، شھيد عبدالرحمٰن کھڙائي وغيره. ڪتاب مان چوند ڳجھارتون ھيٺ ڏجن ٿيون.

## شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ

(1)

**ڏيٺي:** پونءِ جي ٻولي شاھہ پوءِ پونءِ جي ماڻي،





پونءِ جي= ھيٺانھين. ٻولي= ھلي. پونءِ جي= مٿانھين.

**پيچٽي:** ھيٺانھين ھلي شاھہ پوءِ مٿانھين ماڻي.

(2)

**ڏيٺي:** نالي تي شاھہ نالو ڪيو.

نالو= ڪِراڙ (ڏِنڊي) نالو= قرار

**پيچٽي:** ڪراڙِ تي شاھہ قرار ڪيو.

(3)

**ڏيٺي:** شاھہ جو پنھنجو نرنان ذات ھو.

پنھنجو = نانو، نرنان = عرس فقير، ذات= ڏيرو

**پيچٽي:** شاھہ جو نانو عرس فقير ڏيرو ھو.

## سچل سرمست رحہ

(1)

**ڏيٺي:** ملڪ ۾ فقير نالو ٻولي نالو آ.

ملڪ= سنڌ، فقير= صوفي، نالو = سچل، ٻولي= ثاني. نالو= منصور.

**پيچٽي:** سنڌ ۾ صوفي سچل ثاني منصور آ.

(2)

**ڏيٺي:** ليڪو علم جو نرنان جو نالو ھو.

ليڪو= پھرين. علم جو= استاد. نرنان= سچل سرمست. نالو = حافظ عبدالله.

**پيچٽي:** پھريون استاد سچل سرمست جو حافظ عبدالله ھو.

(3)

**ڏيٺي:** نرنان نالي ڪي پنھنجو نالو مڃيو آھي.

نرنان= سچل سرمست، نالو= عطار. نالو= سالار

**پيچٽي:** سچل سرمست عطار ڪي پنھنجو سالار مڃيو آھي.

## مخدوم شھيد عبدالرحمٰن کھڙائي

**ڏيٺي:** علم جو نرنانءَ ڪي شھر ۾ ذات پڪي ڪرايو.

علم جو = مخدوم. نرنان= عبدالرحمٰن. شھر= کھڙا. ذات=

کلهوڙا. پکي= شهيد.

**پيچٺي:** مخدوم عبدالرحمٰن کي کهڙن ۾ ڪلهوڙن شهيد ڪرايو.

## امام بخاري رح

**ڏيٺي:** نرنان ذات علم جون حاڪيماڻي رَڇ ڪيون.

نرنان= امام. ذات = بخاري. علم جون= حديثون. حاڪيماڻي= صحيح. رچ= گڏون.

**پيچٺي:** امام بخاريءَ حديثون صحيح گڏ ڪيون.

## سرائيتون ڳجهارتون

### مارئي

(1)

**ڏيٺي:** ڪاٺ جن تي ويهي وڪر ڏيندي هيس مارن کي.

ڪاٺ جا= چرڪا (چرخا) وڪر= ڪتيلو.

**پيچٺي:** چرخن تي ويهي ڪتي لوئي ڏيندي هيس مارن کي.

(2)

**ڏيٺي:** لوهه جو باهه جو ذات نه.

لوهه جو= ڪير+. باهه جو= ساڙُ. ذات= سامٿيا.

**پيچٺي:** اڪير ساڙيهه(ساٽيهه) وطن جي سا مٿيان نه.

### راءِ ڏياچ

**ڏيٺي:** نالا ته گهڻا پڌا ذات مال جو ٿنهنجي

نالو= دمساز. ذات= ڪاتيار. مال جي= لڳي.

**پيچٺي:** دم ساز گهڻا ڪا تار لڳي ٿنهنجي.

o





# مهيسر جي مُرڪَ

(سگهڙ عبدالرحمان جو ڪلام)

سگهڙ عبدالرحمٰن ٻن ٻن سالن جي وٿيءَ سان ٽي ڪتاب ڇپرايا. سندس هيءُ ٽيون ڪتاب 2001ع ۾ آيو، جيڪو به حفيظ برادرز ڳوٺ رفيق مهيسر، تعلقي ڪنگري ضلعي خيرپور ميرس پاران ڇپيو. هِن جو مهاڳ به ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو. ڪتاب ”آزاديءَ جي علمبردار، حُر تحريڪ جي عظيم سرواڻ سورهيه پير سيد صبغت الله شاهه (ثاني) شهيد پير پاڳاري کي منسوب ڪيو ويو.“

ڪتاب کي هيٺين (9) بابن ۾ ورهايو ويو آهي.

1. حمد و ثنا ساراهه، 2. نصيحت ۽ دانائي، 3. سڪ ۽ سوز محبت جو مذڪور، 4. ياري، 5.خوش طبعيءَ وارو خيال، 6. مهل موقعي جا بيت، 7. ڪچهري، 8. غزل بيت ۽ ڪافيون، 9. ضميمو.

هتي ڪتاب مان چونڊ ڏجي ٿي؛

## سڪ ۽ سوز ۾ محبت جو مذڪور

(1)

ساري سڄڻ يار کي، منهنجي اکين آندو آبُ،
عجيب لاءِ عبدالرحمٰن چوي، رڳون ٿيون ربابُ،
عشق جي آڙاهه جو، تکيرو آ تابُ،
جيرا جگر بڪيون، ٿو نهوڙي نوابُ،
سارو بدن سڙي صفا، ڳلئي ٿيو ڪبابُ،
برهه وارو بابُ، پريڻ پاڻ پڙهائيو،

(2)

ساري سڄڻ يار ڪي، ٿا نيڻ وهن نارا،
روڪجن ڪين روئڻ ڪان ڪيم حيلا هزارا،
اوتر ڪري اُٿلي پيون، سانوڻ سيارا،
سُڪ سمهڻ تن ويو، ڪُلئي قرارا،
آهن برهه جا بارا، اوڪا عبدالرحمٰن چوي،

(3)

ساري سڄڻ يار ڪي، روئي ڪيم رنگَ،
پلپل پڪارون پرينءَ ڪي، ڪن عضوا ڪلئي انگَ،
صَبا وڃي سيگهه ۾، ڏي نياپا نسنگَ،
ته ٿنهنجي وِرهه وڏا ونگَ، آهن اندر ۾ عبدالرحمٰن چوي.

## واقعاتي بيت

### اريگيشن اسڪارپ خيرپور وارا

ٽيوب ويل C_41 ٻن سالن ڪان وٺي خراب ٿي پيو ۽ ٽرانسفارمر سڙي ويو، تنهن ڪان پوءِ اُن وقت S.D.O ٻيو سامان به ٽيوب ويل مان ڪڍرائي ڪٽي ويو. جڏهن ربيع 2000ع ۾ پاٽيءَ جي ڪوٽ ٿي ته ٽيوب ويل سب ڊويزن جي آفيسر نصير پنجابيءِ سان ملڻ ٿيو، جنهن چيو ته انجنيئر صاحب سان خيرپور ۾ وڃي ملو، اُهو مسئلو حل ڪندو تنهن ڪان پوءِ مسٽر منظور حسين پنهيار انجنيئر سان آفيس ۾ وڃي مليس. انهيءَ زوردار نوٽ S.D.O گمبٽ ڏي لکي ڏنو ۽ ساڱس فون تي به ڳالهايائين ته هفتي اندر ٽيوب ويل هلائي ڏيو. پوءِ روزانو انجنيئر صاحب سان آفيس ۾ ملڻ لاءِ خيرپور وڃڻ پيو ٿئي ۽ اُتان وري گمبٽ S.D.O آفيس ۾ روزانو حاضريون. آخر مهيني ڪان پوءِ S.D.O گمبٽ جي آفيس ۾ اُتي بيت ٺاهي انجنيئر صاحب کي فون تي خيرپور ٻڌايم ته چيائين فقير رحم رحم پوءِ S.D.O سان ڳالهايائين جنهن چيو ته ٽرانسفارمر به اوهان پنهنجي مدد پاڻ تحت ٺهرايو آهي، هاڻي ڊي فٽنگ جو خرچ به اوهان ڪاتيدار پريو ۽ واپڊا وارن ڪان ٺهرائي ڏيو ته هلائي ڏيون. آخر مجبوراً اسان اُهو ڪم ڪيو، تڏهن ٽيوب ويل هلائي ڏنائون.





### بيت

مولٰي سمجهاءِ مالڪ تون، اصل اسڪارپ وارن کي،
رُلائي ماڻهن جو رت ڪدين ٿا، هَر جي ڪن هزارن کي،
آسرا اڄ صبحاڻي جا، ملن پيا مون پارن کي،
ٽپڙ وڪڻن ٽيوب ويلن جا، کهڙيون يار مياروُن يارن کي،
چانهه جو چُڪو پيارين پيا، پرت وارن پيارن کي،
ڏوڪڙ سواءِ ڏهاڙي هلائين، اک جي ته اشارن کي،
احساس ڏاڍو عوام جو، وڏو آهي ويچارن کي،
اوورسيئر، ايس ڊي او، انجنيئر چاڪن چورن چوڪيدارن کي،
اُهي به انهن جا ئي آهن، ڇا منڙا ڪندا ميارن کي،
ادريس راجپوت آنيسٽ چوان، يا سيڪريٽري سارن کي،
منظور صاحب ملٽو جهلٽو، ٻي پارت ڪرايان پنهيارن کي،
آبپاشي نظام ابتو ٿي ويو، پوءِ ناهي ڪو پلارن کي،
پهرين تاريخ پگهار جو پئسو، ملي ملازمن ماهوارن کي،
ڊپ ڊيوٽيءَ جو ڪونهي ڪنهن کي، ٿين سفارشون سونهارن کي،
سو ظلم جو پئسو ظاهر ڏين ٿا، ٻچن پنهنجن ٻارن کي،
حلال روزي هر ڪو ڪمائي، اهڙو آ آرڊر عملدارن کي،
سي حڪم هلندا هيٺن تي، ڇا ڪندا شاهوڪارن کي،
پر ڪرسي بچائين پيا ڪامورا، نه ٻرو چَون بيلدارن کي،
ملڪ سان منهن ڪير ڏيندو، ڏسو اوندهه انڌوڪارن کي،
الله سمجهائي عبدالرحمٰن چوي، رشوتي رياڪارن کي،
سمجهي سگهيس ڪونڪو، تن جي چار وڏل ڇارن کي،
صلاح منهنجي سهڻي آهي منڙن مارن کي،
ته دانهن جو نيٺ داد ٿيندو، پرور ٻڌندو پڪارن کي،
باقي خاص هِن ڪاتي وارن کي، منهن نه پئجو ملڪ ۾.

O

# حال حيات ضلعي خيرپور جا سُگهڙ

سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر جو ترتيب ڏنل هيءُ ڪتاب 2003ع ۾ سنڌ سگهڙ ادبي پلاٽي تنظيم ضلعي خيرپور ميرس شايع ڪرايو، جنهن ۾ هن ضلعي جي(56) حال حيات سگهڙن جو احوال ڏنو ويو آهي، هن وقت انهن مان ڪي ته الله سائينءَ کي پيارا ٿي چُڪا آهن.جيئن سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر ۽ سگهڙ محمد سومر ڳاهو.

هن ڪتاب بابت عبدالرحمٰن مهيسر صاحب لکي ٿو ته:

”طبيعت جي ناچاقائي هوندي به اها ذميواري راقم جي حوالي ڪئي وئي، اُنهيءَ عظيم مقصد کي نظر ۾ رکندي سگهڙن وٽان مواد هٿ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ سگهڙن دوستن جي در در وڃي مواد هٿ ڪيو ويو، ڪي سگهڙ مون سان رابطي ۾ رهيا، پوءِ تازو 2002ع جي آخر ۾ سنڌ سگهڙ ادبي پلاٽي تنظيم وجود ۾ آئي، الله پاڪ جي آسري تي ڪم شروع ڪيوسين. ضلعي خيرپور جي سيني سگهڙن اٽل ارادي سان پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪتاب جي ڇپائيءَ جو بار کڻهن تي ڪنيو ۽ مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو، ڪتاب کي ترتيب ڏيڻ وقت بيتن جي هڪجهڙائي يا گهٽي مواد جي ڪري ڪجهه ڪٽوتي ڪئي وئي آهي، جيئن ڇپائيءَ جو بار هلڪو ٿئي. اُن ڪري سگهڙ ساٿين کان معذرت ڪريون ٿا. هيءَ اسان جي ننڍڙي ڪوشش بنيادي دستاويز جي حيثيت ضرور رکندي، جيئن مستقبل جا لکندڙ اديب تاريخدان انهيءَ مواد کي وڌيڪ سهڻو بڻائي لکي سگهن. تاريخ 3 مئي 2003ع تي ڪاري موري حيدرآباد ۾ آل سنڌ سگهڙ ادبي پلاٽي تنظيم جي مرڪزي بادي سگهڙن جي سرپرست اعليٰ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي صدارت هيٺ چونڊ وئي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب سڄي





سنڌ کان ڪهي آيل سگهڙن کي تمام گهڻو همٿايو ۽ آل سنڌ سگهڙ ڪانفرنس ۾ راقم پنهنجي تقرير ۾ سگهڙن کي گذارش ڪئي ته نيڪ نيت ۽ اٽل ارادي سان پاڻ ۾ سخن ڪريون ته هر ضلعي جا سگهڙ پنهنجي پنهنجي ضلعي جي سگهڙن جو ڪتاب ترتيب ڏئي ڇپرائين، جيئن سگهڙن جو ڇيل فن وڌيڪ اُجاگر ٿئي. اڄ جو نسل ڪلهه کان ناواقف آهي، ته سڀاڻي وارو نسل اڄوڪن سگهڙن کان ناواقف هوندو. سنڌ جي سيني آيل سگهڙن خوشيءَ سان اهڙي عملي ڪم جي تائيد ڪئي ۽ يقين ڏياريو ته انهيءَ ڪتابي ڪم کي توڙ تائين پهچائڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونه ڇڏينداسون. انشاءَ الله تعاليٰ اهو ڏينهن پري ڪونهي جو ضلعي وار سگهڙن جا ڪتاب منظر عام تي اچي ويندا، مون پنهنجي حال آهر حال حيات ضلعي خيرپور جي سگهڙن جو فن مختصر طور هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو آهي ته جيئن سيني سگهڙ ساٿين کي شامل ڪريان، اُن کان سواءِ ڪي سگهڙن جا نالا مون کان رهجي به ويا هوندا، پر جيڪڏهن ڪجهه سگهڙ شامل نه ٿي سگهيا هجن ته ڪنهن حوالي سان اُنهن پنهنجو سهڪاري هٿ نه ڏگهيريو هوندو، يا وري اُهي نالا رهجي ويا هوندا، جيڪي صرف نالي ۾ سگهڙ هوندا.“

ڪتاب ۾ يعقوب علي زرداري صاحب جا لکيل ٻه اکر به شامل ڪيا ويا آهن، جيڪو ان وقت پاڪستان ريلويز سکر جو ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ هو.

ڪتاب ۾ مختصر تعارف سان گڏ سگهڙ جو چونڊ ڪلام پڻ ڏنو ويو آهي. ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي مختيار ملڪ سگهڙ عبدالرحمٰن جو تعارف لکيو آهي.

O

# لاتيون سُڻ لقمان جون

هن ڪتاب ۾ سگھڙ محمد لقمان ڪوڪر جي زندگيءَ جو احوال ۽ ڪلام ڏنو ويو آهي، جيڪو ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ترتيب ڏنو آهي. اهو ڪتاب سنڌ سگھڙ پلاٽي تنظيم ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙي باڊهه ضلعي لاڙڪاڻي پاران جنوري 1995ع ۾ شايع ڪرايو ويو. محمد لقمان ڪوڪر استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جو پيارو شاگرد آهي. ڪوڪر صاحب پنهنجو هيءُ ڪتاب پنهنجي استاد کي ارپيو آهي. ڪتاب ۾ سگھڙ بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ، ڊاڪٽر اياز قادريءَ، سوڀي گيانچنداڻيءَ ۽ ڊاڪٽر بدر اُجڻ جا ويچار پڻ ڏنل آهن. ڊاڪٽر پٺاڻ صاحب سگھڙ جي تعارف سميت تفصيلي مقدمو به لکيو آهي. ان سان گڏ لقمان ڪوڪر "سگھڙ جي ڪهاڻي، سنڌس ئي زباني" ۾ سگھڙن جي قدر داني، ادارن جي روين، ڪتاب جي ڇپائيءَ واري سفر ۽ پنهنجن ڏکن سکن جو دل کولي بيان ڪيو آهي.

ڪتاب کي يارهن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. باب پهريون: حمد منهنجي هاديءَ جا ، ٻيو: ثنا منهنجي سيد جي، ٽيون: اعلىٰ علي ۽ ابن علي، چوٿون: حق غوث بهاءُ الحق، پنجون: ڀٽ ڌڻي پلارو لطيف، ڇهون: سنڌڙيءَ جو شهباز قلندر، ستون: نصيحت نامو، اٺون: سنڌ نامو، نائون: محبت نامو، ڏهون: سگھڙ نامو ۽ يارهون: سر سريلا سر. آخر ۾ اختصار جي عنوان سان قلم جي موضوع تي 09 بيت ڏنل آهن. مٿين بابن ۾ موضوع جي مناسبت سان لوڪ ادب جي لڳ ڀڳ هر شعري صنف سمائي وئي آهي، مثال طور: هنر، ڏور، ڏٺ، ڳجهارت، ست سري، مختلف سرن جهڙوڪ: سارنگ، مارئيءَ، سسئيءَ، سهڻيءَ ۽ نوري ڄام تماچيءَ تي بيت وغيره

www.sindhsalamat.com



اچي وڃن ٿا. 400 کان وڌيڪ صفحن واري هن ڪتاب ۾ سرائڪي ٻوليءَ ۾ به ڪجهه بيت ڏنل آهن. هتي هڪ **منقبت "ببر نر علي آن"** ڏني وڃي ٿي.

تون شير خدا ببر نر علي آن،
حلاليءَ ۽ حراميءَ کي ڪندو ظاهر علي آن.

تون سخين ۾ سخي آن پهريون نمبر،
تنهنجو نه ٿيو اڃ تائين ڪوئي همسر،
در تان نه موٽيو خالي ڪوئي گدا گر،
گدا مان ڪيئي بڻيا تاجدار تونگر،
توکي نه مڃي جيڪو سو موذي آ منڪر،
تون رئندن جي ڪندو رهبر واهر علي آن.

تو ٻي نورن کي نور ڏئي نروار ڪيو،
تو مانيءَ جي عيوض مهار ڏئي قمبر لئه قرار ڪيو،
جو پٽيل کي پتو نه پيو اهڙو آروپار ڪيو،
تارازيءَ ۾ تري تور ٿيو اهڙو ڏڙ ڏار ڪيو،
جو منڪر آ محمد جو تنهن کي ڪندو دربدر علي آن.

تنهنجي آڏو سخاوت به جهڪي سلام ڪيو،
تنهنجي آڏو هر طاقت به جهڪي سلام ڪيو،
تنهنجي آڏو ڪرامت به جهڪي سلام ڪيو،
تنهنجي آڏو امامت به جهڪي سلام ڪيو،
تنهنجي آڏو شهادت به جهڪي سلام ڪيو،
تون والي ڪوثر، سيد صابر علي آن.

تنهنجي ڪعبي ۾ ولادت آ راز الاهي،
تنهنجي مسجد ۾ شهادت آ راز الاهي،
تنهنجي ڪشف ڪرامت آ راز الاهي،
تنهنجي اعلىٰ عبادت آ راز الاهي،

www.sindhsalamat.com

عـلـم جـو شـھـر مـحـمـد، تـہ تـون در عـلـي آن.

تـون مـحـمـد جـي زبـان ۽ شـان آن حـيـدر،
تـون مـحـمـد جـو جسـم ۽ جـان آن حـيـدر،
تـون مـحـمـد جـي عـزت ۽ مـان آن حـيـدر،
تـون فـيـض رحـمـت نـاطـق قـرآن آن حـيـدر،
تـون ”لـقـمـان“ جـو ديـن ايـمـان آن حـيـدر،
تـون اسـلام جـو اتـم اعـلـیٰ مـمـبـر عـلـي آن.

o





# لعل ڪٽا لقمان جا

سگھڙ محمد لقمان ڪوڪر جوھيءُ ٻيو ڪتاب بلاول برادران ڳوٺ مصطفیٰ آباد ضلعي لاڙڪاڻي پاران. 2002ع ۾ شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ 192 صفحا آهن. ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي. جڏهن تہ سيد صالح محمد شاهہ، تاج جوئي، احمد خان سهاڳ، انور ساگر ڪانڌڙي ۽ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جا ويچار بہ شامل آهن.

تاج جويو صاحب لکي ٿو تہ: ”سگھڙ پائيءَ جي فن ۾ بيت کي وڏي اهميت حاصل آهي ۽ لقمان ڪوڪر جا بيت پختا ۽ تجنيس حرفيءَ جي هنر سان سينگاريل آهن. سندس سنڌي شاعري تہ پلوڙ آهي پر سندس سرائيڪي بيت ۽ ڪافيون، رواني ۽ ٻوليءَ جي حُسن جي حوالي سان وڏيڪ متاثر ڪن ٿيون.“

هن ڪتاب ۾ لقمان ڪوڪر ڌرتيءَ جا درد شاعريءَ ۾ اوتيا آهن، لوڪ شاعريءَ جي سيني صنفن ۾ هِن سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي سورن کي سمايو آهي، ڪجھ چونڊ شعر اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجن ٿا تہ جيئن اوهان بہ انهن جو چَس وٺي سگھو.

### سنڌڙيءَ جا سور

(1)

کهڙا سور لکان سنڌ جا، سنڌ ڏني دانهن،
رت پي رهزن ويا، جيئن چاڙهي پيئن چانهن،
ٻيلي منهنجي ٻانهن، ڇڏايو لٽيرن کان لقمان چئي.

(2)

کهڙا سور لکان سنڌ جا، آ سنڌ سان وڏو ويل،
تا ڏوهي گهمن ڏيهه ۾، آ جهانگيئڙن لئه جيل،
نتو هٽي نيل، ڪولٽيرن کي لقمان چئي.

(3)

کهڙا سور لکان سنڌ جا، آ سنڌ ۾ لچالٽ،
غيرت وئي غرق ٿي، آ رڳو گولين گوگهٽ،
ڪڏي نتو ڪٽ، ڪولٽيرن کي لقمان چئي.

(4)

ساڄيا سنڌي ساڄي سنڌ، دل نه تنين ساڄي،
ساڄيا ڀاڄيا ساڄي ڀونءِ، پر نه ساڄيا ڀاڄي،
پاڻ پيڙن پاڻ کي، نه سندن ڪائي سڃاڄي،
جنين ننڊ نياڄي، سي لوڙين پيا لقمان چئي.

(5)

سوڙهو ڪرين ساڙيلا، ڏلا تون درياهه،
موڳا هن مهراڻ ۾، سانگيئڙن جو ساهه،
لوڏي ڪڍندئي لاهه، لاڪيئڙا لقمان چئي.

(6)

موڳا هن مهراڻ کي، تو ڏلا وجهين در،
ماري وجهندئي ماروئڙا، هاري ڪٽي هر،
ڪري ڪنڌيءَ قبر، لٽيندئي لقمان چئي.

(7)

موڳا هن مهراڻ تي، تو ناهين ڪالا ڊيم،
سانگيئڙن جو سنڌوءَ سان، پڪو اٿئي پريم،
گندي تنهنجي گيم، لڙهي ويندي لقمان چئي.





## دهشتگردي مرده باد

دهشتگردي، مرده باد،
وحشتگردي، مرده باد.

روزانو ڏس، ڪير ڪسن ٿا،
نفرت گردي، مرده باد.

اغوا گوليون، بم بندوقون،
ڪلفت گردي، مرده باد.

ڏيهه جا ڏوهي، رِها رپين تي،
رشوت گردي، مرده آباد.

قسم تي ڪوڙي، ڏين گواهي،
ڪپتگردي، مرده باد.

مظلومن جا، حق هضم ٿيا،
خيانت گردي، مرده باد.

ڪوڙن قيدي، هاري ناري،
دولت گردي، مرده باد.

لچالٽ جو، روز ڏنتو آ،
نحوست گردي، مرده آباد.

روز ملاوت، چور بازاري،
بچت گردي، مرده باد.

لقمان ملن ٿا، لاش ٻورين مان،
ظلمت گردي، مرده باد.

ڏهين آگسٽ_ 1994ع تي ڪاڇي جي ٻوڏ جي ستايلن لاءِ وقت جي وزير اعظم محترمه بينظير ڀٽو کي سگهڙ فقير محمد لقمان ڪوڪر ”جيڪي ڏٺو مون“ ۾ اپيل ڪندي چيو ته:

## جيڪي ڏٺو مون

وزير اعظم آءُ، ڏسي وچ،
گاج نئين جا گهاءَ، ڏسي وچ.

بند ٽُٽي پيا، جاتئون ڪاتئون،
پاڻيءَ جا پڙلاءَ، ڏسي وچ.

بند مرامت، ڪنهن نہ ڪيا ها،
هڙني جو تہ حياءُ، ڏسي وچ.

انجنيئر ايسي، سروئير ايسديا،
ڇا پيا ڪن هت ڇاءُ، ڏسي وچ.

رات انڌيري، جاڏهون ڪاڏهون،
ڇولين جو ڇڇڪاءُ، ڏسي وچ.

جنهنجا ٻچا ويا، جنهنجيءَ هنج مان،
سا روئي ويٺي، ماءُ ڏسي وچ.

ڪاڻ پيئڻ لئہ، ڪجهہ نہ بچو آ،
بک تي پيٽ نر پاءُ، ڏسي وچ.

ڳوٺن جا هت، ڳوٺ لُڙهي ويا،
ڪنهن نہ آيو ڪهڪاءُ ڏسي وچ.

شهداد ڪوٽ، قمبر وارهہ دادو،
لاشن جا تہ لڪاءَ، ڏسي وچ.

جوهي منڇر، انڇر ٿي وئي،
ٿا لاش ترن تلاءُ، ڏسي وچ.





امداد ڏني تو، ٻوڏ ٻڏن لئہ،
دلّن جا هِت داءَ، ڏسي وچ.

راشن پاڻي، پاڻ ويا ڪائي،
ٿلها تن ٿڪاءَ، ڏسي وچ.

اٽو داليون، گيهہ ۽ چانور،
ڪونہ مليو آ پاءُ، ڏسي وچ.

غريب بندن تي، ٻُک مرن ٿا،
پاڻ ڪائن پلاءَ، ڏسي وچ.

هي افسر شاهي، تنهنجا ڪامورا،
ٿا ڪونہ لهن سماءُ ڏسي وچ.

ميمبر ڪارڪن، وزير سڳورا،
پيٽ پرن ٿا هاءُ، ڏسي وچ.

بلاول صدقي، بکين ڏکين سان،
وڏن جو ورتاءُ، ڏسي وچ.

ڪئمپن ۾ هت، ٻوڏ ٻڏن سان،
آفيسرن جو اَٽڪاءُ، ڏسي وچ.

لاش لُڙهي، "لقمان" لڪين ويا،
پوءِ بہ چون ٿا، بچاءُ ڏسي وچ.

O

# لوچون ڏس لقمان جون

سگهڙ محمد لقمان ڪوکر هن دؤر جو هڪ مڃيل سگهڙ آهي، بلڪ جيڪڏهن ائين لکجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هِن دؤر جي ناليوارن سگهڙن منجهان هڪ آهي. ريڊيي، ٽي ويءَ تي ٻڌڻ ڏسڻ سان گڏ مون ساڻس ڪچهريون بہ ڪيون آهن تہ وري سندس ڪتاب 1. لاتيون سڻ لقمان جون، 2.لعل ڪٽا لقمان جا بہ پڙهيا آهن. سندس هيءُ ڪتاب بہ نظر مان ڪڍيو اٿم. سندس ٽنهن ڪتابن ۾ لوڪ ادب جون مڙيئي صنفون سمايل آهن. سگهڙائپ جي فن جي روايت ۽ قانون مطابق هر هڪ ڪتاب جي ابتدا حمد ۽ نعت ڪان ڪئي وئي آهي. هيءُ همراهہ عملي زندگيءَ ۾ بہ هر ڪم جي شروعات الله ٻاجهاري جي نالي سان ڪندو آهي، اهو ئي سبب آهي تہ سدائين سندس ٻيڙا پار هوندا آهن.

سندس هن ڪتاب ۾ ڪجهہ نوان موضوع بہ شامل ٿيل آهن. جيئن ٻوڏ. سنڌو درياهہ جي 2010ع واريءَ ٻوڏ پاڪستان خاص ڪري سنڌ ۾ جيڪا تباهي مچائي، ان جو مثال نہ ٿو ملي، فقير لقمان چئي ٿو تہ:

لکين لڙهيا انسان، ڪير پريندو؟
هيڏو هيءُ نقصان، ڪير پريندو؟

ٽوڙهي بند ڪي بم هنيائون
سنڌ ڪيائون سنسان، ڪير پريندو؟

گڏوءَ سکر تي زور وڌو آ
الله ڏيندس امانَ، ڪير پريندو؟





جيڪب آباد، جعفرآباد ٻوڙي هليو
پاڙي بلوچستان، ڪير پريندو؟

”ڪير پريندو؟“ جي موضوع تي سندس اهو شعر (19) بندن تي ٻڌل آهي، جنهن ڪي اسان واقعاتي بيتن/شاعريءَ ۾ شمار ڪري سگهون ٿا، ٻوڏ واري واقعي جو لقمان اکين ڏٺو شاهد ٿي واقعا بيان ڪندو وڃي ٿو. ان ريت سگهڙ پنهنجيءَ سنڌ جي تاريخ محفوظ ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت طوفاني برسات، بجليءَ جي لوڊ شيڊنگ ۽ موبائيل فون کي بہ موضوع بڻايو اٿائين، تعليم جي تباهيءَ تي رت جا ڳوڙها ڳاڙي ٿو:

تعليم ٿي مَرندي وڃي
هيءَ قوم ٿي ڪِرندي وڃي

اي سنڌ جا سياستگرو
اي مانوارا منسترو
اعليٰ علم جا ماهرو
اي محققو دانشورو
پر سوچو ڪجهہ تعليم تي
عين، لام ۽ ميم تي
دل منهنجي ٻُرندي وڃي
تعليم ٿي مرندي وڃي
قوم ٿي ڪِرندي وڃي

هن ڪتاب ۾ سگهڙ محمد لقمان جي شعور جو جوڀن نظر اچي ٿو، منجهس قوم جي ترقيءَ جو وڏو اونو نظر اچي ٿو. سندس شاعري پڙهي استاد بخاريءَ جون سڪون لهن ٿيون. يقيناً مٿس استاد بخاريءَ جو اثر هوندو. اهو ئي سبب آهي تہ سگهڙ محمد لقمان جي شعور ۽ Diction ۾ اُستاد بخاريءَ جي شخصيت ۽ ڪلام جو هڳاءُ اچي ٿو. هِن همراهہ پنهنجي ڪتاب ۾ غزل جي صنف تي بہ طبع آزمائي ڪئي آهي. غزل جو اصل موضوع عورت سان ڳالهيون ڪرڻ،سندس سونهن بيان ڪرڻ، زلفن جا پيچ ۽

سينگار جون ڳالهيون ڪرڻ وغيره آهي پر هِن همراهه غزل ۾ به ڌرتيءَ جون دانهون ۽ آهون پريون آهن.

رهيل هڪ آن ٻوري هئي، سا به برسات لوڙهي وئي،
تَرڻ لاءِ پيندي توري هئي، سا به برسات لوڙهي وئي.

ساڳيءَ ريت ڪافيءَ ۾ به هن مختلف موضوع آندا آهن. معاشرتي غزل به لکيا اٿائين: مثال:

غريب جي چلهه ٻري نه ٿي،
امير جي چلهه ٺري نه ٿي،

هو امداد زڪوات ويٺو کائي،
هن لاءِ حڪومت ڪري نه ٿي،

مان ”لقمان“ لکڻ تي مجبور آهيان،
سچ سوا منهنجي سَري نه ٿي.

محمد لقمان اڄ جي سياستدان کي به آئينو ڏيکاريو آهي. ان ڪانسواءِ لاڙڪاڻي ۽ قمبر ضلعن جي تاريخ جاگرافي به بيان ڪئي اٿائين، لاڙڪاڻا ميڏا لعل ۽ ”قمبر عنبر آ“ ۾ ٻنهن ضلعن جو مڪمل تعارف ڪرايو اٿائين، اتان جا بزرگ،شاعر، اديب، ذاتيون، ڳوٺ، شهر، شخصيتون، ڪاڏا پيتا وغيره ڏاڍي سهڻي انداز ۾ بيان ڪيا اٿائين.

ڏهس ڏکي صنف ته آهي پر وڏي پائي جا سگهڙ ان تي طبع آزمائي ڪي لازمي سمجهندا آهن چاڪاڻ ته سگهڙ جي ذات جي پرک جو هڪ ماپو ڏهس به آهي. محمد لقمان ڪوڪر ڏهس کان به اڳتي نڪري ٽيهس چاليهس تي پهتو آهي. ڪتاب مان سرائڪي ٽيهس پڙهي سندس ڪاريگريءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ڪتاب ۾ هنر، ڏور بيت، رسالو ڳجهارت، قلندر سائين، سچل سرمست ۽ تقي شاهه باداهيءَ بابت شعر، سينگار، ڪي ٿي اين، ايڪتا جو ڏينهن، پهاڪا، مورو، جمالو، همرچو، لولي ۽ نصيحت جا بيت ڏنل آهن.





محمد لقمان جي هن ڪتاب پڙهڻ سان ماڻهون سوچڻ ۽ لوچڻ تي مجبور ٿي پئي ٿو. مون کي پڪ آهي ته هيءَ سوچ ۽ لوچ ضرور ڪو ٻوٽو ٻاريندي.

## بجليءَ جو بحران

واهه جو بِجلي، تنهنجو ٻَرڻ آ،
انهيءَ ٻرڻ کان، سٺو مرڻ آ.
(1)
چوويهه ئي ڪلاڪ، چَٽ هِن تنهنجا،
وڏا هي اندر ۾ ڦٽَ هِن تنهنجا،
منٿ ۾ تنهنجو اچڻ وڃڻ آ.
(2)
مانيءَ مَهل پيي، تنهنجي آ تعدي،
ماني ته جهڙي ڪاڏي نه ڪاڏي،
نصيب اوندهه ۾ بسيون چَٽِڻ آ.
(3)
ڏهن ڪلاڪن ۾ بلب پيي نه ٻارين،
مَريضن کي ٿي، گهر ۾ مارين،
گرميءَ ۾ ڏاڍو ڏکيو ٿيو جيئڻ آ.
(4)
لوڊشيڊنگ آ، تنهنجي جاري،
ٽائيم نه ٽيبل، توبهه زاري،
ماڻي تاڻي، تنهنجو هلڻ آ.
(5)
درزي ويٺا دُعائون گهرائن،
ڪيئن ڪاريگر مِشن هَلائن،
جَن جي روزي، ڪپڙا سِبَڻ آ.

(6)

نکي چڙھايون، نکي پيسايون،
اٿي بِنا ڪيئن ماني پچايون،
بک تو ماريو کھڙو بچڻ آ.

(7)

منت بہ ٿي ٿا مَس ھَلايون،
بِل چَڏن ٿا دِل دھلايون،
بيھوش ٿي پو ڪِري پَوڻ آ.

(8)

’لقمان‘ لٿيو آ، بجليءَ ھاڻي،
اجان تہ اڳتي الله ڄاڻي،
پاڻ ساڻ ٿيڻو ڪِھڙو پَسڻ آ.

## تعليم جي تباھي

اي سنڌ جا سياستگرو
تعليم ٿي مَرندي وَڃي،
ھيءَ قومَ ٿي ڪِرندي وَڃي.

(1)

تعليم ٿي مَرندي وڃي
ھيءَ قوم ٿي ڪِرندي وڃي
اي سنڌ جا سياستگرو
اي مانوارا منسٽرو
اعليٰ علم جا ماھرو
اي محققو دانشورو
پر سوچو ڪجھہ تعليم تي
عين، لام ۽ ميم تي
دل منھنجي جھرندي وڃي





تعليم ٿي مرندي وڃي
قوم ٿي ڪِرندي وڃي

(2)

ھي درسگاھون دوستو،
ٿيون چرسگاھون دوستو،
بي ترسگاھون دوستو،
ڄڻ مرض گاھون دوستو،
اسڪول واڙا مال جا،
اسڪول چارا مال جا،
غيرت صفا ٻڏندي وڃي،
تعليم ٿي مَرَندي وڃي.

(3)

اُستاد ٿو اسڪول ۾،
طاقت ڏيکاري رُول ۾،
رڳو پاڻ آھي ڊُول ۾،
سگريٽ سلفي معمول ۾،
سينڪاريندو ڇا؟ ٻار کي،
مستقبل جي معمار کي،
تربيت ٿي ترندي وڃي،
تعليم ٿي مَرَندي وڃي.

(4)

ھر ڪو نقل تي شير آ،
ڊگرين جو سَپ کي ڍير آ،
نہ ڪچڻ وارو ڪير آ،
انڌير ھت انڌير آ،
پئسين ملن پيون مارڪون،
سفارشون ۽ پارٽون،
رشوت وَڏي وَڌندي وڃي،
تعليم ٿي مَرندي وڃي.

(5)

اسڪول کان بنا پارڙا،
اُس تي پڙھن ويچارڙا،
ڪي پورڙا ڪي ڪارڙا،
ڪائي صُبح جو ڪارڙا،
پيادل ھلن اسڪول ڏي،
سڀ پيا سڙن اسڪول ڏي،
ڌرتي مٿان تپندي وجي،
تعليم ٿي مَرندي وجي.

(6)

سي فَندَ سَڀ روڙي ويا،
اَفسر مٿان لوڙھي ويا،
ٻيڙو سَڄو ٻوڙي ويا،
رڪارڊ ئي ٽوڙي ويا،
نہ ڏنائون رپيو اسڪول ۾،
ڪرسي نہ هِڪ شيڊول ۾،
ٻُڪ ٿي صفا چرندي وجي،
تعليم ٿي مَرندي وجي.

(7)

پنھنجو جي زنده نام ڪيو،
تعليم تي ڪجھہ ڪام ڪيو،
تعليم نہ نيلام ڪيو،
تعليم کي پَر عام ڪيو،
مسڪين پيي پڙھندو رهي،
مسڪين پيي چڙھندو رهي،
دل ٿي ايئن چوندي وجي،
تعليم ٿي مَرندي وجي.





(8)

’لقمان‘ پڙھي هي لعل ٿين،
پو قوم جي ڪا ڍال ٿين،
هن سِنڌ جا رکوال ٿين،
محبت سان مالا مال ٿين،
شيطان نہ تہ شملو ڪندو،
هيڏو ڏِسي حملو ڪندو،
اڄ ٻاھہ ٿي ٻرندي وجي،
تعليم ٿي مَرندي وجي،
تعليم ٿي مَرندي وجي.

o

# سگهڙ ڪچهري

(ڪلام فقير هدايت علي رڏ)

فقير صاحب جو هيءُ ڪتاب نيشنل بُڪ فائونڊيشن، اسلام آباد 2012ع ۾ ڇپرايو، جيڪو سندس فرزند سگهڙ حسين بخش رڏ سهيڙيو آهي. 285 صفحن تي ٻڌل هن ڪتاب جي نظرثاني ممتاز بخاريءَ ڪئي آهي. ڪتاب نالي واري سياستدان ۽ هن وقت قومي اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه جي نانءِ ڪيو ويو آهي. ڪتاب جو ديباچو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، عقيدت جا ٻه لفظ محمد ابراهيم جوئي، مهاڳ عبدالله ورياهه. سنڌ جي لوڪ ادب ۾ سگهڙ روايت ممتاز بخاريءَ ۽ فقير هدايت عليءَ جي زندگيءَ جو احوال حسين بخش رڏ لکيو آهي. ڪتاب ۾ سنڌيءَ ڪان سواءِ سرائڪي ڪلام به شامل ڪيو ويو آهي، حمد ۽ ثنا، سينگار، مناجات، معجزا، ٽيهه اکريون، پهاڪا، هنر بيت، ڳجهارتون وغيره شامل ڪيون ويون آهن. ڪتاب مان چونڊ ڪلام هيٺ ڏجي ٿو:

### سينگار

#### چار چلنت

سپ نہ سرها ٽين هي اليهر عنبر واسيا
جي چمان ڪجل ڪانيون تہ مرگهان من موهين
سرو قد سپرين ڪيهر سونهن سرين
گل بدن جي گام ڪنجل ڪر نہ پرين
سهڻي سونهن سندين، پکي پڇرن ۾ وڏا





#### چار اڏنت

ڪلنگ ڪنٺ ڪٿين ناس تہ ڪڪيهل
پريان پيشاني پنرو ۽ ڇاتي مور مثل
سرخي رنگ رتا پپ سي پاريهل
محبن ماڪ مهل گيتن سان گل چوندڀا

#### چار قول (گل)

گل لالا جيئن لب گلابي ڪليان
ڏاوا دست لڪيران وانگ عباسي تليان
چمن چڻ هڻ ول قل چاوڻ چليان

#### چار قل (ميوا)

رخ سيب سڄڻان دانت اناري هون
ڇاتي گج پناهہ اندر زيب گهڻو زيتون
منگ قليان محبوبن چيچان چڱيون چون
اڳ ڏنو مون نہ ههڙو رنگ هدايت علي چوي

#### چوٽيءَ ۾ سورهن سينگار جا وصب

نات ڪَڪهيل سهہ گلو ڪوئل ٻولان پپ پاريهل پار
ترنگ تيلير مرگهہ نينان ڪيهر ڪمري هلتان ڪنجل ڍار
خيرا ابرو جو قل گلان لب لال ناخن جڻ عباسي قطار
ڏند ڏاڙهون سيب ٿوڏي ليمن جوڙو انجير ادي اظهار
اهڙي ئي آچار ٿا سورهن ڳڻجن سينگار
اهي ڏت ڪيا ڏاتار حسينن ساڻ هدايت علي چئي.

#### ڏور بيت ۾ بلوچڪي لفظ

ڪلئو ڏنائين ڪامل ڪي جڻ گم ٽيل هيس گوخ
پتڪي پيو پلي سان جيئن ڳالهايائين گند گنوخ

اکن جھڙي آبادي ڪندو ھيو رات توڙي رئوخ
پرينءَ پوکيس پوک، ھيرن جھڙي ھدايت علي چئي

**بيت جي مراد:** هرڻيءَ جوماري حضور پاڪ ﷺ کان هرڻيءَ بابت پڇا ڪري پيو پر پاڻ ڪريم ﷺ جن چيس ته هرڻيءَ جو آءٌ ضامن آهيان هرڻي ايندي، هرڻي آئي ماري معجزو ڏسي مسلمان ٿيو.
لفظن جي معنىٰ ڪلئو=ووڙ. گوڪ= ڳئون، گنوڪ= چريو، رئوخ= ڏينهن.

سائين نازڪ ويا آهن نار تي اها ڪيائين ڪھاڻي
ڳڻن پريو ڳالھہ ڪي ويو صفا سڃاڻي
انھيءَ جاءِ جانب ويو جت منزل ھيائون ماڻي
ڳل ڪنيا گوھر اگھي رھبر جي راڻي
تي صحن سرھاڻي، ھوت مھابي ھدايت علي چئي

**بيت جي مراد:** حضرت جابر انصاريءَ جي دعوت تي جڏهن حضور پاڪ ﷺ آيو ته پٽ جابر جا مري ويا هئا ڳالھ گھڻي آهي پر مختصر طرح نبي پاڪ ﷺ نينگرن جي گھر ڪئي ته مون سان گڏ طعام ڪائن. جابر چيو ته راند تي ويا آهن. نبي پاڪ ﷺ رب جي حڪم سان دعا گھري ته جابر انصاريءَ جا پٽ زنده ٿيا.

o





# سچ ۽ سونهن، وريام ورونهن

وريام فقير شيخ به سنڌ جي مشهور سگھڙن منجهان آهي. سندس اصل نالو وريام علي والهيار شيخ آهي، پاڻ ضلعي جيڪب آباد جي ڳوٺ خان محمد ڏاهاڻيءَ سان لاڳاپو رکي ٿو. سندس ڪتاب ”سچ ۽ سونهن، وريام ورونهن“ 1996ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ حمد ۽ ثنا جي شاعريءَ سان گڏ ٽيھ اکريون، ڏور بيت، ست سريون، مناظرا، واقعاتي شعر، سينگار بيت ۽ ٻيو ڪلام موجود آهي.

وريام شيخ بابت مختيار احمد ملاح لکي ٿو ته ”وريام شيخ جي ڪلام ۾ رب سائينءَ جي ثنا، محمد ﷺ جي تعريف، ملڪي سياسي، سماجي حالتون، عوامي امنگون بهترين نموني پيش ٿيل آهن. خدا تعالىٰ جي ساراھ هيئن ڪئي اٿائين:

ساراھيان سچو ڏڻي، جيڪو ڏيھن جو ڏاتار،
جنھن جوڙي جھان جي، ڪن چئي ڪلتار،
پھريون پيدا پرور ڪيو،نور نبيءَ جو نروار،
عشق احمد چام جي ۾ ، جوڙيائين ھيءُ جنسار،

(ڪتاب: ”**سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو**“ ڪاٺياواڙ بڪ اسٽورز، ڪراچي، 2006ع)

o

# ديس وسي ديدار اسان جو

هيءُ ڪتاب سگهڙ فقير ديدار علي سيال جي لوڪ شاعريءَ تي ٻڌل آهي، جيڪو آڪاش عاجز لاشاريءَ ترتيب ڏنو. ان کي حسين پبلشرز شاهه پنجو سلطان تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ سال 2002ع ۾ ڇپرايو. ڪتاب جي پهرئين صفحي يعني Inner title واري تفصيل بدران اُها دعا ڏني وئي آهي، جنهن مان ڪتاب جو نالو ” ديس وسي ديدار اسان جو“ ڪنيو ويو آهي. دعا جو آخري بند آهي:

تئي ملڪ هي ميگهه ملهار اسان جو
ديس وسي ديدار اسان جو

ڪتاب جا حق ۽ واسطا سگهڙ وٽ سوگها ٿيل آهن. ان ڪان پوءِ ڪتاب سگهڙ ۽ پوليس عملدار مير نوتڪ خان بلوچ کي ارپيو ويو آهي، مير نوتڪ لاءِ شاهه سائينءَ جو هيٺيون بيت بہ لکيو ويو آهي:

الله ٻہ نہ مرن، هڪ سورهيہ ٻيو ڏاتار
هيءُ ڪڏي وڃي ڪٽڪ وڙهي، هو اڙين جو آڌار
توڙي مٿن باڙ، تہ بہ ٻانهون ڏين ٻين کي.

192 صفحن تي ٻڌل هن ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي، جنهن ۾ هو لکي ٿو تہ: ”سگهڙ فقير ديدار علي سيال هن ڪتاب ۾ پنهنجو پورهيو پيش ڪيو آهي، جيڪو اميد تہ هر هڪ پڙهندڙ کي موهي مات ڪندو. جڏهن تہ سگهڙ فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جي شاگردن سان منهنجو پراڻي دور کان تعلق رهيو آهي، انهن ۾ هن سگهڙ پنهنجيءَ جوانيءَ ۾ جيڪي سگهڙائپ کي سجاڻ جا جتن ڪيا آهن





شايد ڪنهن ٻئي نہ ڪيا هجن. سگهڙ فقير ديدار عليءَ کي ڏسي پهريان تہ مون اوپرائپ محسوس ڪئي پرهن جي ثقافتي ٻول کي ٻڌي محسوس ڪيم تہ لعل لِڏِ ۾ ناهي لڪندو، جيئن سندس ئي شعر آهي تہ:

تارن جي ڪشف ڪيڏي هجي روشني مگر
انهن ۾ هو هِلال لڪي نہ ٿو سگهي
ڪوٽ جي وَٽِ ۾ جي سج کي واڙجي
اهو لِڏِ جي اندر لعل لِڪي نہ ٿو سگهي.
(ص: 07)

فقير ديدار سيال جي شخصيت ۽ فن جي باري ۾ مير نوتڪ خان بلوچ، احمد خان سهاڳ، سيد صالح محمد شاهه، فدا حسين بلوچ، حاجي رحيم بخش قريشي، غلام علي سيال، ڊاڪٽر صلاح الدين لاکير، غلام رسول قريشي، سگهڙ ممتاز علي سيال ۽ آڪاش عاجز لاشاريءَ جا ويچار بہ شامل آهن.

فقير صاحب کي سگهڙائپ سان جنون جي حد تائين لڳاءُ هو. ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ وٽس پئسا نہ هئا. يارن، دوستن ۽ مٿن مائٽن ڪان مدد گهريائين پر ڪتان بہ ڪو آسرو نہ ڏسي پنهنجا پلاٽ وڪڻي نيٺ ڪتاب ڇپرايائين. ڪتاب ڇهن بابن تي ٻڌل آهي: 1. حمد و ثنا، صفات ۽ مناقبت اولياء، 2. منهنجي سائين جا سينگار، 3. محبت جا موتي، 4. سر سهڻي، 5. معاشري جو منظر، 6. ڪافيون ۽ عشقيہ ڪلام.

سندس ان ڪتاب مان چونڊ حاضر آهي:

**ڪراچيءَ جو سير (سرائڪي)**

ٹلهہ: آ تہ ڪراچي سير ڪراوئين گل برق باغيچا گهماوئين
ٹردي ڦردي يار منهوڙا تي هلون

ڪلفتن دي لڳ عبدالله شاهه هي، آوڻ وڃڻ دي اسان ڏي راهي
پير فقير بہ اُتهين پئي آون، سڀ ڪنهن دي پيا عرض اگهاوي
سور بہ اُتهين سيئي سليسون، پڙ اُهين تي جهوليان جهليسون
ٹردي ڦردي يار منهوڙا تي هلون

قائداعظم دي مزار بہ ڏيکين، صدر والي تون بازار بہ ڏيکين
سفاري پارڪ وچ ساهي چائيسون، گلزيان دي گلزار بہ ڏيکين
دير نہ ڪا دلدار ڪريسون، اپڻي الڳ بس ڪار ڪريسون
تر دي قردي يار منهوڙا تي هلون

پڪل ڪباب ۽ گوشت بہ کاسون، چکن برياني روسٹ بہ کاسون
دعوت هئي ”ديدارعلي“ دي، ماکيان مکڻ ٻهہ دوست بہ کاسون
رات دا روح رهاڻ ڪريسون، سينا سجڻ سرهاڻ ڪريسون
تر دي قردي يار منهوڙا تي هلون

## ڪافي

تلھ: ڪلي نيڻ ڪٹنديں تہ شعلا شم تي پوندا
بتيون لائٹ بجليون بلب دم تي پوندا

(1)
محبوبن ۾ منتڙا تون مبين آهين
سهڻن سين ۾ تون حسين آهين
تنهنجي مرڪ سامهون گولا گم تي پوندا

(2)
ڪيئي مست تي پيا چريا چور توتي
لکيا شعر مون بہ متا مور توتي
کيان وڻ قلم تہ بہ ڪلئي ڪم تي پوندا

(3)
تنهنجي سونهن سيني متاهون سالار آ
اسان لاءِ تہ ڪافي اوهان جو ”ديدار“ آ
نظارا پسي سڀ تارا تم تي پوندا





## ريل گاڏي خوشحال خان خٽڪ

ڏني حڪومت آ رَيل، جنهن ۾ وڏو آهي ويل
جائي پائي جهڙوجَيل، جنهن جو پورو ناهي تيل
تنهن سار نہ سيال، اها خٽڪ ٽئي خوشحال

(1)
جنهن ۾ بلب بي شمار، نتا ٻرن هُو ٻيهار
وڏو پکن جو آزار، هُتي ٻاڪارين پيا ٻار
پوڙها پاهہ تيا پلال، اِها خٽڪ ٽئي خوشحال

(2)
هَر هَر ٽئي بند، چڪي پيو سَند سَند
نڪو نبيري پئي پند، اسان گاڏيءَ اندر بند
جڻ انب آهيون پال، اها خٽڪ ٽئي خوشحال

(3)
ماٹهون ماندا پيا مرن، ٺورو ٽڪو جي سرن
هڪ ٻئي تَي پيا ڪِرن، وڏا دڌڪا دَرَنَ
جَڻ ڏُم هُئي ڏمال، اها خٽڪ ٽئي خوشحال

(4)
اتي ڪڇي پيلا ڪيس، سارو سنڌڙيءَ سان وَير
رکي ويتو آهي غير، ڏسو ڪيڏو آ انڌير
ڪنهن جي ڳري نتي دال، اها خٽڪ ٽئي خوشحال

(5)
ٻيو تہ سپاهن جي سَوڙ، وڏو گاڏيءَ اندر گوڙ
انهن ادن کي بہ لوڙ، رڳو پئسن پويان ڊوڙ
ٻاريون وتن ٻائيتال، اها خٽڪ ٽئي خوشحال

(6)

وري پهتو وڏو رئيس، اڇي ورديءَ جو لبيس
جٿان موقعو پيو مليس، پئسا وٺي ڇوي ڀَيس
تنهن سان ڪني ٻہ دلال، اِها خٽڪ ٽئي خوشحال

(7)

رڳو وسل جو هُس وارو، وڏو هلي پيو هاڪارو
اڇي پهتي آ پيٽاري، مٿان ڏينهن وارو تارو
ڪيو ظاهر ذوالجلال، اها خٽڪ ٽئي خوشحال

(8)

ڪنهن جي ڪِري ڏسو ڏاڏي، ڪنهن ڪوڙي وڃي ڪاڏي
اهي سفر ۾ ها ساڏي، جهڙي گڏهَہ تهڙي گاڏي
هُيو ظاهر يار زوال، اها خٽڪ ٽئي خوشحال

(9)

وڏي ٻيڪَ مٿان ٻَيڪَ، پيو ڇانهہ وٺو ڪيڪ
وَري دوا ڪري پَيڪ، چڙهيا گاڏي اندر نيڪ
ڦُري ماٺهو ڪيئون ملال، اها خٽڪ ٽئي خوشحال

(10)

لکي ڪهڙو ڪردار، پلا ”سيال“، هي ”ديدار“
والي واهر ڪائي وار، لهُہ سنڌڙيءَ جي سار
توکي واسطو لڄ پال، اها خٽڪ ٽئي خوشحال

o





# وڳڻ جا ويچار

## (لوڪ ادب شاعري)

سگهڙ فقير حاجي علي نواز وڳڻ جو هيءُ ڪتاب سگهڙ شاعر محمد ايوب واهوچي ترتيب ڏنو، جيڪو 2006ع ۾ حاجي صاحب جي فرزند ارجمند فقير احمد ”مدني“ وڳڻ پاران شايع ڪرايو ويو. 380 صفحن ڪان مٿي هن ڪتاب جو مختصر مهاڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي. بلوچ صاحب لکي ٿو تہ، ”سگهڙ“ حاجي علي نواز وڳڻ پنهنجيءَ سگهڙ پائيءَ جو خزانو هن ڪتاب ”وڳڻ جا ويچار“ ۾ محفوظ ڪيو آهي. ٻين جنسن سان گڏ خاص طرح ”سينگار شاعري“ ۾ چيل بيت معنىٰ وارا ۽ معياري آهن. سرائيڪي ٻوليءَ ۾ چيل سندس سينگار بہ ٻوليءَ جي لحاظ سان معياري آهن.“ (ص_ 11)

ان ڪانسواءِ سيد صالح محمد شاهہ، آغا نور محمد پٺاڻ، حاجي نصر الله وڳڻ، جان محمد ”جاني“ بروهي ۽ محمد ايوب واهوچي جا ويچار بہ شامل آهن. سائين صالح محمد شاهہ پنهنجيءَ لکڻيءَ ۾ اهو بہ ڄاڻايو آهي تہ ”پي ٽي ويءَ تي سندس ڪچهريءَ ۾ ايندڙ سگهڙن مان ويهارو ڪن سگهڙن جا ڪتاب سندس سامهون اچي چڪا آهن.“ ڪتاب جي شروع ۾ حاجي علي نواز جي مرشد مخدوم جيئل شاهہ جيلاني، سردار محمد مٺل خان وڳڻ ۽ ٻين جون رنگين تصويرون بہ ڏنل آهن. سگهڙ جي تعارف سان گڏ وڳڻ قبيلي بابت پڻ ڄاڻ ڏني وئي آهي. لوڪ شاعريءَ جا سمورا وکر ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن. جهڙوڪ: حمد ۽ ثنا جا بيت، مولود، ڏهس، منقبت، ڳجهارت، ڏور بيت، هنر، پهاڪا، فارسي بيت، آجيان جا بيت، اوطاق جا بيت، ڪانگل جا بيت، مناظرو، سنڌ نامو، ڪافيون، وائيون، اردو نعت ۽

سرائڪي بيت، عشقيہ داستان بيت ۽ قضيي ڪربلا بابت بيت وغيره.

هتي منقبت غوثيہ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مان ۾ لکيل شعر ڏجي ٿو:

## منقبت غوثيہ

ٿلهہ: پير پيران غوث اعظم بادشاهي بينظير،
ڪر مدد آ مهربان در ماندگان يا دستگير.

(1)

راز آ توتي رباني، ڪل ولئين جا ولي،
سچ سراپا ذات تنهنجي، آن تو اولادي علي،
اي خدا جا دادلا، تون تار ٻيڙو پار سير.

(2)

باني بغداد وارا، عرض سڻ عاجز سندو،
حال آ هيٺو ٿيو، ٻٽيو نفس آ منهنجو مندو،
سور ٿو ڏاڍا سهان، ڪا ڪر عنايت اي امير.

(3)

خير آ خيرالورا جيلاني تنهنجو جاءِ بجاءِ،
فيضڙو ڪو ڏيو فقيرن هاڪ تنهنجي آ هاءِ هاءِ،
مهر ڪر ماهي لقا تون، ٿو وهانيان نيڻ نير.

(4)

ڏي "وڳڻ" ڪي ونبِ والي پرچهلا جهوليون پري،
روز ٿو سارئي هي سائل آنهون پري دانهون ڪري،
"علي نواز" جو تي عرض سائين، ڪر فضل ڦيرو فقير.

## ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي مان ۾

لکي لکان ڪيترا اديبن عنوان
سنڌي ماڻهو سهڻا سنڌي جوڌا جوان
پارک ٻوليءَ پنهنجيءَ جا هن سرس ڪيا سبحان





سخي سالڪ سيبتا هن اسان وٽ انسان
باني ڊاڪٽر بلوچ جا مان چاچا لکان مان
عاقل هو علم ڪي خوب ڄاڻن ٿا خان
سهيڙي اکر سماج ڪي هن دودي ڏنا دان
نبي بخش جا نروار هن اسان تي احسان
صاحب آهن سرخرو جيئندا منجهہ جهان
بخرو هلندو بلوچ جو صدين تائين سامان
تعظيم ڪيو تنهن تونگر جي آ عزت اعلىٰ آن
پتائي گهوٽ لطيف جا تئين شعر پروڙيا شان
ڪونڌر چڏي آ ڪانہ، ڪا وڳڻ سِٽ ويچار لئہ

ڪتاب ۾ صورتخطيءَ جون ڪتي ڪي غلطيون رهجي ويون آهن، جن کي درست ڪرڻ جي ضرورت هئي. مثال : ڪالي (خالي)، هاجي (حاجي)، قل (ڪل) وغيره.

O

# گفتا گُل محمد جا

گل محمد غازيءَ لهُر جو (160) صفحن تي ٻڌل هيءُ ڪتاب دادرس پبلشرز ڪراچيءَ 2011ع ۾ ڇپرايو آهي، جنهن جي نگراني آغا نور محمد پناڻ ڪئي آهي. انجينيئر شنڪر لال، غلام شبير مغيري ايڊووڪيٽ، علي حسن مغيري ايڊووڪيٽ ۽ بيدل مسرور پنهنجا ويچار لکيا آهن. بيدل صاحب لکي ٿو تہ: ”هونءَ تہ گل محمد غازيءَ جي سموري ڪلام ۾ ترنم ۽ وزن، رواني ۽ خيال کي پيش ڪرڻ جو پڪو ۽ پختو اسلوب آهي پر ان کان وڌيڪ سندس سرائيڪي زبان لاءِ نہ صرف محبت آهي پرسرائيڪيءَ ۾ ڪلام لکندي سندن درد جون ڏنڏڙيون لڳي وينديون آهن.“ (ص_ 19)

گل محمد غازيءَ جي ڪلام جو هيءُ ٽيون ڪتاب آهي، جنهن ۾ حمد ۽ ثنا جي شعرن کان پوءِ ڏهس، سينگار، هُنر، ست سري، ڏور، ڏٿ، گرو چيلي ۽ ٻين موضوعن تي بيت آهن. سندس ان ڪتاب مان نموني لاءِ ڪجھ ڏور بيت ڏجن ٿا:

**ڏور**

مان سڀ سمجهان ٿو محب متا مير
تون موسیٰ ناهين پانهہ سهڻا پير
پرين تنهنجي پريءَ جي آ اڳين کي اڪير
هوت سان اها هير گڏ هئي ”گل محمد“ جي

**مراد:** معراج تي حضور ڪريم ﷺ سان جُتي گڏ هئي. **الله** سائينءَ چيس تہ محبوب جتي نہ لاهہ تون موسیٰ ناهين تون مصطفیٰ آهين.





ڏي ها نہ وٺي ها جي پرين نہ هجي ها پاڻ
اها تہ اصل کان چاڙوءَ کي هئي چاڻ
شاباس آ انهيءَ جي ڇاتيءَ کي جنهن سَهي ڪئي سجاڻ
پوءِ محبت سندا اماڻ، مليس گهوٽ وٽان ”گل محمد“ چئي.

**مراد:** محسن ڪونئرو جهلي بيٺو هو نبي سائين آيو تہ ديدار بہ ڪيائين ۽ ڪوئنرو بہ ڏنائينس.

دل ۾ آهي دلبر صاف سچائي
ٻن ٽن جي ٻهڳڻ آهي گوهر گهٽتائي
پوءِ پوري ڪبي پرين ڪامل اها ڪمائي
باقي هي اجائي گوڙ ڪن ٿا ”گل محمد“ چئي

**مراد:** اصحابي دعا ڪان اڳي جماعت ڪان اٿي ويندو هو ۽ ٻير ميڙي ڪافر کي ڏيندو هو..

دشمن سان دوستي ائين نہ جڙي انگ
جي واري ڇڏي ها واٽ تي ڏرس نہ ڏسي ها ڏنگ
پاڻ سهايائين پنهنجي متان انهيءَ مهل اڙٻنگ
سرهو ٿيو سنگ، گهوٽ اڳيان ”گل محمد“ چئي.

**مراد:** پاڻي پٿر کي ٻوڙي ها پر پٿر نبي سائينءَ وٽ تري آيو ۽ ان ڪلمو پڙهيو..

مالڪ مڙني تي بيحد رکيو بار
ڪي قربدار قانون مطابق ڪن ٿا اها ڪار
پانهہ پري سان عمدو ڪيو آچار
جيئن وارث ڪيو وهنوار گفتار ٻڌايو ”گل محمد“ چئي.

**مراد:** جيئن امام حسين رضہ ڪربلا ۾ سجدو ڏيئي نماز قائم ڪئي ائين ڪير ڪري.

پرين جي پارس تي گوهر ڏنا گل
ڪم اهو ڪامل ڪيو ماڳ ان مهل

لـھـي ويـا لـحـظـي ۾ پـولا اهـي پـل
اهي شهاڻا شغل، اتي گهٽن ڏنا ”گل محمد“ چئي.

**مراد:** ڪعبي ۾ علي سائين کي نبي سائينءَ پنهنجي ڪلهن تي ڪنيو ۽ بت پيجي ڇڏيائين.

**ڏٺ پرولي**

عـجـب ڏٺـم اکـيـن سـان هـڪ سـهـڻـي سـواري
نـہ ڏڪ وٺـي ڊيـزل جـو نـہ پـيـٽـرول گـهـري پـيـاري
اسـٽـاپ اٿـس الاهـي ريـل نـاهـي لاري
اچڻ وڃڻ جاري، اٿس گهڙيءَ گهڙيءَ ”گل محمد“ چئي.

**پيچٽي:** اها لفٽ آهي جنهن تي ماڻهو چڙهي هيٺ مٿي ايندا آهن.

**ڏٺ پرولي**

هـڪ گـهـر ۾ گـڏ ڏٺـم ٻـِٺ ڇـٽـيـون ٻـيـئـي
هـڪ اچـي هـڪـدم قـيـد ڪـري ڪـيـئـي
ٻـي اچـي آزاد ڪـري ثـابـت سـپـيـئـي
ساهيڙيون سيئي، گڏ رهن ٿيون ”گل محمد“ چئي.

**پيچٽي:** ٽريفڪ جون ڳاڙهيون ۽ سايون بتيون.
**سرائتي ڳجهارت:** ڪر نالي ۾ ڪاسب ڪو.
**پيچٽي:** نالو پنيو ڪا سب ڪو جنڊ آهڙو.
سسئيءَ ڪان جڏهن ڏير پنهل ڪٽي ويا تڏهن سرتيون چونس پيون تہ ڪر پنيور ۾ آهوڙو تہ پير ڪاڍي ويا.
**ڳجهارت:** ادا عمر منهنجا مارو حاڪماڻا ٿي. عُضبي جي نہ ڪرتن سان.
**پيچٽي:** حاڪماڻا سپاهي عضبي جي چاٽ،
مارئي عمر کي چوي ٿي: ادا عمر منهنجا مارو سپاهي ٿي. يعني غريب اچاٽ نہ ڪرتن سان.

o





# رهاڻ رحمت الله جي

سگهڙ رحمت الله عباسيءَ جي شاعريءَ جو هيءُ ڪتاب احمد خان سهاڳ ۽ سگهڙ حسين بخش رڏ ترتيب ڏنو آهي، جيڪو 2006ع ۾ رابيل پرنٽنگ پريس موري شايع ڪيو. ضلعي نوشهري فيروز سان تعلق رکندڙ سگهڙ رحمت الله جي ڪتاب ڇپرائڻ ۾ محترم سڪندر علي خان خشڪ وڏي مدد ڪئي، جيڪو ان وقت ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڊي۔ او روينيو هو. ڪتاب جو مهاڳ احمد خان سهاڳ ڏاڍي تفصيل سان لکيو آهي، جنهن ۾ هُن لوڪ ادب جي شعري صنفن جو تعارف پڻ ڏنو آهي. حسين بخش رڏ ”دل جو درياهہ ماڻهو“ جي عنوان سان سگهڙ جي ڪم ۽ سلوڪ کي واکاڻيو آهي. هو لکي ٿو تہ ”اميد آهي تہ هيءُ ڪتاب رهاڻ رحمت الله جي پڙهندڙن کي وڏيڪ چاڻ ڏيندو. اسان جي سنڌ جي سگهڙن ڪتابي ڪم ۾ گهڻو اضافو آندو آهي. ڪم از ڪم هن کان اڳ سگهڙن جا پنجويهہ ڇويهہ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.“...

سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر، سڪندر خشڪ، ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ، صوفي غلام مصطفیٰ ڪانڌڙي، سيد حسين شاهہ صوفاڻي، سيد حاڪم علي شاهہ بخاري، گل مورو ۽ غلام رضا مهر بہ ڪتاب ۽ سگهڙ بابت ويچار ونڊيا آهن. ڪتاب ۾ يادگار تصويرون پڻ ڏنل آهن. ڪتاب جا ٻہ سئو ڪان وڏيڪ صفحا آهن. ڪتاب ۾ ڪٿي ڪٿي صورتخطيءَ جون چڪون بہ ملن ٿيون.

لوڪ ادب جي مذهبي صنفن سان گڏ مناظرا، ٽيهہ اکريون، سينگار، ڪافيون، ڳجهارتون، گرو چيلو وغيره ڏنو اٿائين. هو ڏهس ڪان اڳتي ويهيس ۽ ٽيهس تائين بہ پهتو آهي: مثال لاءِ هتي سندس سينگار

جي بيتن مان ڏهس، ويهس، ٽيهس ۽ چاليهس ڏجي ٿو:

### چاليهس (نالا وارن جا)

زلف ڪارا ڪاڪل ڦهري چا هوءِ ميندڙا منگ،
ڪج ڪتونب ريدان قطط گهنڊيدار گيسو گنگ،
ڪيچ ترنگ تلوار ڪي ڪرال ڪيس وجهن ونگ،
چتا چنبڙا ريڪن ويشان ڊول نرالا ڍنگ،
چونڊا ڀونگر ڪڪر ڪتت اگ ٻال پنيا انگ،
جميعتہ المڪت هيئنر ٻج ڀيهر هٽڻ ڀنگ،
چرنن جي چاهہ تي پوءِ چري پيا چنگ،
ونگڙا ويڙهيل گهنڊڙا گهاٽن سر تي سونا سنگ،
سياهي نہ پڄي سنسار جي ڏين ڏيکاري ڏنگ،
رحمت الله چئي رنگ، ٻيا اصل نہ ڏٺم عباسي چئي.

### ويهس بيت (ويهہ نالا اکين جا)

اکين الري عاشقن جي ڪيا سيني تي سٽڪا،
آئيز استر نئيتر ديلا نہ گهورن ڪئي گهٽڪا،
نين ديدون نيڻ تارا ڪيالوچن درگ لٽڪا،
اکيان اگ چتر چڪس ڪئي چشم دل چٽڪا،
خوندر گيهہ ٻهر چم جي مور نہ ڪوئي مٽڪا،
ڪجليون ڪيف ڪڪوريون ٽيون کهي ڪن ڪٽڪا،
ڪڙڪيا ڪان ڪارين جا پئي جهري دل جهٽڪا،
خنجر پالا خن ڪوڙي ڪن الاهي سر اٽڪا،
عين ناڪن ناز نهوڙي ڪيا پو پورين پٽڪا،
بانوري باداميون بلوريون ڪن هينئن ۾ هٽڪا،
شرميليون شوق شڪار لاءِ ٽيون زوريءَ ڪن زٽڪا،
چاهہ سک چين ڦٽايو پيا ڏيل منهنجي ڏُٽڪا،
پوش مٿان پاڪائيءَ جو ڪئي خن خجن ڪٽڪا،





ڪجل ريءَ کهي ويون ملي واهہ مون کي وٽڪا،
ڏاهن چيو ڏهس ۾ مون چاڻ کهڙي چٽڪا،
اهڙيءَ ريت رحمت الله چئي، ڪيا ٻن اکين ٻٽڪا،
ناز ڪري نٽڪا، ويون اهڙي انگ عباسي چئي.

### ڏهس بيت وارن تي

ستي مانگ سر ڪنڌ سان جڏهن پاڪ حسن پر ڪيا،
پدم پيهي ويا پٽ ۾ پئي ڪوهن تي ڪرڪيا،
ونگ و سيهر وينگس تي جڻ واسينگن وڪيا،
اليهر تليهر عبرت ۾ پئي سيهر سرڪيا،
پربت فيل فراق ۾ ٿي فاقعن تي ڦڙڪيا،
هيندل مئندل حيرت ۾ پئي ڏونگر ۾ ڏرڪيا،
هاٿي هنجهہ حيران ٿيا پئي ٻرن ۾ پرڪيا،
عاشق ال عباسي چئي ترندي سي ترڪيا،
تاب حسن تجلي ڪان پئي جر انهيءَ جرڪيا،
زيب زهد جو ضد کيو ڪئين مين پئي مرڪيا،
جهور پئي جرڪيا، اهڙي رنگ رحمت الله چئي.

### ويهس (شينهن جو سينگار)

ڏسي قمر چيلهہ قريب جي ٿيو چيتو شينهن چريو،
ليس پنچان لڪي ويا اچي ڪيهر پنڌ ڪريو،
سنگهن ڪار ڏو سڪ ۾ وجي مزار ات مريو،
هريک ڪينتل حجاب ڪان ٿي ٻيلائي ات ٻريو،
پينچڪ ڪنيرا پوئتي ٿيا پئي ٽائيگر پاڻ ٽريو،
مرگب ٻبر مات ۾ هو ڏسي ڏيل ڏريو،
ڪنتيرا ٻن راجا قدمن ۾ پيا اچن واٽ وريو،
ڪٽ قيصر قال ۾ پئي خود ئي خيال ڪريو،
راجا سنگها ٻن رحمت الله چئي پئي پندريڪ پنڌ پريو،

اهڙي بيهڪ بدن جي نه ڪنهن جي پيٽ پريو،
سينگار سهڻو سڄڻ جو، پئي ٿهه پهه هانءُ ٺريو،
سنسار سڀ سريو، ٿيو عاشق ايئن عباسي چئي.

## ٽيهس (ناگن جو)

زلف سياهه سر سڄڻ جي چا ڪاريهر ڪڍي ڪر،
سپ سسيهر سرڪي ويا وڃين بشيهر وسايو بر،
پونگ پور پڄي ويا تليهر چڙيو تر،
سنبڪ مار سوبان چا نه پڃنگ ڪيو پر،
جوجڪ گيڙوءَ جاءِ مٿائي وئيس چڙيو هو ور،
وسيهر ورڻ چڙيو ويو دوش مٿائي در،
ارڙ واسينگ عباسي چئي ويو جوءِ مٿي جر،
رپ روءِ مٿي چڙي ويو گهٽ مٿائي گهر،
راجلا حيث رحمت الله چئي ارقم پئي ار،
مون نالا نانگن جا ڪيا ٽيهس انگ اکر،
سنسار سڄوئي سر، مٽ نه ٿيو محبوب جو.

## ڏهس (سج جا نالا)

سج سلامي سڄڻ جو هئي رپن مٿي رُوءِ،
شمس سن شڪي ٿيو وئي بان بهاري بُوءِ،
ڪنبيو سوهو ڪڪرن ۾ ويو جلوو چڙي جُوءِ،
آفتاب رهيو عبرت ۾، مٿي ماڳ مٿي تان موءِ،
خاور شارڪ ڪٿي ويو وئي خرشيد هلي ڪوءِ،
رات ٿي رحمت الله چئي ٿي هنڌين ماڳين هوءِ،
صدقي سرور ڄام جي، هيس اولي سندي اوءِ،
نه ته ساعت ۾ سڙي وڃي ها سورج مٿي سوءِ،
ڪسر تنهنجي ڪوءِ، اصل نه ٿي عباسي چئي.





## سينگار بيت

پائي پوشاڪون پدمڻي جڏهن هس ڪڙولا هار،
هٿين منديون ڪنين والا ويڙهه ڪنهين وار،
ناز نسبيون بينسر بولو جي نٽ پائي نار،
ٽِڪا ايرنگ نورا ٻانهين جهومڪ سندي جهار،
ڦل دهري ڪوڪا ڦلي جي چير ڪري چمڪار،
لڙهي لڪڙي سنگهر مرڪون چوٽي ڦل چوڏار،
پٽا سريون پائي پوشاڪون ٿي ملڪان ڪري مار،
عجب موهي عباسي چئي ٻيا توڙي ٻار،
ڪٽي هٽ هزار ٿي روز ڪريان رحمت الله چئي.

# حرف هيرن جهڙا

لوڪ ادب شاعريءَ جو هيءُ ڪتاب سگهڙ حسين بخش رڏ جي تخليقن تي ٻڌل آهي، جيڪو هُن پاڻ ترتيب ڏئي ڇپايو آهي. 2003ع ۾ شايع ٿيل هيءُ ڪتاب حسين بخش پنهنجي والد فقير هدايت عليءَ کي ارپيو آهي. پنجن بابن تي ٻڌل 244 صفحن واري هن ڪتاب ۾ ڏور، ڳجهارت، هنر، ٽيهه اکريون، بيت، ڪافيون، ڪلام ۽ ٻيا شعر شامل آهن.

ڪتاب ۾ مختلف اديبن، شاعرن ۽ گهڻ گهرن جا ويچار به شامل ڪيا ويا آهن، جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويو، صالح محمد شاهه، سمون خان پنهور، سيد خورشيد احمد شاهه، ڪوثر برڙو، صوفي شاهنواز مهراڻي، اوم پرڪاش، ڊاڪٽر ليلا رام ۽ مير اختر حسين ٽالپر شامل آهن. عام طور سگهڙن پنهنجن ڪتابن جي نالي ۾ پنهنجو نالو به ڳنڍيو آهي، جيئن: موتي مور ملوڪ جا، مهيسر جي مام وغيره پر حسين بخش ان ريت کان هٽي پنهنجي ڪتاب جو نالو رکيو. ان حوالي سان هو لکي ٿو ته: ”منهنجي سگهڙائپ يا شاعري سچ پچ ته اٽي ۾ لوڻ برابر آهي، افسوس ته بابي سائينءَ کان پوريءَ طرح سکي يا پرائي نه سگهيس.

بس اميد جي جهولي ڪٽي سدائين الله پاڪ ۽ پنجتن پاڪ جي در تي سوالي هوندو آهيان ته شال اهي هيٺا لفظ قبول پون. حرف، لفظ، جملا، سِٽون، بيت لکي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ آڻي هڪ دِل پياري دوست وٽ آيس. ڪيس چيم ته ڪتاب جو نالو ڇا رکان؟ ڪتاب جي نالي لاءِ سندو نالو ڏيڻ واجب نه پيو سمجهان گهڻيءَ صلاح کان پوءِ انهيءَ دوست نالو رکيو ”حرف هيرن جهڙا“ مون ڪٽي قبول ڪيو. هونئن به ٻين سگهڙن جيئان نالي رکڻ وارو نمونو مون کي پسند ڪونهي، چو ته آءُ اجان انهيءَ لائق





ناهيان جو ڪٽي چوان ها ته حرف هيرا حسين بخش جا وغيره. باقي صفت ساراهه يا لوڪ ادب جي صنفن ۾ چيل بيت يا شعر ۾ حرف آهن اهي سنڌ ڌرتيءَ جي مادري ٻوليءَ سنڌيءَ جا اکر لفظ برابر هيرن جهڙا آهن. ان ڪري انهيءَ نالي تي راضي ٿي پيس.“

(سگهڙ حسين رڏ جي ڪتاب حرف هيرن جهڙا تان ورتل)

حسين بخش رڏ ٻين سگهڙن کان ان حوالي سان به مختلف آهي ته هُن پنهنجن شعرن ۾ ڪتب آندل ڏکين لفظن جي معنيٰ به ڏني آهي، جنهن ڪري سندس شاعري سمجهڻ ۾ وڌيڪ سولائي ٿئي ٿي، هتي سندس ڪتاب مان چونڊ ڏجي ٿي:

### ڏهس بيت اکين تي ڏهه نالا

چشم چم اک آنکهه عينن عين
دوڏڪ درگ خن نيڻ نماڻا نين

### ڏهس بيت وارن تي

سَن محبوبن ڪوليا وار خوشبودار،
زلف زور متڙا مور بال ٻوءِ بهار،
معطر موءِ ڪولي خوشبوءِ ساجن جا سينگار،
ڪاڪل ڪارا حُسن وارا وينجهر جا سي وار،
گيسوءَ گوهر گهَرا مِلي گلن کي گلزار،
ڪنيش ڪارا حسين وارا جي ڪٽي نيڻ نِهار،
هي ڏهه نالا ڏهس ۾ وارن جا وينجهار،
ڪر نه شڪ ڪر تن پڪ ڏس روهڙي بازار،
انهيءَ حَسين جا حبدار، آهن هزارين حسين بخش چئي.

لفظن جي معنيٰ: سن =وار، زلف =وار، موءِ =وار، ڪاڪل = وار، گيسوءَ =وار، ڪنيش=وار، بال = وار

## صفت ساراهه بيت

## (مثالي سينگار بيت ۾ گلن جا نالا آهن)

ڏسي بهاريون باغن ۾ تون بيوس نه ٿيءُ بُلبُل،
چري نه ٿيءُ چمن ۾ پسي گهَرا گلابي گل،
ڦيريون ڏي نه فراق جون رابيل ڪاڻ نه رُل،
خوشبودار گلن کي ڪيئن خُوءِ ملي ٻڌ قصو مون ڪان ڪُل،

جڏهن جنسون جڙيون جهان جون آدم ڪان به اَوَل،
قادر ڪم ڪيا پاڻ نوري نور منجهان نِرمل،
پاڪ پسينو پرين کي ٿيو شبَيهه سان شامل،
پاڪيزگي پگهر مان پيدا ٿيا عطر عنبر اڻ ملهه،

قلزم جي قطرن مان آهي جوڙ ميل جائڦُل،
عباسي سدائين عشق ۾ موتئي خيري جهڙا موهيل،
اناري ارگن عنابن جي عجيب ڪان ونڊ آهي ورتل،
گازبان گيندو گل بنوشه شاهترو شامل،

خبازي خطمي پيار سان پياري اِهو قرب ٿيو ڪانول،
چندن ڪاٺي چري رهي مشتاقن جيئن مِثل،
سورج گل سک ۾ رهيو آهي محبت ۾ مَرٽيل،
ليمن ڏاڙهن ليسوڙن کي سَواد ڏنو سهڻل،

ليارن کي به لذت ملي عجب ميتاج اَمل،
زيتون، توت، انب، انار، صوف، ڪيلا ڪُل،
ناريل، انجير، نارنگيون ٿيا نوريءَ لاءِ نازل،
ميوات ڪل مِٺي ٿي ٿيا جنت ميوا جَل،

عطر مشڪ ڪافور عنبر هي خوشبودار گُليل،
سرهاڻيون سڀ سونهن ٿيون مهابي مرسل،





هاڻي حيف چوان تنهنجي حال کي تون پوري ذات ٻليل،
ٿنهجا سدائين حملا سهڻن گلن تي تون بلبل بي عادل،

گل ٿُڪين گُلستان ۾ ڪرين دَستا گل داغِيَل،
جي ڏسين منهنجو محبوب ماهي تون ولهي ويڳاڻل،
ته بيهاري چِڏئي برن ۾ جنهنجو بُستان آهي بَرَسيل،
هلي وڃ هوت حبيب ڏي، جنهن جي هنڌين ماڳ هڪل،

ڪر غلامي گوهر جي تون عجيب اڳيان عاقل،
تون تجلا ڏس تجمل هلي حُسن جا حسين بخش چئي.

لفظن جي معنيٰ: بلبل = پوري، چَمن= باغيچو، پسينو = پگهر ، شبيهه = تصوير، مهاندو، قلزم = شفا ڏيندڙ پاڻي آب، قطرو، حيف = ميار، گلستان =گلن جو باغيچو، ولهي = بيوَس، بُستان = با غ يا باغيچو، برسيل = آباد ٿيل، عاقل = عقل وارو، تجمل = چمڪندڙ

## سينگار صفاتي

سرتيه سالڪ سگهڙ يار عجب طرح جو سڻ سينگار،
پڙهي صلواتون سَوَ هزار ٻڌ تون گويا هيءَ گفتار.

حق حقيقت آهي حقاني، فهمي فِقِر و عاليشاني،
صورت سهڻي جوڙ رباني، درود پڙهڻ جي آهي درڪار.

چمڪي چوڏس پاڪ پيشاني گهرا گلالڪ گل ايراني،
فُوز فاضل نوري نشاني، ثناگر صدقي ٿئي صدبار.

رنگ گلابي لب لاثاني، دَنان دلبر جا دُر خشاني،
بروان بادل تير ڪماني، چشمان چوڏس وڌ چمڪار.

سَن سهڻا حُسن باني موءِ مشڪا ساڻ روحاني،
رنگ سنهري طائوساني مشڪن مَست ڪيا ڪيئي مَار.

گيسوءِ گوھر جَھنور جاني، ٺندَن تجلي ٽئي رواني،
مينگھہ مثل ڪنگور ڪاني ليل منجھارا ٿيو نِھار.

مک مھتاب عجب عُنواني باطن نوري ظاھر انساني،
صورت ڪئي دل ديواني حسين بخش ھردم آ حبدار،
پڙھي صلواتون سَوَ ھزار پڏ تون گويا ھيءَ گفتار.

لفظن جي معنیٰ: سرتيہ = سرت وارو، فِقرو= جملو، چوڏس = چوڏھين چنڊ جي رات ، گلالڪ = گوش يا ڪَن، فوز = نڪ مبارڪ، درخشاني = ھڪ ھيري جو قسم، ليل نھار = رات ڏينھن، بروان = پرون، چشمان= اکيون، سَن = وار، موءِ مشڪا = وار ڪارا، گيسوءِ = وار، مينگھہ = ڪنوڻ ڪاري رات ۾، مک مھتاب = منھن مبارڪ چنڊ مثل

o





# سلسليوار سگھڙ سماچار

سلسليوار سگھڙ سماچار، نوجوان سگھڙ عاجز رحمت الله لاشاري ڄامشوري مان ڪيندو آھي، ڪڏھن اھا اخباري شڪل ۾ ھوندي آھي تہ ڪڏھن وري رسالي (Magazine) جي شڪل ۾ ھوندي آھي. ان جو بنيادي مقصد لوڪ ادب جي واڌ ويجھہ ۽ سگھڙن جي ترجماني ڪرڻ آھي. ان جو پھريون شمارو 19 ھين نومبر 2005ع تي آيو، جنھن جو نگران اعلیٰ آغا نور محمد پناڻ، چيف ايڊيٽر آڪاش "عاجز" لاشاري (عاجز رحمت الله لاشاري) ۽ معاون ايڊيٽر ممتاز امين سنياسي ھو. مونوگرام جي ھيٺان لکيو ويو تہ ھيءُ پرچو سلات (سنڌ سڄاڻ سگھڙ لوڪ ادب تنظيم) پاران بتول پرنٽنگ پريس گاڏي ڪاتي حيدرآباد مان ڇپائي ھيڊ آفيس ڄامشوري مان پڌرو ڪيو ويو. ان جي ايڊيٽوريل جو موضوع ھو. "سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن کي اپيل...!!"

سماچار ۾ سگھڙن جا تعارف، تجزيا، سندن ڪلام، مسئلا، ڪچھرين، سيمينارن ۽ ڪانفرنسن جون رپورٽون ۽ تصويرون وغيره ڏنيون وڃن ٿيون. اڳتي ھلي جڏھن ھن سماچار رسالي جي صورت ورتي تہ ان جي ٽيم ۾ بہ واڌارو ٿيو تہ پاليسيءَ ۾ بہ ڪجھہ تبديلي آندي وئي، سگھڙن جي تنظيم سلات جي ميمبرن بدران ان جو دائرو سنڌ جي سمورن سگھڙن تائين وڌايو ويو. سلات مخفف تہ برقرار رھيو پر تنظيم جو نالو مٽايو ويو.

سنڌ سڄاڻ سگھڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) مان ڦري نالو ٿي ويو: سنڌ سگھڙ لوڪ ادب تحريڪ (سلات)، جنھن جو سرپرست اعلیٰ در محمد ڪمال صاحب ٻٽيو، ڪڙي نمبر 3 شماري 2 جو باني چيف عاجز رحمت الله لاشاري، نگران حاجي رحيم بخش قريشي، ايڊيٽر (اعزازي) ايچ–

ايم چانڊيو. معاون ايڊيٽر ممتاز امين سنياسي، ايڊيٽوريل بورڊ ۾ عبداللطيف سولنگي، عرفان علي برفت، رحمان ڏنو مهيسر، نديم عمراڻي، فقير منٺار علي ٻگهيو، صلاحڪاري سٿ ۾ خليل الرحمٰن مهيسر، روشن علي جويو ۽ محمد ايوب جوڻيجو شامل آهن.

ڪڙي نمبر 5 جلد ٻئي آڪٽوبر/ نومبر 2007ع ۾ سرپرست در محمد ڪمال، ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر ممتاز امين سنياسي، باني ۽ ايڊيٽر عاجز رحمت الله لاشاري چيف ايگزيڪٽو ايڊيٽر مير جهانگير لاشاري، انچارج ايڊيٽر رحمان ڏنو مهيسر ۽ معاون ايڊيٽر عبداللطيف سولنگي ڄاڻايو ويو آهي، جڏهن تہ صلاحڪارن ۾ سليم پٽو لطيفي، محمد صالح ميمڻ، خليل الرحمان مهيسر، فقير محمد ابراهيم سومرو ۽ لعل ڏنو شر لکيا ويا آهن.

ٽيم جي سڀني ميمبرن جو ڪونہ ڪو ڪم/حصو ضرور آهي پر بنيادي ڪم عاجز رحمت الله لاشاريءَ جو آهي،جيڪو هو جاري رکيون پيو اچي.

o





# سنڌ سڄاڻ سُگهڙ ڊائريڪٽري

پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس سنڌ جو سرواڻ (ڊائريڪٽر) آغا نور محمد پٺاڻ صاحب ڪيترن ئي سالن کان سُگهڙن لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. هُو سگهڙن جي انفرادي ۽ سگهڙ تنظيمن جي اجتماعي سرپرستي ڪندو پيو اچي. سنڌ سڄاڻ سگهڙ ڊائريڪٽري بہ سندس نگرانيءَ ۾ تيار ٿي، جنهن جي مشاورت ۽ ترتيب محمد مٺل جهتيال، ممتاز سنياسي ۽ عاجز رحمت الله لاشاريءَ جي آهي. ڪتاب 2005ع ۾ سنڌ سڄاڻ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم، آغا علي اڪبر پٺاڻ (چيف ايگزيڪٽو ڪمبائينڊ ٽريول ڪنسلٽنٽس پرائيويٽ لميٽيڊ اسلام آباد) جي سهڪار سان ڇاپيو ويوآهي. ڪتاب جو مهاڳ سنڌ سڄاڻ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم جي تڏهوڪي مرڪزي صدر محمد مٺل جهتيال ۽ پنهنجي پاران نوٽ سلات جي جنرل سيڪريٽري عاجز رحمت الله لکيو آهي. فقير محمد امين سنياسيءَ جا ويچار ڏنا ويا آهن.

192 صفحن تي ٻڌل هن ڪتاب ۾ هر سگهڙ جو مختصر تعارف، ڪلام جو نمونو ۽ ڏس پتو ڏنو ويو آهي. گهٽي ۾ گهٽي پاڳي تعارف هڪ هڪ صفحي تي ٻڌل آهي.

o

# رنگ رحمت الله جا

## (لوڪ ادب جي انسائيڪلو پيڊيا)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل لوڪ ادب جي ڪتابن ۾ هر جنس جي تفصيلي وصف، تاريخ ۽ جاگرافي وغيره ڏنل آهي. اهي ڪتاب گهڻي ڀاڱي ڌار ڌار هڪ ئي صنف تي لکيل آهن. سگهڙن جي ڪلام جا جيڪي ڪتاب ڇپيا آهن، انهن ۾ مختلف صنفن جي شاعري ته موجود هوندي آهي پر انهن صنفن جو تعارف شامل ناهي هوندو. اهو رواج عام شاعرن جي ڪتابن ۾ به هوندو آهي. اُهي غزل، گيت، وائي وغيره جي وصف ڏيڻ مناسب نه سمجهندا آهن. جنهن ڪري پڙهندڙ صنف بابت ڄاڻ حاصل ڪري نه سگهندو آهي. خاص طور تي نئون نسل. عاجز رحمت الله لاشاريءَ ڪي ان ڳالهه جو شديد احساس ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ هُن لوڪ ادب جي هيءَ انسائيڪلو پيڊيا جوڙي. هُن لوڪ ادب (شاعري) جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪري، انهن جي وصف به هن ڪتاب ۾ ڏني آهي. هُن اُهي وصفون ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر سنڌيلي جي ڪتابن تان ڪنيون آهن. ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکيو آهي. هو لکي ٿو ته: ”گهڻو عرصو اڳ مون سگهڙن کي تجويز ڏني هئي ته هڪ اهڙو ڪتاب پيش ڪيو وڃي، جنهن ۾ لوڪ ادب جون سڀئي صنفون شامل هجن ۽ ان قسم جو ڪارائتو ڪم هن سگهڙ عاجز رحمت الله لاشاريءَ ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن جو سهرو سندس ئي سر تي سونهين ٿو. هونءَ هنن نوجوانن جي جوانيءَ سان سنڌي لوڪ ادب جوان ٿيندو.“ (ص: 11)

ڪتاب جو مقدمو پروفيسر سيد قلندر شاهه لڪياريءَ لکيو آهي. انعام شيخ، در محمد ڪمال، سليم ٻٽي لطيفيءَ، سيد صالح محمد شاهه ۽





سگهڙ ديدار علي سيال جا ڪتاب ۽ ليکڪ بابت رايا شامل ڪيا ويا آهن.

176 صفحن تي ٻڌل هيءُ ڪتاب گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ سگهڙلوڪ ادب تنظيم (سلات) جي سهڪار سان 2008ع ۾ شايع ڪرايو آهي. اٺاويهن بابن تي ٻڌل هن ڪتاب ۾ حمد، مولود ۽ مداحون، ٽيهه اکري، هفتو، ٻارهن مهينا، معجزا، سينگار شاعري، ڏهس نامون، مناقبا، ڏور بيت، پهاڪا، هنر، پنجڪا بيت، ڳجهارتون، گرو ۽ چيلو، پرولي، رسالو ڳجهارت، مام پرولي (معما)، جهيڙا يا مناظرا، ست سري، سهرا ڳيچ، لوڪ گيت ، مورو، هاري، ٻاراڻو ادب، قافيون/وائيون، قومي گيت وغيره شامل آهن.

هتي ڪتاب مان سينگار جا ڪجهه چونڊ بيت ڏجن ٿا:

### سينگار بيت (چپ چپ سان نہ ملي)

اُڳ اليهر ڪان وڌ سهڻا، سارنگ نيڻ سڄڻ جا آهن،
رُوءِ تہ وهوا راڻل جو آ، سج سوين تنهن آڏو ڇاهن،
دُر دچن جي تجلين آڏو، قوس قزح ۽ ڪو رخ ڇاهن،
گوهر جا تہ گلال ڏسي، هت حورون سڄڻ جا سهرا ڳائن،
”عاجز“ جهڙا لک ”لاشاري“ سائينءَ جا سگدر ٿا سڏائن.

### عورت جا وصف

گوريءَ جو سينگار (سرائيڪي)

حُسن عجائب رنگ نرالا، گوري دا سينگار عجب.
چمڪار عجب، رفتار عجب، هر گفتي دي گفتار عجب.
اڳان اليهر وانگي لايا ڏيهہ اندر ڏهڪار عجب.
مک تي واهہ پئي ماگهہ نهي، چڻ تيز تليهر تار عجب.
جلوه جوت جبين دا وهوا، لايا جنهن جنسار عجب.
سينک صنم دي واهہ جو وڏدي، جوڙي جوڙ جبار عجب.
نين ڏونهين بيچين ڪرن، هي چَمان دي چمڪار عجب.
مجگان دي نل مار چڙيندي، نينهن واليان نون نار عجب.
الف دي نال ڪکيهل ڪردا، ريسان هي هروار عجب.
لب لال گلاب ذهب آکان، هي شهد ڪنون وڌ لار عجب.

دلدار دي در وڃن چمڪن، چڻ دهن دي چوڪيدار عجب.
رخسار هي حسب پڻ بيني ڪرماه نون شرمسار عجب.
زَنَخُ دا ساهه ملن ثا پئي مستان دي وچ مار عجب.
هي خمير هڪي صنوبر سل ڪري آهونل تڪرار عجب.
ڏيکڻ تي، دست دورنگي، ڪردي مرد شڪار عجب.
دوزان ڪرن حيران انهان وچ، الهه رکيا اسرار عجب.
سَٽ چڙيندي ڪٽ ڪرنگ نون، حليه حشمتدار عجب.
ڪونئر انگشتان ٻارنهن ئي ٻهڪن منديان بي اختيار عجب.
هر انگ دي سهڻي رنگ ڏنم هن ظاهر زينتدار عجب.
”عاجز رحمت الله“ ڪري ڪيا شعر اندر شومار عجب.
هن گوري دي سينگار ڪيهي هي ماهه لقامنثار عجب.
رهي نام نشان نہ گوري دا، جي محب ڪري مسڪار عجب.

### (عورت جا سجاوٽي سينگار)

جڏ سهڻي سپ سينگار ڪري، تان مستن ڪي ماري.
واڪا ٿين وهوا جا جي پاڻ صنم سينگاري.
ٻئينسر بولو، نٿ، واليون، ۽ جهومڪ جهولاري.
ڪڙيون، ڪنمالا، ٻانهونٿا پائي ني بول نهاري.
ڌهري، ٽِڪ چوٽي ڦل ۽ سڳيون سنواري،
پايل پائي پير ۾، تہ دڳ ويندا بيهاري.
منڊيون، چلا، بازو بند، ڪن چمڪ چوڏاري.
پئي جنهن جي ناز انداز تي، نہ ڪنهن ڪي ڪيڪاري.
اجان بہ اٿس ڪيئي زيوَر، ڪهڙا ڪيان شماري.
پرجي پسي منهنجي پرينءَ ڪي، هيءَ گوري هڪ واري.
تہ هار سينگار هڙئي ڇڏي، وڃي وساري.
انهيءَ مَهل ”عاجز“ چئي، پئي پنهل پناري.
پوءِ هارون سپ هاري، لڄپال اڳيان ”لاشاري“ چئي.

o

www.sindhsalamat.com



# مولود ۽ مداحون

لوڪ ادب جي ذخيري ۾ مولود ۽ مداحون بہ وڏي تعداد ۾ شامل ڪيون ويون آهن. مذهبي شاعريءَ واريون صنفون لوڪ ادب جي وصف تي پوريون اچن ٿيون يا نہ اهو هڪ الڳ بحث آهي. سگهڙ عاجز رحمت الله لاشاريءَ جو هيءُ بہ سنو ڪتاب آهي. جيڪو 2009ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب تي ڇپائيندڙ اداري جو نالو ناهي لکيل ڪتاب ۾ حمد، مولود ۽ مداحون ڏنل آهن. مداحن ۾ شاهه سائين، حاجي غلام نبي مهيسر ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي شان ۾ بہ شعر چيل آهن.

ڪلام گهڻي ڀاڱي طرزن تي ڏنو ويو آهي تہ جيئن ڳائڻ ۾ سولو ٿئي. ڪجهہ شعرن لاءِ فوٽ نوٽ ۾ تخليق جي تاريخ ۽ لاڳاپيل ڳالهہ بہ لکي وئي آهي.

طرز تي شعر لکڻ ڪو ڏوهہ تہ ناهي پر عام ڳائڻ جي ڏنن تي خاص ڪري مولود ۽ مداحون نہ لکجن تہ بهتر. ڇاڪاڻ تہ عام ڳائڻي جو ٻڌندڙ جي ذهن ۾ هڪ الڳ تاثر هوندو آهي، جڏهن تہ حمد، مولود ۽ مداح جي ٻي حيثيت آهي. هن ڪتاب مان مولودن ۽ مداحن جي ناميار شاعر حاجي غلام نبي مهيسر ۽ شهيد راڻيءَ جي ياد ۾ ناهيل شاعري ڏجي ٿي:

### سنڌ جي حيات شاعر ۽ مداحي حاجي غلام نبي مهيسر جي ياد ۾

طرز: رک محبت محبوبن سان

محبوب ڪريمؐ جو پيارو، ثنا خوان هُو ميهڙ وارو.
مهيسر، سنڌ جي مداحِين جو سرواڻ هو.

www.sindhsalamat.com

جنھن حمد ھزارين ڳايا ۽ شعر لکيں پڻ ٺاھيا،
پڙھي نعت ڪيائين گذارو_ مھيسر.

ٽر ڪاچو، لاڙ گھميائين، وڃي چائٺ پاڪ چميائين،
آيو ڏسي نبي سونھارو_ مھيسر.

جنھن ميھڙ پنھنجي تڪ ڪي، ليمي، جانڻ، عبدالحق ڪي،
مشھور ڪيو آ يارو_ مھيسر

ڪو موضوع ڪونہ ڇڏيو جنھن، پٽَ نالي مٽي ڪي اڏيو جنھن،
ٿيو بخت انھيءَ جو پلارو_ مھيسر.

ٿي درجا پڙھيل سو بہ اڳ ۾، ھئو عشق سندس رَڳ رَڳ ۾،
رکيو نينھن جنھن ھونيارو_ مھيسر.

ھيو ڏات ڏٽين ۾ ڏھيسر، چيو ھر ڪنھن واھ_ مھيسر،
ھو غلام نبيءَ جو ستارو_ مھيسر.

جنھن پھچي پيرين پيادل، وڃي ڏٺو مديني جو مرسل،
ٿيو ثناگرن ۾ سوپارو_ مھيسر.

ڪيئي دعوائون ڪن ٿا پر، وري ٿيڻو ناھي مھيسر،
سوين شاعر ڪيو شمارو_ مھيسر.

جنھن جي ڏيھ ۾ زندھ ڏات آ، سڏ مئل نہ اڄ بہ حيات آ،
ھوندو مزار ۾ بہ متارو_ مھيسر.

چوي "لاشاري عاجز" ھاڻي، جنھن ڪي سنڌ سڄي ٿي سڃاڻي،
ھيو لفظن جو ھو ادارو_ مھيسر.

## سنڌ جي راڻي شھيد بينظير ڀٽو جي ياد ۾

سنڌ ڇائي، ڏئي جدائي، وئي پلاري بينظير،
پيڻ پائن ڪان جدا ٿي، وئي پياري بينظير،

ڦھر ڳوفين جان ڪري ھتڙي گھرايائون بہ پاڻ،





ڏاريا ٿيا پنھنجا نہ ھي، ظلم ڪرايائون بہ پاڻ،
سي يزيدي سڪ نہ ڏسندا عمر ساري بينظير،

سر ڏنو سوليءَ تي مرڪي جنھن جي بابي ذوالفقار،
جام حسيني پي شھيد ٿيو شاھنواز آ شاھڪار،
ڪئي ٻنھي سان پاڻ آ پرور ستاري بينظير،

ڏس پلا ڪونڌر ڪراچيءَ ۾ ڪٺو ڪيئن مرتضیٰ،
ھَنئين سپاھين سامھون گولي خود ڏٺو ھين مرتضیٰ،
سنڌ سان ٿيا ھيڏا ھاڃا، زاري زاري بينظير،

ٿيو ھو دشمن ورديءَ وارو منھنجي سھڻيءَ سنڌ جو،
ڪانءُ ڪارو خوار ٿيو ھئو پوئلڳ ديوبند جو،
پادرن جي تو ڏني ھئي جنھن ڪي خواري بينظير،

پيءُ ۽ گڏ ڀائرن سان جيئري آھُوءَ جھان ۾،
آ شھيدن جو ھجڻ زنده لکيل قرآن ۾،
مرتبو تن ڪي عطا ڪيو آھي باري بينظير،

ڪربلا ڪان پوءِ آ تنھنجي شھادت شاندار،
ھُوءَ وفا ھُئي دين جي تنھنجو وطن سان ھو پيار،
اڄ بہ آھن تنھنجي خاطر لڙڪ جاري بينظير،

ناھيان درٻاري ڪو شاعر، پوءِ خوشامد ڇو ڪيان،
پر لکڻ تن سورھن تي فرض آ لکجي عيان،
درد ڏئي دل کي گھڻا وئي آ "لاشاري"، بينظير،

آھي "عاجز" کي اھو افسوس دل اندر تمام،
ٿا ڏسڻ سنڌي گھرن اڄ تنھنجي دشمن جو انجام،
ڪيس تنھنجي جي نٿي ڇو پوئواري بينظير.

o

# رمزون رحمت الله جون

عاجز رحمت الله لاشاريءَ جو هيءُ ڪتاب 2013ع ۾ آل پاڪستان لاشاري بلوچ ويلفيئر تنظيم، سنڌ سگهڙ سنگت پلائي تنظيم، آواز گروپ لاڙڪاڻي ۽ سنڌ رائيٽر پبليڪيشن باڊهہ جي گڏيل سهڪار سان ڇپيو، جنهن جو مهاڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي، سگهڙ پائيءَ جي مختلف صنفن تي آڌاريل هن ڪتاب ۾ ليکڪ ۽ ڪتاب بابت مختلف عالمن جهڙوڪ: بيدار مورائي، مولانا محمد ادريس ڏاهري، محمد صفر لاشاري، سيد صالح محمد شاهہ، فقير محمد مٺل جهتيال، غلام حسين باجاري ۽ ٻين جا ويچار شامل ڪيا ويا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

”هن ڪتاب ۾ هن سگهڙ حمد، نعت، سينگار سان گڏ پاڻ سڳورن جي چئني صحابن متعلق الڳ الڳ اظهار ڪري لوڪ ادب شاعريءَ جي ڪتاب کي چار چنڊ لڳايا آهن. ان ڪان اڳ معراج نامي ۾ ٿيهہ اکريءَ دوران سڄو سفر بيان ڪري سنڌ جي اڳوڻن سگهڙن ۽ شاعرن جي روايت ۽ طبع کي نئين سر قائم ڪيو آهي. هيءُ سگهڙ پنهنجي مرشد جي شان ۾ شعر لکڻ ۾ عام سگهڙ شاعرن ڪان اڳيرو نظر اچي ٿو. هيءُ سگهڙ سنڌ جي عظيم ۽ روحاني اڳواڻ محمد طاهر عباسي عرف سڄڻ سائين مدظلہ العالي جي عقيدت مندن ۾ سنو ۽ سهڻو شاعر ثابت ٿيو آهي. منقبت ۾ بہ شان لکندي هن سگهڙ طريقت کي مدنظر رکي ترتيب وار شعر لکيا آهن. عشق جي داستانن ۾ عام سگهڙ شاعرن ست سريءَ کي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي. پر هن سگهڙ ان تجنيس ڪان اڃان بہ زياده ۽ حقيقي عاشقن جو ذڪر لکي نواڻ پيش ڪئي آهي. ڏور بيت ۾ ابتدا ڪان وٺي سوا





لک ۽ پنجتن پاڪ تي عام سگهڙن بيت لکيا پر هن سگهڙ منقبت ۽ سر سهڻيءَ ۾ ڏور لکي ادب جي تجنيس ۾ اضافو آندو آهي. هن سگهڙ جون نظرون معاشري ۾ ڪڄڻ تي ڪڙو سچ لکي سچائيءَ جو سچو ثبوت پيش ڪيو آهي. آخر ۾ ڏنل ڪافيون ۽ ڪلام بہ سهڻي سٽاءَ ۾ سموهيل آهن.

اڃان نوجوان آهي اميد تہ اڳتي هلي سگهڙ پائيءَ توڙي شاعريءَ ۾ وڏي گن وارو ثابت ٿيندو ۽ اڳتي هلي ايندڙ نسل کي اهڙا ڪوڙ ڪتاب ارپيندو“.

ڪتاب ۾ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ ۽ ٻين سگهڙن جون تصويرون بہ ڏنل آهن. ڪتاب جي تيرهين باب ”ڳالهيون ڳڻن وارن جون“ مان امڙ سائڻ جي شان ۾ لکيل شعر ڏجن ٿا:

**امڙ جا احسان**

ٿلهہ: امڙ جا احسان گهڻا هن، ٻڌ تہ توکي ٻڌايان
لکين ماڻهو دنيا ۾، ليڪن ماءُ جي مٽ نہ پانيان
(1)
ڏکيو تولئہ ڏيهہ ۾ جاليئين، پيٽ ۾ ڏهہ مهينا پاليئين
سورن ۾ بہ تہ توکي سنڀاليئين ٻچا ٻانهي آهيان
(2)
سيجن تي پئي توکي سمهاري، روئين تہ ڪڇي کير پياري
راتڙيون جاڳي سج اڀاري، توتي نہ سهي تايان
(3)
توکي بخار بدن ۾ ٿي پئي، امڙ جو آرام ڦٽي پئي
تون ناخوش تہ جيجل جي لئہ، سورن گهڙيان سوايان
(4)
لٽا تنهنجا خراب بہ ڌوئي، پائخانو پيشاب بہ ڌوئي
چوي تہ صدقو ٻچا توکي، پيار ڏئي پرچايان
(5)
ڏک ڏنائين هُئين تون ننڍڙو، آخر پيرين ڪيئي پنڌڙو
ٻاتڙا ٻول ٻڌي پئي چوي، آءٌ تہ گهوري آهيان

(6)

توسان جي ڪو ٻاروڙهي پيو، جيجل جو تڏ هنيانءُ ڏري پيو
مهڙ ٻه توڏي تڏ ٻه تو ڏان، ورنديون ڏيئي ورجايان

(7)

لڳين ٿو جڏ صحيح ڳالهائڻ، موڪلي ٿي تعليم پڙهائڻ
قاري حافظ عالم ٿين شل، توکي پڳ ٻڌايان

(8)

ڪنهن نه رکي آس اها ير، منهنجو پٽ ٿيندو آفيسر
لکين اهڙيون اميدون رکي، دل کي ڏيئي دلجايان

(9)

پاس ڪرائي توکي پڙهايو، پو نه ڪري ٿي وهانوَ جو سايو
گل ٻچي کي گهوٽ بڻائي، پنهنجن مان پرڻايان

(10)

وڃي وني جڏ ايندو آن گهر، پوءِ تنهنجي اولاد جو فڪر
يا رب ٻچو اولادي ڪر، اهي ڪري التجايان

(11)

مٺو رب رسول بيشڪ، تن ڪان پوءِ نه ماءُ جو آ حق
منڙي ماءُ جي پيرن هيٺان، جنت جون ٿي جايان

(12)

اڄ ٻه سڪيا ڏسان ٿو آئون، جن کي جيجل ڪيون دعائون
دين دنيا ۾ ڪٿي ويا سي، ٿين سڀ سڻايان

(13)

مون کي ٻه ماءُ دعا ڪئي ظاهر، ٿيس شاهه مديني جو شاعر
نه ته هزار ڪلام مجازي، ٺاهي پيو مان ڳايان

(14)

دعا جي صدقي هنڙي هاڻي، ”لاشاريءَ“ کي لوڪ سڃاڻي
رحمت جا هي ڪوڙ خزانا، لکي پيو ڇپرايان

o





# رحمت جا خزانا

عاجز رحمت الله لاشاري هڪ سني سگهڙ ۽ محقق هجڻ سان گڏ ديني عالم ٻه آهي. اهوئي سبب آهي ته لوڪ شاعريءَ جي مذهبي صنفن سان سندس وڏيڪ دلچسپي آهي. هُن مذهبي ڪلام تي ٻڌل ننڍڙا ڪتابڙا ”رحمت جا خزانا“ نالي شايع ڪرايا آهن. ان سلسلي ۾ سندس ڪتاب ”رحمت جا خزانا“ جا ست ڀاڱا شايع ٿي چڪا آهن.

ڪجھ ڀاڱن جي نظر ثاني نالي واري عالم، اسلام جي مبلغ ۽ قرآن پاڪ جي مفسر علامہ مولانا محمد ادريس ڏاهري طاهر نقشبنديءَ ڪئي اٿس. ان ڪانسواءِ علم عروض تي مهارت رکندڙ استاد بهادر فقير رند ستين ڀاڱي ۾ سندس رهنمائي ڪئي، جنهن کي اهو حصو ارپيو اٿائين.

سندس ان ڪتاب ۾ حمد، نعتون، قصيدا، منقبتون، مداحون ۽ ٻيون لوڪ مذهبي صنفون شامل آهن: هيءُ مذهبي پرچار ۽ هدايت وارو ڪلام آهي، جنهن ۾ پڙهندڙ جي دلچسپي ٻه وڏيڪ آهي. ڪتاب جي چوٿين ڀاڱي مان مڙس ۽ زال جي جهيڙي تي ٺهيل شعر نموني خاطر ڏجي ٿو:

## مڙس ۽ زال جو جهيڙو

طرز: مهرباني ٻي ته وئي پر منهن ڏيکارڻ ڪان ٻه وئين

ٿلهہ: غور ڏئي ڪن سان ٻڌو، هيءُ ٿو ڪيان احوال جو
مون ٻڌو جهيڙو عجب، هڪ نيڪ مڙس ۽ زال جو

(1)

ويندي ويندي مان ٻڌي آواز پوءِ ٻيھي رھيس
مڙس پنھنجي زال کي ڪجھ گھر اندر ٿي چئي رھيس
ٿو ٻيان اڳ ۾ ڪيان مان مرد نيڪ نھال جو
(2)
مڙس مائيءَ کي چيو، پھرين تہ پردو ڪر ضرور
ٻيو نمازڻ ٿيءُ نہ ٻڌ گانا نہ ڪر ايڏو غرور
ٽيون تہ گاريون ڏئي نہ گھر ۾، وقت آڻ وبال جو
(3)
چوٿون چوريءَ تون گھٽو ميڪ اپ وٺڻ ٻيي بند ڪر
۽ پنجون ڪپڙا سنھا پائڻ نہ پاڻ پسند ڪر
ورنہ ڏسٽو ڏينھن پوندو تو ۽ مون کي وصال جو
(4)
نيٺ عورت اڻ پڙھيل ڳالھايو اوچتو ڏيئي ٻل
وٺي جو گاريون ڏنئين جڻ ھيس ٻي ايچ ڊي ٽيل
مرد ويچارو منجھي پيو، پو ڪچي مجال جو
(5)
مان حُسن چالئہ لڪايان تون وڃي ڏاڙھي لڪاءِ
مان پلي ھان پالڪين ۾، ھي اڪر ٻين کي پڙھاءِ
مون کي ھن ماٺھو لقب ڏيندا تہ موتي لعل جو
(6)
تو ٺَڪر ڏئي ڏئي ڪيو آھي تڏوڪاروڪنو
مان تہ چا منھنجي ابي ڏاڏي نہ ڪڏ سجدو ڏنو
گانا ڳائڻ ۽ وڄائڻ ڪم آ منھنجي آل جو
(7)
استاد منھنجي امڙ جھڙيون ھاڻ ٻيون ڪاٿي ھجن
جنھن چيو ھڪ گار عيوض ڏھ ڳٽي ٻئي کي ڏجن
باقي ميڪ اپ مان سدائين وٺندي آھيان سال جو
(8)





تون لٽا پائين نہ پائين، توکي چوھي سور آ
مون کي لوڪ لباس اھڙي ۾ تہ چوندو حور آ
ھاڻي ٻيھر تون نہ چئجان چلت اھڙيءَ چال جو
(9)
اي ادا تي جوان اڳ ۾ تون ڪٽي اَڪڙي نھار
پاڻ ھٿ سان جي وٺي ڏيندين تون تي وي، وي سي آر
لازمي لوڙيندين تون پوڪيل پنھنجي ڪال جو
(10)
آ سچو غلطان تنھنجو ڏوھ قسمت جو نہ آ
تو خدا وارن ڏي ڪڏھين پنڌ ڪيڙو ڪونہ آ
ڪونہ ڪيو دارون دوا تو پنھنجي ھيٺي حال جو
(11)
نيڪ بخت ۽ ادب واريون پيون چمن مائر پلي
”لوڪ“ ۾ ”لاشاري عاجز“ جن چٽيا ڪامل ولي
سي ڪتي ويون تن مٿان سايو سخي لجپال جو

مذھبي ڪلام ۾ ڪجھ سختيءَ ۽ انتھا پسنديءَ واريون ڳالھيون بہ آھن. نصيحت ۽ ھدايت جو ڪووچ وارو ڏگ ورتو وڃي تہ بھتر.

O

# گُنيءَ جو گُنُ

هن ڪتاب جو تخليقڪار سگهڙ ڏُلو فقير پٽي آهي، جڏهن ته مرتب سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر آهي. ڪتاب 2005ع ۾ سنڌ سگهڙ ادبي پلاٽي تنظيم تعلقي گمبٽ ضلعي خيرپور ڇپرايو. عام طور ڪتابن جي ڇپائيءَ جو سال يا وڌ ۾ وڌ مهينو لکيو ويندو آهي پر هن ڪتاب جي ٽائيٽل تي هجري ۽ عيسوي سال، مهينو ۽ تاريخ هن ريت لکي وئي آهي. 11_ جمادي الاول 1426هـ_ 24_06_2005ع. 137 صفحن تي ٻڌل هن ڪتاب ۾ لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي شامل ڪئي وئي آهي، جهڙوڪ: سينگار، ڳجهارتون، هدايت وارا بيت، حمد، ثنا، منقبت ۽ ستن سرن وارا بيت وغيره. ڪتاب سگهڙ پنهنجي والد محترم نياز فقير پٽيءَ ڪي منسوب ڪيو آهي جيڪو پڻ هڪ سٺو سگهڙ هو.

ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي. جنهن ۾ بلوچ صاحب هن گهراڻي جي هڪ ٻيءَ لوڪ ڏاهپ جو به ذڪر ڪيوآهي، هو لکي ٿو ته:

”سندس پيءُ نياز فقير پٽي (مرحوم) به سگهڙ هو. فيبروري 1976ع ۾ سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر جي اوطاق تي ڳوٺ رفيق مهيسر ضلعي خيرپور ۾ سگهڙن جي ڪچهريءَ ۾ اچي شريڪ ٿيو. هو ڏور ڳجهارت ڪان واقف هو ۽ صبح جو مون ڪي نانگن جا منبر ٻڌايائين؛ ان سان گڏ جهاڙ جهاڙيندڙن جي پرهيز به ٻڌايائين.

اڄ تائين سندس خاندان ۾ اهو سلسلو هلندو اچي ٿو. هينئر ڏُلي فقير ڪي به اُهي جهاڙون اچن ٿيون، جيڪي پنهنجي والد ڪان ياد ڪيون هئائين ۽ جهاڙن جي اجازت پنهنجي پيءُ ڪان ورتي هئائين. نانگ جي





مندر ڪان سواءِ ڦرڙي، ملي ڇلي، ڪڇوراڙي، آگرو پڙهي ۽ ٽڏڙن جي بيماريءَ تي به جهاڙون رکي ٿو. هيءُ به هڪ روايتي رنگ آهي، جيڪو سيني بسيني هلندو اچي ٿو.“ (مهاڳ ص: 01)

## نانگ جي ڪَکِڻَ جي جهاڙ

هيءَ لوڪ ڏاهپ آهي،جيڪا صدين جو تجربو رکي ٿي. هر ڪنهن جا پنهنجا عقيدا آهن. لوڪ ڏاهپ يا روايتن ۾ عقيدن ڪي وڏي اهميت حاصل آهي جڏهن ته سائنس انهن شين ڪي نه ٿي مڃي. پر جيئن ته جهاڙ ، ڦيٽو اسان جي لوڪ روايت ۾ موجود آهن، تنهن ڪري هتي ان قسم جو مواد پيش ڪجي ٿو.

روايتن مطابق ”نانگ ڪنهن ڪي به ڪڪي ويندو يا ڏنگ هڻي ويندو ته اُنهيءَ مريض تي جهاڙ جهاڙيندڙ هيءَ جهاڙ 3 ڏينهن وڻ جي سائي ٽاريءَ سان جهاڙيندو. جهاڙ جهاڙڻ وارو پرهيز به مڪمل ڪندو رهندو نه ته جهاڙ اثر نه ڪندي.“

(1)

جاڳي جوهر جنهن جو ساٽي ٻاجهون اور نه ڪوئي،
سائين تنهنجي سَؤ سٺائي پهلي ٽپي ٻاڻ چرڙ ستر سَوَ جان ڇُڙي،
گائين ڪا کير گگلي ڪا ڪير، همارا چڙهي تمهارا لڙي،
لڙي گُرو ڪي سنگت تيلي ڪي لڳت سرِئون مندر،
عيسر مهان دي ڪر واچا چلي الله جل جلاله محمد مير،
رسول ڪري ڪم سڀ سولڙي ٿيسن،

(2)

ُخدا هي خدا دا، خدا دي رسول پاڪ دا،
چئين ياران دا، پنجتن، بيبي سائڻ فاطمه دا،
گوگي ڇهواڻ دا، دستگير بادشاه پيردا، لفظ هي اُستاد دا،

(3)

اول نام الله پاڪ دا، ڏوجها نام مٺي رسول دا،
ٽيجها نام چئين ياران دا، لال بيگ يار بيگ پناڻ،

ميکل خير ڪل نانگان دي متون،
خُدا هي، حضرت پيرڪا. لفظ هي استاد ڪا،

(4)

ڏنڏن منبڙي گوگا منبڪاٽو سلطان،
چڙهيا گوگائي ڇهواڻ، واڇڪ راڻي پيڪين چلي،
مان دَر ڏيان نيلا ڪالا ڏاند. پلاٽا تيرا بارا بار،
اُٿايان ٻَڏان سڳي، پير گوگي دي. جنهن مويا،
ڏاند جِوايا جهڙي، جهڙي ڪُل بلادا زهر نہ چڙهي،
چڙهي تہ بربت لاسي، وڄن گوگي سنديان،
پيريان جهومر،سنديان جهيريان،
ٻر عيسر مهان دي ڪر واڇا چلي،
سوئو منبر عيسر مهان دي ڪر واڇا چلي،
الله محمّد رسول ڪري، اَيسي بلاڪا وات ڇُٽي
ايسي بلا ڪا وات ڇُٽي، الله محمد رسول ڪري ڪم سولڙي،

(5)

اوڏ منگاٽو نوان نوان گوگا راڻي، سسئي سيتا راڻي
ايئن جهڙي، نيري جهڙي ڪير جهڙي ڪلها ماري،
پونءِ ڏري، ٻاونجاه ٽيويهہ جوڳڻ فرمنبر،
عيسر مهان دي، ڪر واڇا چلي، الله پاڪ،
رسول ڪريم ڪري ايسي بلا ڪا وات ڇُٽي.

(6)

بس ڪالي بس ڪملي بس بشيهر نانگ،
اوڇي آئي ڏنگڙي، چڙهي ڏيان ٻانگ،
سيد تيڏي ڇيلڙي، آهن ڪالي نانگ،
ڄائي ڪالڪان بس تليهر آئي منبري تيڏي اڻ ٽاڻ،
جر جٿان هماري لگت. تَيئن تيلي ڪي سنگت،
سرِ ويو منبر عيسر مهان دي ڪر واڇا چلي،
الله پاڪ مير محمد ڪري ايسي بلا دا وات ڇُٽي.





(7)

ندي سندي پرتي، ڪڙا گرڙ ڪوڪاري،
گرڙ ڪاڏا نہ مري، ڪِسي جهاڙ جهاڙي،
محمد پاڪ ڪي جهاڙ جهاڙي، جهڙي جهڙي ول نہ چڙهي،
اُقت مري سَپڙيا وڇئين ساهہ. نہ ڪر وڻاه،
حُدا هي دستگير بادشاهہ پيرڪا. لفظ هي استاد ڪا،

(8)

اڙي ڏُن گوگا گاروڙي ڏُن ڪانين سلطان،
جاڳي جوهر جنهن ساڻي ٻاجهون اور نہ ڪوئي،
اول نام الله دا. ڏوجها نام رسول پاڪ دا. ٽيجها نام چئين ياران دان،
حُدا هي خدا دا خدا دي رسول دي بيبي سائڻ فاطمہ دا،
والس راڻي پيڪين چلي، پاڪر پالي ڏيئا،
الله جل جلالہ ستر ڪوٽ،نبي دي اوٽ،
ڪهان بجلي وسي ڇوٽ چڙهي وسي،
ڏُن گوگا منبرڙي گوگا منبر ڪاٽو سلطان،
چڙهيا ڇوٽ گوگائي سسي سيڏا راڻي،
ڪي ڪالي ڪي ڪملي ڪي لٽڪ جهڙي شهمور،
چڙهي مير محمد ڪري هسواري، ڇوڱنڊين ڇوڏاري.

(9)

ڪهان بجي وسي ڇوٽ وسي مير محمد وسي اُٿون وهہ نسي،
ڪهان بجلي وسي لوئنڊي وسي، نرڙين وسي
مير محمد وسي اٿون وهہ نسي،
ڪهان بجلي وسي نڪين، ڏنڊين وچ
وسي مير محمد وسي اٿون وه نسي،
ڪهان بجلي وسي، ڪُلهئين ڳاٽ هڏئين
وسي مير محمد وسي اُٿون وهہ نسي،
ڪهان بجلي وسي ڏورين ٽونٽئين
وسي مير محمد وسي اُٿون وهہ نسي،

ڪهان بجلي وسي ڪارائين هٿين آنگرئين،
وسي مير محمد وسي اُتون وهه نسي،
ڪهان بجلي وسي، سيئين هياڻءُ زيرين ٻڪين ڦڦڙين گڙدين
وسي مير محمد وسي اُتون وهه نسي،
ڪهان بجلي وسي، پيٽين، چيلهين، ڏاڪين، ٻنڌڙين،
وسي مير محمد وسي اُتون وهه نسي،
ڪهان بجلي وسي، چنگهين ڏيڏرين پنين،
وسي مير محمد وسي اُتون وهه نسي،
ڪهان بجلي وسي پيرن مرين پيرن ڳڙين،
مير محمد وسي اُتون وهه نسي،
ڪهان بجلي وسي، مير محمد اَسي ڪم ٿين سڀ سولڙي،
لاالہَ اِلا اللهُ محمد رسولُ اللهِ صلي الله عليه وسلم.

## ڦٽ ڦرڙي مَلي ڇَلي ڪاڪ ڪڇوراڙي جي جهاڙ

(1)

اِنڊ نندي ڳوڙهو ڳنڊ ملو ماڙ چني ڪل جي
پاڙ ملو چلو ڪاڪ ڪڇو راڙي سڙو،
ڳوڙهو ڏنبي راڻي، آڳر ويڙهو بادام گلاٽي،
ڪر تون درد ڪون لوڻ پاٽي،
سائين بادشاهه پير محبوب سبحاني،

(2)

مَلو چلو ۽ پيو مَلي جو سور
اُپريو سج چنبر، حضور نبي ڪريم جو نور،
سومر ڏينهن ڄائو، حضرت محمد متو سائين،
اڱاري ڏينهن ڄائو، حضرت علي سائين،
پَنج دَردَ آيو محمد ڪريم. چڙيو امڙ آمنه.
نبي ڪريم جو نور، ويو ستن ورهين جو سور،
تون نپاڳو دَردَ نَور، آيو اسان ولهين واهرو.





(3)

الله جل جلاله، ستر ڪوٽ نبي دي اوٽ،
سمان فل ڏرتي نانگ ويڙهو سيڙهو،
ڪدو حضرت دستگير بادشاهه پير جو لفظ استاد جو،
اللهم صلي علیٰ سيّدنا محمدِ وَ آله واصحابه،
واهلبيته وبارڪ وسلم اجمعين برحمتڪ يا ارحم الراحمين.

## جهاڙ رکندڙن لاءِ پرهيز

1) اَڇيءَ ڪڪڙ جو آنو نه کائبو.
2) مئل ماڻهوءَ جي ڪانڌپي واري ماني نه کائيندو.
3) شيخ ۽ موچيءَ جي ماني ۽ پاڻي نه واپرائيندو.
4) انهن ڳالهين جو اُستاد وڏو تاڪيد ڪيو آهي نه ته جهاڙ اثر نه ڪندي ۽ نانگ وارو زهر نه لهندو. سڀ ڪم رب تعالیٰ جي هٿ ۾ آهي پر ڪدو حضرت بادشاهه پير جو لفظ استاد جو ياد رکڻ گهرجي ته انشاءَ الله تعالیٰ سڀ درد دور ٿي ويندا ۽ سڀ ڪم سولڙا ٿيندا.
5) نانگ جي زهر لاءِ ڪنهن وڻ مان سائي تاري پَٽي اُنهيءَ سان جهاڙو رکندو. هٿ واري نل (نلڪي) مان پاڻي وات وجهي نه پئندو.
6) آڳر ويڙهي، مَلي ڇَلي، ڪاڪ ڪڇوراڙي تي پنهنجي آڱر سان متانئس جهاڙ رکبي ته الله پاڪ رسول ڪريم ڪم سولڙا ڪريسي. ڪدو حضرت بادشاهه پير جو لفظ استاد جو.

نوٽ: هي سڀ روايتون ۽ اعتقاد آهن. جن تي اڪيون ٻوتي اعتبار نه ٿو ڪري سگهجي. هر طبقي جو ان حوالي سان پنهنجو پنهنجو رايو آهي.

o

# سگهڙن جي ڊائريڪٽري

اسان هتي جن ڪتابن جا تعارف پيش ڪيا آهن، اُهي سگهڙن جي ڪلام تي ٻڌل آهن. باقي سگهڙائپ جي مختلف صنفن وغيره بابت خاص ڪري لوڪ ادب رتا وارن ڪتابن کي شامل نہ ڪيو اٿئون. ڇاڪاڻ تہ اسان جو خاص مقصد سگهڙن جي همٿ افزائي ڪرڻ ۽ سندن ڪيل ڪم کي اجاگر ڪرڻ آهي. هونءَ بہ لوڪ ادب رتا وارن ڪتابن تي تبصرا ۽ تعارف عام جام ڇپبا رهن ٿا ۽ انهن بابت معلومات سولائيءَ سان ملي سگهي ٿي. جيئن تہ ڪتاب سگهڙن جي ڊائريڪٽري سڌو سنئون سگهڙن جي تعارف ۽ سندن چونڊ سوغات تي ٻڌل آهي، تنهن ڪري ان جو تعارف ڏيڻ ضروري سمجهيو ويو. عبدالله ورياهہ صاحب جي ان ڪتاب تي تبصرو منهنجي استاد ۽ محسن سيد محسن علي شاهہ بخاري صاحب ڏاڍي تفصيل سان ڪيو هو، جنهن ۾ سنڌ سگهڙ ڪانفرنس، ٽنڊي آدم جو بہ احوال آهي. سائين محسن علي شاهہ مون کي گورنمينٽ سچل سرمست ڪاليج راڻي پور ۾ انٽرميڊيئٽ جي دوران نہ رڳو پڙهايو پر ادب ۾ اڳڻ جا سبق بہ ڏنا. سائين ان وقت ڪاليج جو پرنسيپال هو. سنڌي ادبي سنگت شاخ راڻي پور کولڻ لاءِ مڪمل سهڪار ۽ سرپرستي ڪيائين. سائين منهنجو Ideal استاد هو. هن خيرپور ۾ "خير جا ڏينهن" نالي ڪتاب لکيو.

سگهڙن جي ڊائريڪٽريءَ تي سندس لکيل تبصرو جيئن جو تيئن ڏجي ٿو، جيڪو مهراڻ لوڪ ادب نمبر ۾ ڇپيو.

"سنڌي هڪ وسيع ۽ شاهوڪار زبان آهي، جنهن ۾ لفظن جي هڪ اڻ ڪٽ کاڻ آهي. اهوئي سبب آهي جو ان ۾ تصوف جهڙي ڏکئي ۽ اونهي مضمون کان وٺي سائنس جهڙي جديد علم جي ڪنهن بہ موضوع





لاءِ لفظن جي کڏهن ڪا ڪمي محسوس ڪانہ ٿي آهي.

سنڌي ٻولي جيڏي لفظن ۾ شاهوڪار آهي، اوڏوئي ان جو لوڪ ادب وسيع ۽ ڪشادو آهي، جنهن جي دائري ۾ لوڪ داستان، لوڪ گيت، مولود، مناجات، ڳجهارت، هنر، ڏور، سينگار بيت وغيره اچي وڃن ٿا. سنڌي ادب جي ان سرمائي کي جنهن صدين کان پيئي سنڀاليو آهي، سو آهي اسان جو سگهڙ، جيڪو هن عظيم ورثي کي هر دؤر ۾ ساهہ سان سانديو اچي ۽ انکي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين پيو پهچائي، جو سلسلو جُڳن کان جاري آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جيڪو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ وجود ۾ آيو ۽ اڄ ڏينهن سوڌو پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ پيو پاڻ پتوڙي، تنهن سنڌي لوڪ ادب جي اهميت ۽ افاديت محسوس ڪندي انکي سهيڙڻ ۽ ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اهو ڪم پنهنجي ڏيهہ جي ڏاهي ۽ ناميارِي محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سپرد ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جهڙي سڄاڻ شخص ان اسڪيم کي پائي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري پنهنجي وطن جي هر واهڻ ۽ وستيءَ وڃي، اتان جي سگهڙن سان راتيون جاڳي ڪچهريون ڪيون ۽ انهن جي سيني اندر سانديل سرمايو سهيڙي، ان کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ شروع ڪيو، جيڪو اڄ اسان وٽ پورن چاليهن جلدن ۾ موجود آهي.

لوڪ ادب جي اسڪيم کي مڪمل ڪرڻ ۾ بورڊ جي چيئرمين مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ صاحب جي دلچسپي ۽ مدد کي ڪڏهن بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، جنهن جو اظهار خود ڊاڪٽر صاحب پڻ ڪيو آهي. ضلعي سانگهڙ جي هڪ سپوت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سڄي سنڌ گهمي ڦولي وڃي سگهڙن کي هٿ ڪيو تہ ان ئي علائقي جي هڪ نوجوان محقق ۽ اديب جناب عبدالله ورياهہ وري انهن کي ماڻُ ڏيڻ جي مقصد سان سڄيءَ سنڌ مان سڏائي آڻي هڪ هنڌ گڏ ڪيو. اهو سال 1984ع هو، جو ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر جناب محمد شريف بلوچ جي سهڪار سان ورياهہ صاحب "سانگهڙ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽيءَ" جي پليٽ فارم تان سانگهڙ شهر ۾ سنڌ ليول تي سگهڙن جي ڪچهري ڪوٺائي، جنهن ۾ سنڌ

جا سمورا ناميارا سگهڙ اچي شريڪ ٿيا. ان موقعي تي سگهڙن جي ادبي پورهئي کي مڃتا ڏيندي، انهن کي اڳتي آڻڻ ۽ کين دنيا آڏو روشناس ڪرڻ لاءِ وڏا اعلان ڪيا ويا پر پوءِ سنت ٿي محمد شريف صاحب جي بدلي ٿي وڃڻ سبب اهي اعلان اتي ئي رهجي ويا ۽ سانگهڙ هسٽاريڪل سوسائٽي به ورياهه هائوس ٽنڊي آدم ۾ ڪڇهرين ڪرائڻ تائين محدود رهجي ويئي. تنهن بعد گذريل سال 1991ع ۾ ڊاڪٽر امداد علي سيهڙ جهڙو سڄاڻ ۽ علم دوست شخص جو سانگهڙ ضلعي تي ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿي آيو. ته هيڏانهن سوسائٽي به وري سرگرم ٿي وئي ۽ سيهڙ صاحب جي سهڪار ۽ صلاح سان 27، 28 ۽ 29 نومبر 1991ع تي ”سنڌ سگهڙ ڪانفرنس“ ٽنڊي آدم شهر ۾ ڪئي ويئي. ڪيل فيصلي مطابق ان موقعي تي سنڌ جي سگهڙن متعلق پهريون ڀيرو تعارفي ڪتاب ”سگهڙن جي ڊائريڪٽري“ (حصو پهريون) شايع ڪري ادبي دنيا ۾ آندو ويو. جنهن جي ڪمي ڪافي سالن کان شدت سان محسوس ڪئي پئي وئي.

ڪتاب ”سگهڙن جي ڊائريڪٽري“ (حصو پهريون) سنڌ جي نوجوان محقق ۽ شاعر جناب عبدالله خان ورياهه جو ترتيب ڏنل آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ تمام سهڻي نموني ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. ڪتاب جو ٽائيٽل سادو پر ڏاڍو پيارو ۽ وڻندڙ آهي ۽ ان ۾ پنو پڻ تمام سٺيءَ ڪوالٽيءَ وارو استعمال ڪيل آهي. ڪتاب ڪل 158 صفحن تي ٻڌل آهي. جنهن ۾ ڏهن ضلعن (جيڪب آباد، حيدرآباد، خيرپور، دادو، سانگهڙ، سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻي، نواب شاهه ۽ نوشهري) جي لڳ ڀڳ ٻن سَو سگهڙن جو ضلعي وار احوال ڏنل آهي. هر سگهڙ جي مختصر تعارف ۽ پاسپورٽ سائيز فوٽو سان گڏوگڏ ان جي سگهڙ پائيءَ جو هڪ اسم پڻ نموني طور ڏنو ويو آهي، جنهن سبب نه صرف سگهڙ پر ان جي فن متعلق پڻ چڱي موچاري معلومات ملي وڃي ٿي. هن ڪتاب لاءِ مواد گڏ ڪرڻ ۾ شاهنواز بابر سومري ۽ ٻين ڪارڪنن جي محنت پڻ شامل آهي.

ڪتاب تي سراسري نظر وجهڻ سان اهو پيو معلوم ٿئي ته هن ۾ وڌ ۾ وڌ سگهڙن کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. پر پوءِ ڏنل انهن ڏهن ضلعن مان ئي ڪافي سگهڙ رهجي ويا آهن، جن جا نالا نه اچي سگهيا





آهن. انهيءَ کان علاوه ڪتاب ۾ ڪن سگهڙن جا فوٽو ئي مٽجي ويا آهن. اهڙيءَ ريت ڇپائيءَ ۾ به ڪجهه مواد هيٺ مٿي ٿي ويو آهي، جنهن مان محسوس اهو پيو ٿئي ته اهو سڀ ڪجهه تڪڙ ۾ ڪم اڪلائڻ ڪري ئي ٿيو آهي، ڇو جو ڪتاب کي ”سنڌ سگهڙ ڪانفرنس“، جي موقعي تي هر حال ۾ آڻڻو ئي هو. اهو ئي سبب آهي جو اڃا به گهڻن سگهڙن بابت وقت اندر مواد نه ملڻ سبب انهن سڀني کي ”ٻئي حصي“ لاءِ ڇڏيو آهي. هاڻي اميد ٿي ڪجي ته ڪتاب جو جيڪو نئون ايڊيشن نڪرندو ان ۾ ڇپائيءَ جون سڀ اوڻايون دور ڪيون وينديون ۽ ان ۾ وڌيڪ سگهڙ پڻ شامل ڪيا ويندا. بهرحال سگهڙن جي ڊائريڪٽري (حصو پهريون) پنهنجيءَ نوعيت جو هيءُ هڪ پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ پنهنجي ”ڏيهه جي ڏات ڏڻين“ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي رکوالن (سنڌ جي سگهڙن) متعلق سٺي معلومات مهيا ڪئي ويئي آهي، تنهنڪري هر علم دوست شخص کي اهو ڪتاب پڙهڻ ۽ سانڍڻ گهرجي. (هيءَ ڊائريڪٽري، سنڌي ادبي بورڊ پاران 1991ع ۾ شايع ٿي.)

**پروفيسر سيد محسن علي شاهه بخاري**

O

# مهراڻ (لوڪ ادب نمبر)

سنڌي ادبي بورڊ پاران ٽه ماهي مهراڻ رسالو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو، ان ۾ شاعريءَ کانسواءِ تحقيقي مقالا ۽ مضمون وغيره شامل هوندا آهن. ادب جي هر صنف کي شامل ڪيو ويندو آهي. سنڌي لوڪ ادب بابت مضمون، مقالا ۽ لوڪ شاعري ته شروع کان ئي هن رسالي ۾ شامل ٿيندي رهي آهي. مختلف موضوعن ۽ شخصيتن تي خاص نمبر به ڪڍيا ويندا آهن. مهراڻ جو لوڪ ادب نمبر به ان سلسلي جي ڪڙي آهي.

هيءُ لوڪ ادب نمبر آڪٽوبر- ڊسمبر 1991ع واري شماري لاءِ تيار ڪيو ويو پر وقت سر شايع ٿي نه سگهيو. جڏهن شايع ٿيو ته سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري سيد امداد حسينيءَ ”ڪجھ گذارشون“ جي عنوان سان لکيو ته: ”هينئر 1992ع جو به اڌ گذري چڪو آهي. پرچو ايترو ليٽ ڇو ٿيو؟ ته ڪنهن به تفصيل ۾ وڃڻ کان سواءِ، ان ڏس ۾ اسين رڳو افسوس جو اظهار ئي ڪري سگهون ٿا!“ گذارشن ۾ ڪجھ غلطين جي نشاندهي پڻ ڪئي وئي.

مهراڻ جي هن خاص نمبر جو ايڊيٽر ميرزا ڪاظم رضا بيگ ۽ سرپرست اعليٰ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ آهي. جڏهن ته جلد 41 ۽ نمبر 4 آهي، هن خاص نمبر جي مواد هٿ ڪرڻ ۾ محترم عبدالله ورياهه جي وڏي مدد شامل آهي، جنهن جا ايڊيٽر ٿورا پڻ مڃيا آهن. هن خاص پرچي جا چار ڀاڱا آهن. 1. شاعري، 2. مقالا، 3. لوڪ ڪهاڻيون، 4. تبصرا.

شاعريءَ ۾ ڪافيون، ٽرجا لوڪ گيت تعارف سميت (ليکڪ محمد عثمان ڏيپلائي)، آچر ماڇي (مرحوم) جو هنر پنج تني، ڇيڙ، فقير هدايت علي رڏ جا صفاتي بيت، نبي بخش ڏيٽي جو مناظرو، انب واڍي،





محمد سومر چني، محمد مٺل جهتيال، محمد شريف ڏاهري، برادي ٻگهئي، محمد سومر پنگر، امام ڏني مهراڻي، قائم الدين سهتي، محمد ملوڪ عباسيءَ ۽ ٻين سگهڙن/شاعرن جو ڪلام ڏنو ويو آهي. مقالن، لوڪ ڪهاڻين ۽ تبصرن جو تفصيل هيٺينءَ ريت ڏنل آهي:

**مقالا**

| | |
|---|---|
| • ڪافي ۽ ان جو فن | مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ |
| • سنڌي زبان جا قديم شاعر | پير حسام الدين شاهه راشدي |
| • سنڌي لوڪ ادب سنڌي عوام جي سماجيات ۽ نفسيات جو مطالعو | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| • ڳجهارت: لوڪ ادب جو فن | ڊاڪٽر پرسو گدواڻي |
| • طالب المولیٰ جو سنڌي لوڪ ادب ۾ حصو | عبدالله ورياهه |
| • اڻ لڀ سنڌي بيتن جو ذخيرو | ڊاڪٽر نواز علي شوق |
| • جنگنامون يا ڪرڙيءَ جي جنگ جو احوال | مرزا عباس علي بيگ |
| • سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ جو سماجياتي اڀياس | ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو |
| • لطيف: لوڪ ترجمان | پروفيسر ڊاڪٽر گل حسن لغاري |
| • لوڪ ادب ۽ حمل فقير | ڊاڪٽر محمد لائق زرداري |
| • سنڌي لوڪ ادب جو سنڌي ٻوليءَ سان تعلق | هدايت پريم |

**لوڪ ڪهاڻيون**

| | |
|---|---|
| • ڍول مارو | شاهنواز عارف المولیٰ جيلاني |
| • مومل راڻو | ڊاڪٽر اياز حسن قادري |
| • سسئي ۽ پنهون | سنڌيڪار: خانم خديجه دائود پوٽو |
| • سنڌ-راڻي | ممتاز مرزا |

### تبصرا

- ڪليات امين — ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي
- فوڪ ٽيلس فرام سنڌ — ڊاڪٽر قاضي خادم
- سگهڙن جي ڊائريڪٽري — سيد محسن علي شاهہ بخاري
- لاڙ جو مطالعو — ڊاڪٽر گل حسن لغاري

سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب جي سلسلي ۾ هيءَ هڪ سٺي ڪوشش آهي، بلڪ سيني کان وڌيڪ سنڌي لوڪ ادب تي ڪم ڪيو ئي سنڌي ادبي بورڊ آهي. لوڪ ادب جي سهيڙڻ واريءَ مثالي رٿا جو شان ئي نرالو آهي. لوڪ ادب نمبر مان سگهڙ نبي بخش ڏيٿي جو مناظرو نموني خاطر ڏجي ٿو:

### مسجد ۾ لڳل سِرَ ۽ سگهڙ نبن ڏيٿي جو مناظرو

ڏيٿو: سارهايان سچو ڏٺي، ساراهہ ڪريان سرور
سڪ ڏسي سِرَ جا، ڳالهايا مانس ادب ساڻ اڪر
ماڻ تنهنجو مٿي، ڪٿان پئي ڪسر
ماڳ تنهنجو مسجد ۾، دين سندي در
اچو ٻانهنا الله جا، رکن سجدي ۾ سر
پنج ئي وقت پاڙهي، تو وٽ وريو ڪن ور
تون سرتين جي سنگ ۾، ويٺي آهين وچ وڳر
هڪ جاءِ تنهنجي جنت ۾، ٻيو مٿان پلن جا اتئي پر
پئي رحمت وسئي رب جي، مالڪ جي اتئي مهر
جتان ڪٿيئي سا خبر، ڏس مون کي ڏيٿو چوي.

سِرَ: ڏَسڻ جي ڏاڍي ڪئي اتئي، ڳالهہ ڳري
هوند نبن نماز پڙهي، وجين پنهنجي ڪار ڪرين
مڙي وچ مات ڪري، چور ڪين چَري





نہ تہ ٻڌي مذڪور، منهنجي مصيبت جو پونديئي ڏيل ڏري
هن وقت وچ وري، واپس اچج وڃينءَ جو.

ڏيٿو: واپس چيو هُيئہ وڃينءَ جو، آئون آهيان آيو
ڪر ڪهاڻي قريب جي، اتئي ڪٿان ڪمايو
پلا عبادت ڪيئہ اهڙي يا اتئي روئي رب ريجهايو
منهنجي روح سندو رايو، پورو ڪر تہ پوءِ وڃان.

سِرَ: پورو ڪريان تہ پوءِ وڃين تہ ٿي ڪوليان ڪجهہ خبر
هڪڙو ڪوڏر ڪٽي آيو ڪلهي تي تکي تيز تبر
دشمن جيان ڏڪ هنيائين زابر زورآور
ماءُ منهنجي مسڪين، جا سدائين رهي صبر
ماس ڪپي منهنجو وري ڇڏيائين پاڙيءَ ڇَرَ
ويهي وري اچي ورتائين وڏا ڪٽي وَرَ
سٽي ڪٽي سختيءَ سان ويو پوئٽي انهيءَ پهر
جيڪي ڪيائين مونسان ڦهر، سي سٽائبا توکي صبح جو

ڏيٿو: سٽائڻ جو چيو هيئہ صبح جو آئون پهتو آهيان پرڀات
اون انهيءَ ۾ نہ آهيان سُتو ساري رات
ڪر حقيقت حال جي، ويهي پنهنجي وات
جتان ڏاتر ڏنئي ڏات، اها آڪاڻي ٻڌاءِ اڳتي

سِرَ: آڪاڻي ٻڌايانءِ اڳتي تہ موٽي آيو مون وٽ ڦري ويل فجر
ڪٽي مون کي ڪڍ مان ڪڍي ڪيائين ڪَپرَ
سامان اُهو سولو ڪري وري هٿ ڳنديائين هيڪر
چني مون کي چوهہ مان هنيائين ڪارب ڪاريگر
مٿان مون کي مار ڏئي رکيائين پيٽي اُنهيءَ پَرَ
جڏهن پڙ اُهو پري ٿيو تہ نشان ٿيو نمبر

متي نالو منهنجو ويو سپ کو سڏي سِرَ
هيس پئي منجهه پڌر، رات اُتي رڻ ۾

ڏيٿو: ڏينهن جو ڏس اچي کهڙو کيائين آچار
کو رحم پيس روح ۾ يا کاوڙي ٿيو قهار
ويتر وڌ کو ٻاري ڏنائين ٻار
جي اوکو کيائين آر، ته مثال ٻڌاءِ مصيبت جو

سِرَ: سِري آيو شام جو کيائين پلٽي پاسي پر
ٻيون مٿان چاڙهيائين منهنجي ۽ پنهنجي کيائين پَرِ
گهوڙيون هڻي گڏ کيائين سيئي سراسر
وڃين لڳو هو پنهنجي گام گذر، هٿ ڏئي ويو هن جي

ڏيٿو: هٿ ڏئي ويو هن جي کئي انهيءَ کهڙي انصافي
کو سلوڪ کيائين سٺو يا انهيءَ ٻه مورهون نه کئي معافي
جي پلا کيائين انهيءَ کافي، ته ڏس کڻي ڏيٿو چوي

سِرَ: سکڻ کان پوءِ سنبري آيا، ڏنائون وري ويچاري
کڻي وڌائون کوري ۾ اُتاهائون اُتاري
وڍي آيا وڻ، مزور سي ماري، آڳ ڏنائون انهن کي، ٻنيان سا ٻاري
هو پيي جليا پنهنجي جوش ۾، وڌائين اسان آزاري
سختي منهنجي ساهه کي، چڏيائين ڏاڍي ڏيکاري
پر ادا مون سان اهڙي کيائين، وڌائين رت رئاري
سورنهن پهر هيس سختيءَ ۾، هيس سائينءَ سهاري
اُتي هيم ياد ٻولي يونس واري، ٻي چڏيم وائي وساري
پوءِ رنگ رچي ريٺو ٿيو، وڌو سوليءَ سينگاري
رب کٿي رحم کيو، چڏيائين تار منجهان تاري
لاهي لٿ منهنجي لڳن تان، آنڌائون ٻاهر ٻَهاري
صحيح سنپاري، آڻي چڏيائون اُس تي





ڏيٿو: ٻڌي تڪليف تنهنجي، مون کي ويچار ٿيو آ وڏو
پلا اُتي هئينءَ آرامي يا ڦري کيائون ڦڏو
ستايائون کٿي سج ۾، لاهي اوهان جو لڏو
جيکو اڳي کيائون اَڏو، سوَ پکو ٻڌاءِ پنهنجو

سِرَ: پکو ٻڌايانءِ پنهنجو ته وري آيو، وکري جو وارو
هکڙو هلي آيو حُب مان، سخي سوپارو
تنهن مذکور کيو مسجد جو، ڏسيائين اهڙو آچارو
مون ٻه عرض کيو الله کي، ٻڌي نوري نظارو
نٻن منهنجي نصيبن ۾ پيو ڍري اُهو ئي ڍارو
خريد کيائين خوشيءَ مان، ڏئي ملهه موچارو
چاڙهي وڌائون چوڏول ۾،آيا چلي اهو چارو
کري مٿي پر مارو، ڏکا ڏئي ويا ڏوڙ ۾

ڏيٿو: ڏکا ڏئي ويا ڏوڙ ۾، کري ويا پنهنجي پڄاڻي
جنهن مٿيءَ مان مٿي کيءُ کر تَنهنجي کهاڻي
جنهن هٿ رسائي راڻي، اُهو مرد ٻڌاءِ تون مون کي

سِرَ: ڏنم ڏيٿا هکڙو آيو اکابر
وقت انهيءَ وهنجاري مستريءَ کڍائي مَرُ
پاڻيءَ ويتر پاک کيو اُجرو ٿيو اندر
هکڙيون اُچلايائون اونداهه ۾ تني ورتو تر
کيائون قطارون قرب مان، ڏئي سيمنٽ ساڻ ٿمر
هک ٻئي مٿان هنيائين، لاکيڻن جو لشکر
ته مڙني ۾ مٿي کڻي، کريم کيو منهنجو کر
ڏکن پنيان سک، ڏي ٿو ڏاتر
هک لحظي ۾ لهي ويو، جيکو ڏنو هوم ڏکر
هتي اچي هرکو ادب سان، توڙي هجي تونگر

هيءَ جاءِ جهڪڻ جي، توڙي سڏائي سڪندر
هاڻ قرآن منهنجي ڪڇ ۾، ڏنائين گهرائي سندو گهر
مون پڙهيو آهي لاالٰہ الاالله محمد رسوالله ڪونهي هاڻ ڪفر
هتي هند حضور ۾، ڪندو موچارو محشر
اتم دين ڪثيو دلبر، نبن! پئي نندبون ڪريان

o





# محبت جا موتي

لوڪ ادب ۾ نعتيہ شاعريءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي. لڳ ڀڳ هر صنف ۾ مالڪ جي واکاڻ ۽ سهڻي رسول جي ساراهہ ڪئي وڃي ٿي. ان کانسواءِ مخصوص صنفن حمد، نعت ۽ مولود وغيره ۾ تہ سگهڙ محبت ۽ عقيدت جا گل ڇٽيندا آهن، ڪتاب محبت جا موتي بہ ان سلسلي جي ڪڙي آهي. شاعري فقير علي گوهر قريشيءَ جي ۽ ترتيب ۽ تصديق جو ڪم عاجز رحمت الله لاشاريءَ ڪيو آهي، ڪتاب بزم ثنا خوان سنڌ پاران 2010ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ حمد، نعت، مولود شريف، منقبت، ڪافي، نصيحت جا بيت وغيره ڏنل آهن.علي گوهر قريشيءَ جي تعارف ۾ عاجز لاشاري لکي ٿو تہ: ”20 مارچ 1943ع ۾ هاٽوڪي ضلعي قمبر_ شهداد ڪوٽ جي تعلقي واره جي ننڍڙي ڳوٺ جوٽاٽي شريف ۾ مرحوم الهہ ورائي قريشيءَ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ عاشق رسول شاعر محترم علي گوهر قريشيءَ جو ننڍپڻ کان وٺي شعر و شاعريءَ سان شوق رهيو آهي“.

ڪتاب مان چوند مولود هتي پيش ڪجي ٿو:

آيو مڪي ۾ پاڪ محمد سونهن ڀريو سردار آ،
ڪِنن ڪوجهن سان پيار پنهل جو سهڻو اڪڙين ٺار آ،

ساري لوڪ مٿان آ، سيّد جي تہ ستاري،
ڏاڍي پنهل کي آ پنهنجي اُمت پياري،
ڪين ڇڏيندو ڪنهن کي غم مٽيندڙ غمخوار آ.

زمين ۽ عرش اعظم تي آ سائينءَ جي بہ رسائي،
خدا آهي محمد جو محمد جي آ خدائي،
ساريءَ دنيا جو دلبر شافي شفا دار آ.

عرض "علي گوهر" جا مالڪ شال اگھائيندو،
روضو پاڪ رسول الله جو پرور پاڻ پسائيندو،
اٿم اُميدون ٿينديون عيدون، سڪ مون کي صدبار آ.

o





# محبت جي منزل

علي گوهر قريشيءَ جي شاعريءَ جو هيءُ ٻيو مجموعو آهي، جيڪو عاجز رحمت الله لاشاري طاهريءَ ترتيب ڏنو آهي ۽ سلات پبليڪيشن ڄامشوري 2013ع ۾ شايع ڪرايو آهي. هن ۾ حمد، نعت، مولود، قصيدي، منقبت، ڪافيءَ، وائيءَ ۽ مختلف موضوعن جا بيت ڏنا ويا آهن. مذهبي، ڪلاسيڪي ۽ لوڪ ادب وارين صنفن تي ٻڌل ڪتاب ۾ بہ ڪجھہ اسم مختلف طرزن/ڪٽن تي لکيا ويا آهن. ڪتاب مان هڪ قصيدو ۽ منقبت ڏجي ٿي:

**قصيدو**

آيو ماه محرم وري آهي موٽي،
آيا ڪونہ اِمام ٿي قسمت آ کوٽي.

ٻارهن مهينا دل پئي اوڪاسي،
ويا سال گذري وڃان کهڙي پاسي؟
نہ پرين پاڻ آيا نڪي آيو اوٽي.

حبيبن جي حب آ ڪئي دل ديواني،
ڳڻي راتيون ڏينهڙا ٿي آ دل بيگاني،
ڇڪيا چاڪ اندر جا ڏئي ڪير اوٽي.

"قريشي" سڄڻن کي سدا ساهہ ساري،
وڇوڙي پرينءَ جي ڇڏيو آهي ماري،
هيمشہ عجيبن لاءِ ماندي دل آ بيٺي.

### منقبت

بسم الله ڪيان بسم الله ڪيان مرشد منهنجو آيو آ،
ڀورل سائين باقراڻن وارو مولا منڙو ملايو آ.

لڪ لڪ تورا مرشد جا ھر ھر وينا ڳايون،
اوري پري وارا فقير، طالب اُن جا آھيون،
قرب ڪري سائين پير پري، پريڻءَ پاڻ پسايو آ.

مخدوم متا آھن مهربان اچي ويا،
سهڻيءَ صورت وارا، جوان اچي ويا،
محبت جا ھت هاڻي، ميلا مچي ويا،
سيني چيو الحمدلله، عالم فاضل آيو آ.

مبارڪ سيني فقيرن کي، ھن محفل ۾ جيڪي آيا،
مرشد اڳيان بيهي ”قريشيءَ“ شوق مان شعر بڻايا،
لک بار چوان شڪرانا، سائين نالي متو اچ آيو آ.

O





# منٽيءَ جي خوشبوءِ

## (لوڪ ادب شاعري)

محمد ايوب جوڻيجي جو 148 صفحن تي ٻڌل ھيءُ ڪتاب سنڌ سگھڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) 2010ع ۾ شايع ڪرايو. جنھن کي نديم عمراڻيءَ، عاجز رحمت الله لاشاريءَ ۽ محمد جمن پٽيءَ سھيڙيو آھي. ڪتاب ۾ ڊاڪٽر حبيب الله صديقيءَ، عاجز رحمت الله لاشاريءَ، محمد جمن پٽيءَ، نديم عمراڻيءَ، عبدالواحد سومري ۽ روشن جويي جا تاثر شامل آھن.

ڪتاب جو وڏو حصو عام شاعريءَ جي صنفن غزل، وائي، نظم، گيت، ٻن ۽ چوسٽن وغيره تي ٻڌل آھي. باقي حصي ۾ ٽيھ اکري، ھفتي جا ڏينھن، ڳجھارتون، ڏور بيت، گرو چيلو، ڏٺ پرولي ۽ نصيحت جا گفتا شامل آھن. ھتي گرو چيلو ۽ ڏٺ پرولي ڏجي ٿي:

### گرو ۽ چيلو

**سوال:** گھوڙو ڏاڍو ڪائي نٿو، ٻار ڪير پيئي نٿو، شينھن نٿو ڪري شڪار؟
**جواب:** ٻک ناھي.
**سوال:** مھمان طعام ڪائي نٿو، ڪتو چور تي ڀونڪي نٿو، مڙس زال پالي نٿو؟
**جواب:** نيمڪ ناھي.
**سوال:** اٺ اوڳر ورائي نٿو، ڀولو ٻل ڏئي نٿو، ھاٿي نند ڪري نٿو؟
**جواب:** ڍئو ناھي.
**سوال:** معشوق پڇا ڪري نٿو پرديسي اچي نٿو، پٽ پيءُ سان ملي نٿو؟
**جواب:** سڪ ناھي.

**سوال:** باهه ٻري نٿي، بندوق باز ماري نٿي، عاشق معشوق ڪاوڙيل هن؟

**جواب:** لڳي ناهي.

**سوال:** اوڏ متي ڪٽي نٿو، رِلي ڪٽ تي ٺهي نٿي، ٻار روئڻ ڪان بس نه ڪري؟

**جواب:** گُڏي ناهي.

**سوال:** چور چوري ڪري نٿو، ڪدڙو سهرو ڳائي نٿو، گاڏي بار ڪٽي نٿي؟

**جواب:** تاڙي ناهي.

**سوال:** واهي وهي نٿي، زال وڳو پائي نٿي، مهمان ڪير پيئي نٿو؟

**جواب:** ڦُتل آهي.

### ڏٽ پرولي _1

وچان پيو واٽ سان ٿيو ڪيسي ۾ ڪڙڪاٽ،
ڪوڪو ڪڍي ڪيسي مان رکيم ڪن تي چماٽ،
هن ته ڪئي ماٺ، هي ٻائو بس ئي نه ڪري.

**ڏٽ جي معنيٰ:** هيءَ ڏٽ موبائيل فون تي ٺهيل آهي، موبائيل اڪثر ڪري ڪوڪي ۾ پيل هوندي آهي، ڪوڪي مان ڪڍي ڪن تي رکي ڳالهائبو آهي، موبائيل جي گهنٽي وڃي بس تي ويندي آهي، پر ڳالهائڻ وارو پيو ڳالهائيندو آهي.

مان ته مئي هان تنهنجي لاءِ تون نه مرجانءِ منهنجي لاءِ،
هي خاص بيٺا ٿئي تاڙيون سِر تنهنجي لاءِ.

**ڏٽ جي معنيٰ:** هيءَ ڏٽ نندي مڇيءَ ڪي ڪنڍيءَ ۾ وجهي پاڻيءَ ۾ لاهي وڏيءَ مڇي ڪي ڦاسائڻ تي ٺهيل آهي. اڪثر ملاح ائين وڏي مڇي ماريندا آهن.

نور جنهن جو نني، وات هن جو سار،
سالڪ سمجهن سچ چيائين،
باقي جاهل ليکي گار.

**ڏٽ جي معنيٰ:** هيءَ ڏٽ مور پکي ۽ مادي ڍيل تي ٺهيل آهي، مور پکي پنهنجا ڳوڙها ڍيل جي وات ۾ وجهندو آهي، جنهن جي ڪري انهن جو نسل پيدا ٿيندو آهي. ❑





# صدين جي سوغات

سگهڙ نظير احمد ميمڻ جو 80 صفحن تي ٻڌل هيءُ ڪتاب علمي ادبي اشاعت گهر (سلات) قاضي نور محمد ميموريل اڪيڊمي مٽياريءَ 2011ع ۾ شايع ڪرايو. جنهن ۾ مصنف جو تعارف ۽ مصنف پنهنجي پاران لوڪ ادب جي مختلف صنفن جو مختصر تعارف ڏنو آهي، ڪتاب ۾ آجيان جا بيت، احوال ڌرتي ۽ درويش، سينگار، نصيحت، پهاڪو ، ڏٽ پرولي، ڏهس، پلن جا پار پلا ۽ سنڌي قومي شاعري پيش ڪئي وئي آهي. ڪتاب مان اجرڪ ۽ ٽوپيءَ جي موضوع تي ڪيل شاعري نموني خاطر ڏجي ٿي:

اڇو ته ٽوپي اجرڪ پايون
سنڌ امڙ جو شان وڌايون

ٽوپيءَ سان آ پيار اسان جو
پائي سو آ يار اسان جو
بنا ٽوپيءَ جي غدار اسان جو
هٿ ۾ هٿڙو جهمريون پايون
اڇو ته ٽوپي اجرڪ پايون
سنڌ امڙ جو شان وڌايون

تهذيب سنڌ سان جنهن وير وڌو آ
من رکي ڪو مير وڌو آ
ڪاريهر تي چڙ پير وڌو آ

دشمن سنڌ جا سڀ لڄايون
اڇو تہ ٽوپي اجرڪ پايون
سنڌ امڙ جو شان وڌايون

ڪوڙر، ڪهاڙي شان اسان جو
اتر لاڙي ماڻ اسان جو
ڪمون ڪيماڙي جان اسان جو
تاريخ پراڻيءَ ڪي ورجايون
اڇو تہ ٽوپي اجرڪ پايون
سنڌ امڙ جو شان وڌايون

اُٿيو آ سنڌ جو هاري ناري
پورهيت مزدور، سيٺ واپاري
پريت سنڌ سان جن آ پاري
ٻيڏا، جوان، نينگر مايون
اڇو تہ ٽوپي اجرڪ پايون
سنڌ امڙ جو شان وڌايون

نظير ڏس هاڻ قوم اُٿي آ
ڌڌڪن سان ڪا ڌوم اٿي آ
ڌرتيءَ جي ڪا پوم اٿي آ
نفرت، ڪينو سڀ ڀلايون
اڇو تہ ٽوپي اجرڪ پايون
سنڌ امڙ جو شان وڌايون

o





# پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ

سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) پاران ڌرتي دوست پبليڪيشن حيدرآباد جي سهڪار سان سگهڙ محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر جو هيءُ ڪتاب 2013ع ۾ شايع ڪرايو ويو آهي. ڪتاب جي ترتيب عاجز رحمت الله لاشاريءَ ڏني آهي، جنهن ڪتاب جو مهاڳ پڻ لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڏيپر صاحب جي مزاحمتي ۽ لوڪ شاعريءَ جا مکيہ رنگ شامل ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ لڳ ڀڳ هر شعر/ اسم جي منڍ ۾ موضوع ڏنو ويو آهي، جيئن: موهيڙي تي بيت، بيت مومل راڻو، ”جيل فريادي، جوابدار گهر“ توڪي اجا نند وڏيرا، گڏه ساڳيو، آٿر مٽ، تنهنجو پٽڪو ڪن تي ڪاڪا، معصوم نياڻيءَ جي ياد، شهيد راڻي وغيره وغيره.

سندس ڪلام ۾ نصيحت ۽ واقعاتي عنصر نمايان آهي. ڪي ڪي تہ صفا واقعاتي بيت لڳن ٿا. همراه قوم ڪي جاڳائڻ جا ڏاڍا جتن ڪيا آهن، ڪانئر لاءِ چوي ٿو تہ:

منهنجو نالو سامهون ايندو هوندئي
ضمير ٻُجا ڏيندو هوندئي

هي ڪري هِين رهيو ڪانئر، هاڻي ڏاڍو هِين ٿهيو ڪانئر
توڪي ڪنهن آچيو ڪانئر، پاڻئون توڪي نہ پيو ڪانئر

دل تي سوال ڪو اڀرندو هوندئي
ضمير ٻُجا ڏيندو هوندئي

محبوب علي ڏيپر صاحب جو تعلق ميهڙ سان آهي. سندس

شاعريءَ ۾ شخصيت تي علي دوست عاجز، لياقت بن محبوب ڏيپر، ديدار شاد گوپانگ، غلام حسين خاصخيلي، ذوالفقار هيسباڻي ۽ عبدالستار ميراڻيءَ جا ويچار ڏنل آهن. سندس ڪتاب مان هيٺ ڪجهه وڌيڪ شعر ڏجن ٿا:

### موهيڙي تي بيت

موهيڙا نه مون سان ڪنيون تو پٽيا چڱو پير
آءُ به ڪڏهن ڪين گهرندس ڪوتاً تنهنجو خير
سڄاڻان تو سوَن ۾ مان پاڙي تنهنجو پير
دل ۾ رکي غير، پيو موهيڙا وڙهين ”محبوب“ سان

موڳا منهنجي منهن تان هيڪر وڃين ها هٽي
ڏئي ايڏا آزار ڇو ڪئي فقير جي دل ڦٽي
حڪيمن وٽ هيڏي، تو ڇهڙا پرائي ڇٽي
تو پڳ اها ڪٽي، جو ڏنئي ڏک ”ڏيپر“، کي

### ورندي موهيڙي جي

ڏک نه ڏيانءِ هان ”ڏيپر“ تو پاڻ سان ڪئي آ پاڻ
هر هر زور ڏئي ضعيف کي، پيو ڪرين رتو ڇاڻ
منهنجي هن مذڪورجي توکي ڏني ڪنهن نه ڄاڻ
تڏهن تون پيي ڪاڻ، نه پيو ڪڍين ننڊڙي جي

### هيءُ منهنجو جواب

هر هر هٽ هٽي ڇيو مانءِ ته هاٽي هٽان وڃ
منهنجي اها منٿ هيڪر موهيڙا تون مڃ
وري اڇجانءِ ڪين کي پيرو هٽان پڃ
وڃي وَساءِ رڃ، مور نه ڏسان ”محبوب“ ڇئي





### جيئي جيئي اوڏڻ مائي

بيشڪ تنهن جي ور سان سچائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي

ور سان هٿ ونڊائڻ واري، ٿڌي ڪوسي ڪاهڻ واري
تنهن سان نينهن نڀائڻ واري، سرجو سانگو لاهڻ واري
ور سان گڏ جنهن وک وڌائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي

تنهنجو مٽيءَ سان پيار آ اوڏڻ، محنت جو وهنوار آ اوڏڻ
گاري گپ ڪان پار آ اوڏڻ، سنڌ جي تي سينگار آ اوڏڻ
ليڙون لٽا ۽ ڇتن ۾ ڇائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي

ذرو نه زيان ڪري تي اوڏڻ، ولاٽت ڪان پئي وري تي اوڏڻ
گڏهه مٽيءَ جا ڀري تي اوڏڻ، پل نه وڃي پري تي اوڏڻ
جنهن وک نه پوئتي هٽائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي

ريشم بخمل پائي اوڏڻ، لنگين مٽي پئي لائي اوڏڻ
اڳتي وک وڌائي اوڏڻ، واهه جو ور سان نڀائي اوڏڻ
سڀ ڪان وڌ آ تنهن جي ڪمائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي

گهر ٻين جا سنواري اوڏڻ، محنت سان پئي گهاري اوڏڻ
ويهي وقت نه ڪاري اوڏڻ، تائيم نه ڪوئي ٽاري اوڏڻ
جنهن کي پکن جي سک سوائي
جيئي جيئي اوڏڻ مائي

ٻين جا بنگلا ٺاهي اوڏڻ، ليڙون لٽا پائي اوڏڻ
پنهنجا حال وڃائي اوڏڻ، سادو سودو کائي اوڏڻ

اجـايـو نـٿـي کـا وجـائـي پـائـي
جـيـئـي جـيـئـي اوڏڻ مـائـي

خوب خوديءَ کي ماري اوڏڻ، سدا صبر ۾ گـھاري اوڏڻ
سھٽا گھر ٿي سنواري اوڏڻ، ورجي دل پـئي ٺاري اوڏڻ
واھـ جـو تـنـھـن جـي آھـي وفـائـي
جـيـئـي جـيـئـي اوڏڻ مـائـي

همت نٿي کا هاري اوڏڻ، گپ چڪ ۾ ٿي گـھاري اوڏڻ
ٻي وائي نہ "ڏيپر" واري اوڏڻ، دل ورجي ائين پـئي ٺاري اوڏڻ
ڏيءَ "محبوب" نہ اھڙي ڪاٿي ڄائي
جـيـئـي جـيـئـي اوڏڻ مـائـي

O





# تعارف ڪان رهجي ويل ڪجھ ڪتابن جا نالا

سگھڙن پنھنجا جيڪي ڪتاب ڇپرايا آھن، اُھي گھڻي ڀاڱي هُنن پنھنجيءَ مدد پاڻ هيٺ ڇپرايا ۽ ورهايا آھن، اھوئي سبب آھي تہ عام لئبريرين/ڪتاب گھرن تي اھي مشڪل سان ملن ٿا تنھنڪري ذاتي لئبريرين مان ڪتابن هٿ ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ڪيم. ان ڪوشش جي نتيجي ۾ جيڪي ڪتاب مليا، انھن جو تعارف ڏنو اٿم. ان سان گڏوگڏ ڳولھا بہ جاري اٿم. جن ڪتابن جا حوالا ۽ ذڪر مليو، انھن جي لسٽ هتي پيش ڪجي ٿي تہ جيئن اھي بہ رڪارڊ تي اچي وڃن.

1. ڪڇھري (اخبار) ايڊيٽر: ٻيڙو فقير ڪنڀار

محترم در محمد ڪمال سولنگيءَ مطابق 1970ع واري ڏھاڪي ۾ ڪاري موريءَ حيدرآباد جو سگھڙ محترم ٻيڙو فقير ڪنڀار شايع ڪندو هو.

1. ماڻڪ موتي ملوڪ جا: استاد محمد ملوڪ عباسي
2. منھن مٺانھان جن جا: استاد محمد ملوڪ عباسي
3. گلشن ڏور: استاد محمد ملوڪ عباسي
4. منل ماڳ وسن: محمد منل جھتيال
5. فيصلا انصاف جا: ديدار علي سيال
6. قائم جو ڪلام: قائم الدين سھتو
7. لفظ لعل ڏني جا: لعل ڏنو شر
8. ڪنھن کي ڏجي دانھن: فقير ديدار علي سيال
9. ڪل جڳ رهندا ڪاپڙي: فقير ديدا علي سيال
10. ٻاجھارا ٻول: سگھڙ قاسم ڪلوڙ

11. جنهن جو عشق الله سان: سگهڙ قاسم ڪلوڙ
12. قاسم جا قول: سگهڙ قاسم ڪلوڙ
13. سونهن وطن جي: سگهڙ قاسم ڪلوڙ
14. سنسار جا سينگار: سگهڙ قاسم ڪلوڙ
15. ڏاهپ پريا ڏس: سگهڙ قاسم ڪلوڙ
16. سولي ڪر ستار: سگهڙ قاسم ڪلوڙ
17. وريام فقير جو رسالو: وريام فقير شيخ
18. سنگ سچ ۽ سونهن جو: وريام فقير شيخ
19. قائم جو ڪلام: قائم الدين سهتو
20. عشق جي اصلي ڳالهه نه ڪر: گل محمد غازي
21. ڏکن جا ڏوهيڙا: گل محمد غازي
22. ڏات جا ڏيئا: ڪريم بخش وسطڙو
23. سوچون شاهه مراد جون: شاهه مراد شر
24. پنجل جو پيغام: سگهڙ محمد پنجل شيخ
25. لالڻ جي لوچ: سگهڙ لال ڏنو "لالڻ" شر
26. سهڻا سخن سومر جا: محمد سومر چنو
27. مٺا ٻول محبوب جا: محبوب علي ڏيپر
28. گفتا گدا حسين جا: گدا حسين سهتو
29. سگهڙ سالڪ: استاد محمد صادق ٿهيم جوگن
30. ڪنڌ ياري جا قربدار: حاجن سولنگي ۽ آچر سولنگي
31. چڪر مال جو: (ڇپائيءَ هيٺ) محمد جمن پتي
32. گوهر غلام محمد جا: سگهڙ غلام محمد ميمڻ
33. رٻن جو راز: سگهڙ رٻن ڪنير
34. اُچارن جو ٻڪ: گل حسن گل ملڪ
35. توکي منهنجو سلام سائين: ڏاڏو ڏتل ابڙو
36. اکيون اوسيئڙا: سگهڙ بدر ڪيهر
37. بهار جي بوند: (ڇپائيءَ هيٺ) بهار علي بهار ٻرڙو
38. چمڪيو چوڏس چنڊ جيئن: سگهڙ زاهد مهيسر





39. مٺل ماڳ وسن: محمد مٺل جهتيال
40. آهون احمد حسين جون: ترتيب: عاجز رحمت الله لاشاري
41. سونهاري جي سونهن: ترتيب: حسين بخش رڏ
42. ريگستاني رهاڻيون: ترتيب: حسين بخش رڏ
43. سرجيس تان سور: محمد خان مگڻهار
44. سومر جي سوچ: ترتيب: عبدالرحمٰن مهيسر
45. مهيسر جي مستي: فقير عبدالرحمٰن مهيسر
46. ڊاڪٽر بلوچ سان قرب پريون ڪچهريون: فقير عبدالرحمٰن مهيسر
47. ڏات جا ڏيئا: فقير عبدالرحمٰن مهيسر
48. فقير ميانداد طارق جون روايتون: ترتيب: فقير عبدالرحمٰن مهيسر
49. مرڪن جون مکڙيون: بحرالدين شنباڻي
50. ماڻڪ موتي مير جا: مير فقير چنو
51. سومر جي موج: محمد سومر

تعارف ڪان رهجي ويل ڪتابن جي لسٽ ٺاهڻ ۾ عاجز رحمت الله لاشاريءَ ۽ خليل الرحمٰن مهيسر تمام گهڻي مدد ڪئي.

اڃان به ڪي ڪتاب رهجي ويا هوندا, اميد ته ان سلسلي ۾ دوست مدد ڪندا ته جيئن ايندڙ ڪنهن ڪتاب ۾ انهن جو به تعارف ڏئي سگهجي.

o

# سُگھڙن جون تنظيمون



سگھڙن جي ڪچهري حقيقت ۾ هڪ منظم گروپ هوندو آهي. ان ۾ عام تنظيمن ۽ پارٽين وانگر عهدا ته نه هوندا آهن پر هڪ قسم جي تنظيم سازي ضرور هوندي آهي، جنهن ۾ هر هڪ جون ذميواريون ورهايل هونديون آهن. انهن مان ڪو وڏڙو يا ڪچهريءَ جو مور هوندو آهي ته ڪو وري سنگت جي سنڀال لهڻ وارو، ڪو امين ته ڪو خدمتگار مطلب ته ذميواريون ورهايل هونديون آهن. ڪچهريءَ جا مختلف اصول به ٿين. سهپ، وڏڙن جو ادب،ننڍن سان پيار ۽ رواداري وغيره هن تنظيم جا خاص نڪتا آهن. اهي ڪچهريون ته صدين کان جاري آهن، جيڪي گهٽي پاڳي اوطاقن تائين محدود آهن. اڳتي هلي زماني جي گهرج مطابق سگهڙن کي باقاعدي تنظيم ٺاهڻ جي ضرورت پيش آئي.

تنظيم سازيءَ لاءِ سگهڙ استاد محمد ملوڪ عباسي، سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر ۽ ٻين سگهڙن سان گڏ لوڪ ادب جي محسن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ۽ ٻين پنهنجون توانائيون ڪتب آنديون. نتيجي ۾ 1972ع ۾ سنڌ سگهڙ سنگت ۽ ان کان پوءِ ڪجھ ٻيون تنظيمون وجود ۾ آيون، جن جو مختصر تعارف هتي ڏجي ٿو.

www.sindhsalamat.com

# سنڌ سگهڙ سنگت / سنڌ سگهڙ سنگت ڀلائي تنظيم

ان تنظيم جو بنياد استاد محمد ملوڪ عباسيءَ پنهنجي ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙي ۾ 1972ع ۾ رکيو. سن تي ڪجھ اختلاف بہ آهن. ان حوالي سان ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکي ٿو تہ: ”هڪ دفعي 1975ع ۾ مون سان (سگهڙ) ملڻ آيا ۽ مون منجهن تنظيمي روح ڦوڪڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي. سنڌ سگهڙ سنگت ناهي وئي، سگهڙ فقير محمد ملوڪ عباسيءَ کي ان جو صدر بڻايو ويو. سندس شاگرد سگهڙ محمد لقمان ڪوڪر پڻ انهيءَ تنظيم جي باني عهديدارن مان هڪ هئو.“ (ڪتاب ”لاتيون سڻ لقمان جون“ ص_ 15)

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جي ڪوشش سان ٺهيل هن تنظيم جو سرپرست ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو. هِن تنظيم جا مول متا سگهڙن جي ڀلائي ۽ سگهڙائپ جي فن جي واڌاري بابت آهن. تنظيم رجسٽر بہ آهي. رجسٽريشن واري رڪارڊ ۾ سندن مول متا کهڙا آهن. انهن ڪي هٿ ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ڪيم، تنظيم جي عهديدارن کي بہ عرض ڪيم پر ناڪام ويس. محترم ممتاز عباسيءَ ٻڌايو تہ سائين رڪارڊ گم ٿي ويو آهي.

هن تنظيم سگهڙن جي ڀلائيءَ لاءِ مختلف خدمتون ڪيون آهن، جن ۾ ريڊيي، ٽي ويءَ تي سگهڙن کي وڌيڪ وقت ڏيارڻ، سرڪاري تقريبن خاص ڪري شاهہ لطيف، سچل سرمست، قلندر لعل شهباز جي ميلن جي موقعن تي سگهڙ ڪانفرنس، ڪچهرين ڪرائڻ، سگهڙن کي ثقافت کاتي





کان وظيفن وٺي ڏيڻ، سگهڙن جي ڪتابن شايع ڪرائڻ وغيره ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. اڳتي هلي تنظيم جو نالو تبديل ڪري سنڌ سگهڙ سنگت ڀلائي تنظيم رکيو ويو. تنظيم پاران استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جو ڪتاب ’موتي مور ملوڪ جا‘ 1981ع ۾، محمد لقمان ڪوڪر جو ڪتاب ”لاتيون سڻ لقمان جون“ 1995ع ۾ ۽ ٻيا ڪتاب ڇپرايا ويا.

هِن وقت ان تنظيم جو صدر فقير ممتاز علي عباسي، سينيئر نائب صدر عبدالعزيز چانڊيو، نائب صدر ڏتل ابڙو، جنرل سيڪريٽري محمد صالح عباسي، جوائنٽ سيڪريٽري علي حيدر عباسي، خزانچي محمد حسن ماڇي ۽ رابطي سيڪريٽري احمد علي عباسي آهي.

هن تنظيم جو شروع کان سرپرست سائين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ آهي. بلوچ صاحب سان هي سگهڙ ايتري محبت ڪن ٿا، جو سندس لاڏاڻي کان پوءِ بہ هو سرپرست بلوچ صاحب کي ئي سمجهن ٿا. اهوئي سبب آهي تہ بلوچ صاحب جو سرپرست جي حيثيت سان نالو موجود آهي.

اها تنظيم اڄ بہ سرگرم آهي، ان جون سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ شاخون آهن، وت ۽ وس آهر لوڪ ادب جي خدمت ڪري رهيا آهن. ان تنظيم جو وڏو ميڙاڪو ساليانو سگهڙ ڪانفرنس آهي، جيڪا هر سال ستين صفر تي استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي ڳوٺ ۾ ٿيندي آهي، جنهن ۾ سنڌ توڙي بلوچستان جا سگهڙا اچي گڏبا آهن. هڪبئي کي ڏنون ڏوريون ۽ ڳجهارتون ڏيندا ۽ پڇندا آهن. هر ڪو پنهنجي سوڪڙي پيش ڪندو آهي.

ان ميڙاڪي ۾ نہ رڳو سنڌي ثقافت، علم ۽ ادب سان لاڳاپيل ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن پر ڪڏهن ڪڏهن وزير، مشير ۽ گورنر بہ شرڪت ڪندا آهن.

حقيقت ۾ اهو ٻوٽو محمد ملوڪ عباسيءَ جو ٻاريل آهي، جنهن کي وڏيءَ ذميواريءَ ۽ محبت سان هي همراهہ ڏکائيندا پيا اچن.

o

# سنڌ سگهڙ ادبي ڀلائي تنظيم

هن تنظيم جو بنياد نالي واري سگهڙ عبدالرحمان مهيسر 1997ع ۾ رکيو. ابتدا ۾ ان جو دائرو ضلعو خيرپور رهيو. جنهن کي سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ وٽ رجسٽر ڪرايو ويو. ان جا مول متا رڳو سگهڙن تائين محدود نه هئا بلڪ سگهڙن توڙي عام ڳوٺاڻن جي ڀلائيءَ جي مقصد سان تنظيم جوڙي وئي.

- صحت ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ جدوجهد ڪرڻ
- بيمار، لاچار ۽ ڪنگلن ماڻهن جي مدد ڪرڻ
- ڳوٺ سڌار پروگرام جوڙڻ ۽ ان لاءِ جاکوڙڻ
- سگهڙن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ
- سگهڙن جي ڪتابن شايع ڪرائڻ لاءِ اشاعت گهر/ Publication قائم ڪرڻ.

انهن مقصدن کي سامهون رکي، هيءَ تنظيم ڪم ڪندي رهي. پنهنجو اشاعتي سلسلو به شروع ڪيائين، هن وقت تائين ڳچ ڪتاب شايع ڪرائي چڪي آهي، جن ۾ هيٺيان ڪتاب به شامل آهن.

1. مرڪن جون مکڙيون، بحرالدين شنباڻي
2. ماڻڪ موتي ميرجا، مير فقير چنو
3. گفتا گدا حسين جا ، گدا حسين سهتو
4. رهاڻ هيرن ڪاڻ_ 1 (ڊاڪٽر بلوچ صاحب جون سگهڙن سان ڪچهريون، ترتيب عبدالرحمان مهيسر)
5. فقير ميانداد لغاريءَ جون روايتون، مرتب: عبدالرحمان مهيسر
6. سچ جي سونهن، ورياम جي ورونهن، وريام فقير شيخ





7. ڏات جا ڏيئا، ڪريم بخش وسطڙو
8. سهڻا سخن سومر جا، محمد سومر چنو
9. حال حيات ضلعي خيرپور جا سگهڙ، عبدالرحمان مهيسر
10. گنيءَ جو گن (سگهڙ ڏلو فقير پٽي) مرتب عبدالرحمان مهيسر

اڳتي هلي هن تنظيم پنهنجي ڪم جو دائرو سڄيءَ سنڌ تائين وڌايو، تنظيم جو دائرو 2002ع ۾ وڌايو ويو، جنهن بابت عبدالرحمان مهيسر پنهنجي ڪتاب "حال حيات_ ضلعي خيرپور جا سگهڙ" ۾ لکي ٿو ته: تازو 2002ع جي آخر ۾ سنڌ سگهڙ ادبي ڀلائي تنظيم وجود ۾ آئي، الله پاڪ جي آسري تي ڪم شروع ڪيوسين."

ان موقعي تي سگهڙ عبدالرحمان مهيسر کي مرڪزي صدر چونڊيو ويو ۽ آل سنڌ سگهڙ ادبي ڀلائي تنظيم جي حيثيت ماڻيائين.

تنظيم جو شروع کان ئي سرپرست ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ رهيو. سنڌ جا سمورا سگهڙ بلوچ صاحب سان تمام گهڻو پيار ڪندا آهن. ان جو هڪڙو ثبوت اهو به آهي ته بلوچ صاحب جي لاڏاڻي کان پوءِ به هن تنظيم جو ڪو ٻيو سرپرست مقرر نه ڪيو ويو آهي، اڄ به بلوچ صاحب سندن روحاني سرپرست آهي. هيءَ تنظيم ڪتابن شايع ڪرائڻ سان گڏ ٻيون سرگرميون به جاري رکيون پئي اچي، جن ۾ سگهڙن جون ڪچهريون ڪرائڻ، سگهڙن کي ريڊيي ۽ ٽي وي‌ءَ تائين پچائڻ وغيره جهڙيون خدمتون تنظيم پاران جاري آهن، پوءِ اهي ڪڏهن تيز ته ڪڏهن سست رفتاريءَ سان. عبدالرحمان مهيسر صاحب ان حوالي سان لکي ٿو ته:

"سنڌ سگهڙ ادبي ڀلائي تنظيم سنڌ 2002ع ۾ نئين سر وجود ۾ آئي ۽ سڄيءَ سنڌ جا سگهڙ ڪاري موريءَ حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا ۽ مرڪزي صدر جو بار منهنجن ڪلهن تي رکيو ويو، آءٌ انهيءَ سگهڙ ڪانفرنس ۾ سيني دوستن کي عرض ڪيو ته هر هڪ ضلعي بابت حال حيات سگهڙن جو ڪتاب ڇپرايو وڃي ته جيئن فن ضايع ٿيڻ کان بچي وڃي" (ڪتاب گنيءَ جو گن) سندس لاڏاڻي کان پوءِ فقير صاحب جو پٽ خليل الرحمان تنظيم جي سرواڻي ڪندو پيو اچي.

هن وقت هِن تنظيم جا مرڪزي عهديدار هيٺيان آهن:

1. صدر: خليل الرحمٰن مهيسر
2. سينيئر نائب صدر: محمد عظيم ڪلهوڙو
3. نائب صدر: تاج محمد هاليپوٽو
4. جنرل سيڪريٽري: روشن الدين ٿهيم
5. جوائنٽ سڪريٽري: حسين بخش رڏ
6. خزانچي: گدا حسين سهتو
7. پريس سيڪريٽري: قلندر بخش ڇهواڻ

حوالا:

1. محترم خليل الرحمٰن مهيسر سان مختلف وقتن تي ڳالهه ٻولهه
2. گنيءَ جوڳن (سگهڙ ڏلو فقير پٽي) سهيڙ ۽ ترتيب: سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر، سنڌ سگهڙ ادبي پلاٽي تنظيم، تعلقو گمبٽ، ضلعو خيرپور ميرس، 2005ع





# سنڌ سڄاڻ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات)
# سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تحريڪ (سلات)
# سنڌ سگهڙ سنگت لوڪ ادب تنظيم (سلات)

استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي جوڙيل پهرين تنظيم سنڌ سگهڙ سنگت سگهڙن کي نه رڳو گڏ ڪيو پر انهن ۾ جاڳرتا به وڌائي. تنظيمي شعور به وڌايو. تنظيمي شعور سان جتي تمام وڏو فائدو پيو اُتي ڪجھ سُگهڙن ۾ مختلف مامرن تي اختلاف به پيدا ٿيا. اختلاف صحيح هئا يا غلط اسان ان ۾ نه ٿا وڃون پر اختلافن مان سگهڙن جون ڪجھ ٻيون تنظيمون ڦٽي نڪتيون. انفرادي توڙي گڏيل صلاح مصلحت ۽ ڪجھ ٻين ڪارڻن سبب تنظيمن جا نالا به مٽبا رهيا ته وري ڌار تنظيمون به جُڙيون. ڌار ڌار تنظيمن جتي سگهڙن ۾ ورهاست پيدا ڪئي اُتي صحتمند مقابلي جو به لاڙو پيدا ٿيو. تنظيمن هڪ ٻئي کان گوءِ ڪڍڻ لاءِ پنهنجون سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون. بنيادي مقصد سمورين تنظيمن جو ساڳيو لوڪ ادب جي واڌ ۽ سُگهڙن جي ڀلائي آهي، تنهن ڪري سُگهڙن جو آواز ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ اڄ وڌيڪ سگهارو آهي. ان ۾ جيڪڏهن اتحاد ۽ سهپ کي اڃا مضبوط ڪيو وڃي ته سگهڙن سان گڏ سنڌ به ترقي ڪندي.

سنڌ سُڄاڻ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) به اهڙين حالتن جي پيداوار آهي. ان تنظيم جو بنياد محترم رحيم بخش قريشي، محمّد مٺل جهتيال، عاجز رحمت الله لاشاريءَ ۽ ٻين رکيو. تنظيم جو پهريون صدر محمد مٺل جهتيال ۽ جنرل سيڪريٽري عاجز رحمت الله لاشاري مقرر ڪيو ويو. تنظيم جي بنياد بابت آڪاش عاجز لاشاري لکي ٿو ته:

”ان جو باقاعدي آغاز افتتاحي تقريب سان ڪيو ويو. جيڪا ائين مئي 2004ع تي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم سنڌ الاجي ڄامشوري ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائس چانسلر، دانشور، ادب دوست ۽ اهل سنڌ جي خيرخواهه سائين مظهر الحق صديقيءَ جي صدارت ۽ تنظيم جي سرپرست اعلىٰ آغا نور محمد پٺاڻ (ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر اڪيڊمي ادبيات پاڪستان سنڌ) جي اڳواڻيءَ ۾ آل سنڌ سگهڙ ڪانفرنس ۾ ٿي،جنهن جو صدر محمد مٺل جهتيال ڪي چونڊي سنڌ جي سگهڙن پاران پڳ ٻڌرائي وئي. ان موقعي تي سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر ۽ نامور اديب سائين شوڪت حسين شوري سميت سنڌ جي هر ضلعي جي سگهڙ بااعتماد ٻڻجي شرڪت ڪئي.

هن تنظيم ڪي سگهڙن تائين پهچائڻ لاءِ روز بروز اڃان بہ وڌيڪ ڪوششون جاري آهن ۽ هن تنظيم ڪي سنڌ، بلوچستان ۽ ملڪ جي ٻين حصن جتي سنڌي ۽ سرائڪي ڳالهائي وڃي ٿي، انهن سمورن علائقن ۾ وڃي هر سگهڙ تائين سيئي ميمبر ۽ عهديدار پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪري رهيا آهيون. هن تنظيم ۾ سگهڙن ڪان سواءِ سگهڙائپ جو شعور رکندڙ نئين ٿهيءَ جا شاعر ۽ ادب سان لاڳو هر فرد ميمبر ٿيندو تہ ان ڪي ميمبر جي ناتي تمام وڏي حيثيت حاصل هوندي. جيڪي وقتن فوقتن تنظيم ڪي مالي طور مستحڪم ڪرڻ لاءِ باشعور رهندا. هن تنظيم پنهنجي مدد پاڻ تحت لوڪ ادب جو گهر گهر پيغام پهچايو ڪيترن ئي ضلعن ۽ تعلقن ۾ باڊيون جوڙيون.

هڪ سال جي ٿوري عرصي ۾ 10 سنڌ سگهڙ ڪانفرنسون ۽ 300 جي لڳ ڀڳ ماهوار، پندرنهن وار، هفتي وار ڪچهريون ڪوٺايون. هن پليٽ فارم تي ٿوري عرصي ۾ ايڏي مڃتا ماٺائڻ ۾ تڏي جي ٽونگر ۽ سگهڙن جي مٽيا ڪي مان ڏيندڙ، مخلص، محبتي، باصلاحيت ۽ اديب، اڳواڻ محترم جناب آغا نور محمد پٺاڻ صاحب جي دلي لڳاءَ ۽ ادبي خدمت جو جذبو اجاگر هيو، جنهن هن غريب لڏڙي تي شفقت جو هٿ رکي مان مٽانهون ڪيو آهي. سلات جي سگهڙن تي مالڪ طرفان رحمت جا مينهن برسيا آهن جو هيءُ ننڍڙو قافلو سال جي ٿوري عرصي ۾ وڏين تنظيمن جو مقابلو ڪرڻ لڳو. سنڌ سجاڻ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) ڪي





سرڪاري سطح تي رجسٽرڊ ڪرائڻ لاءِ ضلع نوشهري فيروز جي سگهڙ ساٿين محمد مٺل پٺاڻ ۽ حاجي قربان علي ملڪ جون ذاتي ڪوششون آهن جن هن تنظيم ڪي ويليفيئر طور 30 جون 2005ع تي رجسٽر ڪرايو.“

ان تنظيم جو آئين ۽ منشور 23 هين مارچ 2006ع تي جنرل باڊي اجلاس ۾ باقاعدي منظور ڪيو ويو. ان مان بنيادي مقصد ۽ عهديدارن جي جوڙجڪ ڏجي ٿي.

### سلات جا بنيادي مقصد

- سنڌ جي سيني سگهڙن جي ادبي، جاني ۽ مالي حقن لاءِ جاکوڙ ڪرڻ.
- سنڌي ”لوڪ ادب“ جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ.
- سنڌ جي سيني سگهڙن ڪي ريڊيي، ٽي وي ۽ پرنٽ ميڊيا ذريعي متعارف ڪرائڻ.
- بيمار سگهڙن جي علاج ۽ مالي امداد لاءِ سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن ڪان تعاون حاصل ڪرڻ.
- سنڌي ”لوڪ ادب“ ڪي وڌيڪ روشناس ڪرائڻ لاءِ سگهڙن جا ٻاهرين ملڪن ڏانهن وفد موڪلڻ لاءِ سرڪار ۽ لاڳاپيل ادارن ڪي سفارش ڪرڻ.
- سموريءَ سنڌ ۾ ”سگهڙ ڪانفرنسون“ ۽ ”اوطاقون“ ڪچهريون قائم ڪرڻ.
- غريب سگهڙن جا ڳڏيل ڪتاب ڇپرائڻ.
- نوجوان سگهڙن ۽ شاعرن ڪي ”لوڪ ادب“ جي اهم صنفن جي باقاعدي سکيا ڏيڻ.
- سنڌ جي ثقافت ۽ سنڌي ٻوليءَ جو تحفظ ڪرڻ.
- سنڌ اندر ٿيندڙ غير اخلاقي غير قانوني ۽ غير فطري عملن خلاف سگهڙائپ ذريعي عوام ۾ سجاڳيءَ جو شعور پيدا ڪرڻ.
- گذاري ويل ادبي شخصيتن جي ياد ۾ پروگرام ڪرائڻ.
- هيءَ تنظيم غير سرڪاري غير سياسي هوندي ۽ هن جو ڪنهن بہ فرقي سان واسطو نہ هوندو. تنظيم جي صرف ادبي سڃاڻپ هوندي.
- تنظيم جا ميمبر يا عهديدار تنظيم پاران قائم ڪيل ڪنهن بہ اداري جا پگهاردار ملازم نہ هوندا.

## سلات جي مرڪزي باڊيءَ جا هن وقت عهديدار

| | |
|---|---|
| 1. سرپرست: | در محمد ڪمال |
| 2. مرڪزي صدر: | عاجز رحمت الله لاشاري |
| 3. سينيئر نائب صدر: | بهار علي بهار ٻرڙو |
| 4. نائب صدر: | حاجي نواز علي پتافي |
| 5. سيڪريٽري جنرل: | گل حسن گل ملڪ |
| 6. ڊپٽي سيڪريٽري: | عبداللطيف سولنگي |
| 7. جوائنٽ سيڪريٽري: | ارشاد علي عرضائي |
| 8. خزانچي: | حاجي محمد جمن پٽي |
| 9. ثقافتي سيڪريٽري: | جلب خان بگٽي |
| 10. پريس سيڪريٽري: | شاهنواز چنو |
| 11. آفيس سيڪريٽري: | الهڏنو بروهي |
| 12. آڊيٽر: | پناهڻ خان مهر |

سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم اڳتي هلي سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تحريڪ بڻجي وئي يا وري ساڳين دوستن ان جو نالو تبديل ڪيو. ان حوالي سان عاجز رحمت الله لاشاري ٻڌايو: ”اسان جي تنظيم جو بنياد 23 مارچ 2004ع تي پيو. پنج سال آغا نور محمد پناهڻ سرپرست رهيو ۽ هاڻي در محمد ڪمال سرپرست آهي. تنظيم جو نالو انڪري تبديل ڪيو ويو جو ڪجهه دوستن ان کي غلط استعمال ڪيو. هن وقت ان جو نالو سنڌ سگهڙ سنگت لوڪ ادب تنظيم (سلات) آهي.“

سنڌ سگهڙ سڃاڻ لوڪ ادب تنظيم/ سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تحريڪ/ سنڌ سگهڙ سنگت لوڪ ادب تنظيم مختلف ڪتاب پڻ شايع ڪرايا آهن، جن ۾ سگهڙ سماچار جي مختلف شمارن کان سواءِ هيٺيان به اچي وڃن ٿا:

1. سنڌ سڃاڻ سگهڙ ڊائريڪٽري
2. مٽيءَ جي خوشبوءِ
3. محبت جي منزل
4. پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ





هيءَ تنظيم ٻين تنظيمن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سرگرم نظر اچي ٿي، ڪچهريون ڪرائڻ، ڪتاب ڇپرائڻ، ڪانفرنسون ڪرائڻ، اخبارن ۾ بيان ڇپرائڻ ۽ حقن لاءِ جاکوڙ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سال 2005ع جي هڪ رپورٽ ۾ هنن ڪانفرنسن ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ ڄاڻايو آهي ته: ٿوري عرصي ۾ سنڌ سطح جون ڏهه ڪانفرنسون ڪوٺايون ويون ۽ ان سان گڏ ”300 جي لڳ ڀڳ ماهوار، پندرهن وار ۽ هفتيوار سگهڙ ڪچهريون قائم ڪرڻ ڪانسواءِ 500 کان وڌيڪ مڃتا سرٽيفڪيٽ اديبن، شاعرن سگهڙن ۽ سماجي خدمتن عيوض سوشل ورڪرن کي ڏياري سنڌ جي تاريخ ۾ وڏو مقام ماڻيو آهي. ان سلسلي ۾ سڃاڻ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) جي پهرئين سگهڙ ڪانفرنس سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي سنڌ الاجي هال ۾ 8- مئي 2004ع تي ٿي، ٻي سگهڙ ڪانفرنس لياقت ميموريل لئبريري هال ڪراچيءَ ۾ ٿي. ٽين ڪانفرنس 21 آگسٽ 2004ع تي سنڌ جي سورمي مائي سهڻيءَ جي مزار جي صحن تي شهدادپور ۾ ٿي، چوٿين ڪانفرنس 30 آڪٽوبر 2004ع تي شهر منياڻي ضلع نوشهري فيروز ۾ ٿي، پنجين ڪانفرنس 19 ڊسمبر 2004ع تي اڏيري لال اسٽيشن ۾ ٿي، ڇهين ڪانفرنس 27 ڊسمبر 2004 تي واپڊا ڪالوني ڄامشوري ۾ ٿي. ستين ڪانفرنس 29 جنوري 2005ع تي سن لڳ ڳوٺ ٻنو ۾ ٿي، اٺين ڪانفرنس 13 مارچ 2005ع تي ڳوٺ شاهنواز خان خشڪ تعلقي ڪنڊياري ۾ ٿي. نائين ڪانفرنس 19 مارچ 2005ع تي ڄامشوري پريس ڪلب ۾ ٿي، ڏهين سنڌ سگهڙ ڪانفرنس قاضي احمد جي ڀر ۾ ڳوٺ گل بيگ خان لنڊ ۾ ملهائي وئي. انهن سمورين ڪانفرنسن ۾ ”سڃاڻ سگهڙ“ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ استاد محمد ملوڪ عباسي يادگار ايوارڊ سرٽيفڪيٽ ۽ عزت فقير يادگار ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 500 کان مٿي اديبن، سگهڙن، شاعرن ۽ مختلف مڪتب فڪر ۾ مڃتا ماڻيندڙن کي اعزازي طور ڏنا ويا.

هن تنظيم تازو 05 آڪٽوبر 2013ع تي جڳ مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ياد ۾ سنڌالاجي ڄامشوري ۾ سنڌ بلوچستان لوڪ ادب ميلو ڪرايو.

هيءَ تنظيم جديد ٽيڪنالاجي ”موبائيل ڪانفرنس“ جو استعمال

پڻ ڪري رهي آهي. موبائيل فونن جي پيڪيجن جو فائدو وٺندي هي همراهه هڪٻئي کي پنهنجو فن ٻڌائيندا رهن ٿا. جنهن کي هُنن نالو ڏنو آهي ’ڪانفرنس ڪال‘. سنڌ ۾ اهو عمل تمام گهڻو واڪاڻ جوڳو آهي.

**حوالو:**

1. سگهڙ سماچار جا مختلف پرچا (نومبر 2005ع _ آڪٽوبر/ نومبر 2007ع، محترم مٺل جهتيال ۽ محترم عاجز لاشاريءَ سان ڳالهه ٻولهه.

O





# سگهڙ لوڪ وينجهار ڪچهري (سلوڪ) سنڌ

ان تنظيم جو پراڻو نالو سگهڙ لوڪ ادب مجلس پاڪستان هو، جنهن جو بنياد ٽي سال کن اڳ سگهڙ علي نواز وڳڻ مواچ ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ رکيو. رجسٽريشن وقت کين پاڪستان نالي سان ڏکيائي ٿي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان سطح جي تنظيم جي رجسٽريشن هتي سنڌ ۾ نه ٿيندي آهي. ان لاءِ کين اسلام آباد جا چڪر ڪاٽڻا پون ها. پوءِ 2011ع ۾ ان جو نالو تبديل ڪيو ويو. ان تنظيم ٿهرائڻ ۾ پاڪستان اڪيڊمي ادبيات سنڌ جي ڊائريڪٽر آغا نور محمد پناڻ کين ڏاڍو همٿايو ۽ اجا تائين هو هن تنظيم جو سرپرست آهي. هن تنظيم جي رجسٽريشن اجا نه ٿي سگهي آهي پر پنهنجو ڪم جاري رکيو پئي اچي. ڪراچيءَ جي ڳوٺن ۾ ڪچهريون ڪرائڻ ۽ سگهڙن جي ڀلائيءَ لاءِ جاکوڙڻ جو عمل جاري رکيون پئي اچي.

باني صدر حاجي علي نواز وڳڻ آهي جڏهن ته ٻين عهديدارن ۾ هيٺيان اديب ۽ سگهڙ شامل آهن.

1. نائب صدر: احمد نواز آصف راڄپر
2. جنرل سيڪريٽري: جان محمد جاني بروهي
3. جوائنٽ سيڪريٽري: محمد ايوب واهوچو
4. خزانچي: فقير احمد مدني
5. پريس سيڪريٽري: غلام ڪريم ڪوثر لغاري
6. آفيس سيڪريٽري: عابد حسين وڳڻ

ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ ۾ اقبال شاهين، غلام شبير جمالي، ارشاد ٽنيو، محمد ابراهيم ڪوڪر، شاهد عرف فاروق شيخ ۽ ڪاڇيلو محمد سومار شامل آهن. تنظيم جا مول مٿا هيٺ ڏجن ٿا.

- سگهڙن، شاعرن، اديبن، ۽ ليکڪن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ.
- هِڪ صلاح تِي ملڻ، گڏيل طور لوڪ ادب جي خدمت ڪرڻ.
- ادبي ۽ علمي مواد کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ.
- اهڙا پروگرام ڪرڻ جن سان حمد باري تعاليٰ، عظمت رسول صوفين جو شان ۽ اُنهن جو ڏنل درس عام ماڻهن تائين پهچي.
- جيڪي سگهڙ، شاعر، اديب، ليکڪ ۽ فُنون لطيفه سان لاڳاپيل شخصيتون غربت سبب مجبوريءَ جي حالت ۾ زندگي گذاري رهيون آهن اُنهن جي مالي سهائتا ۽ مستقبل ۾ بهتر زندگي گذارڻ لاءِ ڪين حڪومت کان مالي مدد ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ.

ته جيئن زندگي عزت ۽ اِحترام سان گذاري سگهن ۽ ادب جي خدمت ڪندا رهن. معاشري ۾ ڪين اُن مقام تائين پهچائڻ جيڪو سندن بنيادي حق آهي.

O





# سنڌ سگهڙ اتحاد

شاهه سائينءَ جو ميلو، قلندر لعل شهباز جو ميلو ۽ سچل سائينءَ جو ميلو خاص ڪري سگهڙن لاءِ به وڏا اجتماع ثابت ٿين ٿا. سڄيءَ سنڌ توڙي ٻاهر جا سگهڙ اچي گڏبا آهن. ثقافت کاتي پاران انهن ميلن جي موقعن تي سگهڙ ڪانفرنسون ٿينديون آهن ۽ خاص ڪري ميلن جي موقعي تي سگهڙن جون تنظيمون سرگرم ٿي وينديون آهن . گهڻي ڀاڱي دعوتن نه ملڻ جي مسئلي تي ڳالهه اخباري بيانن کان اڳتي نڪري وڃي احتجاجن تائين پهچندي آهي. اڪثر سڄاڻ سگهڙن، سگهڙن توڙي سندن تنظيمن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ جي پئي ڪوشش ورتي آهي. اهڙي ئي هڪ ڪوشش 2007/2006ع ۾ سلات جي باني سگهڙ حاجي رحيم بخش قريشي ۽ ٻين جي ڪوشش رنگ لاتو ۽ حضرت قلندر لعل شهباز جي عرس جي موقعي تي، سندس درگاهه جي اڱڻ تي سنڌ سگهڙ اتحاد قائم ٿيو. ان اتحاد سان سمورن سڄاڻن، اديبن، ليکڪن، سگهڙن ۽ صحافين ڏاڍي سرهائي محسوس ڪئي. هر پاسي کان آجيان ٿي اخبارن نمايان خبرون ڏنيون. سلسليوار سگهڙ سماچار (فيبروري 2007ع) ان خبر کي سپر ليڊ بڻايو. خبر کي جيئن جو تيئن هتي پيش ڪجي ٿو:

”سگهڙ سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌ جي سمورن سگهڙن هڪ ٻئي سان ذاتي اختلافات ختم ڪندي ”صوبائي سگهڙ اتحاد“ قائم ڪري ورتو آهي. ان يڪجهتيءَ جي ڪوشش ڪندڙ سنڌ جي ڀلوڙ جهوني سگهڙ حاجي رحيم بخش قريشي ۽ ساٿين جي جدوجهد ڪاميابي ماڻي ورتي آهي. ان سلسلي ۾ سلات جي باني سگهڙ حاجي رحيم بخش

قريشيءَ ڪيتري ئي عرصي کان سگهڙ اتحاد جو بنياد وجهڻ لاءِ سموريءَ سنڌ جي سگهڙن سان مختلف علائقن ۾ وڃي ملاقاتون ڪيون ۽ گڏجي لوڪ ادب جي واڌاري لاءِ گڏيل پليٽ فارم جوڙڻ لاءِ رابطا مهم هلائي، جنهن کان پوءِ حضرت لال شهباز قلندر جي ميلي ۾ ڪنڊ ڪڙڇ کان گڏ ٿيل سمورن سگهڙن هڪ ٻئي سان وفائيءَ جو وچن ڪيو. قلندر جي نگريءَ ۾ ڪٺي ٿيل سگهڙن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته هر هڪ تنظيم پنهنجي طرفان ذاتي ڪوششون جاري رکندڙ ڪنهن به تنظيم جو سگهڙ ڪنهن ٻي تنظيم سان واسطو رکندي سگهڙ يا ان جي تنظيم تي ذاتي حملو نه ڪندو ۽ لوڪ ادب جي واڌاري لاءِ سمورا سگهڙ هٽ هٽ ۾ ڏئي هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏجي هلندا. ان موقعي تي سگهڙن جي قائم ڪيل اتحاد جا هر هڪ ضلعي تي الڳ الڳ آرگنائيزر مقرر ڪيا ويا، جن ۾ سنڌ سجاڻ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) جي باني سگهڙ حاجي رحيم بخش قريشيءَ کي ضلعي ڄامشوري جو آرگنائيزر، سنڌ سگهڙ ادبي پلائي جماعت جي مرڪزي صدر سگهڙ عبدالرحمان مهيسر کي ضلعي خيرپور، سنڌ سگهڙ سنگت جي مرڪزي صدر حاجي ممتاز علي عباسيءَ کي ضلع لاڙڪاڻي جو آرگنائيزر، سگهڙ محمد لقمان کوکر کي ضلع قمبر شهدادڪوٽ، سگهڙ وريام فقير شيخ کي ضلع شڪارپور، سگهڙ محمد عظيم ڪلهوڙي کي ضلع جيڪب آباد، سگهڙ علي حسن منگيءَ کي ضلعي گهوٽڪي، سگهڙ روشن الدين ٿهيم کي ضلع سانگهڙ، سگهڙ تاج محمد هاليپوٽي کي ضلع ميرپورخاص، سگهڙ فقير امداد علي ٻبر کي ضلع دادو، سگهڙ ممتاز امين سنياسي کي ضلع مٽياري، سگهڙ حسين بخش رڏ کي ضلع سکر، سگهڙ محمد پنهل ٻرڙي کي ضلع ڪشمور، سگهڙ محمد خان جوٽيجي کي ضلع بدين، سگهڙ عبدالقادر قادري کي ضلع ٺٽي، سگهڙ گلبهار پنيري کي ضلع حيدرآباد، سگهڙ منٺار علي ٻگهيي کي ضلع نوابشاهه. ڪراچي شهر جي ٽن ضلعن لاءِ سگهڙ رحيم بخش ڏهوٽ، سگهڙ محمد اسماعيل پهوڙ، سگهڙ احمد علي چانڊيي ۽ ضلع نوشهري فيروز لاءِ سگهڙ رحمت الله عباسيءَ کي آرگنائيزر چونڊيو ويو. جڏهن ته سنڌ جي سمورن سگهڙن جي ان جوڙيل صوبائي اتحاد جو عاجز رحمت الله لاشاري کي صوبائي رابطا سيڪريٽري چونڊيو ويو.





سگهڙن جي ان نئين جوڙيل اتحاد جي سنڌ جي باشعور عوام ۽ سڄاڻ حلقن آجيان ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته سگهڙن جي نئين گڏيل پليٽ فارم ڪي باقاعدي ميدان ۾ آڻي لوڪ ادب جي واڌاري ۽ سنڌي ٻوليءَ جي دفاع لاءِ جوڳا قدم کنيا وڃن.“

سنڌي ماڻهن جا اتحاد ٺهندا ۽ ڊهندا رهندا آهن ۽ گهڻو عرصو نه جٽيندا آهن،ساڳيو حال سنڌ سگهڙ اتحاد جو به آهي. ٿورين ٿورين ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين تي هي همراهه پاڻ ۾ اٽڪي پوندا آهن جيڪا چڱي ڳالهه ناهي.

مئي 2013ع تي ثقافت کاتي پاران حيدرآباد ۾ ڪرايل لوڪ ادب سيمينار جي موقعي تي سگهڙ ڪچهريءَ دوران به اهڙا منظر ڏسڻ ۾ آيا.

منهنجي سنڌ جي سمورن سگهڙن ۽ سندن تنظيمن جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي اپيل آهي ته سمورا اختلاف وساري پاڻ ۾ ٻڌي ۽ اتحاد قائم ڪن، ڇاڪاڻ ته ان کانسواءِ اسان جي قوم وٽ ڪو به چارو ناهي.

O

# سگھڙن جو تعارف
# ۽
# سندن چونڊ ڪلام

## حضرت جلال ڪٽي

حضرت جلال ڪٽيءَ بابت خان **ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب** جو مضمون جيئن جو تيئن ڏجي ٿو.

”حضرت جلال پھريون استاد شاعر هو، جنھن پنھنجي انوکي تخيل ۽ جادو بيانيءَ سان سنڌي سينگار شاعريءَ کي اوج تي پھچايو ۽ سنڌي شاعريءَ جي دائري ۾ ان کي هڪ مستقل فن جي حيثيت ڏني. افسوس جو هن باڪمال شاعر ۽ درويش جي سوانح توڙي ڪلام تي وقت جي هڪ وڏي عرصي پنھنجولٽ وجھي ڇڏيو آهي.

جلال جي جاءِ سڪونت بابت لس ٻيلي ۽ ساڪري (ٺٽي ضلعي) جي اڪثر موجوده سگھڙن جي متفقه راءِ آهي ته جلال دادو ضلعي جو رهاڪو هو، منجھانئن اڪثر جي راءِ آهي ته هو دادو تعلقي جي ڳوٺ ”موندر“ جو وينل هو ۽ ڪن جو خيال هو ته جوهي تعلقي ۾ ”ڏگھه بالا“ جو رهاڪو هو. هيٺين دليلن جي بناء تي هن نتيجي تي پھچجي ٿو ته جلال غالباً دادو ضلعي جي ڳوٺ موندر جو رهاڪو هو.

پھريون ته ميان نور محمد ڪلھوڙي جي سپہ سالار شاهه بھاري جھنجھڻ ۽ قلات جي امير عبدالله خان بروهيءَ جي جنگ بابت جلال ۽ جمن چارڻ هڪ ٻئي کي آمھون سامھون بيت چيا آهن. ميان نور محمد جي گاديءَ جو شھر خدا آباد هو، جيڪو دادو تعلقي ۾ واقع آهي. جمن چارڻ جا مٽ ۽ مائٽ عزيز به دادو ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ رهندڙ هئا ۽ خود شاهه بھارو به لاڙڪاڻي جو وينل هو، جتي سندس مقبرو موجود آهي، انھيءَ ڪري جلال جي سڪونت به دادو ضلعي ۾ زياده قرين قياس نظر اچي ٿي. ٻيو ته جلال جو هڪ بيت حضرت مخدوم بلاول رحہ جي مدح ۾ ملي ٿو، جنھن ۾ چيو

اٿس ته:

”بلاولي بحرين مان جن پيتا جودي جام“

جيئن ته حضرت مخدوم بلاول رحه جي درگاهه شهر دادو کان 6 ڇهه ميل ڪن اتر طرف قديم شهر ”باغبان“ ۾ آهي، ڳوٺ ”موندر“ ڪي به ايتروئي ويجهي آهي، انهيءَ ڪري جلال جي حضرت مخدوم بلاول سان هيءَ عقيدت پڻ موندر ۾ سندس جاءِ سڪونت هجڻ جي تائيد ڪري ٿي. ٿيون ته، دادو تعلقي ۾ هيءَ روايت عام آهي ته جلال، ”پير ٽرهي“جي مقام ۾ دفن ٿيل آهي، جو دادو شهر کان 7 ميل ڪن اتر ۽ ڳوٺ موندر کان اٽڪل ميل ڏيڍ اترـ اولهه، موجوده دادو ڪئنال جي لڳو لڳ الهندي طرف واقع آهي. ”پير ٽرهي“ جي سجاده نشين قريشي پيرن ٻين عام ماڻهن ۽ خاص طرح اتي جي هڪ عمر رسيده شخص فاضل فقير شيخ توڙي پرواري”ملڪن“ جي ڳوٺ جي ٻيڙي سگهڙ سليمان فقير ملڪ (1955 ع ڌاري سندن عمر 80 ورهيه ڪن) متفقه طور خبر ڪئي ته ”اسان وڏن کان ٻڌندا ٿا اچون ته جلال موندر جو ويٺل هو ۽ سندس قبر پير ٽرهي تي آهي، جيڪا اسان ننڍي هوندي صحيح سلامت بيٺل ڏٺي هئي ۽ ماڻهو اچي ختمو پڙهندا هئا. البت درويش پير ٽرهي جي نالي سببان خود جلال جي شهرت ڪانه ٿي. هن وقت سندس قبر واريءَ جاءِ تي فقط پٿر جو نشان باقي آهي.“ ا.هه. اسان سر زمين تي روبرو وڃي ڏٺو ته اهو نشان پير ترهي جي مقبري جي آڏو وڏي صحن ۾ ڏکڻـاوڀر طرف بيٺل وڻن جي هيٺ هڪ جهوني ٻير جي وڻ جي پاڙ ۾ آهي. جيتوڻيڪ سواءِ هڪ پٿر جي نشان جي ٻيو ڪوبه ڪتبو موجود ڪونهي، ته به هيءَ مقامي روايت ڪافي وزندار آهي.

جلال جي حياتيءَ واري عرصي جي باري ۾ نسبتاً پڪا اهڃاڻ موجود آهن. جلال ۽ جمن چارڻ جيڪي بيت هڪ ٻئي کي سوال جواب ۾ چيا آهن. تن جو تعلق انهيءَ جنگ سان آهي، جيڪا ميان نور محمد ڪلهوڙي جي لشڪر ۽ مير عبدالله خان قلات جي واليءَ جي وچ ۾ لڳي، جنهن ۾ مير عبدالله خان شهيد ٿي ويو. ميان نور محمد طرفان شاهه بهارو جهنجهڻ سپه سالار هو، جنهنجي تعريف ڪندي جلال پنهنجي هڪ بيت ۾ چيو ته:





”بازي بهارو، شاهه ڪٽي ويو شير ڪون.

اها جنگ سنه 1145هه(1731ع) ۾ لڳي ۽ ان بابت چيل بيتن مان ظاهر آهي ته جلال ان وقت بالڪل پخته مشق شاعر هو، جمن چارڻ به پنهنجي وقت جو چوٽيءَ جو شاعر هو، جنهن جلال جي بيتن جو جواب ڏنو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته جمن ۽ جلال هڪ ٻئي جا ساٿياري ۽ همعصر هئا. درويش جمن چارڻ سنه 1151هه (1739ع) ۾ وفات ڪئي، يعني ته شاهه عبداللطيف کان چوڏهن سال ڪن اڳ گذاريائين. انهيءَ لحاظ سان چئي سگهجي ٿو ته جمن توڙي جلال ٻئي شاهه صاحب جا هم عصر هئا. جلال به غالباً 1150ـ1160هه واري ڌاڪي ۾ وفات ڪئي.

جلال جي زندگيءَ جي حالات جو پورو پتو پئجي نه سگهيو آهي . سندس باري ۾ روايتون مشهور آهن ته هو پنهنجو موروثي ڌنڌو ڪندو هو ۽ ڪپڙا ڌوئيندو هو. پنهنجن بيتن ۾ ”ڪٽي“ توڙي ”رنگريز“ جو تخلص آندو اٿس: يعني ته دڪان تي ڪپڙن رڱڻ جو ڪم به ڪندو هو، جو ڪن بيتن ۾ خاص طرح ”ڏڪان“ جو نالو وري وري آندو اٿس ته:

”دؤڙي ونءُ ڏڪان تي هٿ ٻڌي ڪر حال.“
”دل اُجار دڪان تي، ديک وجي داناءَ“

”ميرجت“ قبيلي جا ماڻهو آسپاس رهندڙ هئا، جن سان جلال جي تمام گهاٽي پريت هئي. پنهنجي هڪ بيت ۾ انهن نيڪ، سادن ۽ مارو ماڻهن کي ساراهيو اٿس ته:

جَتَ بلوچان بابڙا آهن، حملي هٿوڪا
ڪنڌيين رهن ڪانهلا، هي بَر جا بَتوڪا
بوريا بافن جن جو، رڪڻ داڻا دلوڪا
ڪٿون ڏائن ڪنج جون، پائن پتوڪا
ڏاچيون چارن ڏيهه جون، ڪن تڙن تي توڪا
گهگهيرين گهر ڄائيا، سي جسماني جوڪا
آهن آريءَ ڄام جا، اديون آتوڪا

پنھونءَ کي پرتل ٿيا، ھي گگا گڪوڪا
جي اھڙا آلوڪا، تن ڄتيم جيءُ جلال چئي.

جتن سان جلال جي والھانہ محبت ھئي پر ڪن ائين ھُلايو تہ جلال جتٽين مائين مان ڪنھن تي عاشق آھي ۽ انھيءَ ڪري ھميشہ الھندي منھن ڪري بيھي ڪپڙا ڌوئيندو ھو. ھڪ ڀيري جڏھن جلال بيٺي ڪپڙا پئي سٽيا تہ ڪو سگھڙ دوست وٽس آيو ۽ ڪيس ڪلھي تي ھٿ ھڻي چيائين تہ ”جلال! جت ڪٿي!“ جلال سندس اشارو سمجھي ويو سو جواب ۾ ھيٺيون بيت چيائين، جنھن ۾ پاڻ مرادو جتٽين ماين جي تعريف ڪيائين:

پيھي ڏس پکن ۾، اٿئي سون چڙيون
آريٽيون اڱڻ تي، ڪدين انگ اڙيون
رئي رتيون رنگريز چئي، تن پوتيون نينھن نڙيون
پاٽي پرن پتوه جان،اچن گام گڙيون
گھگھيريون گھمڻ ۾، آھن ڳم ڳڙيون
مھر اٿن منھن تي، پر مھر مامڙيون
ھو ٺئي ڪيچ ڪيڙيون، ھو ٺئي جت جلال چئي.

ائين چئي ان سگھڙ کي ٻانھن مان جھلي الھندي طرف اشارو ڪيائين تہ سندس نظر ۾ نبي ڪريم جي روضي جي صورت اڀري آئي. ھڪ روايت موجب جلال کي نبي ڪريم خواب ۾ آيو ۽ انھيءَ حيرت ۾ حيران رھيو جو اک ڪلي پيس. انھيءَ حالت جو اظھار ھن طرح ڪيائين تہ:

ويھي جان ويچار ڪيم، تان ”ڪٿي“ ڳالھہ ڪري
ماڻڪ منھنجي من پيو، جنھن سواءِ ڪانہ سري

حضرت نبي ڪريم جي سڪ مٿس غلبو ڪيو، جو نبيءَ جي ثنا ۽ تعريف ۾ بيت چيائين ۽ آخري عمر تائين انھيءَ محبت ۾ مدھوش رھيو. جلال ڪتيءَ جو ھيٺ چونڊ ڪلام ڏجي ٿو:

**سينگار جا بيت**





جب گوري گھنا ڪري، اٿ ڏوٽا اغماز،
ڏھہ ڏون ڍھاڙي ڪري، ڪامڻ ويس قواز،
ان جي چرنن تي چريا ٿيا، پس وتن پرواز،
آھو ۾ مشاھدي، ڪن طائوس تواض،
ترنگ تاب تپاڪي، ڪن نيويون نانگ نياز،
سرو صنوبر سرزمين، ڪم ڪينچن مان ڪماز،
جن اھڙي دور دراز، تن جياپو جيءَ جلال چئي.

تمھر روپ ترنگ، ھِن ڪنول ڪيس قريب جا،
سھہ ڳچي سروي، ڪونتر نيف نسنگ،
ٻونگر سِر ٻراءِ جي، مزگان ڪيش خدنگ،
لڪ ليئي ڏھر ڪيور، پرون پونر پونگ،
تنھن سسَا پا سارنگ، جلوي ساڻ جلال چئي.

موتيان وڌ منھنجا پرين، چا ھي جنھور جو جنسار،
املھہ ماڻڪ ان تان، ھيرو نبيءَ ھار،
چاجي جوڙ جمرود جي، تہ ڪا عجيبن آ چار،
چاجي سج چنڊ ڪتيون، تہ ڪي دلبر جي ديدار،
چاجي ونڪ وڃن جي، تہ ڪا ساجن جي سينگار،
پرين اھڙا پار، سين ٺان وڌ جلال چئي.

برسيون برسن ورسيون ورسن، مٿي مالھا موتيئڙن،
دور چمڪيون دامنيون، پسي ڏت ڏندن،
پپيھل پئي پي پي ڪري، ماڻَ مھر مون تي ڪن،
اڀريون ماھہ ابر مان، پسي پير پرن،
قمر ڪتيون، تارا تجلا، شمس شعاع نہ ڪن،
پسي بام بدن، ڪرني، ڪنول پيا ڪسن،
پسي جوڙ جلال چئي، گنير گس نہ ڪن،

بجليون منجهہ بحرن، سڪيون سڪن پاڻ ۾.

منهن مهتاب محبوب، نرگس نيڻ سندن،
چشمن جا چالا ايئن، جيئن ڪنوڻيون ٿيون ڪنون،
چوڏهن طبق چانڊاڻ ٿئي، جي محب ڪٽي مرڪن،
سپ ٿا توهہ تڳن، تنهنجي جلوي سان جلال چئي.

دانهہ ديوانا ٿيا، ڏسي ساجن جو سينگار،
مک هَسي محبوب جو، جيئن ڪڙي ڪنٺهار،
سينو موڪرو سڄڻين، گلبدن گلزار،
پنيا پرون پونر جيان، اکيون ميگهہ ملهار،
جي جوڙ انهيءَ جنسار، تن جيارپو جيءُ جلال چئي.

### ڪافي

**ٿلهہ:** ويڙم سانگ سينگار
جيڪس ويڙهيچن آءُ وساري،
1 _ قضا آندس ڪوٽ ۾، لڪئي جي لغار
2 _ اڇي عمرڪوٽ ۾ ٿيس ڏراڙن ڪان ڏار
3 _ اٿم اهڙو آسرو، پرچن مان پنهوار
4 _ جاني ميڙيم جلال چئي،
جنهن لئي سڪان سپ ڇمار.

o





# ٻيڙو فقير ڪنيار

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا مطابق ”سنڌ جي برک سگهڙ ۽ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ جي سچي عاشق ٻيڙي فقير، محمد عثمان ڪنيار جي گهر، ڳوٺ لقمان ڪوريجي تعلقي هالا ۾ 1918ع ۾ جنم ورتو. غريب هئڻ ڪري گهڻو علم پڙهي نہ سگهيو. پنهنجي ڪوشش سان عالمن ۽ بزرگن کان فيض حاصل ڪيائين. ٻيڙي فقير کي لوڪ ادب جي سڀني صنفن بابت چڱي ڄاڻ حاصل هئي. ڳجهارت جو بادشاهہ ۽ ڳالهين جو ڳهير هو، سنڌ جو ڪو بہ شهر، اهم هنڌ يا ماڳ هجي، ٻيڙي فقير ضرور گهميو هوندو ۽ سموري تر جي علمي ادبي شخصيتن جي ڪيس خبرچار هوندي هئي. انتهائي محبتي ماڻهو هو.

سال 1960ع کان لوڪ ڪچهرين جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان گڏ سڄيءَ سنڌ جي ڪچهرين ۾ حصو ورتائين. مرحوم محمد اسماعيل خان نون سان بہ سندس رفاقت ٿي. هو هڪ لائق صحافي بہ هو، هفتيوار ”ڪچهري“ اخبار شايع ڪندو رهيو. هن اخبار جو اصل مقصد لوڪ ادب کي سهيڙڻ ۽ اُن کي محفوظ ڪرڻ هو. سڄيءَ سنڌ جي سگهڙن جي جماعت جو صدر چونڊيو ويو. ان کانسواءِ پنهنجي برادريءَ جي تنظيم جو پڻ صدر هو. 30 آڪٽوبر 1964ع تي حيدرآباد شهر جي ڪاري موريءَ مان يونين ڪائونسل جي اليڪشن ۾ حصو ورتائين. ٻيڙي فقير دل جي دوري پوڻ سبب 2 جنوري 1977ع تي وفات ڪئي. وفات وقت سندس عمر 60 ورهيہ هئي. حيدرآباد جي ڪاريءَ موريءَ جي پير ۾، ڦليليءَ جي ڪپ تي سندس مزار آهي.“

سگهڙ ٻيڙي فقير ڪنيار حيدرآباد ۾ ڪاري موريءَ لڳ

1976ع ڌاران ان وقت موجب ڄام صادق علي بلديات جو وزير هو، جنهن پڻ سگهڙ ڪچهري هال ٺهرايو هو، جيڪو ٻيڙي فقير ڪان پوءِ پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. لوڪ ادب جي ورثي ڪسجڻ تي افسوس ظاهر ڪيو ويو. سگهڙن جو مطالبو آهي تہ ڪچهري هال سندن حوالي ڪيو وڃي.

ٻيڙي فقير جي شان ۾ حسين بخش رڏ جي منقبت ڏجي ٿي، جيڪا هن سندس ورسيءَ جي مناسبت سان ٿيل تقريب ۾ 21_05_1995ع تي چئي هئي.

اڄ بہ ٺنهنجي ياد آئي زندهہ ضمير اي ٻيڙا فقير،
تنهنجي ورسيءَ ڪي ڏسي توکي ساريم منجهہ سرير اي ٻيڙا فقير.

ڪي ڪچهريون قرب جون ٻلجن نٿيون وسرن نٿيون،
تنهنجي ٻاجهاري گفتگو دل ٺاريندڙ دل پذير ٻيڙا فقير.

تو غربت غريبت سان قائم قرب جون ڪچهريون ڪيون،
تون هر حال ۾ هردم فقير دل جا امير اي ٻيڙا فقير.

تنهنجي گلدستي اولاد مان گل بہ هڪڙو گل آهہِ،
شال گل سيئي سَرها هجن تن جو محافظ قدير ٻيڙا فقير.

تنهنجي ڪچهري هال تي قبضو ڏسي دل ٿي ڏکي،
ارمان هتڙي داد ڪونهي جو ڪٽي ٿيون دادگير اي ٻيڙا فقير.

حسين بخش هيئن ٿو چوي، سگهڙ سيئي سنبري اُٿو،
بي همت ڪين ٻَنِجوا ڳ ۾ حاضر هيءُ حقير اي ٻيڙا فقير.

o





# استاد محمد ملوڪ عباسي

ضلعي لاڙڪاڻي جي مٽيءَ جي اها وڏي خاصيت آهي تہ اها وڏا وڏا ليڊر پيدا ڪندي آهي. سياست ۾ هن ڌرتيءَ جيڪي اڳواڻ پيدا ڪيا، انهن سڄيءَ دنيا ۾ پاڻ مڃايو ۽ خاص ڪري اسلامي دنيا جا بہ هو اعلىٰ اڳواڻ ليکجڻ لڳا، جن ڪي اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي نالن سان سڏيون ٿا. اهڙيءَ ريت سنڌ جي هر علائقي جي پنهنجي پنهنجي خوبي آهي.

لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙي هن دؤر جي سگهڙن جي سرواڻ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ کي پيدا ڪيو، جنهن پنهنجيءَ قيادت ۾ سڄيءَ سنڌ جي سگهڙن کي گڏ ڪري ڪين جاڳايو. سندس سرپرستي لوڪ ادب تحريڪ جي رهبر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ۽ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ڪئي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ پاران لوڪ ادب رڻا سگهڙن ۾ بہ هڪ تحرڪ پيدا ڪري ڇڏيو. هو جيڪي ڪچهريون ڪندا هئا، جڏهن انهن کي مڃتا ۽ سر پرستي ملي تہ انهن ۾ سگهڙائپ جي فن ۽ سگهڙن جي سرهائي تيزيءَ سان وڌڻ لڳي. سوين سگهڙ پنهنجي ترڪان نڪري سڄيءَ سنڌ تائين سڃاڃڻ لڳا. ريڊيو پاڪستان ۽ پوءِ پاڪستان ٽيليويزن کين وڏي اهميت ڏيڻ لڳي. ان تحريڪ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي فن ۽ صلاحيتن کي وڌيڪ نکيري نروار ڪيو.

عباسي صاحب محمد صالح عباسيءَ جي گهر ۾ 13 هين ڊسمبر 1944ع تي ڄائو. هو استاد محمد اسماعيل ٽانوريءَ وٽ چار درجا سنڌي پڙهيو. مختلف ڪچهرين ۾ ننڍپڻ کان ئي شريڪ ٿيندو رهندو هو.

انهن ڪچهرين ۾ سگهڙ محمد مريد ’زهراڻي‘ حاجي الھ بخش مگڻ، رسول بخش ابڙي ۽ ٻين سگهڙن جا گفتا ٻڌي پاڻ بہ سگهڙ بڻجي ويو. مٿي ذڪر ڪيل سگهڙ سندس رهنمائي بہ ڪندا هئا.

هوريان هوريان هو پاڻ بہ استاد سگهڙ بڻجي ويو. سندس اوطاق تي ڪيترائي سگهڙ اچي پنهنجو فن بہ پيش ڪندا هئا تہ ڪانئس شاگرديءَ جو سڳو بہ ٻڌرائيندا هئا. اهڙيءَ ريت سندس شاگردن جو حلقو ضلعي لاڙڪاڻي کان اڳتي نڪري سنڌ ۽ بلوچستان ۽ پنجاب تائين وڌي ويو. سندس شاگردن بہ وڏو نالو ڪڍيو آهي، جن ۾ محمد لقمان ڪوڪر، رحمت الله عباسي، ممتاز علي عباسي، عاجز رحمت الله لاشاري وغيره شامل آهن.

هُن 1972ع ڌاري سگهڙن جي تنظيم ”سنڌ سگهڙ سنگت“ ٺاهي، جنهن جو باني صدر پاڻ هو. تنظيم جي بنياد واري سوال تي ڪجھ اختلاف بہ آهن. ڪي محقق ان جي بنياد جو سال 1975ع ڄاڻائن ٿا، بهرحال سگهڙن جي اها پهرئين تنظيم آهي، ان تنظيم سان اختلاف رکي ڪجھ سگهڙن وري ٻيون تنظيمون جوڙيون.

استاد محمد ملوڪ عباسيءَ ڪي ٽي پٽ فقير ممتاز علي، غلام شبير ۽ محمد علي ڄاوا، جن ڪي بہ هُن سگهڙائپ جي سٽي ڏني. سندس پوٽا احمد علي، صابر حسين ۽ ٻيا بہ لوڪ ادب جي خدمت ڪري رهيا آهن. مطلب تہ سڄو گهراڻو ڄڻ سگهڙائپ لاءِ وقف ٿي چڪو آهي. استاد محمد ملوڪ جي قائم ڪيل سنڌ سگهڙ سنگت ڪي بہ سندس پونير سڄيءَ سنڌ جي سگهڙن سان گڏجي هلائن پيا.

استاد محمد ملوڪ سنڌ جي ثقافت کاتي ۽ ٻين سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن پاران ٿيندڙ ڪچهرين، سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪرڻ کان سواءِ ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيليوزن جي ثقافتي پروگرامن ۾ پابنديءَ سان شرڪت ڪندو هو. سگهڙن کي متحد ڪرڻ ۽ کين جائز حق ڏيارڻ لاءِ بہ پاڻ پتوڙيندو رهندو هو.

هُن جيڪو لکيو، اهو نشر ٿيڻ کان سواءِ اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيو ۽ الڳ ڪتابي صورت ۾ بہ آيو. خالص سگهڙائپ (شاعري) جي فن تي ٻڌل سندس سڀ کان پهريون ڪتاب ”موتي مور ملوڪ جا“ 1981ع ۾ ڇپيو. ان





کان اڳ لوڪ ادب تي جيڪي ڪتاب شايع ٿيا، اهي سوين سگهڙن جي فن تي ٻڌل گهڻي ڀاڱي لوڪ ادب رڻا وارا آهن.

سندس ٻين ڪتابن ۾ هيٺيان ڪتاب اچي وڃن ٿا:

1) موتين مٺ ملوڪ جي
2) ماڻڪ موتي ملوڪ جا
3) منهن مٺانهان جن جا
4) گلشن ڏور

پنجن ڇپيل ڪتابن کانسواءِ سندس ڪتاب ”موتين مالها ملوڪ جي“ ڇپائيءَ جي انتظار ۾ آهي. جڏهن تہ ٻن ٽن ڪتابن جيترو مواد ٽڙيل پکڙيل اٿس. سگهڙ استاد محمد ملوڪ عباسي 02ـ جون 1998ع تي هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو.

هتي سندس چونڊ ڪلام مان لسيءَ ۽ ٻوڙ جو مناظرو ڏجي ٿو:

## مناظرو لسيءَ ۽ ٻوڙ جو

ثنا سونهين ٿي سائينءَ جي، آهي لوڪن جو لڄ پال،
ڪريم رحيم قديم، عظيم آهي جانب رب جلال،
نازل ڪيائين نور منجهان، نبي نيڪ نهال،
احمد محمد مدني مرسل، ڪري پلو مڪائين پال،
پر منهنجي هن مذڪور جو، هڪ عمدو ٻڌو احوال،
تہ گهپي ڪري گهر ۾، اچي ٻوڙ وڏو ٻائيتال،
ڏمرجي اٿيو ڏڏ تي ڦونڊجي في الحال،
تہ منهنجو ماڻ مٺانهون مون لاءِ سڀ ڪو ڪري سوال،
توکي لسي سڏن لوڪ ۾ مائي منهنجو ٻڌ مثال،
تون هلين ڪونہ هوٽل تي، اُتي مونتي قرب ڪمال،
ڪٽي مونسان ڪيٽو ڇڏ، ڪونهي ڪني تنهنجو ڪال،
مون ۾ مرچ مصالحا ۽ ٻيو تہ مڇي پوي مال،
ٻاڙهو رجهي ڳڻ ڪيان، مون لڳي ٿيان ٿو لعل،
هاڻي تنهنجو مونسان ٽال، مور نہ نهندو ”ملوڪ“ چئي.

## لسيءَ جو جواب

مور نہ ويندو ”ملوڪ“ چئي، اهو ڦندو تو مان ڦير،
اٽانگو هلين ٿو عورت سان، تون ڪنا آهين ڪير؟
مونکي مارو ڪائن ملڪ جا، آهي تو ۾ گندا غير،
هر ڪو مون لاءِ حيران آ، تو ڇو ويري وڌو وير،
پاڳيا مونکي پلو سمجهن، تنهنجو پلو ناهي پير،
اڄايو اشراف سان، هي مٽا وڌو ٿي وير،
اسان تنهنجي عزت ڪئي، تڏهن سهڻو ٿيو ٿي سير،
وٺ معافي مون مهيءَ کان، تہ ڪلي ڪيانءِ خير،
آڪڙ ڇڏ ادب ڪر، ڪڻ پريت وارو پير،
ڏِڳ ٿي هل ڊير، نہ تہ ٻچڙو ڪندي سانءِ بازار ۾.

## ٻوڙ جي ورندي

تون ڇا ٻچڙو ڪندينءَ بازارِ۾، ڏي ڇڏي ڦوندڻ ڦَسي،
مون کي امير ڪائن آسودا، توکي مزرو ڪائن مسي،
منهنجي ڳالهہ ”ملوڪ“ چوي، ڪنهن ڏاهي نٿي ڏسي،
تہ هر ڪو مون لاءِ حيران آ، پري آ ٻوڙ بسي،
مون کي خان ڪائن خوشيءَ سان، تون ڪِني آهين ڪسي،
تنهنجي لاءِ لسي، مونسان مور نہ نهندينءَ ”ملوڪ“ چئي.

## لسيءَ جو جواب

مات ڪر مهاندو نہ ٿيءُ، مونتي وڏا نہ ڪر وار،
بنياد منهنجو پلو ٿي، منهنجو ننگ رکيو ننگدار،
منهنجي ڪيرابي جي خبر ٿي، اٿس عاشق لک هزار،
ڇڏي ٻوڙ ٻٽاڪون تون، ڏيان انڌا ڪو ڏار،
خوراڪ جن جي ڪير آ، ڏس ٻنڌڻ وارا ٻار،
صبح سانجهيءَ سڪيلڏا، منهنجي صاحب لهن سار،
گرمين ۾ گهڻو ڪري ٿين، منهنجا اوطاقن ۾ اگار،





تون آنڊا ساڙين اشرافن جا، آئون ٺريون ڪرايان ٺار،
مون ڏاهي هلان ٿي ڏيهہ ۾، مون تي پيرن جا بي پيار،
شوخي ڇڏ شرم ڪر، ڇڏ جهيڙي جي جهونگار،
يا فيصلو ڪراءِ فضيلت سان، ڪي چڱا وٺي چار،
نہ تہ منهنجي هٿان مار، توکي ملندي مفت ”ملوڪ“ چئي.

## ٻوڙ جو جواب

مار نہ ملندي مونکي، اها تون چتي نہ ڏي چاند،
مون ۾ مزا آهن مٺين، مائي چس وڏي ٿي چاند،
گوگٽو گوشت گوبي مون ۾، ٻيا بصر پون باند،
مون ۾ ڪرڙا مون ۾ ڪنهٽ، مون لاءِ ڪڪڙ اچن ڪاند،
مون ۾ پالڪ مون ۾ پاٽي، مون لاءِ ڏهہ ڏهہ ڪسن ڏاند،
مون ۾ ڏاٽا داليون دالچيني، ٻيا پلا پليون پاند،
انڊا آمليٽ چڪن برياني، روسٽ رڇن راند،
مرغي مغز ميها مون ۾، ٻِهہ بنا برياني برباند،
قورما ڪيما ڪمالپٽ، ٻيا ڦوٽا ڦڪيون ڦاند،
مٽر ٽماٽر پون پٽاٽا، ٻيون سرهيون جيريون ساند،
لونگ ٿُو مان لئہ ڪن منهنجي، تنهنجو بد بنياد،
وڄ هٿان وڙ واند، نہ تہ ڏٺو ڪندو مانءِ ڏيهہ ۾.

## لسيءَ جو جواب

تون ڏٺو ڪندين ڇا ڏيهہ ۾، تنهنجو پلو ناهي بڻ،
ٺاهي توکي ٺيڪ ڪندو آهي، منهنجو پٽ مکڻ،
سواءِ سٽيپ سريلا، پوَئي ٺاب ڪونہ سڙڻ،
پر پنهنجي ۾ پاڳوندا ڏيني، رئيس بہ ڪونہ رکڻ،
مزور بہ توکان موچو ڪن، اچئي چريو بہ ڪونہ چکڻ،
ڏهاڙي توتي ڏٽ اسان جو، نہ تہ ٿيئي بنهہ ڪونہ بچڻ،
پر جي منهنجي پٽ مکڻ جو، هٿ اوچتو ٿيو اچڻ،
تہ پوءِ توکي ڪجهہ ڪچڻ،مور نہ ڏيندو ”ملوڪ“ چئي.

### پوڙ جو جواب

ڪڇڻ نہ ڏيندو ڪيئن؟ منهنجا ڏيهن ۾ ٿي ڏس،
ايندو ڏسي اسانکي، وڃ گولي ڇڏي تون گس،
ناهي پرواهہ پٺهين جي، ٿي لسي وڃ تون لس،
امير فقير عاشق مون تي، ٻي چگن رکي چس،
مون مهانڊو آهيان ملڪ جو، توکي مارو ڪائن مس،
تنهنجي پوري نہ پوندي پالڪ سان، توڙي وڏا ڪرين وس،
هاڻي رلي توسان رس، مون مور نہ ڪيان "ملوڪ" چئي.

### مکڻ جو وچ تي اچڻ

ٻڌي ٻٽاڪون ٻوڙ جون، پو تہ ڏهيءَ ڏنا ڏاڪ،
جهٽ مڪيائين جهاري ڪي، پو دير نہ ٿي دم ناڪ،
سو منٿين وٺي آيو مکڻ کي، جنهن جي هر هنڌ آهي هاڪ،
تنهن بيهي چيس بچڙو نہ ٿيءُ، اهي ادا ناهن اخلاق،
پريشان ڪري اسان جي پوڙهيءَ جا، توچوري وڏا هن چاڪ،
ڪري لئہ لسيءَ سان، تون هڻ نہ ٻوڙ ٻٽاڪ،
سواءِ سڀ سريلا توکي، گاريون ڏين گراهڪ،
چپ ڪر چوانءِ تو هاڻي، وڏا نہ ڏي تون واڪ،
ٻيلي مون مکڻ سان مذاق، تنهنجي مور نہ ٺهندي "ملوڪ" چئي.

### پوڙ جو مکڻ کي جواب

مکڻ تون ماٺ ڪر، پنهنجي پوڙهيءَ ڏئون نہ پئہ،
جي ميان طرف ٿيو آهين ماءُ جي، تہ مونکي پلا ڪونهي پئہ،
هيءَ هيڪاندي ڏالڊا هٿن واري، مونکي ڊولي ڏيندي ڊءُ،
اڪر ٻڌ ادب ڪر، اهو توکي نہ اڇي ير تئہ،
ٻيلي رولي ڪندو سانءِ رءُ، جي وچ ۾ پوندين ويسلا.





### ڏالڊا جو وچ ۾ پوڻ

جهونگار ٻڌي جهيڙي جي، پو تہ ڏالڊا ٻہ پيري ڊوڙ،
پڄندي آئي باهہ مان، تہ اهي ڇڏ ٻٽاڪون ٻوڙ،
منهنجي پاءُ مکڻ سان، اهي گندا نہ ڪر گوڙ،
گيهہ ڏالڊا گڏجي اسان، ٻڌا مکڻ کي هن موڙ،
صلح ڪري سڀ سڻپ اسان، جڳ ۾ ڪئي آ جوڙ،
تون تڏهن ٿيندين توڙ، جڏهن وٺندين معافي مهيءَ کان.

### پوڙ جي آڻ مڃڻ

وٺان تو معافي مڙني کان، تو سٺو سمجهايو،
مون تہ ڪئي هئي ماسيءَ سان آڪڙ اجايو،
ڏاڏي ڏهي ڏک نہ ڪجانءِ، تو لسيءَ رنگ لايو،
ڏهي تنهنجي ڏيهہ ۾، آهي سفر سجايو،
فيصلي اسانجي تي فقير آهي "عباسي" ٻہ آيو،
تنهن ٻہ حق حقيقيءَ جو، آهي ٻول ٻڌايو،
تہ عزازيل کي هئي آڪڙ، جنهن کي تڪبر تڙايو،
هڪ وڏائي سونهين تي واحد کي، جنهن رازق جو رايو،
ٻيو شرف تہ منهنجي شاهہ جو، آهي واليءَ وڏايو،
ڪلمو پاڻ ڪريم تي، اسان کي پرور پڙهايو،
مالڪ ملايو، اسان کي عربي جام "عباسي" چئي.

مددي ڪتاب:

1. موتي مور ملوڪ جا_ مرتب: ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ٻئي ڇاپي جو ايڊيٽر: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، ثقافت کاتو، سنڌ حڪومت، 2013ع
2. استاد محمد ملوڪ جي پٽ ممتاز عليءَ سان ڳالهہ ٻولهہ.
3. سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو_ مختيار احمد ملاح ڪاتياواڙ اسٽورز، 2006ع

o

# سگهڙ محمد سومر ڳاهو

محمد سومر ولد زوار محمد لائق ذات ڳاهو ويٺل ڳوٺ غوث بخش ڳاهو، تعلقي ڪوٽ ڏجي ضلعي خيرپور ۾ سن 1935ع ۾ ڄائو. سندس استاد بخشو خان شر هو. ڪوٽ ڏجي تعلقي ۽ ميرواهه ۾ ڪچهرين جي اڳواٽي ڪيائين ۽ ڪيترا سگهڙ سندس شاگرد ٿيا. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، ريڊيو خيرپور، پي ٽي. وي ڪراچي سينٽر تي ڪيئي پروگرام ڪيائين، سنڌ ۾ جتي به سگهڙ ڪانفرنسون ٿيون انهن ۾ گهڻي ڀاڱي شريڪ ٿيو. هو سنڌ سگهڙ ادبي ڀلائي تنظيم ۾ مختلف عهدن تي به رهيو. سگهڙائپ جي هر فن تي پاڻ ملهايائين. مختلف تنظيمن طرفان ڪيس ايوارڊ به مليا، سندس چيل ڪلام گهڻو اڻ ڇپيل موجود آهي.

سگهڙ هڪٻئي سان شعرن ۾ به ڳالهائيندا آهن. سندن اهو سلسلو ڪچهرين ڪان سواءِ نينهن وارن نياپن ۽ سڪ وارن سلامن رستي به جاري رهندو آهي. محمد سومر ڳاهو ۽ عبدالرحمٰن مهيسر هڪٻئي جا يار هئا. سو سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر ”معما“ ٺاهي، سگهڙ محمد سومر ڳاهي ڏانهن موڪلي ته هيءَ ڳالهه ڳڻي مون ڪي ٻڌاءِ، انهيءَ جو جواب ڏي.

ڳالهه ڳولي ڏي ڳاها مونکي، سمجهي تون سومار
سگهڙ سٺو آهين سٽ ۾، ڏي خاصي خبر چار
وڻ اسان جي وطن ۾، آهن هيڪاندا ته هزار
پر جنس هڪڙي جڳ ۾، آهي عالم آشڪار
ميوو تن جو مٽن ۾، ٿو اُپائي ته انبار
آدم سان انهيءَ جي چون، نسبت ٿا نروار
تَنهنجا پورا ڳڻي پار، لهي ڏي آڪاٽي عبدالرحمٰن چئي





سگهڙ محمد سومر ڳاهي ڪيس ڇوائي موڪليو ته هيءُ اسان سگهڙن جو پراڻو فن آهي، جيڪو لس ٻيلي جي سگهڙن ڪان رائج ٿيو. اوهان مون ڪان ڪجيءَ جي ڳالهه پڇي آهي، جنهن جي انسان وانگر ڳالهه ملي ٿي. ڪجيءَ کي نر نه پوندو ته ڦَر ڪانه ڏيندي ۽ ڪجيءَ جون ڇڙهيون جتان وڍبيون ته اڳتي ڪونه وڌنديون. انسان جو جيڪو عضوو جتي ڪپجي ويندو ته اڳتي وري ڪونه ٿيندو، ڪجيءَ جا جڏهن گوشا لڪائجن ٿا ته انهيءَ وقت ۾ ڄڻ ڪنهن عورت جا جهومڪ يا ايرنگ ڪجيءَ ۾ نظر ايندا آهن جيئن ننڍڙي ٻار کي ڄمڻ سان تنجڻ ٻڌبا آهن تيئن ڪجيءَ جي جهت (ڇڪي) کي پوکڻ سان چوڏاري ڪيس ڇڙهيون ڏئي ڇهه مهينا ٻڌي ڇڏبو آهي. وغيره وغيره.

ساراهيان سچو ڏٺي جنهن جوڙي جوڙ جارَ
قادر جي قدرت جا ناهن انت شمارَ
وڻ ٽڻ ٻوٽا وطن ۾ آهن خلقيا خلقڻهارَ
توجا مام مهيسر موڪلي پرولي منجهان پيارَ
سا ته ڪجي آهي خلق ۾ نوري سا نروارَ
ميوو تنهن جو مزي سان ٻڌا ڪائن ٻارَ
عبدالرحمٰن ڪر اعتبارَ، نه ته ڪاٻي سوچ ڪريان سومر چئي

## صفاتي بيت

(1)

ٿيو زمانو روشن محب آئي مرسل،
پاڪائيءَ جي پوشاڪ هيس چوٽيءَ تائين چمڪيل،
سيئي سينگار سهڻي ڪي هيا، ٺاهوڪا ته ٺهيل،
سي قادر پنهنجيءَ قدرت سان ڪيس نور منجهان نازل،
حوُرون پريون هار وجهيو پيون سهرا چون سهڻل،
ملائڪ به مشتاق ٿيو، پيا ٽلن اِها ٽل،
ته حُسن جي هادي ڄاڻي، ڪا نه پوي ٿي ڪل،
قمر به قُربان ٿيو، تيزي ڇڏي تجمل،

سونهن ڏسڻ لاءِ سورج ڪي، هئا جيءَ اندر ۾ جل،
سو ڏسڻ ڪان ڏور ٿيو، ڇڏيس ڪري بند بادل،
غريبن ڪي گود ويهاري، پرين پري ڏئي پل،
نوري سڀ نشانيون هيس، جان تي تہ جڙيل،
پڙهو صلواة سيد تي، تہ فائق ڏيندو ڦل،
ڇا لکندا پار پڙهيل، سونهن سندا سومر چوي.

(2)

مرسل آيو شهر مڪي ۾، قُرب ڪيا قادر،
سڪل دوش دائي جي، وهايا جانب اڳيان جر،
ملائڪ منهنجي محبوب ڏي، پيا هليو اچن هر هر،
حُورون پريون پينگهو لوڏن، دايون بڻجي در،
ڪيئي حُسن وارا پيا قيد ٿين، جي ڪامل ڪڍي ڪر،
گفتو آهي گوهر جي آيتن جا تہ اڪر،
سڪا بندہ بہ ساوا ٿين، پيا ڦُٽيو جهلن ڦر،
ٻٽ ڪنيو منهنجي ٻهڳڻ ڪي، ڏين پيا جهنگ جا جانور،
محمد ويو معراج مٿي، پيا گفتا ڪن گوهر،
سَتين عرش سهڻي جي، ڪيا جُتيءَ بہ جوهر،
ٻيو دز اُنهيءَ دانهِہ جي، ڪيا عرشن جا اوجر،
سهڻا هن سنسار ۾، آهن پيدا ڪيا پرور،
پر ڪونہ لڳن منهنجي لالڻ سان توڻي سڏائن سڪندر،
جيڪي موهيل هِن منور، ڀلي سينگار ٻڌن سومر چوي.

(3)

ڪيَئين ملڪ حوالي محبوب جي، ٿيو عاشق رب عرني،
ڪلاهہ پاڪ ڪامل جو آهي، زينت دار زرني،
جي زلف ذري دار ظاهر ٿئي، تہ نہ ڪٿن ڪاريهر ڪَرني،
بجلي ناهي برابر، تاب نہ جهلي ترني،
هلڻ پسيو حبيب جو، پئي حيران ٿئي هرني،
مور بہ مشتاق ٿيا، ڪر نہ ڪڍي ڪرني،





جانب جنهن جوءِ هلي، تذڪار ٿين ٿرني،
سڙيل بُندہ سالن جا، پيا ڦُٽيو جهلن ڦرني،
ٻُت پڄي بسم ٿيا، پنهنجي ڇڏي پرني،
آهو آيا اوج ۾، بهاري آ برني،
ويا ڏڪار ڏيهہ مان، ساوا ٿيا سرني،
رکي حُب حبيب جي، وٺ دلبر جو درني،
اِنهيءَ محبت ۾ مرني، تہ ٿين سرهايون سومر چوي.

(4)

پريون نہ لڳن پيزار مبارڪ حُورون ٿيون حيران،
سوا لک سلامي ٿيا ها، پسڻ لاءِ پريشان،
راحت آئي رجنيءَ ڪي، ٿيو موليٰ وٽ مهمان،
گفتو آهي گوهر جو، قائم سو قرآن،
لالائي نہ لڳي لبن سين، ڪنگوئي ٿي قُربان،
ذهب نہ لڳي زلفن سين، پتنگ ٿيا پريشان،
نوحَ ڪُلي منهنجي نوريءَ جي، تہ اُنگهہ پوي ارمان،
ڏڇن منهنجي دلبر جا، نہ لڳي موتي نہ مرجان
قدم پائي وک وڌائي، مور ٿين مستان،
اڇي مرگهن منهن جهڪايا، بر ڇڏي بيابان،
سانجهي صُبح آهن سهڻي جا، اُمت تي احسان،
محشر منجهہ مصطفيٰ آهي، ضعيفن جو تہ ضمان،
ثنا ٻڌي سهڻي جي، پيو راضي ٿئي رحمان،
جنهن آندو ايمان، سو سور نہ پسندو سومر چوي.

.

**ڏوربيت**

پري پسي پانهہ جي، پنهنجي ڇڏيائين پيٽ،
گوهر سندي گلن تي رکيائين محبت سندي ميٽ،
موتي ڏئي مير ڪڍي، سهڻي ڪيس سيٽ،
بيت ليندو نيٺ،پر ڳالهين سان ڳاهو چوي.

تمثيل: پري= حضور جي صورت، گوهر=حضور گل= هٿ. موتي = ڪلمو توحيد. سيٽ= مسلمان.

**مراد:** ابوجهل سراقہ کي حضرت محمد ڪريم جي پڪڙڻ لاءِ موڪليو. سراقہ گهوڙو ڊوڙائي سامهون اچڻ جو ارادو ڪيو تہ گهوڙو پيٽ تائين زمين ۾ پيهي ويو. سراقہ سمجهي ويو تہ حضور نبي ڪريم جن کي عرض ڪيائين يا محمد مون کي ڇڏاءِ ۽ مون توبهہ ڪئي. حضور جن زمين کي حڪم فرمايو تہ ڇڏي ڏيئينس. سراقہ پاڻ ڇڏائي حضور جن جا هٿ مبارڪ چمي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو.

(2)

لڪين طالب آهن لوڪ ۾ نر سندا نرواڻ،
جوڳين ڪان پوءِ جانب جو پيا پورو ڪن پڳداڻ،
سو سهٽي ڪيو ساعت ۾، عجيب سو اظهاڻ،
وؤڙي ڪو وينجهاڻ، اِها ڳالهہ ٻڌائي ڳاهو چوي.

**مراد:** قرآن پاڪ جا عاشق تلاوت ڪرڻ وارا ڏينهن يا هفتن ۾ ختم پورو ڪندا آهن. پر حضرت علي سائين گهوڙي جي رڪيب ۾ قدم وجهي ٻي رڪيب تائين قدم رکيو تہ قرآن پاڪ جو ختم پورو ڪري ڇڏيائين.

### بنا نقطي بيت

هردم دائم دولهہ دادلو دلدار،
مالڪ ملڪ ماهہ محمد مهدار،
واهہ واهہ رو واهہ سالڪ سو سالار،
درد دُور دل وارا سارا ڪر سرڪار،
راهہ رس واحد وس سوال سڻ سردار،
سڻ صدا محڪم مدعا سرور لهہ ڪا سار،
ڪر ڪرم ڪامل واحد هڪ وار،
دادلا داد ڪر دُرَس آ درڪار،
محڪم ماهہ مهر ڪر مور اور ملهار،
ملوڪ محرم مل آ، آسائو آر،





امام سو مدام ڪر سلام آ اعليٰ عملدار،
علم حلم آ صلم عطر اور عطار،
”سومر“ ادا ڪر صدا، آ موليٰ مددگار،
ڏل ڏل هسوار، سارو ملڪ سڪار ڪر.

(ڪتاب: **حال حيات ضلعي خيرپور جا سگهڙ** تان ورتل)

### نصيحت

قربدارن جي ڪچهريءَ ۾، پيو انئي پهر آءُ
تن کي ڪڏهن هوندو ڪينڪي، وڏائي سندو واءُ
پيار ڏيئي پنهنجو ڪندا، توکي پاڪر پائي پاءُ
اهڙن سالڪن جي صحبت مان، پيو سهڻو ايندو ساءُ
نوڙت توکي نياءُ، سي سيڪاريندا ”سومر“ چوي

O

# سگهڙ عبدالرحمان مهيسر

سنڌ جي رياست خيرپور ميرس سان تعلق رکندڙ ۽ ڪيترن ئي سگهڙن جو استاد سنڌ جو مشهور سگهڙ عبدالرحمان مهيسر پهرين نومبر 1945ع تي ڄائو ۽ مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين. سندس سلسلي طور پير سائين پاڳاري جي درگاھ سان خانداني روحاني رشتو هئو. ننڍپڻ کان وٺي سگهڙائپ ۽ شاعريءَ سان ڳانڍاپو هيس. سندس سگهڙائپ ۾ شروعاتي طور استاد حاجي خان مهيسر هو ۽ لوڪ ادب جي باقي سموري فن جي سکيا سنڌ جي مشهور ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان ورتائين. ڪتابي دنيا ۾ پاڻ مختلف ڪتاب لکيائين ۽ ترتيب پڻ ڏنائين جن ۾ 1. ”مهيسر جي مام“ 2. ”مهيسر جي موج“ 3. ”مهيسر جي مرڪ“ 4. ”مهيسر جي مستي“ 5. ”ڊاڪٽر بلوچ سان قرب ڀريون ڪچهريون“ 6. ”فقير مياںداد طارق جون روايتون“ 7. ”سومر جي سوچ“ 8. ”ضلع خيرپور جا حال حيات سگهڙ“ 9. ”گنيءَ جوگن“ 10. ”ڏات جا ڏيئا، ۽ ”تاريخ ڊرب مهر شاھ جيلاني“ شامل آهن. جڏهن ته ڪجھ ٻيا ڪتاب ۽ مسودا اڻ ڇپيل موجود آهن. هن ريڊيو پروگرامن جي شروعات 1964ع کان ۽ پي ٽي وي پروگرامن جي شروعات 1975ع کان ڪئي. جڏهن ته آخري وقت ۾ ڪافي عرصي کان پاڪستان ٽيلي ويزن ڪراچي سينٽر تي سگهڙن جي پروگرام ”سنگهار“ جو ميزبان هو جڏهن ته ادبي ميدان ۾ پاڻ ڪيترائي ايوارڊ به ماڻيائين جن ۾ ڪجھ ايوارڊن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا، جن بابت ڄاڻ **رحمان ڏني مهيسر** ڏني آهي.

1) سچل سرمست ايوارڊ 1994ع
2) شهباز ايوارڊ 2005ع





3) پاڪستان ٽيلي ويزن ايوارڊ 2001ع
4) سچل ايوارڊ 2001ع
5) قلندر ايوارڊ 1997ع
6) روح رهاڻ ايوارڊ 2004ع
7) محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ 2006ع
8) لال شهباز قلندر ايوارڊ 2002ع
9) مهراڻ ادبي سنگت ايوارڊ 2001ع
10) لوڪ ادب ايوارڊ 2002ع
11) سنڌ سگهڙ ڪانفرنس ايوارڊ 2003ع
12) جلال ڪٽي ايوارڊ 2005ع
13) سچل سرمست ايوارڊ 1997ع
14) جشن خيرپور ايوارڊ 1995ع
15) سنڌ سگهڙ ڪانفرنس ايوارڊ 2005ع
16) سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم ايوارڊ 1997ع
17) خانصاحب عبدالحميد جتوئي ايوارڊ 2006ع
18) لطيف گولڊ ميڊل ايوارڊ 1490ھ
19) سلور ميڊل ايوارڊ 1991ع
20) بهترين پڳ تي ايوارڊ 2005ع
21) حمل فقير لغاري ايوارڊ 1990ع
22) سنڌ سورهيه بادشاھ ايوارڊ 2004ع
23) شاھ عبداللطيف ايوارڊ 1998ع
24) ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ايوارڊ 1980ع
25) مهيسر فلاحي تنظيم ايوارڊ 1973ع
26) تقريري مقابلي ۾ پوزيشن ايوارڊ 1961ع

فقير عبدالرحمٰن جو وڌيڪ تعارف امان الله مهيسر فقير جي ڪتاب ”مهيسر جي مام“ ۾ ڏنو آهي، جيڪو سنڌس جيئري ئي 1997ع ۾ ڇپيو هو. **امان الله مهيسر** جو لکيل تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

”عبدالرحمٰن ولد حافظ محمد صالح ولد حافظ محمد عاقل ولد

حافظ عبدالرحمان ولد حافظ خاوند ڏنو ولد حافظ شاهه محمد مهيسر, هن جو جنم پهرين نومبر 1945ع آهي. ابتدائي ديني تعليم پنهنجي والد بزرگوار حافظ محمد صالح کان حاصل ڪيائين. قرآن شريف ناظران ۽ پنج سيپارا حفظ ڪيائين. انگريزي تعليم مئٽرڪ تائين حاصل ڪيائين. عبدالرحمان جو چاچو مرحوم حافظ عبدالرحمان, سيد مولوي غلام مرتضيٰ شاهه درگاهه گمبٽ شريف جو سجاده نشين درويش صفت ۽ سندس پاءُ سيد غلام مصطفيٰ شاهه جن جو قرآن پاڪ جو استاد هيو. انهيءَ کان سواءِ حافظ مهيسر, رياست خيرپور ۾ پيرن ۾ ميرن جو استاد رهيو.

حافظ محمد صالح مهيسر راقم سان خود پاڻ ڪچهري ڪندي ٻڌايو هو ته منهنجو وڏو پاءُ حافظ عبدالرحمٰن جوانيءَ ۾ 28 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو هو ۽ پوءِ ربّ ڪريم مونکي فرزند عطا ڪيو, جنهن جو نالو مان عبدالرحمٰن رکيو, پر اهو به 12 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. تنهن کان پوءِ ڪيترا سال پٽ جي اولاد کانئه ٿي مائٽن جي صلاح سان مان ٻي شادي ڪئي ته من نرينا اولاد ٿئي. پهريائين انهيءَ ٻي شاديءَ مان ربّ ڪريم فرزند عطا ڪيو, جنهن جو وري به نالو مان عبدالرحمٰن رکيو, جنهن تي مٽن مائٽن مونکي چيو ته اهو نالو ڳورو آهي اڳ ۾ به اوهان جو پاءُ ۽ پٽ جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويا آهن سو نالو ڪو ٻيو رکو. انهن کي مان جواب ڏنو ته وري به نالو مان ساڳيو عبدالرحمٰن رکندس پوءِ چونه هيءُ به ربّ ڪريم کي پيارو ٿي وڃي. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته سگهڙ عبدالرحمٰن جو والد صاحب پڪي پختي خيال جو ماڻهو هو ۽ سگهڙ عبدالرحمٰن پنهنجي والد کي اڪيلو پٽ آهي.

**اولاد:** سگهڙ عبدالرحمٰن کي ست پٽ ٿي نياڻيون آهن.

1.حفيظ الرحمٰن, 2.حبيب الرحمٰن, 3. عجيب الرحمٰن, 4. خليل الرحمٰن, 5. لطيف الرحمٰن, 6. عتيق الرحمٰن, 7.. ڪليم الرحمان مهيسر. هن پنهنجن پٽن کي پنهنجي حال آهر تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو.

**روحاني رشتو:**

حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڌڻيءَ کان وٺي مهيسر ذات جو





درگاهه پيران پاڳاري سان روحاني رشتو رهيو آهي ۽ سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر گڏريل سائين شاهه مردان شاهه ثاني پير پاڳاري جي هٿ تي دست بيعت ڪئي ۽ روحاني فيض حاصل ڪيائين.

**ذريعه معاش:**

سگهڙ عبدالرحمٰن جو والد حافظ محمد صالح مهيسر ديني خدمت سان گڏوگڏ وڏو پاڳيو ۽ مالوند هو. ڪيس سدائين 20_25 مينهون سوائون هونديون هيون. مال جي بيمارين جو پڻ ڏاڍو ڏاهو هو. راقم الحروف جڏهن 1955ع کان ٿي سال اسڪول رفيق مهيسر ۾ انگريزي استاد هيو, اُن وقت سگهڙ عبدالرحمٰن پهريون درجو انگريزي پڙهندو هو. چاڪاڻ ته هو مالوند هيا ۽ هن جي گهر جي لَسي تمام سٺي هوندي هئي. آءٌ هن کي چئي ڇڏيو هو ته هو منهنجي لاءِ لوٽو لسيءَ جو روزانو آڻي. هن جي گهر جي لسي اهڙي ته لذيذ مزيدار هوندي هئي جو مان پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙي لسي نه پيتي آهي. سگهڙ عبدالرحمٰن پنهنجي طالب علميءَ جي دور کان وٺي ڏاڍو ذهين, سلڇڻو, فرمانبردار ۽ حليم طبع جو هو.

**ريڊيو ۽ ٽي ويءَ سان وابستگي:**

سگهڙ عبدالرحمٰن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي 1964ع ۾ نوجوانيءَ کان وٺي وابسته رهيو. ڪيترا پروگرام ڪراچي ريڊيو پاڪستان تي به ڪيائين. 1983ع کان خيرپور ريڊيو سان منسلڪ رهيو. سن 1975ع کان وٺي ٽي وي ڪراچيءَ تي سنڌي پروگرامن جهڙوڪ مهراڻ رنگ, سنڌ سينگار, اوطاق, ڪچهري, رس رهاڻ ۾ پاڻ ملهائي ۽ لوڪ ادب جي وڏي خدمت ڪيائين.

**ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ:**

1. طالب علميءَ جي زماني ۾ جڏهن هو ٻيو درجو انگريزي پڙهندو هيو, تڏهن سنه 1956ع ۾ ڳوٺ سڌار ميلو گورنمينٽ طرفان ضلع خيرپور جو ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ ملهايو ويو هو, جنهن ۾ عبدالرحمٰن تقريري مقابلي ۾

ضلعي ليول تي اول پوزيشن حاصل ڪري، نصرپوري ڪيس ۾ ٽرافي بطور انعام حاصل ڪئي.

2.سن 1985ع ۾ شاھ لطيف ڪانفرنس سکر ۾ فڪر و نظر طرفان لطيف ايوارڊ سان نوازيو ويو.

3. سچل سرمست ايوارڊ 1994ع ۾ بهترين سگھڙ جي حيثيت ۾ حاصل ڪيائين.

4. حمل فقير لغاريءَ جي ميلي تي سگھڙ ڪانفرنس ۾ ٽرافي 1991ع ۾ حاصل ڪيائين.

5. سنڌ سگھڙ ڪانفرنس ٽنڊو آدم، سن 1992ع ۾ سِلور ميڊل ڪيس ڏنو ويو.

6. سن 1981ع ۾ سنڌ سگھڙ ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۽ سن 1996ع ۾ سنڌ سگھڙ ڪانفرنس ڪنڊياري ۾ ڪيس بهترين سگھڙ جي حيثيت ۾ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

7. جشن خيرپور 1996ع ۾ بهترين سگھڙپائي جي ڪارڪردگي تي ڪيس شيلڊ ڏني وئي.

**سگھڙائپ ۾ سندس استاد:**

سگھڙائپ ۾ سندس ابتدائي استاد حاجي فقير مهيسر ويٺل رفيق مهيسر جو هيو. شروعات ۾ ڏور جي بيتن جي ڪچهرين ۾ پنهنجي فن جو اظهار ڪندو رهيو. ڏور جي بيتن کان بعد هن سينگار جي صنف ۾ بين صنفن ڏانهن قدم وڌايو. پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "بابائي سنڌي" جي صحبت ۽ رفاقت، رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ هن ڪي رڱي ڇڏيو. ڊاڪٽر صاحب جن جي علمي خزاني مان جيڪي هن ڪي بي بها موتي ۽ گوهر ناياب مليا، تن هن ڪي غواص بنائي ڇڏيو. هن علم جي بحر بيڪران ويرن ۽ لهرن، موجن ۽ مستين جي پرواھ نہ ڪندي استاد ڪامل جي رهبري ۽ رهنمائيءَ ۾ غوطہ زن ٿي جيڪي لعل هٿ ڪيا، سي علم جي ڳولائن ۽ پارکن لاءِ تحفہ بي حساب آهن.





**لوڪ ادب جي شاعري:**

سگھڙ عبدالرحمٰن پنهنجي خدا داد صلاحيتن ڪي ڪم آڻيندي، لوڪ ادب جي شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪري دار تحسين حاصل ڪري پاڻ مڃرايو. خصوصاً ڏور، سينگار، هُنر، ڳجهارت، ڏٺ پرولي، موقعي مهل جا بيت، سچڻ جي فراق جا بيت وغيره. هن جي بيتن جو اسلوب بيان، ٻوليءَ جي سلاست ۽ رواني نهايت دلپذير وڻندڙ ۽ من موهيندڙ آهي. هن جو پيغام، مبني بر حقيقت آهي. عبدالرحمٰن جو شعر و سخن ڪمزورين کان پاڪ، علمي تحقيق جي معيار تي پورو نظر اچي ٿو. هن حقيقت ڪي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تحقيقي ڪتاب "سنڌي سينگار شاعري" لوڪ ادب سلسلي جي يارهين ڪتاب جي صفحي 291 ۾ لکيو تہ "عبدالرحمٰن مهيسر ولد حافظ محمد صالح مهيسر ويٺل ڳوٺ رفيق مهيسر تعلقو خيرپور ميرس (حاجي فقير مهيسر جو ڏور ۾ شاگرد) جنهن راقم سان رفاقت ۽ صحبت ڪندي "سينگار شاعريءَ ۾ وڏي جاڳ پيدا ڪئي آهي." نہ صرف ايترو بلڪ عبدالرحمٰن سينگار جي بيتن ۾ ايتري تہ وسعت پيدا ڪئي جو علم عروض جي بحر وزن، قافيي، رديف ڪي خيال ۾ رکندي، علم بديع جي مختلف صنفن سان سينگاريائين. ڊاڪٽر صاحب مذڪوره ڪتاب جي صفحي 246 ۾ خيرپور ۽ اتر جا شاعر جي عنوان سان سينگار جي شروعات ٻئي مرحلي ۾ سينگار جي واڌ ۽ اوسر، ٽئين مرحلي ۾ تڪميل جو درجو ڏنو آهي.

اصلي اقتباس ملاحضو فرمايو "هن دور ۾ خيرپور طرف سگھڙ مرحوم علي شير جاگيراڻي سينگار جي بيتن جي شروعات ڪئي، سگھڙ هدايت علي رِڌ انهن ڪي وڌايو ۽ آخر ۾ سگھڙ عبدالرحمان مهيسر سينگار جي بيتن ڪي پوري وزن ۽ انداز ۾ سهڻو ڪري بيهاريو."

سگھڙ عبدالرحمٰن سينگار جي بيتن ۾ اچا بہ وڪ وڌائيندي ايترو تہ پاڻ مڃرايائين ۽ ڊاڪٽر صاحب ڪي ايترو تہ متاثر ڪيائين جو ڊاڪٽر صاحب هن ڪي صف اول جو بهترين شاعر هجڻ جو اعزاز عطا ڪيو. جيڪو هڪ طالب ڪي مطلوب کان روحاني سڪون جو عطيو ڪٺي چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

ساڳئي ڪتاب "سنڌي سينگار شاعري" جي صفحي 250 تي

لکي ٿو ”عبدالرحمٰن پنهنجي ذهانت سان پهريائين، ڏور جي ڪچهري هٿ ڪئي ۽ پوءِ خاص طرح سينگار جي سگهڙپائيءَ ۾ گوءِ کنيائين. ڪيس سينگار جو فن گهڻو ياد آهي ۽ ان ۾ هن وقت هو سڀني کان برک آهي.“ ڊاڪٽر بلوچ صاحب عبدالرحمٰن جا سينگار جا بيت پنهنجي ڪتاب”سنڌي سينگار شاعريءَ“ ۾ ڏنا آهن. انهن مان ڪجهه نمونې طور پيش ڪجن ٿا.

قمر هليو ويو ڪَڪرين جڏهن پيس ناميي جي نظَرَ
وارڻ وريو ڪين ڪي رفتار ڏسي رهبَرَ
سَوَ سَوَ پيرا صدقي ڪيان وارئي وِتاقَرَ
مشڪ عطر ڪي مات ڪيو پرينءَ جي تہ پگهر
ڪوئل ڪوڪ ڇڏي ڏني گفتو ٻڌي گوهَرَ
جهڙس جوڙيان ڪينڪي هوت جا همسَرَ
سائين آئي سنسار ۾، ويا مونجهارا مونجهَرَ
ڪائنات ۾ ڪثر، آهي منهنجو عجيب عبدالرحمٰن چئي.

هن بيتن ۾ بہ سگهڙ عبدالرحمان کي ڪافي دسترس آهي ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪتاب ”سنڌي هنر شاعري“ ۾ صفحي 178_393 تي هُنر جا بيت سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر جا ڏنا آهن.“

فقير عبدالرحمٰن مهيسر 07_ مئي 2007ع تي الله سائينءَ کي پيارو ٿي ويو.

o

www.sindhsalamat.com



# فقير هدايت علي رڏ

فقير صاحب جي فن ۽ شخصيت بابت سندس پٽ **حسين بخش رڏ** لکي ٿو تہ:”ڳوٺ سونهاري تعلقي روهڙي ضلعي سکر ۾ سندس جنم هڪ غريب نالي سلطان رڏ جي گهر ۾ اٺاويهين شوال خميس جي رات سنہ 21_12_1922 عيسوي ۾ ٿيو. 22_12_1922ع جمع جي ڏينهن حضرت مخدوم جهانيان جو سجاده نشين سيد غلام مرتضیٰ شاهہ وٽن آيو، جنهن نالو جواڻ رکيس. سنہ 1928ع اسڪول قاڙهياري ۽ پوءِ اسڪول منڙيءَ تعلقي ڪوٽڏجي ۾ بہ جواڻ لکندو هيو. آخرڪار پرائمري اسڪول نور بوزدار ۾ داخلا ورتائين اتي استاد عبدالله بوزدار ۽ استاد عبدالعزيز هيسباڻيءَ سندس نالو هدايت علي رکيو. پنج درجا پاس ڪري اسڪول مان نڪري مال چاريائين. استاد عبدالله وٽ سندس چاچي نظام الدين جي ماتحت حڪمت جو بہ ڪم ڪندو رهيو. نوجوانيءَ جي شروعات ۾ ڪڏهن ڳائڻ وڄائڻ ڪڏهن مولوين تہ ڪڏهن ذاڪرن، حڪيمن، سگهڙن ۽ شاعرن سان ملاقاتون، ڪچهريون ڪندو رهيو. انهيءَ وقت ۾ پارسي ۽ قرآن مجيد بہ پڙهي راس ڪيائين. خاص ڳالهہ تہ ناري جا ماڻهو روزگار سانگي ميرواهہ ڪوٽڏيجي ايندا هيا. فقير صاحب جو پيءُ ۽ پائر نور بوزدار بہ رهندا هيا. سندس پيءُ جڏهن وصال ڪري ويو تہ وري ميرواهہ ڇڏي پنهنجي ديس ناري ريگستان ۾ موٽي آيو. پنهنجي مامي پنهل رڏ وٽ اچي رهيو، جنهن سندس شادي بہ ڪرائي. سن 1960ع ۾ طب سان پيار ڪيائين حڪمت جو ڪم سکيو ۽ ڳوٺاڻن جي اولاد کي قرآن پاڪ پاڙهيندو رهيو. دارالعلوم عاليہ طب جديد عالمگير مشرقي جي سند حاصل ڪري سنہ 1977ع ۾ ڊان ميڊيڪل ڪاليج لاهور مان بايو

www.sindhsalamat.com

ڪيمڪ مان حڪمت جي سند حاصل ڪيائين. هڪ ڳالهه ته جڏهن مير واهه رهندو هيو ته اتي پي ڊبليو ڊي ۾ به نوڪري ڪيائين. انجنيئري کاتي ۾ گيج ريڊر هيو. انهيءَ دوران به حڪمت ۽ سگهڙائپ شاعريءَ ڏانهن لاڙو هيس. شاعريءَ جي اوج ۾ جڏهن آيو ڪچهريءَ جي حوالي سان سنڌ جي محقق دانشور اديب ڊاڪٽر جناب نبي بخش خان بلوچ سان ملاقات ٿيس. سندس اها مهرباني ٿي، جنهن هن مسڪين سگهڙ لاءِ وفاقي حڪومت کان وظيفو مقرر ڪرايو. هن غريب سگهڙ پنهنجي غربت هوندي به علم و ادب جي جيڪا جاکوڙ ڪئي سا سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ قابل تعريف آهي.

**فقير هدايت عليءَ جا استاد:**

1) استاد نظام پناڻ الف بي کان پهرين درجي تائين
2) استاد دوست محمد مهر پهريون درجو ٻيو درجو
3) استاد عبدالله بوزدار ٽيون، چوٿون ۽ پنجون درجو
4) استاد لال بخش بوزدار کان قرآن پاڪ جا ۽ ڪريما پارسيءَ جا ڪجهه سبق
5) استاد فتح علي شر کان ڪريما پارسي مڪمل
6) استاد علي بقا صوفيءَ کان طب حڪمت جا نسخا ۽ دعا فرمايائين.
7) استاد ضمير حسين ڪوٽڏجي وارو، جنهن شاعري ڪلام قصيدا سيکاريس.
8) استاد هوت فقير موچي روهڙيءَ واري ڏور بيت، ڳجهارت سگهڙائپ جو سبق ڏنس.
9) استاد شهمير ميراثي ڪافي ڪلام ڳائڻ سيکاريس. فقير صاحب تمام سهڻي انداز ۾ ڳائيندو به هيو.

**پيري مريديءَ جو سلسلو:**

حضرت مخدوم جهانيان اچ شريف واري درگاهه جو ابن ڏاڏن کان وٺي مريد هيو. جڏهن فقير صاحب ڄائو هيو ته سيد غلام مرتضي شاهه جهانيان پير، پنهنجن لبن جو لعاب پنهنجي آڱر مبارڪ سان هن سنڌ جي ناميا‌ري سگهڙ کي دعا ڪري وات ۾ وڌو ۽ فرمايائين ته ”اي جواڻ ٿيسي.“





اهو اهڙو فيض ثابت ٿيو جو گفتگو ، رهاڻ منڙي ٻاجهاري ٻولي هر ڪنهن لاءِ هر دلعزيز هئي.حضرت فتح الدين فياض نقوي عطا حسين سيد سندس مرشد هيو جنهن ذڪر ڏنو فقير صاحب جو جهانيان پير هادي هيو. انهيءَ مرشد جي راز سان صوفي عبدالستار جهوڪ شريف واري سان سندس ملڻ ٿيو.

صوفي سائينءَ جي به روحاني هدايت ٿيس. الله پاڪ جي ذڪر حاصل ڪرڻ لاءِ صوفين درويشن سان به ٻانهپ جي واٽ هئي. صوفي صدر الدين ۽ صوفي ولي محمد سجاده نشين تجل شريف واري سان سندس رهاڻ هميشه لاڳاپيل هوندي هئي.

**وڏن سگهڙن سان فقير جون ڪچهريون:**

قادر بخش راڄپر ، حاجي فقير مهيسر، علي شير جاگيراڻي ، شاهنواز ڪٽوهر، ٻيڙو فقير ڪنيار، بخشو شر، بولو شر، يامين حجام، لالڻ لغاري، ونهيو پنهور، دوستن فقير ڪاسائي، بهادر مگٽهار،محمد بخش ٽالپر ، مراد فقير لاشاري، ميوو قلپوٽو، ميوو ڪورڪاڻي، الهڏنو ڪورڪاڻي بودن پنهور، لڇمڻ پنهور ۽ ڪيترائي سگهڙ ڏنائين. سگهڙ نور محمد شنباڻي ۽ ميوو ڪورڪاڻي سندس پيارا دوست سگهڙ هئا.

ان کان سواءِ محمد سومر ڳاهو، محمد سومر چنو، گدا حسين سهتو، غلام محمد ٻرڙو، غلام محمد منگي، عبدالرحمان مهيسر، جان محمد ڪٽوهر، مٺل ٻرڙو، غلام حيدر پنهور، فيض محمد جسڪاڻي ۽ ٻيا ڪيترائي سگهڙ سندس دوست هئا. ڪريم بخش وسطڙو، گل محمد ڪنيار حيدرآباد وارو، غلام حيدر نظاماڻي اهي سندس دلبند دوست هئا. مطلب ته ڪيترا نالا لکجن سنڌ جي سگهڙن سان هن فقير جي ايڏي ته محبت هئي جو هر هڪ کي استاد جي لقب سان سڏيندو هو.

**فقير صاحب جا شاگرد:**

هيءَ حقيقت آهي ته سڄيءَ سنڌ ۾ پر خاص ناري ريگستان جا ماڙهو هاري، ڪڙمي، مزدور، استاد، شاگرد، مولوي، سگهڙ مطلب ته گهڻي

پاڳي ڪيس عام ماڻهو استاد سڏيندا هئا پيو تہ ٺهيو پر ڪيس هندو ماڻهو ۽ ڌاريا ماڻهو بہ ڪيس استاد چوندا هئا.

فقير صاحب جيڪي شاگرد پڙهايا ان دور ۾ جڏهن عام اسڪول ڪونہ هوندا هيا، گهوٽاٽيءَ طرح تعليم ڏيندو هيو ۽ قرآن پاڪ پڙهائيندو هيو. جن تعليم وٺس پرائي انهن ۾ جڳڻ پنهور، تمن پنهور، رب رکيو، مرحوم خميسو انصاري، محمد مراد رڌ، محڪم الدين آرادين، قادر بخش ڪورڪاٽي، بهرام خان، ڏتل پنهور ۽ ان ڪان علاوه ڪيترين ئي نياڻين ڪي بہ قرآن پاڪ پڙهايائين.

## سگهڙائپ ۾ سندس شاگرد:

غلام حيدر پنهور، فيض محمد جسڪاڻي، حشمت علي شنباڻي، علي جان شنباڻي، شرف الدين شنباڻي، محمد اعظم، ولي داد، محرم پنهور، در محمد سوپارو، علي مراد شنباڻي، مير محمد چنو، حسين بخش رڌ، سڄڻ ملاح، ڪانديرو ڏاريجو، محمد عثمان ڪيريو، منڻ آرادين، شاهنواز حيدربخش ڳاهو ۽ ڪافي سگهڙ سندس شاگرد هئا ۽ عام طور سڄيءَ سنڌ جا سگهڙ ڪيس ادب مان استاد سڏيندا هئا.

## فقير هدايت عليءَ جو اولاد:

فقير صاحب کي (3) ٽي پٽ: سگهڙ حسين بخش، منور الدين ۽ نزاڪت علي ۽ 9 نياڻيون آهن.

## فقير هدايت عليءَ جون ڪجهہ دلچسپ ڳالهيون:

فقير صاحب زماني جي ڪم ڪار لاءِ پهريان الله پاڪ جو ذڪر ڪري تسبيح تي هڪ ڦار وجهندو هيو پوءِ مناسب وقت ڏسي ڪاڏي اسهندو هو. هڪڙي ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ غريبت جو وقت هيو ان ڏاڍو گهٽ هوندو هيو، سو انهيءَ ۾ ڳڻتي ٿيس. تسبيح تي ذڪر ڪري پنهنجي وڏي پٽ کي چيائين تہ ”ابا حسين بخش اڄ آپ چونڊڪي هلسون.“ گهر ڪان ٻاهر نڪري پٽ کي چيائين تہ ”ڳالهہ عام نہ ڪرين چونڊڪي پنڌ هلسون ڏگ تي ابا





پئسي مِلسن.“ سو پنڌ ڪندا وياسين. چونڊڪي جي اوريان امير بخش نالي پنهور اٺ تي مليو، جنهن 100 رپيا فقير کي ڏنا چيائينس تہ فقير تيل جي ضرورت اٿم پوءِ اتان وري واپس اچي اَن ورتائين.

ٻي ڳالهہ تہ عثمان نالي چاڪراڻي آهي جنهن چيس تہ ”فقير ٽڪر وچ ڳاهہ ڪونهي مال مردا پئي دعا ڪرو تہ مينهن وسي ڳاهہ ٿيون اٿ ڏاچيان ڏٻليان تي ڳيئن“ فقير تسبيح ذڪر پڙهندي چيائين تہ هي بيت وچي دعا طرح پڙهہ:

آ صاحب پير سچڙا، مينهن وسا ڳاهہ ڄمي ڪچڙا
اٺ ڏاچيان وچ پئي ڏچڙا، عرض پيا ڪريندئي عثمان سليمان دا بچڙا

پوءِ اهي لفظ بيت جا عثمان چاڪراڻي صبح شام پڙهيا اچي مينهن وٺا ڳاهہ ٿيا سڪر سڻايون ٿيون.

فقير صاحب آخري وقت ڪان ڪجهہ اڳ ڪراچي تي وي تي پنهنجي پٽ سان ڳڏجي پروگرام تي ويو. ڪراچيءَ مان حيدرآباد اچڻ لاءِ بس ۾ چڙهيا فقير کي پوڙهو ماڻهو ڏسي، هڪ شاهينگ ڪيسي مان پئسن ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اوچتو ڪلينر جي نظر پئجي ويس سو اچي چور کي ڌڪ هنيائين.

چور ڏانهون ڪرڻ لڳو فقير ڪلينر کي عرض ڪيو تہ ابا ماريوس نہ پئسا مون وٽ پنهنجا آهن. مون ڪيس پهريائين سڃاتو هيو هي تہ بلائري وئي پر اجان هڪ اسان تي مصيبت آهي ان لاءِ بہ پاڻ نگهبان ٿيندو.

اها ڳالهہ انتظار ۾ رهي ڳوٺ پهتو. هڪ خواب ڏٺائين ان جي پاڻ پنهنجي پٽ سان ڳالهہ ڪيائين تہ ابا حسين بخش خواب ڏٺو اٿم تہ پنهنجي گهر مان هڪ لاش نڪتو آهي متس ڳاڙها ڪپڙا پيل آهن ابا تسبيح پڙهيم سجدو ڪيم رب پاڪ کي ٻاڏايم.

ڦار وڌم چاليهہ ڏينهن جي انتظار ڪان پوءِ تعبير ٿيندو. ڳالهہ ڪندي رنو سو چاليهہ ڏينهن پورا ٿيا. 3ـ سيپٽمبر 1992ع بروز اربع جي شام خميس جي رات سندس پوٽو، حسين بخش جو هڪ دلبند نوجوان پٽ رجب علي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. اهو ئي سبب هيو تہ فقير صاحب کي

انهيءَ خواب جو تعبير ۽ دلي صدمو آيو ۽ سندس مرض ۾ واڌارو آيو.

آخرڪار مرڻ ڪان هڪ ڏينهن اڳ پنهنجن پٽن اهل عيال،عزيزن کي ڪولي ٻڌايائين ته فنا جو جهان آهي اسان جو سفر پورو ٿي چڪو آهي. هاڻي موڪلاڻيون آهن. پنهنجي پٽ حسين بخش کي وصيت ڪيائين جيڪا شعر ۾ هئي ان ۾ سڀڻن ڏانهن سلام به هيا. 11_12_1992ع ڇنڇر جي رات پٽن کي چيائين ته اڄ رات ويهي گڏ گذاريو. سڄي رات مرض جي تڪليف جي باوجود نماز ذڪر قرآن پاڪ جي زيارت ڪڇھري رهاڻ ڪندو رهيو. علاج ڪرائڻ لاءِ سندس پٽ حسين بخش جي راءِ تي هائو ڪيائين. آخرڪار راڻيپور ڊاڪٽر غلام اڪبر سوڊڙي وٽ علاج لاءِ آيو. ڊاڪٽر پڻ سندس پيارو دوست هيو. چيائين ته علاج لاءِ ڪو نه آيو آهيان موڪلائڻ ڪڇھري ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. آخري وقت سندس پائٽيو نالي محمد حسن رڏ جنهن فقير لاءِ رت جو عطيو به ڏنو ان جو رت استعمال نه ڪرڻ ڏنائين. علاج سان گڏ تسبيح، ذڪر ڪلمو پڙهندي ۽ پٽ کي هدايتون ڪندو رهيو. آخري وقت سندس هڪ دل پيارو دوست قادن محمداڻي به گڏ هيو، ان سان آخري دوستي ملهايائين. آخري دم پنهنجي پٽ حسين بخش جي جهوليءَ ۾ ڏنائين.

وصال جي مهل هئي 45_11 منٽ آچر جي رات 12_12_1992ع هن فنا جي جهان کي ڇڏي هميشه لاءِ پنهنجي اولاد، عزيزن، دوستن کي حجر و جدائيءَ جا ڏينهڙا ڏئي پاڻ دارالبقا ڏانهن روانو ٿي ويو.

(ڪتاب: "**سگهڙ ڪڇھريءَ**" تان ورتل)

فقير صاحب جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

**نبي پاڪ جو صلوات واريءَ مڇيءَ وارو معجزو**

ٿلهه: ٻڌايان پيو ڪهڙو شاهي شان جوڙي،
خدا جو ملائڪ خدمت ۾ ٻوڙي

1_ ڪن ڏئي قرب سان ٻڌو حال هاڻي،
وجهي جار آندي مڇلي مهاڻي
گذر لئي گراڪ ڏنس ڏوڪڙ جوڙي





2_ مانجن پيا مانجهيلا مصالحا ٻڌيا،
ڪيائون هنر حيلا چلر ڪين ڇڏيا
هنيائون ڪپ ڪاتيون ڇڏيائين منهن موڙي

3_ هلي وڃي هوت سان ڪيائين ڪهاڻي،
مڇي مالڪن وٽ حاضر ٿي هاڻي
پڇيو سبب صاحب ويچاري ڪان ووڙي

4_ مڇي مثل ماڻهو ادب سان الايو،
سائين واديءَ جي وچ سان پيڙو پئي آيو
لڳو واءُ ڏاڍو ويرون ويس وڪوڙي

5_ ٻڌو مون پيڙيءَ مان عجب هڪ حال هي،
الهم صلي علي محمد وآله
پوءِ لحظي ۾ لاٿائين ڪناري کي ڪوڙي

6_ پوءِ ويهي ويم وجود ۾ ذڪر اهو ذاتي،
دم سان درود آ جيترو دم حياتي
تڏهن ڪات ڦهري نٿو مون نهوڙي

7_ تڏهن مير مدنيءَ چيو ان جوان کي پاڻيءَ ۾ پجاڻي
آ پڪو ڪر ايمان ڪي
ڪرڙو ڪٽي ڪنڌ تي آيو لهرن ۾ لوڙهي

8_ هدايت علي هاڻي اميد آ الله ۾،
صلاتي نه سڙندا دوزخ جي باهه ۾
مڇائين ملائڪ تڪا تاب توڙي

www.sindhsalamat.com

## مناجات سرائڪي

سائين مين بي سملا آ نہ سگهسان تون آ سگهدين
تيڏي ميڪون ضرورت آوين دير نہ لاوين
سر ساھ بي عملا بچا ناسگهسان تون بچا سگهدين
وچ ديس بيگاني بچاوين دير نہ لاوين

(1)

مين هو سان هڪ ڏينهن لادم. ميڪون وڃڻا ضرور ٿنڌي آدم
مين ڪنون پڇسن تيڏي خادم. جملي دا جواب جملا
الانہ سگهسان تون الا سگهدين اپنيان نال الاوين، دير نہ لاوين.

(2)

آنديان ياد سفر ديان باتين، پڇي وسر وينديان ڪل مصلاتين
اوکيان پيانڪ ڪٽن ديان راتين، ساعت سال برابر ڪلها
نپا نہ سگهسان تون نپا سگهدين، ول ڪي آڻ نپاوين، دير نہ لاوين

(3)

هدايت علي اي عرض پڪارا، نام خدا من محبوب پيارا
ديس بندي دا نارا سونهارا، مين برڪت بدلا وسار نہ سگهسان
تون وسا سگهنديں مِهر محبت وساوين، دير نہ لاوين.

o





# سگهڙ فقير ديدار علي سيال

فقير ديدار علي سيال چوٽيءَ جي سگهڙن ۾ ڳڻيو ويندو هو. هُن جي سگهڙائپ جا سڄيءَ سنڌ ۾ چوبول هئا. ريڊيي، ٽي ويءَ، اسٽيج ۽ اخبارن وسيلي هو فن جو مظاهرو ڪندو رهندو هو. سندس ڪجھ ڪتاب بہ شايع ٿي چڪا آهن، جن مان هڪ ڪتاب ”ديس وسي ديدار اسان جو“ جو تعارف هن ڪتاب ۾ پڻ ڏنو ويو آهي. جڏهن مان هيءُ ڪتاب لکي رهيو هُيس تہ فقير ديدار سيال جي ڪتابن ۽ سندس زندگيءَ جي احوال جي ڳولها پڻ ڪيم. نيٺ سندس ڪتاب حاجي علي نواز وگڻ صاحب وٽان مليو، جنهن ۾ اڳي آڪاش ۽ هاڻي عاجز رحمت الله لاشاريءَ فقير صاحب جو تعارف ڏنو آهي پر اُن ڪتاب ۾ ئي فقير صاحب پنهنجي باري ۾ بہ لکيو آهي، جيڪو هتي جيئن جو تيئن پيش ڪجي ٿو.

”جيئن تہ هر ڪو ماڻهو هن ميدان ۾ اڳتي نڪرڻ لاءِ ڊوڙ پريندو آهي اهڙيءَ طرح آءٌ بہ هن ادب جي ميدان ۾ سندرو ساهي لهي پيس. پر هن عشق جي ميدان ۾ اچڻ جو ڪو نہ ڪو بهانو ضرور ٿيندو آهي تنهن ۾ لڪ لڪاءَ ڪهڙو ڪجي هيءُ اشارو ڪافي آهي، ”مون ڪي عشق مجاز راه ڏيکاري حق جي“ جڏهن مجاز موهيو تہ اندر ۾ ”مچ مچي ويو اها باھ ٻاهر ڪيئن نڪري پوءِ ريڊيي سان دل وندرائڻ شروع ڪيم. ڪڏهن روئندي ۽ ڪڏهن کلندي پئي راتيون ۽ ڏينهن گذريا ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پنجين وڳي سائين صالح محمد شاھ جو (فتح خان) جي آواز ۾ (جمهور جو آواز) پروگرام نشر ٿيندو هيو، ساڳي ئي پروگرام ۾ هن سڀاجهڙيءَ سنڌ جا سريلا سگهڙ بہ ٻڌڻ ۾ ايندا هيا. سگهڙن جون سهڻيون ستون ۽ صالح محمد شاھ جو من موهيندڙ آواز مون ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي ويو.

ڪجھ ڏينهن گذرڻ تائين اچي سگهڙن جي مٺي ٻولي ۽ عشق جي الستي آواز ننڊ ڦٽائي. ڪجھ ڏينهن جي گذرڻ کان پوءِ مون وٽ هڪ مهمان آيو، ساڻس تعارف ڪرڻ کان پوءِ خبر پئي ته هيءُ سنڌ جو سريلو سگهڙ امام بخش هتار آهي. اسان جي عام چوڻيءَ ۾ هي پهاڪو هلندڙ آهي ته: ”ڪارو ٻڌ ڪمري سان ته رنگ نه مٽي پر عادت ضرور مٽي“ ۽ منهنجي سگهڙپائيءَ جي صنف ڳجهارت ڳولڻ جي قابليت به مون هن ئي سڀاجهڙي سگهڙ استاد امام بخش هتار وٽان حاصل ڪئي. انهيءَ کان بعد ۾ مون کي سنڌ جي سداحيات مهان سگهڙ ۽ سگهڙن جي باني استاد فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جن جو شفقت ڀريو هٿ نصيب ٿيو، جنهن عظيم شخصيت باقي رهيل صنفن جي مڪمل رهنمائي ڪئي. استاد محمد ملوڪ عباسي راتين جون راتيون پاڻ کي اوجاڳا ڏيئي ننڊون ڦٽائي اسان کي جڳ ۾ جرڪايو.

استاد عباسيءَ مون مسڪين کي ريڊيو ۽ ٽيليويزن جا بيشمار پروگرام ڪرايا. مون پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي ڏٺو ته مان ڇا آهيان ۽ استاد سائينءَ جي مهربانين، ڏانءَ ۽ ڏاهپ کي ڏسي مون کي منهنجون سٽون سامهون ٿيون اچن.

> مون ڪان محب خفا، ڏسي نه ٿيا ڏوهه
> وڙ وڙائتن وڏا، ڪين ڇنديائون ڇوهه
> سڄڻ سارو سچ آ، مون ۾ ڊاڙون ڊوهه
> جڏ پارس لڳو لوهه، تڏ سونو ٿي پيس ”سيال ڇئي“

استاد عباسيءَ جي ڏنل هدايت مطابق مون پنهنجون تخليقون تيار ڪري سٺي نموني سان سهيڙيندو ۽ سنڀاليندو آيس جيڪا ڏنل هدايت اڄ به مون لاءِ مشعل راهه آهي ۽ ان ئي هدايت کي نظر ۾ رکي مون هيءُ پنهنجو ڪتاب ڇپرائڻ جو ارادو ڪري هڙ ٻڌي ڪڇ ۾ ڪنيو ۽ ڄامشوري جي پياري سگهڙ رحيم بخش قريشي ۽ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي لاڏلي شاگرد عاجز رحمت الله لاشاريءَ سان ملي مواد پريس تائين پهچايوسين ڪتاب جي ڇپائيءَ جي رقم ته تمام گهڻي هئي، جيڪا مون پورهيت ۽ مزدور جي





برداشت کان ٻاهر هئي پر پوءِ به اميدن ۽ آسرن جي سهاري دل نه هاريم، ڪمپوزنگ واري کي ڪتاب ڏئي واپس گهر آيس ۽ دل ئي دل ۾ ارادو ڪري نڪري پيس ته پهرين ته ذات جي چڱن مڙسن ۽ سَرنديءَ وارن کي آزمائجي.

عام پهاڪو آهي ته ذات ڪانوَن کي به پياري هوندي آهي پر مون کي منهنجيءَ ذات ۾ سرنديءَ وارن اهو به احساس نه ڏياريو. ان کان علاوه گهڻن ڏينهن کان ٻڌندو پئي آيس ته ڏکئي وقت ۾ دوست کي به آزمائجي ۽ مان به پنهنجي پرين پيارن دوستن سرڪاري عملدارن توڙي غير سرڪاري عملدارن سرنديءَ وارن وٽ ويس جتان محبتي موٽ ته ڇا لالچ وارين نگاهن سان ڏسي بي رخيءَ وارا اشارا محسوس ٿيا ۽ مجبور ٿي پنهنجي گهر خالي هٿين واپس موٽي آيس. سنڌ جو سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه فرمائي ٿو ته:

> سر ۾ پڪي هڪڙو، مٿس ماري لڪ،
> جي رب جي اٿس رَڪَ، ته سر ۾ گهمي سرهو.

اهڙيءَ طرح پوءِ به مون کي الله پاڪ نااميد نه ڪيو ۽ آخر پنهنجي معصوم ٻچڙن جو گهر ڦٽائي رهائش وارا پلاٽ وڪرو ڪري پنهنجي ڪتاب جي ڇپائيءَ جو غريبي حال آهر پورائو ڪيم.

باقي ٽن ڪتابن جو اڻ ڇپيل مواد پڻ موجود آهي حياتيءَ ساٿ ڏنو ته انشاءَ الله اهي به اوهان سڄڻن جي پيش نظر ڪندس باقي هي غريباڻو تحفو ”ديس وسي ديدار اسان جو“ اميد ته اوهان کي سٺي ڄاڻ مهيا ڪندو ان جو قدردانو قدر ضرور ڪجو.“

**آڪاش لاشاري** سگهڙ فقير ديدار عليءَ جو احوال هن ريت ڏنو آهي:

”سگهڙ فقير ديدار علي سيال جنهن جي پيدائش ته سال 1962ع ۾ ٿي پر مهيني جي ڪاٻه پڪ نه ٿي ملي سندس والد جي زباني ته ديدار سخت سرديءَ ۾ پيدا ٿيو هيو پوءِ ان ۾ ڊسمبر يا جنوري مهينو ئي گهڻي پاڳي شامل آهي. اسان جي پياري پيغمبر غربت کي گهڻي پاڳي پسند فرمايو آهي ۽ سندس عاشقن به غريب گهراڻي ۾ گهڻو جنم ورتو آهي. اهڙيءَ طرح ديدار سيال به پنهنجي ڪکائين گهر ۾ پنهنجي دلبر پيءُ محمد حسين

سيال جي صحن تي اک پٽي ۽ ھيءُ فرزند سنڌس والد کي ٽئين نمبر تي الله تعاليٰ عطا فرمايو. ڪانئس اڳ بہ پائر روشن علي ۽ عبدالمجيد سنڌس والد جو صحن سجائي چڪا ھئا ۽ ڪين ھڪ پيڻ بہ مولا پاڪ ڏني ھئي. سنڌس پائرن ۾ ديدار آخري پاءُ ھيو. عام چوڻي آھي تہ دير آيو پر درست آيو. ان لحاظ سان ديدار ٻين پائرن کان تہ ننڍو ھيو پر اھو سگھڙ جي حيثيت ۾ مھان شخصيت بڻجي ويو.

ھن سگھڙ جو ننڍپڻ مال چارڻ ۾ گذريو ۽ جڏھن ڪيس پنھنجي ڳوٺ دائود ديري لڳ شاھ پنجو سلطان تعلقي ميھڙ، ضلعي دادو ۾ پرائمري اسڪول اندر ڪيس تعليم لاءِ ڇڏيو ويو تہ ھن پنھنجي استاد پانڌي خان سيال وٽ صرف بہ درجا ئي مس حاصل ڪيا تہ ھنن جو قبيلائي تڪرار ٿيو ۽ ديدار پنھنجي والد سان ڪراچيءَ ھليو ويو. جھيڙا ھميشہ ٻنيءَ ۽ ونيءَ تان ٿيندا آھن. ھنن جو ٽڪر بہ پھرين تہ ٻنيءَ تان ٿيو پر جڏھن ديدار ساماڻو ۽ ھن جي شاديءَ جي رٿ رٿي وئي تہ ديدار جي طئہ ٿيل سڱ تي سنڌس سؤٽن پنھنجي راءِ ظاھر ڪئي تہ ديدار ان غيرت جي ڳالھہ سبب ميدان ۾ نڪري نروار ٿيو. سنڌس اھو قوھہ جوانيءَ وارو دؤر ھيو.

ونيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻئي ڌريون مورچابند ٿيڻ لڳيون ۽ ديدار جا سئوٽ مخالفت ۾ اچي پاڳيلا بڻيا. ياد رھي تہ ان عرصي ۾ ديدار سيال وٽ 1974ع دؤران سنڌس ھڪ سگھڙ امام بخش ھتار وٽن مھمان ٿيو جنھن کان ھن ڳجھارت ڳولڻ جي سکيا ورتي ۽ ديدار ان کان بعد 1978ع ۾ سنڌ جي عظيم مھان سگھڙ استاد فقير محمد ملوڪ عباسيءَ کان سگھڙپائيءَ جي باقي مڪمل صنفن جي سکيا حاصل ڪئي. جھيڙن جھڳڙن دؤران سگھڙپائي ساڻ ھيس.

جڏھن سنڌس سئوٽ منو سيال ۽ يوسف سيال ڌاڙيل بڻيا تہ انھن جي ڪردار کي ڏسي ھن انھن جي ظلم خلاف جنگ جوٽي سنڌ جي ھر ڌاڙيل خلاف جھاد ڪيو. اھو ئي جوانيءَ جو پھريون پھلو ھيو جو جڏھن گھر ڇڏي ڪراچيءَ لڏپلاڻ ڪيائون تہ صرف ڇڙا ثابت ونڻ نڪتو باقي مال ملڪيت ڌن دولت سڀ ڌاڙيلن تباھہ ۽ برباد ڪري ڇڏي.

ديدار سيال جي پھلواني ۽ جوانمرديءَ جو اڄ بہ سنڌس علائقي ۾





ھل آھي تہ ھن جڏھن مظلومن جي طرفداري ۽ ظالمن خلاف جھاد ڪيو تہ حڪومت سنڌس بھادريءَ تي فوج ۽ پوليس جا 24 اھلڪار ڪين مدد لاءِ ڏنا ۽ 23 ڄڻا پنھنجي ذات وارا ھن سان ھر وقت ھٿيارن پنھوارن سان گڏ ھوندا ھيا. انھن جو خرچ انتظاميا پاران چئن ٽاڻن کي پرڙو پوندو ھيو. جنھن ۾ محبت ديري جتوئي جو ايس ايچ او مظفر مھر ۽ نئين ڳوٺ جو S.H.O قربان، ڪنڊياري جو S.H.O نواب خان بوزدار ۽ بڪري جا S.H.O شامل ھئا.

جڏھن سنڌس والد ھن دنيا مان انتقال ڪيو تہ اڪيلي سر ھئڻ ڪري انتظاميہ کي ھٿيار ۽ جوان واپس ڪري ڪراچي واري گھر ۾ رھڻ لڳو ۽ اتي بہ مسڪين يتيمن ۽ بيواھن جي واھر ڪرڻ عيوض بدلي ۾ ڪيترا مھينا جيل ڪاٽيائين. ھڪ دفعي ڪراچيءَ کان سنڌس ڳوٺ ۾ سگھڙن جي ڪچھريءَ ۾ شامل ٿيو جيڪا سنڌس ڳوٺ جي چڱي مڙس ۽ سگھڙ فدا حسين ميراثيءَ جي اوطاق ۾ ٿي، اتي پراڻا سگھڙ محمد خان ساھڙ، ممتاز سيال، سائين داد ۽ ٻيا سوين ماڻھن جي پبلڪ ۾ موجود ڪچھري ٻڌي رھيا ھئا تہ ڪيس بدنام ڌاڙيلن پاران اغوا ڪرڻ جو واقعو پيش آيو جنھن تي سموري ڳوٺ ۾ ڪھرام مچي ويو ۽ ڪيترن ئي عورتن پلو ڪلام ڪٽي ان جي ڌاڙيلن کان جند ڇڏائي. ديدار جو دردن جو داستان عجيب آھي، جنھن کي لکڻ جي مون ادني انسان کي کھڙي طاقت آھي.

سگھڙ فقير ديدار سيال جنھن پنھنجي شادي سوين ھٿيارن جي پھري ۾ ڪئي ھئي، جنھن مان ڪيس ٻن پٽن منير علي ۽ منٺار علي سميت ھڪ نياڻيءَ جو اولاد ٿيو. سگھڙ فقير ديدار علي جو ھڪ طبعي اصول اھو بہ ھو تہ ھي ساھہ واري ڪابہ شئي نہ کائيندو ھو. جھڙوڪ: گوشت، مڇي وغيرہ شامل آھي فقير ديدار سيال جنھن کي پيءُ کان تہ نہ پر ماءُ جي والد طرفان سگھڙائپ جو ڏاج مليو. سنڌس نانو فقير محمد جو گھنور خان سگھڙائپ رکندو ھيو ۽ ان ورثي جي ادبي ملڪيت مان ھن کي بہ حصو مليو. 1981ع ڌاران ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ۽ 1985ع کان وٺي پاڪستان ٽيليويزن تي ادبي پروگرام شروع ڪيائين.“

ھيٺ سنڌس چونڊ ڪلام ڏجي ٿو:

## چوڏھو سينگار_ چوڏھن نالا ھاٿيءَ جا

ڏسي ھلڻ حبيب جو ھٿ ھندوا پيا ھرڪن
ڪارڏو ٻہ قابو ٿيا ۽ فيل پيا ڦَرڪن
ڪٽ لڪائن ڪيئن ٿل پيا ۽ گونٺا نہ گرڪن
ڪيھر ڪنڌ نوائي بيٺا سَنڪرَ نہ سُرڪن
ڪيٽا پونگ پِنا ٿيا نڪي چينچل پيا چُرڪن
وسَو وارڻ ويسلا ھو تڙن تي ترڪن

ميندل ٻہ محبوب واري ڍار ڏسيو ڍُرڪن
پسي ھُو ٿور لجي ٿيا، مور نہ ادگر پيا اُرڪن
مڪنا مست مطيع ٿيا، ھُو واٿن تان ورڪن
دلبر سامھون ”ديدار“ چئي چَڪي ٿي چرڪن
پوءِ پيا ڀَرڪن، ڏسي ھاٿي ھلڻ حبيب جو

ڏسي ھلڻ حبيب جو ٿيا گنير گرفتار
چينچل چرڻ ڇڏي ڏنو ھرڻ ڪاڏي ھار
عين سڄڻ جا نيڻ نماڻا ڪنيون ڪن ڪجڪار
سُونھن سدا ”سيال“ چئي منھنجي سڄڻ کي سينگار
تنھن دلبر جو ”ديدار“، مون کي پرور ڀَسائج پاڻ تون

اي چندڙ چوڏھينءَ رات جا تنھنجو ڇاھي تاب
سڄڻ منھنجو ”سيال“ چئي جي لاھي لال نقاب
پوءِ نہ ٿي بات بڇڻ جي، ٿئي سارو مُلڪ ڪباب
حُسن منھنجي حبيب جو ناھي حد حساب
مور مرجان موتيا نہ ڀِڇن گل گلاب
رڳون تن رباب، جن ڏٺو منھن محبوب جو





## ڪافي

ٿلھ: رومال تي ڇاپي طوطو تنھن کي تاڙي ھٽي تو اُڏايو
واھيري اچي ڪيئن وري وري

(1)

پڪي ٻڌل ھوندو پيار سان آھي، تو تہ ڪيو ھي ڪلور آ
زور اڳيان چئي زاري، اُڏاڻو ڏاڍو ويو ھو ڏور آ
مس ماڳ تي پھتو ھوندو ھو ھاڻي منوئڙو مري مري

(2)

بي قدرو ٿيو انھيءَ باغ جو مالڪ، ٻيا ٻہ پکيئڙا چون پيا
بي رحم اُڏايو اجايو انھيءَ کي، ظالم سيئي سڏن پيا
اھو ظلم جو باني آھي سڀ ٻول ۾ چون پيا ٻري ٻري

(3)

آيو اُجارو الاءِ ڪٿان، آساس وڻن جي خاطر
ڏس تہ پوي پيو ڏور ڪان، آيو پياس مٺڻ جي خاطر
”ديدار“ ھو درد ڏيکاري جي دل ۾ ھُجيس ھا دري دري

## ڪافي

ٿلھ: وقت پنھنجو سيٽرائي ڪال ڪرائي ٻڪ مون
ڪال ڪرائي ٻڪ مون ڪلھ توڏي ڪيم ٽيليفون
گھنٽي وڄندي رھي پئي، ڏس فون ڪئين تو ڇونہ

(1)

شروعات ڪيم جڏ يارھن ٿيا ھا
وري پورا اچي منٺون ٻارھن ٿيا ھا

ٿي پورو يار ڪلاڪ ويو، وڏي ويتر تيئن فراق ويو،
وڏي ويتر تيئن فراق ويو اها اندر ۾ آهي اوڻ

(2)

شايد توڪان وسري وياسين
تنهنجي دل تان اُسري وياسين
توسان منهنجي پرت پراڻي يا تہ پلا تو ڄاڻي واڻي
يا تہ پلا تو ڄاڻي واڻي، ورندي ڏني هي ڪوڻ

(3)

”سيال“ سدائين، تنهنجو خادم
ديدار دُعاڳو تنهنجو دم دم
ايڏو خفا ٿئين محب تون مونکان
کهڙو گهران پيو يار مان توکان زر زيور يا سون

o





# استاد فقير محمد امين سنياسي

استاد فقير محمد امين سنياسيءَ جي احوال بابت **عاجز رحمت الله لاشاريءَ** جو مضمون جيئن جو تيئن ڏجي ٿو. ”هن پاڳن واريءَ پونءِ سونهاري سنڌ ڌرتيءَ تي ڪيترن ئي صوفين، بزرگن، ولين، درويشن، فقيهن، محققن، دانشورن ۽ اديبن سميت ڪيترين ئي عظيم هستين جنم ورتو. انهن بي مثال ماڻهن منجهان سنڌ جو سدا حيات سيلاني سگهڙ استاد فقير محمد امين سنياسي پڻ هڪ هئو. هن مهان سگهڙ جي پيدائش سنڌ جي عظيم مولوي شاعر حاجي غلام نبي مهيسر جي پيدائش سان گڏ سال 1938ع ۾ ٿي. سندس پيدائش جو هنڌ اڳوڻي ضلع لاڙڪاڻي ۽ موجوده قمبر شهداد ڪوٽ جي تعلقي وارهہ جي پرسان ڳوٺ گل سانگهرو آهي. سندس تعلق ديندار گهراڻي سان هئو ۽ والد فقير جمعو خان هڪ نيڪ نمازي ۽ پنهنجي راڄ پاڳ جو چڱو مڙس پڻ هئو. استاد محمد امين جو والد فقير جمعو خان ۽ ڏاڏو مرزا بيگ بہ پنهنجي وقت جا مشهور سگهڙ شاعر ٿي گذريا آهن ۽ سندن روحاني راڳ يڪتاري تي ڳائڻ پڻ انهن جي وندر ۽ وروند جو حصو هو. فقير طور سندن صوفي ازم سان گهڻو لڳاءُ هيو. فقير محمد امين سنياسيءَ جي والده قرآن شريف جي حافظياڻي هئي ۽ ان کي الله تعالىٰ اڪبري حج جي سعادت نصيب فرمائي جيڪو هُن ڪشالا ڪاٽي پيادل پنڌ ڪري ادا ڪيو هو.

ياد رهي تہ هن گهراڻي جو فقيري ۽ درويشي صفت سان گهرو تعلق هيو. فقير محمد امين سنياسي ڪيترن ئي خوبين جو مالڪ هيو. هو ڏهن سالن جي عمر ۾ استاد حافظ الهڏني ڊومڪي ۽ حافظ محمد ملوڪ پٽي جي علمي لياقتن هيٺ قرآن شريف جو حافظ بڻيو ۽ سندس ڳوٺ گل

سانگهرو جي جامع مسجد جو ڪيترو ئي عرصو پيش امام پڻ رهيو. هن سان گڏ فقير سائينءَ کي چوپائي مال، جنهن ۾ ڍانڊن، ٻڪرين جو شوق هيو. سدائين سٺا ڍانڊ ۽ ڪاموريون ٻڪريون پاليائين. پاڻ ست درجا (فائنل) پاس ڪيائين.

مٿي بيان ڪري آيا آهيون ته فقير سائينءَ جو والد ۽ ڏاڏو سائين وقت جا سريلا سگهڙ ٿي گذريا آهن، جنهن سبب ان زماني کان ئي سندن اوطاقن ۾ سگهڙ ڪچهرين جا ميڙ متل هوندا هئا ۽ انهن ڪچهرين کان ئي متاثر ٿي ڪري فقير محمد امين سنياسيءَ پڻ سگهڙ پائيءَ ۾ پير رکيو. جڏهن ته لوڪ ادب جي نج صنفن جي باقاعدي سکيا وٺڻ لاءِ استاد محمد عرس جوڻيجي ۽ غلام سرور پٽيءَ کان معلومات ورتي. هن سگهڙائپ جي فن طور ڪيترن ئي سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادبي پروگرامن ۾ حصو ورتو. پاڻ طب جي علم جو جراح، سنياسي ۽ مشهور حڪيم به هيو. علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ مان طب جي علم جي ڊگري حاصل ڪيائين.

فقير سائين لطيف سرڪار جي سر ۾ سمايل ڪاهوڙين جيان جوڳين وارا ڳيڙو ويس وڳا پائي جهر جهنگ ۽ جبل پهاڙ / برٿر جهاڳي حقيقي عشق جي منزل کي ماڻڻ لاءِ پيادل پنڌ ڪري نه رڳو هن سنڌ ۽ پاڪستان اندر پر ايران، تهران ۽ بغداد شريف جو سفر پڻ ڪيو. جنهن سفر دوران صوفي ازم جي پوئلڳ ساٿين مان جيئرام جوڳي، مصري جوڳي، ڪبڙ جوڳي ۽ گرو نانڪ جوڳي پڻ ساڻس گڏ هئا. واپسيءَ ۾ فقير سائين ڪوئيٽا ۾ به ڪجهه وقت رهيو.

ان سفر کان واپس اچي ضلع دادو جي راڌڻ اسٽيشن پرسان ڳوٺ ٻڍل لاڪير ۾ پنهنجي جگري دوست حاجي محمد عرس سولنگيءَ وٽ ڪافي عرصو رهيو، جتي روحاني رمزن جا ورد وظيفا، چلا ۽ ڏها ڪڍيائين. دنيا جي تعلق کان وقتي منهن موڙي سلوڪ جا سبق ويهي پڪا ڪيائين. ان عرصي ۾ سنڌ جي مشهور بزرگ حضرت سعيد موسوي عرف درگاهه سعيدي موساٽيءَ تي به ولايت جا ورق پڙهڻ ويندو هيو. اهي سيئي منزلون ۽ سفر طئه ڪرڻ کانپوءِ ٻچن جو پيٽ گذرڻ ڪرڻ لاءِ معاشي مرحلن کي منهن ڏيڻ خاطر سال 1987ع ڌاري لاڙ جي پاسي جهرڪ شهر جي پر ۾ ڳوٺ حاجي





ساڪاڻيءَ ۾ يوناني علاج لاءِ دواخانو کوليائين ۽ مختلف مرضن جو علاج ڪرڻ جي شروعات ڪيائين. اتي رهڻ دوران فقير سائينءَ جيڪو محبت جو ٻج ڇٽيو، ان جو اثر اجا تائين دائم قائم آهي. ٿوري وقت کانپوءِ فقير سائينءَ پنهنجو دواخانو جيڪا يوناني اسپتال هئي اتان تبديل ڪري هاڻوڪي ضلع مٽياريءَ کان اتر طرف هالا کان مٿي پراڻيءَ سعيد آباد ۾ آيو. جتي سنگت جي اسرار تي نيو سعيد آباد شهر ۾ آستانو اڏيائين جتي منهنجي ساڻن سال 2004ع ۾ ملاقات ٿي ۽ مون پهرين ڪچهري ڪئي. پاڻ ڪچهريءَ جو ڪوڏيو، محبوب سگهڙ، سدائين مهڪندڙ، هر دلعزيز، حسن اخلاق جي دولت سان مالا مال، وڏڙن سان پيار ۽ ننڍن تي شفقت ڪرڻ وارو، لوڪ ادب جو رکوالو، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو عڪاس، لفظن جو پيندار ۽ شاناڻتو انسان هئو. سندس سگهڙائپ جو فن پيش ڪرڻ جو نرالو انداز هو.

فقير سائينءَ جي آخري عمر مهمان نوازي ۽ قرب پرين ڪچهرين ۾ گذري. پاڻ پنهنجي حڪمت ۽ سهگڙائپ جو فن پنهنجي فرزند ممتاز علي کي پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ ئي سيکاريائين. هن راقم الحروف (عاجز لاشاري) پنهنجي پياري دوست حاجي رحيم بخش قريشي ۽ غلام حسين باجاري جڏهن سلات جو پهريون پيرو بنياد رکيو هئو، تڏهن حاجي رحيم بخش قريشي ۽ غلام حسين باجاري ساڻس ڳوٺ هلي ويا هئا ته سنڌ جي سگهڙن جي صدارت جو عهدو ڪيس ڏين پر پاڻ طبيعت جي ناچاڪيءَ جي ڪري معذرت ڪيائين، جنهن بعد هڪ عجيب اتفاق ٿيو جنهن سبب سگهڙ محمد مٺل جهتيال صدر طور منتخب ڪيو ويو ۽ ٻن سالن کان پوءِ جڏهن اڪثر سگهڙن محمد مٺل جهتيال خلاف بي اعتماديءَ جي رٽ پيش ڪئي ته فقير محمد امين سنياسيءَ جو فرزند ممتاز سندس ئي موجودگيءَ ۾ 23 مارچ سال 2006ع ۾ سلات جو مرڪزي صدر چونڊيو ويو، جيڪا خوشي سندس زندگيءَ جي آخري خوشي هئي. فقير سائين ساڳي ئي سال 13 ذوالحج 1426هه چنڇر ڏهاڙي ڏينهن جو يارهين وڳي دل جي دوري پوڻ سبب هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. انالله وانااليه راجعون.

هن وقت سندس فن ۽ فڪر کي وڏو فرزند ممتاز امين سنياسي سنڀالي رهيو آهي. سگهڙ سماچار سان ويچار ونڊيندي ممتاز امين چيو ته

منهنجي بابا سائينءَ نہ رڳو هڪ والد واري پرورش ڪئي پر هو منهنجي پيءُ سان گڏ بهترين دوست بہ هيو. هن چيو تہ بابا مون لاءِ پارس هيو، جنهن مون کي سون ڪان وڏيڪ اڻ ملهہ لوڪ ادب جو خزانو ڏنو، دنيا ۾ اٿڻ ويهڻ سيکاريو، لاهور مان طب جي علم جي ڊگري ڏياري. هن ٻڌايو تہ اڄ مان جو ڪجهہ بہ آهيان ان جي دعائن جي ڪري آهيان. سندس فرزند ممتاز امين ٻڌايو تہ مون کي بابي سائينءَ آخري ڪڇهريءَ دوران وصيت ڪئي تہ پٽ جيسين پاڻ ۾ سگهہ سمجهين تيسين لوڪ ادب ۽ ٻوليءَ سميت سنڌ ڌرتيءَ جو فرض قرض سمجهي نڀائجانءِ. ڪڏهن بہ ٻوليءَ ۽ ادب جي خدمت کان نہ ڪيٻائجانءِ، تنهنجا ساٿي تمام ڀلا ۽ محنت ڪش آهن. **الله** ڪندو اوهان کي منزل آسانيءَ سان ملندي. مگر هڪ ڳالهہ ياد رکجانءِ تہ توهان جي اڳيان ڪجهہ ماڻهو رڪاوٽون وجهندا پر انهن جي خلاف ڪڏهن بہ ڪو لفظ نہ ڳالهائجو، هو پنهنجي ساڙ ۾ پاڻ ئي سڙي ختم ٿي ويندا. توهان سچائي ۽ مخلصيءَ جو دامن ڪڏهن بہ نہ ڇڏجو. **الله** اوهان سان گڏ آهي. سندس فرزند ممتاز عليءَ ٻڌايو تہ بابي سائينءَ جي شاعريءَ جو ذخيرو 5 هزار بيتن کان بہ وڌيڪ اڻ ڇپيل مواد جي صورت ۾ موجود آهي.

("**سگهڙ سماچار**" تان ورتل)

جن ڪي عشق **الله** ۽ عجب جو آهي
سي سج لٿي کان صبح تائين، لنئون ويهن لائي
ننڊ ڦٽائي نيڻن جي، ويٺا مونا ملائي
تصور رکيئون تن ۾، هنئين سان هنڊائي
صورت صاف سڄڻ، تن کي پرور پسائي
انهن کي عشق عليل ڪيو، صفا نانگو نچائي
ويٺا لنئون پرينءَ سان لائي، اهڙي انگ "امين" چئي

o





# گل بيگ خان رند

گل بيگ خان رند بابت **ڊاڪٽر عابد مظهر** جو ليک ڏجي ٿو:

گل بيگ خان نوتاڻي سيوهڻ تعلقي جي مشهور ڳوٺ "باجارا" جي پرسان هڪ ننڍي ڳوٺ چينگاڻيءَ ۾ اڄ (2013ع) کان 74 سال کن اڳ ڄائو، اتي ئي نپنو، جوان ٿيو.

باجارا ڳوٺ سيوهڻ تعلقي جي اولهہ طرف آهي. اڪثر ماڻهو هن ڳوٺ ۽ هڪ ٻئي ڳوٺ جو نالو ملائي هڪ ئي ڳوٺ "باجارا جهانگارا" ڪري چوندا آهن، جو نالو بنهہ غلط آهي. هي ٻئي ڳوٺ الڳ الڳ آهن. سيوهڻ کان اولهہ طرف ڏهن ميلن جي مفاصلي تي "باجارا" ڳوٺ آهي ۽ باجارا کان ٻن ميلن تي اولهہ طرف وري "جهانگارا" ڳوٺ آهي.

ڳوٺ باجارا کان ہہ ميل پري ڏکڻ طرف آهي. سئو کن ماڻهن تي ٻڌل هيءُ ڳوٺ ٻروچ قبيلي جو آهي. هن ڳوٺ ۾ "نوتاڻي" رند بلوچن جي برادري سان واسطو رکندڙ ماڻهن کان سواءِ ٻيو هت ڪوبہ ڪونہ رهي ٿو. ٻارن جي تعليم لاءِ هت ڪوبہ اسڪول ڪونهي.

هن ڳوٺ جي ماڻهن جي گذر سفر جو ذريعو هارپو ۽ مزدوري آهي، هتان جون زمينون باراني آهن، ان ڪري مينهن نہ پوڻ ڪري هنن جو گهڻو گذر سفر ڪاتيون ڪري جهانگارا، باجارا ڳوٺن ۾ وڃي وڪرو ڪرڻ تي آهي. هن ڳوٺ جي معاشي حالت "اٽيون چاڙهيون ڏٽ ڏيهاڙي سومرا" واري آهي.

**لوڪ شاعريءَ جو شوق:**

لوڪ شاعريءَ جو شوق کيس پندرهن سالن جي عمر ۾ ٿيو، پنهنجي والد سان گڏ هو ڳوٺ يا ٻاهر جي ڪڇهرين ۾ پيو ويندو هو. اهڙين

لوڪ ڪچهرين جي ٻڌڻ مان هن اتساهه پرايو ۽ ائين هيءُ مختلف شاعرن جا ٻڌل بيت، ڏور، ڳجهارتون، هنر وغيره ياد ڪرڻ لڳو. ائين هن ڪي ٻن هزارن ڪان مٿي لوڪ ادب جون مختلف صنفون ياد ٿي ويون.

پاڻ ڏور بيتن، ڳجهارتن ۽ هنر جي صنف تي شاعري ڪئي اٿس. سندس ذاتي ٿهيل ڏورن جا ڪجهه شعر هيٺ ڏجن ٿا.

## پنجتني ڏور

سهٽيون سپيئي هيون، پر سهٽي منجهن هڪ،
قابو سا ڪامڻ بٽي سهڻ جي سڪ،
رهبر تنهن تي راضي ٿيو، والي ڪيس ورڪ،
امت ڪي آريءَ جام جي، ملندي مبارڪ،
راضي ٿيو”رند“، چئي، پورهيت ڪي آهي پڪ.

**پچٽي**: هڪ دفعي امام حسن عليه السلام ۽ امام حسين عليه السلام جن ڪي راند ڪندي ڪندي وڻ هيٺان آرام اچي ويو. ايستائين جو سج لڙڻ سان امامن تي ڇانو ختم ٿيڻ واري هئي. **الله** تعاليٰ تارين ڪي حڪم ڪيو ته ٻيون سڀ تاريون پلي ڇانوَ ختم ڪن پر منهنجي حڪم سان اها تاري اُتي پنهنجي ڇانوَ بيهاري ڇڏي، جتي امام ستا پيا آهن.

اهڙيءَ طرح شاعر هن ڏور ۾ ڳالهه ڪري ٿو ته تاريون سهٽيون ته سپئي هيون پر هڪ تاري ڏاڍي سهٽي هئي، جو بخت واري بڻي ۽ **الله** جي حڪم سان پنهنجي ڇانوَ حسنين جن تي ننڊ مان اُٿڻ تائين قائم رکي. رب سائينءَ جي انهيءَ راضي ٿيڻ تي سيني تارين ان ڪي مبارڪ ڏني. آخري سٽ ۾ شاعر پنهنجي ذات وِڏي آهي ته هن پورهيت تاريءَ ڪي پڪ هئي ته مون تي **الله** راضي ٿيندو.

## ڏور (سوالڪ منجهان)

پوڪ پيلائي پنهنجي ڪڙميءَ ڪيو اقرار،
ڪڙميءَ جي پوڪ جي پئي پورب منجهه پچار،
ٻني اها ئي ٻار، جنهن ٻيهر ان ٻيٽو ڪيو.





**پچٽي**: حضرت ايوب عليه السلام جن جڏهن سخت بيمار ٿيا، ڪين ايترا زخم ٿيا جو انهن ۾ ڪيڙا پئجي ويا هئا، انهيءَ موذي مرض ڪري سندس گهرواريون ۽ ٻار ٻچا ڪڪ ٿي ڪيس اڪيلو ڇڏي ويا. ايستائين جو شهر مان ڪيس ڪڍيو ويو. سندس هڪ گهرواريءَ ڪيس نه ڇڏيو. هن سان آخر تائين گڏ هئي. آخر ڪار سندس صبر ڏسي، ڏٽيءَ پاڪ ڪيس نئين صحت ڏني، پاڻ وري هڪ خوبصورت صحتمند نوجوان ٿي ويو.

شاعر فرمائي ٿو ته حضرت ايوب جي صحت جڏهن ڪري پئي، ته ٻه پاڻ شڪر صبر ۾ گذاريائين، سڄيءَ دنيا ساڻس نفرت ڪئي پر پاڻ ڪڏهن ٻه صبر شڪر نه ڇڏيائين، آخر ڪار ڏٽيءَ پاڪ سندس صبر شڪر ڏسي نئين صحت ڏني ۽ اڳي کان ٻه وڌيڪ خوبصورت، سهٽو ۽ تندرست نوجوان ٿي پيو. شاعر آخري سٽ ۾ چيو آهي ته ”ٻني اها ئي ٻار، جنهن ٻيهر ان ٻيٽو ڪيو.“

## ڳجهارتون

(1)

گهوڙي جو شهر ۾، نرنانءَ ڪٽي نالو ڪيو

**پچٽي**: گهوڙي جو= ميدان، شهر= ڪربلا، نرنانءُ= حسين عليه السلام، نالو= منظور

ميدان ڪربلا ۾ حضرت امام حسين شهادت قبول ڪئي.

(2)

اي نرنانءُ نالي ڪي ٻه نالا ڪر مان عضوي پنهل ڏسان

**پچٽي**: نرنانءَ= مولا، نالي= ڏونگر، عضوو= تري

اي مولا ڏونگر ڪي درياهه ڪر، مان تري پنهل ڏسان.

**ڳجهارت بابت**:

ڳجهارت حقيقت ۾ پروليءَ جو هڪ ڳوڙهو قسم آهي. معنوي لحاظ کان اهي ٻئي هڪ نظر اچن ٿيون پر سٽاءَ جي لحاظ کان ٻنهي ۾ وڏو فرق آهي. پرولي عام طور ٻارن لاءِ هوندي آهي ۽ ڳجهارت سگهڙن ۽

وينجھارن لاءِ ھوندي آھي. ڳجھارت جي معنيٰ ڳجھو ارٿ آھي، جنھن جي معنيٰ آھي لڪل مطلب.

**ھنر**

(1)

مرلي ھئس ماروئڙن جي، ڏوڪڙي اباڻن،
سارنگيون ساريم سومرا، پڪوازون، پنھوارن،
توتاريون تن مان نہ ملان، ”رند“ چوي.

**پيچڻي:**

مان رلي ھئس مارن جي، ھڪڙي ڏيءَ اباڻن
ساھہ ساري ميان سومرا، پڪ پنھوارن،
اھي تاريون وجي مان ڏيان، شل ملان مارن سان.

مرلي= مان رلي، ڏوڪڙي= ڏيءَ ھڪڙي، سارنگيون: ساھہ ساري= پڪوازن= پڪ= توتاريون= تارين.

(2)

عاجزن کي تا منجھائين عمر ھنڌ واڻا،
ڪڙا لڳن قلوب ۾ عمر ھنڌ واڻا،
موڪل ڏي تہ مليرو وڃان، عمر ھنڌ واڻا.

**پيچڻي:**

عاجز کي تا منجھائين عمر ھندو واڻيا،
ڪڙا لڳن قلوب ۾ تنھنجا ھنڌ وھاڻا،
موڪل ڏي تہ مليرو وڃان عمر ھوند وڻان.

ھنڌواڻا= ھندو واڻيا ھنڌواڻا= ھنڌ وھاڻا، ھنڌواڻا= ھوند وڻان

**نثري پيچڻي:** غريبن مسڪينن کي ھندو واڻيا دپائين پيا. تنھنجا ھنڌ وھاڻا منھنجي جسم کي راحت ڏيڻ بدران ڪان ڪڙا تا لڳن. اي عمر مونکي موڪل ڏي تہ مان پنھنجي ملڪ وڃان، من مان پنھنجي ماروئڙن کي وڻان.

www.sindhsalamat.com



(3)

واڱڻ آئين واڙيءَ ۾، پنھنجا ھئا ھنڌاڻا حال،
ڪدو ڏنو ھيٺ ڪچ ۾، پتي ڪدين ھان تراز،
مرلي تي ميار ري، پڙ رکين ھان ڪانہ ڪا.

واڱڻ= اڱڻ= ھنڌاڻا= ھندو، ڪدو= ڪير بہ، مرلي = ميار، پڙ= پاڙيو

**پيچڻي:**

اڱڻ آئين جڏھن، صفا ھندو نڪتين،
ڪير بہ ستل ھو، ماري وڃھين ھان،
مونتي رکين چو ميار، پاڙيو ٿي پئين تون.

**ھنر:** ڳجھارت جو ھڪ قسم آھن، ھن ۾ قسمين قسمين عجيب طرح جا ڏوھيڙا چيل ھوندا آھن. جن جي ظاھري معنيٰ آسان پئي لڳندي، مگر سگھڙ جنھن وقت انھن جي ويھي معنيٰ تفصيلوار ڪيندا آھن، ان وقت ڳجھيءَ معنيٰ جو پتو پوندو آھي.

ھنر ڪيترن قسمن جا ٿين ٿا. مثال: سرائتا ھنر، چيروان ھنر، بي سرا ھنر، عام رواجي ھنر.

(1)

**چئن ۾ ناھي**

**پيچڻي:** پاڻيءَ ۾ پليتي ناھي، زبان ۾ ھڏو ناھي، آسمان ۾ قبر ناھي. قرآن ۾ ڪوڙ ناھي.

(2)

**ڳھچار مٽيون**

**پيچڻي:** ليليٰ ھار مٽي، سورٺ مگٺھار مٽي، سھڻي ميھار مٽي، ۽ سسئي مھار مٽي.

مٽيان سيئي لوڪ ادب جا شعر ھن ڀھراڙيءَ جي شاعر گل بيگ خان جا آھن.

ائين ھن جھڙا ڪيئي لوڪ ادب جا شاعر سڄيءَ سنڌ جي واھڻ، ڳوٺن، ٿرن ۽ برن ۾ پنھنجي پنھنجي تر ۾ لوڪ ادب جا ذخيرا سانديو گذاري

www.sindhsalamat.com

رهيا آهن. ان ڪري اسان ادب جي شاگردن، محققن ۽ علم ادب جي شوقينن کي گھرجي تہ هو واھڻ واھڻ وڃي اهڙي لوڪ ادب جي سون جهڙن ذرن کي ڳولي ڦولي، انهن کان حال احوال وٺي پنهنجي بي بها لکڻين ۾ انهن کي سموئي ڇڏيون، جيئن هو هميشہ لاءِ ادبي تاريخن ۾ يادگار ٿي وڃن.

(**ڪلاچي تحقيقي جرنل** (مارچ 1999ع) تان ورتل)

o





# گل محمد غازي

سگھڙ فقير گل محمد لُھر بليدي، شاعريءَ ۾ تخلص غازي استعمال ڪري ٿو. اڪثر سگھڙ الڳ تخلص گھٽ ڪم آڻيندا آهن. ڪنهن شعر ۾ پورو نالو تہ ڪنهن ۾ پنهنجي ذات ڪتب آڻين ٿا، جنهن سان سندن ڪلام جي سڃاڻپ سولي ٿي پئي ٿي. عام شاعر پنهنجو تخلص ڪم آڻن ٿا، جيڪڏهن سندن شعر پرسان نالو لکيل نہ هوندو آهي تہ شعر جي مالڪ سڃاڻڻ/ڳولهڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي آهي. اهڙيءَ صورت حال کان چور شاعر فائدو وٺي ويندا آهن ۽ دعوا ڪندا آهن تہ اهو تخلص سندن آهي. تحقيق کان پوءِ هو پڌرا ٿي پوندا آهن. سو گل محمد غازيءَ سان بہ اهڙا واقعا ٿيندا رهندا آهن ۽ ڪيترائي همراهہ وقتي طور غازي بڻجي ويندا آهن.

سگھڙائپ جي فن ۾ سچ ۾ هُو غازي آهي. هُن کي سگھڙائپ جي وڪرن تي سرسي حاصل آهي. هُن هر صنف سان نڀايو آهي. سندس هيٺيان ڪتاب ڇپجي چڪا آهن:

1. عقل جي اصلي ڳالهہ نہ ڪر
2. ڏکن جا ڏوهيڙا
3. گفتا گل محمد جا

گل محمد غازي هن وقت صيفل ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو، هو پنهنجي پاروتڻ بابت لکي ٿو تہ:

منهنجي پيدائش 14 فيبروري 1941ع ۾ ٿي. منهنجو اباڻو ڳوٺ لڳ ماڙي تعلقو لکي ضلعو شڪارپور آهي. ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي شفيق ۽ مهربان پيءُ گھنور خان لُھر بلوچ جي بهتر تربيت ۽ پرورش سبب

مون تي مهرباني ٿيندي رهي ۽ آءٌ عقلمند ماڻهن جي صحبت ۾ رهندي فيض حاصل ڪندو رهيس. ايتري تائين جو تمام جلد منهنجي والد صاحب مون کي پنهنجي پاءُ استاد برڪت عليءَ جي حوالي ڪيو، جيڪو لطيف سرڪار جو طالب آهي. ان مون کي ابتدائي تعليم ۾ قرآن شريف ناظران پڙهايو ۽ لطيف سائينءَ جي مزار پرانوار تي حاضريءَ لاءِ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو ۽ شاهه جي رسالي سان روشناس ڪرايو. سگهڙائپ جي فن جو پهريون سبق به مون کي اتان مليو. ان سان گڏوگڏ روحاني فيض به اتان ئي رسيو ۽ سگهڙ ڪچهريءَ ۾ شامل ٿي ڏور ۽ گفتا بيان ڪندو رهيس. اهو ذوق اڄان تائين به جاري آهي ۽ استادن جي دعا ۽ لطيف سائينءَ جي مخفي روحاني تربيت مون کي عزت بخشي. مون کي الله سائينءَ چار پٽ ۽ چار نياڻيون عطا ڪيون ۽ مون پنهنجي وڏي پٽ جو نالو شاهه ڏنو رکيو ۽ ٻيا محمد حيات، سلطان احمد ۽ جلال آهن. منهنجي موجوده رهائش صيفل ڳوٺ اسڪيم نمبر 33 گڏاپ ٽائون ڪراچيءَ ۾ آهي. (گفتا گل محمد جا ص_ 6)

غازيءَ جي ڪتاب مان ڏور ۽ هنر جا بيت ڏجن ٿا:

### راڳن جي نالن تي هنر

ٻڏي پيروي ته مانجهه پيلو اهڙي پهاڙي توڙي ڇيائين سرگم
ٿيندئي ميند مروڙي ڏنو سر ڏي نه. راڻو نه آيس ڪن ڏي پوپالي
تِلنگ ويو سهڻيءَ مان گـُر وٺي ديس درٻاري
لوڙائو آيو صبحڙي ٿئي ملهاري
وڏئون سنڌڙي جو سُر سڏجي ٿو. جوڳ ۾ گهڻو "گل محمد" چئي.

### پيڇڻي

ٻڏئين پائروئي ته مانجهي پوءِ هليو اوڙي پاڙي توڙي ڇيس سِر گم ٿيندئي
منڊئون موروڙي ڏنو سِرَ ڏي نه رهڻ نه آيس ڪَنَ ڏي پئو پلي ته لنگهي ويو
سوئا هڻي مانگر وٺي دسي در ٻاري لوڙهي آيو.
سوپ اهڙي ٿي ملي هار وڏئونس سنڌڙي جو سورهه





سڏجي ٿو جڳ ۾ گهڻو "گل محمد" چئي.

### هنر شهرن تي

لعل نه لکي ته ڪوريجا ڪندي، سعيد آباد تلهار ورتائين وارهه،
ويس هوتين مان پوءِ روهڙي پئي، گهوٽڪي نه مليس "گل محمد" چئي.

### پيڇڻي: سر ليلان ڪونئرو

ليلا نه لکي ته ڪونئرو جاءِ ڪندي سودي باد ته هلي هار ورتائين
ورُويس هٿن مان پوءِ ته رڙي پئي، گهوٽ ڪين مليس "گل محمد" چئي.

### هنر دو راهو

غيرت ۾ اچي مور وڙهي آيو سو ملاح جيئن
ڪات ٻيڙي سو هڻي ڏنائين گهر ڪري ورتائين
مڇ ماري پيءَ رت پيتائين پوءِ نر ملڪن ۾ مشهور گهڻو "گل محمد" چئي.

### پيڇڻي سر تماچي

گهر تماچي مور رڙهي آيو سو ملاحن جي ڪات ٻيڙي ۾ سهڻي ڏنائين
گهرُ ڪري ورتائين مڇيون ماري پئي راحت ورتائين
پوءِ نوري ملڪن ۾ مشهور گهڻي ٿي "گل محمد" چئي.

### هنر دو راهو سر راڻو

راڻا رُس نه تنهنجي سورن سٽيو
ڪڻي ڪاڪ ڪنڌي وٺ تنهنجو
ٿي سپ مومل جو، گهر "گل محمد" چئي.

### پيڇڻي سر سورٺ راءِ ڏياچ:

روئڻا رُس نه، ڪڻ ڪات ڪنڌ هي وٺ
تنهنجي سُرن سٽيو تنهنجي ٿي سوپ
مول مليئي جو، گهريءِ "گل محمد" چئي.

### هنرذاتين تي

چاچڙ نہ مهرن سان دل آ_ واڻيون ڏوم نوهاڻي
رڪن لوهرن مان سولنگي ويندس
سروهي وجي تہ گوري "گل محمد" چئي

### پيڄڻي سرسهڻي ميهار

چاچي چڙ نہ ميهر سان دل آءُ وڻي نہ ڏم مون هاڻي
روڪ نہ لهرن مان سو لنگهي ويندس
سِرهيءُ وجي تہ گهوري "گل محمد" چئي.

### هنرهڪ ڪڙيو سرعمرمارئي

ڪين ڪپي مون کي عمر تنهنجو پيار،
منهنجو ملڪ مليرءِ پاڙيچن سان پيار،
ڪٽي شيشو شربت جو پوئتي عمر پيار ،
زبردستي ڪان زهر عمر آڻي پيار،
ڏسان شال اکين سان عمر اباڻو پيار،
هاڻي پت عمر پيرا تہ ٿيندئي،
نيڪي گهر گهر "گل محمد" چئي.

**پيڄڻي:**

عمر تنهنجو پيار مون کي نہ کپي منهنجو مارن سان آهي پيار
اهو شربت پوئتي هار انهن کان پوءِ مون کي زهر پيار
وجي ڏسان مان اباڻو هاڻي عمر پنهنجي پت پار
تہ ٿيندئي نيڪي گهر گهر "گل محمد، چئي.

### هنرميون تي

ميون جو ٻڌي ڪارڪان ڪائي چڪو ڪيائين،
ناريل مان اڏ ٿيو موسبي مليس،





هو بہ ڏاڙهون ڏيندو هو من ڪو انار ملي ڏنائين هنداڻو ڪيلو آ.
ڪشمش ڪري انگور وٺي ويو پوءِ ڏونگهي چوهاري،
آلو بخارا ڏيئي چڏيس پتيءَ سالم ٻير جمون فروٽ ڪائي،
سنڌڙي ڪري زردالو آيو. چيائين تو بہ مڪئي توت.
نبي سوچيو آ مونسان ليمان تي گهرايائين "گل محمد" چئي.

### پيڄڻي نر مان مادي ٿيو

هيءُ هنر انهيءَ ڪافر تي آهي جنهن معراج کان انڪار ڪيو
معراج جو ٻڌي ڪار ڪائي چُڪ ڪيائين نر مان مادي ٿيو
مڙس بہ مليس هو بہ ڏهاڙي ڏسندو هو من ڪا لال ڪنوار ملي.
ڏنائين هيءُ داڻو اڪيلو آ ڪڇ ۾ ڪري گهر وٺي ويو
ڏنگي شوهر عيلي بخار ڏئي چڏيس پئي سال ۾ ٻار جميس
ڦري رَهنون ڪائي سڏ اهڙي ڪري ظاهر دلئون آيو
چيائين توبهہ مون ڪئي تون تہ نبي سچو آهين
مسلمان ٿي گهر آيو "گل محمد" چئي.

### هنر هڪ ڪڙيو سر

سسئي نڪتي سج تي پنهل لاءِ پاڻي،
لتاڙي پئي لتن سان پنهل لاءِ پاڻي،
ڏڪي ڪري ها ڏيرن سان پنهل لاءِ پاڻي،
ور وارث مئي جا پنهل لاءِ پاڻي
آڻي ڏي هٿن سان پنهل لاءِ پاڻي،
پنهل لاءِ پاڻي گهتين منجهہ "گل محمد" چئي.

**پيڄڻي:**

پاڻ نڪتي هئي پئي لتاڙي پاهڻي
معنيٰ ڏڪي ڪري ڏيرن سان پاڻي
معنيٰ وڙهڻ پنهل ور پاڻهي
آڻي ڏي هٿن سان الا پاڻي،
پنهل لاءِ پت پنهنجي پاريئي

گهٽن منجهہ ”گل محمد، چئي.

### هنر ست سريو

ڪري سسئي تہ ٻانيڻ جاڳي نہ،
ليلا ڪوئرو نہ ڪر نوري ويندي مهاڻن ۾،
سورٺ نہ سهڻي ڪنهن پر سجائي ٿي،
خالي ڪاڪ نہ ڪري چڏ مومل مر نہ،
وجي هوند مارئي ويندي گهر ”گل محمد“ چئي.

### پيچٽي سر مارئيءَ ۾

ڪر سو سهي پاءُ پيڻ جڳائي نہ مان ڪيئن تو سان شادي ڪريان،
لي لائي قهر نہ ڪر نورئي ويندئي ماڻهو مهڻا ڏيندئي،
روئندي هوندي سر رهڻون نہ ڏي سوڙهي قبر سجهئي ٿي،
خالي ڪَڪِ نہ ڪر مان مِلان وجي مارن سان ماءُ روئيندي هوندي گهر ”گل محمد“ چئي
(مارئي چوي پئي تہ مهنجي ماءُ گهر ۾ روئندي هوندي)

### هنر ست سريو

سسئي پنهون ڏنو هُيءِ، مانگر مورڙي ماريو آ،
ڪونئرو ليلان نہ ائين چنيسر تنهنجو آ،
نوري سمون نہ ڪر عمر نہ مارئي ساڙي ويندس،
نہ مون سهڻي ميهار ڏجانءِ تون سورٺ،
راجا مومل راڻو گهر ”گل محمد“ چئي.

**پيچٽي:** سر مومل راڻو مومل جو راڻي سان ڳالهائڻ
سهي ڏنو هُيءِ تہ مان گهر مورئون ڙي ماري هان
ڪر غور لي نہ لاءِ نہ ائين چئو نہ سهي هي سر تنهنجو آ
نہ رسامو ڪراومار نہ مري سڙي ويندس، نہ ميس تہ ميار ڏجانءِ
تون سو رٺوئي رهجانءِ مون مل راڻا گهراچي ”گل محمد“چئي.





### سر ليلا مجنون

محبت ملهہ مهانگو آهي ڪنهن ڪنهن وٽ قدر
مجنون مست ملنگ ٿيو ليلا جي خاطر
ويس ولڙيون وڪوڙي ڪڇيو نہ ڪونڌر
ليلان ٻولي وات ۾ جيئرو هو جيتر
محبت ملهہ مهانگو آ ڪنهن ڪنهن وٽ قدر

### سسئي پنهون

سسئي پنهل خاطر ڏوري پئي ڏونگر
اوڪا پنڌ پهاڙ جا ساڻ نہ ڪنيائين ثمر
روئندي وجي راهہ ۾ بيحد جهاڳيو بر
وندر جي وڻڪار ۾ ووڙي بيٺي ور
محبت ملهہ مانگو آ ڪنهن ڪنهن وٽ قدر

### سهڻي ميهار

سهڻيءَ ڪي سڪ ساهڙ جي سا گهري نہ پئي گهر
اٿي آڌيءَ رات جو هلي پئي هيڪر
هنيون ٻانهن هلي وجي منجهان ڪن ڪپر
ڪچي پڪي جي ڪل نہ هيس لڙهي منجهہ لهر
محبت ملهہ مهانگو آ ڪنهن ڪنهن وٽ قدر

### عمر مارئي

مارئي قابو ڪوٽ ۾ آڻي ڪئي عمر
سڄڻ ساري سانگياڻي نهاري پئي نينگر
روئي رڙي ريهون ڪري جام وهائي جر
نڪي ڪائي خوشي سان پئي ٻاڪاري ٻر ٻر
محبت ملهہ مهانگو آهي ڪنهن ڪنهن وٽ قدر.

# سگهڙ محمد لقمان ڪوڪر

اسان جي عام شاعرن ۾ اهو رواج نه هئڻ برابر آهي ته هو پنهنجي نالي جي منڍ ۾ شاعر لکن. مثال طور: شاعر شيخ اياز، شاعر ادل سومرو،شاعر اياز گل وغيره. سگهڙن ۾ وري اهو رواج عام آهي. هو نالي جي اڳيان لکن سگهڙ. جيئن سگهڙ محمد لقمان ڪوڪر. شاعر ۽ سگهڙ ٻئي لفظ مانائتا آهن. پر سگهڙ کي ڳوٺاڻين ڪچهرين ۾ وڏيڪ مان ملي ٿو، جنهن ڪري هو سگهڙ سڏارئڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا.

محمد لقمان ٻاويهين آڪٽوبر 1949ع تي ڳوٺ مصطفيٰ آباد وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ محرم علي ڪوڪر جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس وڏا اصل بهاول پور رياست جا هئا. جيڪي روزگار خاطر پهريان پاڳ ناڙي بلوچستان، پوءِ ڳوٺ گنداخ، جيڪب آباد، تنهن بعد ڳوٺ لقمان سيال قمبر ۽ آخر ۾ ڳوٺ مصطفيٰ آباد ۾ رهيا. هن جو گهراڻو مذهبي هو سندس ڏاڏي خدا بخش ڪوڪر مدرسو نور مصطفيٰ قائم ڪيو، جتي لقمان تعليم پرائي ۽ پنهنجي ڏاڏي جو ان ڪم ۾ هٿ به ونڊايو.

محمد لقمان جو نانو فقير عطا محمد ڪوڪر به سگهڙ ٿي گذريو آهي. هن ڏاڏي ۽ ناني جي صحبت ۾ رهي ڪانئن گهڻو ڪجهہ پرايو، پندرهن سورهن سالن جي عمر کان لقمان ڪوڪر سگهڙائپ جي فن جي شروعات ڪئي، جنهن لاءِ 1965ع ڌاري هو استاد محمد ملوڪ وٽ ويو ۽ کيس پنهنجو استاد بڻايائين.

1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد قائم ٿيو. ان کان اڳ ڪراچيءَ ۾ ريڊيو اسٽيشن هوندي هئي، جنهن تي سنڌي ٻوليءَ کي تمام گهٽ حيثيت ۽ وقت ملندو هو. حيدرآباد ۾ ريڊيي اسٽيشن ٺهڻ سان





سنڌي ٻوليءَ، ثقافت ۽ ادب کي گهڻي اهميت ملڻ لڳي. ان اسٽيشن تي ڳوٺاڻيءَ ڪچهريءَ جو پروگرام به شروع ٿيو، جنهن ۾ سگهڙن کي گهرائڻ جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. اها ڪچهري ڏاڏي فتح خان جي ڪچهريءَ جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. ڏاڏي جو ڪردار سائين صالح محمد شاهہ ادا ڪندو هو. اڄ هو پاڻ ته الله سائينءَ کي پيارو ٿي چڪو آهي پر سندس ڪچهري قائم آهي. ان پروگرام ۾ محمد لقمان ڪوڪر 1969ع ۾ شامل ٿيو، پاڪستان ٽيليويزن ۽ ٻين چينلن تي به هو ڪيترائي ڀيرا فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي.

1980ع ڌاري هو بيمار ٿي پيو، ٻڪين ۾ ڪيس پٿري ٿي پئي، جنهن سبب ڳٽتي وڏي ويس. سندس استاد محمد ملوڪ ۽ ٻين ان ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ کيس اڪيلو نه ڇڏيو. بيماريءَ جي حالت ۾ به هيءُ همراهہ لکندو رهيو. پنهنجي ڪلام کي شايع ڪرائڻ سندس آخري خواهش بڻجي وئي. هو ان سلسلي ۾ ڏاڍو ڊڪيو ڊوڙيو ۽ محنت ڪيائين، نيٺ سندس مدد ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ڪئي، جنهن هن جو ڪتاب ”لاتيون سڻ لقمان جون“ 1995ع ڌاران ترتيب ڏئي سنڌ سگهڙ سنگت پلائي تنظيم پاران ڇپرايو. ان ڪتاب کان سواءِ هڪ ٻيو ڪتاب ”لعل ڪٽا لقمان جا“ به ڇپجي چڪو اٿس ۽ ٽيون ڇپائيءَ هيٺ آهي.

الله جي مهربانيءَ سان سندس ڏک ڏُور ٿي ويا ۽ زندگيءَ سان ساٿ نڀائيندو پيو اچي. کيس چار پٽ بلاول خان، رانجهن خان، خدا بخش ۽ فدا حسين آهن، جن کي به سگهڙائپ جي لنئون لڳل آهي. هيءُ همراهہ ملتان جي حضرت غوث بهاءُ الحق جو مريد آهي.

پاڻ استاد محمد ملوڪ سان گڏجي سنڌ سگهڙ سنگت ۾ به سرگرم رهيو آهي. هيءُ سنگت جي باني عهديدارن منجهان آهي. ڊاڪٽر پٺاڻ استاد محمد ملوڪ سان سندس ويجهڙائپ ۽ سگهڙائپ ۾ پير پائڻ بابت لکي ٿو ته: ”هڪ دفعي خيرپور ناٿن شاهہ جي ميلي تي محمد لقمان سگهڙن جي ڪچهري ڏٺي ۽ ٻڌي، انهيءَ ڪچهريءَ ۾ سگهڙ محمد ملوڪ عباسيءَ جي ذات ۽ ڏانءَ محمد لقمان ڪوڪر کي ڏاڍو متاثر ڪيو. ڪچهريءَ تان جڏهن گهر موٽيو ته اندر جي اُڌمن کيس سک ۽ سڪون سان ويهڻ ڪو نه

ڏنو. هڪ اڌ ڏور جا بيت ٺاهي پنهنجي ماسڙ قادر بخش ڪوڪر ۽ مامن ڪي ڏيکاربائين ڪيس پنهنجن عزيزن دل کولي داد ڏنو.

ستت ٿي پوءِ محمد لقمان پنهنجي ماسڙ قادر بخش سان گڏجي اچي باڊهہ ۾ فقير سگھڙ محمد ملوڪ عباسيءَ سان ملاقات ڪئي ۽ انهيءَ ملاقات رنگ لاتو. استاد ۽ شاگرد هڪ ٻئي ڪي ڏٺو ۽ پرکيو ۽ هميشہ لاءِ باهمي خلوص جي رشتن ۾ جڪڙجي ويا. (لاتيون سڄ لقمان جون.ص-14)

هن سنڌيءَ سان گڏ سرائڪيءَ ۾ بہ ڪلام چيو آهي.
هتي سندس چونڊ ڪلام پيش ڪجي ٿو:

## سنڌ ۾ سک ۽ امن لاءِ دعا

(1)

سائين ساريءَ سنڌ مان ڏڪارِ ڪڍ ڏاتار،
جيڪي آهن دشمن ديس جا مولىٰ سپئي مار،
اهي لوٺيا نہ ڏسان "لقمان" چئي بيهودا بيڪار،
والي تن ڪي وار، جيڪي سڄڻ ناهن سنڌ جا.

(2)

سائين ساريءَ سنڌ ڪي آڇ منجهہ امن،
منهنجا ڏوٿي ڏيهہ ۾ پلي گور گهمن،
لاڪيڻا "لقمان" چئي، وتندا واس وطن،
راتيان ڪري رهاڻيون سڪي سيج سمهن،
نہ ڏاتر ڏک ڏسن، سانگي منهنجا سنڌ ۾.

(3)

سائين سنڌو درياهہ ۾ ڪر پاڻيءَ جي پالوٽ،
ختم ڪرينس "ڪوڪر" چئي، خالق ساري کوٽ،
سانگي ساريءَ سنڌ جا، رويون ڪن رپورٽ،
مالڪ ڪر ڪا موٽ، تہ سڪر ٿئي سنڌ ۾.





(4)

سائين ساريءَ سنڌ کي سرهو ڪر سر حال،
مارو منهنجا ماڳن تي خوش رهن خوشحال،
لاڪيڻن جي "لقمان" چئي لڄ بچائي لجپال،
مولىٰ مالا مال، منهنجا سانگي ڪر هن سنڌ ۾.

(5)

سائين ساريءَ سنڌ کي، الله ڪر امير،
پورو ٿئي پرور، منهنجي تصور جو تعبير،
روئندو نہ ڏسان راج ۾، نيڻين وهائيندي نير،
تون ڪل شيءِ قدير، لطف ڪر "لقمان" چئي.

(6)

سائين ساريءَ سنڌ ۾ مولىٰ محبت آڻ،
رُنا پرچن رات ۾، پنهنجو وجي پاڻ،
پائي پاڪر پيار سان، رلجي ڪن رهاڻ،
مولىٰ ڪڍ مانڌاڻ، لطف سان "لقمان" چئي.

## سچا سخن

**سوال:** اٺئي اندا اٺئي اندا؟

1. جو نياڻي بالغ گهر ويهاري،
2. جو ڏاريو آڻي گهر سمهاري،
3. جو لڄ اگهاڙي پاڻ سينگاري،
4. جو پاپي پراوا ننگ نهاري،
5. جو هوندي سوندي ويلا ٽاري،
6. جو بچت خاطر پاتي ماري،
7. جو پاڙو اوڙو اٿي آزاري،
8. جو لالچ ۾ "لقمان"، دين وساري،

**جـواب:** اهـي اٺـئـي انـڌا اٺـئـي انـڌا.

**سـوال:** چـارئـي چـنـڊا چـارئـي چـنـڊا؟

1. جـو دولـت هـونـدي در در پـنـي،
2. جـو شـڪـر ڪـري نـہ رب جـي ڏنـي،
3. نـانءُ ڏٺـيءَ جـو مـور نـہ ڳـنـهـي،
4. جـو لالـچ ۾ ”لـقـمـان“ رشـتـا ڇـنـي.

**جـواب:** اهـي چـارئـي چـنـڊا چـارئـي چـنـڊا.

**سـوال:** پـنـجـئـي پِـتـيـل پـنـجـئـي پِـتـيـل؟

1. ابـي امـڙ جـو ادب نـہ ڪـري،
2. جـوا نشـي ڪـان جـنـهـن جي نـہ سري،
3. حـلال روزي جـنـهـن ڪـي نـہ ڦـري،
4. جـو عـزت واري مـوت نـہ مَـري،
5. چـار ڇَـون جـو ”لـقـمـان“ نـہ وَري.

**جواب:** اهي پـنـجـئـي پِـتـيـل پـنـجـئـي پِـتـيـل.

## ڳاٽوءَ جا بيت

(1)

لاري ڇـو هـلـي نـٿـي،
عـورت سـور سـلـي نـٿـي،
ڏور نـہ جـهـلـي سَـٽَ.

**سوال:** ڳڻ تون ڳاٽون کهڙي ڳالهہ؟

**جواب:** ور ناهي.

- لاري نٿي هلي جو انهيءَ کي ڊرائيور ناهي.
- عورت سور نٿي سلي انهيءَ کي بہ ور (مڙس) ناهي.





- ڏور سٽ نٿي جهلي انهيءَ کي بہ ور (وٽ) ناهي ڪچي آهي.

(2)

يـار واپـس اچـي نـٿـو،
دڪـانـدار پـئـسـو وٺـي نـٿـو،
عـورت نـہ پـائـي ڳـهـہ.

**سوال:** ڳڻ تون ڳاٽون کهڙي ڳالهہ؟

**جواب:** سچو ناهي.

- يار واعدو ڪري ويو آ وري واعدي تي واپس نہ آيوآ، يار واعدي جو سچو ناهي تڏهن واعدي تي واپس نٿو اچي.
- دڪاندار پئسو انهيءَ ڪري نٿو وٺي جو پئسو ڪوڙو آهي، خراب آهي ۽ سچو ناهي. تنهن ڪري پئسو نٿو وٺي.
- عورت ڳهہ انهيءَ ڪري نٿي پائي جو ڳهہ ڪوڙو آهي ڪوٽو آهي، تنهن ڪري عورت ڪوڙو پائڻ نٿي چاهي.

(3)

مـلاح مـڇـي مـاري نـٿـو،
مـيـلـو مـزو ڏيـڪـاري نـٿـو،
بـازار نـہ ڪـري سـونـهـن.

**سوال:** ڳڻ تون ڳاٽون کهڙي ڳالهہ؟

**جواب:** رَڇ ناهي.

- مير بحر مڇي نٿو ماري تہ ان وٽ مڇي مارڻ لاءِ رڇ يا ڄار ناهي تنهن ڪري مڇي نٿو ماري.
- ميلو مزو نٿو ڏئي تہ ان ۾ گهٽا ماڻهو ۽ رڇ (رش) ناهي. ٿورا ماڻهو آهن تنهن ڪري ميلو مزو نٿو ڏيکاري.
- بازار سونهن نٿي ڏيکاري انهيءَ ۾ بہ ماڻهو گهٽا ڪونهن گهٽيون خالي پيون آهن ڪابہ خريداري نٿي ڪئي وڃي تڏهن بازار سونهن نہ ٿي

ڏيکاري.

(4)

هاري هر ڪاهي نٿو،
ڪتي داغ لاهي نٿو،
مَٽ نه لاهي اڄ.

**سوال:** ڳڻ تون ڳاٽو ڪهڙي ڳالهه؟

**جواب:** پاڻي ناهي.

- هاري هر نٿو ڪاهي پاڻي اچڻ جي اميد ئي ناهي، زمينون ويران ٿيل آهن، پاڻي اچڻ جو ڪوبه آسرو ڪونهي تڏهن هاري هر نٿو ڪاهي.
- ڪتي ڪپڙن جا داغ ڇتا نٿو لاهي جو پاڻي ناهي، لٽا ميرا پيا آهن انهيءَ ڪري ڌوئي نٿو.
- مٽ سڪو پيو آهي انهيءَ ۾ به پاڻي ڪونهي جو ڪٽي پئجي ته اڄ لهي. ائين خالي مٽ ڏسڻ سان اڄ نٿي لهي.

(5)

نوڪر بيهي نٿو،
مهمان ويهي نٿو،
ووٽر نه ڏئي ووٽ.

**سوال:** ڳڻ تون ڳاٽون ڪهڙي ڳالهه؟

**جواب:** قدر ناهي.

- نوڪر انهيءَ ڪري پگهار تي بيهي نٿو جو ان جو معاوضو ان کي پورو نٿو ملي ۽ مالڪ وٽ عزت ۽ قدر نه اٿس تنهن ڪري نوڪريءَ ۾ نٿو بيهي.
- مهمان ميزبان وٽ ويهي نٿو جو مهمان جو ميزبان وٽ قدر ناهي، تنهن ڪري وڃڻ وايون پيو ڪري ۽ ويهي نٿو.
- ووٽر انهيءَ ڪري ووٽ نٿو ڏئي جو هڪ ته اسيمبلي پورو ٽائيم نه ٿي هلي بيو ووٽ ڏني کان پوءِ ووٽر جي اميدوار وٽ عزت ۽ قدر ناهي، تنهن





ڪري ووٽ نٿو ڏئي.

(6)

هاري فصل لٽي نٿو،
گراهڪ گهڙو ڪٽي نٿو،
شاگرد وڃي نه اسڪول.

**سوال:** ڳڻ تون ڳاٽون ڪهڙي ڳالهه؟

**جواب:** پڪو ناهي.

- هاري فصل لٽي نٿو جو فصل اڃان ڪچو آهي پچي تيار نه ٿيو آهي تنهن ڪري فصل لٽي نٿو يا لاهارو وجهي نٿو.
- گراهڪ انهيءَ ڪري گهڙو يا دلو نٿو ڪٽي جو گهڙو ڪچو رهجي ويو آهي پڪل ناهي.
- شاگرد اسڪول نٿو وڃي جو سبق ڪچو اٿس ۽ دماغ جو ڪچو آهي سبق پڪو نه اٿس تنهن ڪري اسڪول نٿو وڃي.

(7)

مريض دوا نه کائي،
ڳائٽو راڳ نه ڳائي،
گهوٽ نه لائي ميندي.

**سوال:** ڳڻ تون ڳاٽون ڪهڙي ڳالهه؟

**جواب:** ٽائيم ناهي.

- مريض دوا نٿو کائي اڃان دوا کائڻ جو ٽائيم نه ٿيو اٿس، تنهنڪري دوا نٿو کائي.
- ڳائٽو راڳ نه ٿو ڪري جو راڳڻيءَ جو ٽائيم نه ٿيو آهي، تنهن ڪري نٿو ڳائي.
- گهوٽ ميندي نه ٿو هڻي جو سونهڻ ساٿ جو ٽائيم نه ٿيو آهي تنهن ڪري ميندي نٿو لائي.

(8)

باھہ چو ٻري نٿي،
مينھن ڦر ڪري نٿي،
يار ٽپي نہ در.

**سوال:** ڳڻ تون ڳاٽون کھڙي ڳالھہ؟

**جواب:** لڳي ناهي.

- باھہ ٻري نٿي جو اجان لڳي (ڏکي) ٻري ناهي.
- مينھن ڦر نٿي جھٽي اجان لڳي يا سائي تي ناهي.
- يار ان ڪري در نہ ٿو ٽپي جو هن جي صحيح معنىٰ ۾ دل لڳي ناهي.

## ڳجھارتون

**(سرمومل راٺو)**

(1)

**ڏيٺي:** لوھہ جي نالو ڏسي تڏهن ٻولي نالو هيس.

**پيٺي:** لوھہ جي = جوڙي، نالو= سيتل، ٻولي= واپس، نالو= آيو.

**سڄي:** جوڙي ستل ڏسي، تڏهن واپس آيو هيس.

(2)

**ڏيٺي:** ڪپڙي جي ڏني هيئي تہ ڪپڙي جو ڪرين ها.
پوءِ تون نالو هئين نالا.

**پيٺي:** ڪپڙي جي= ٻٽ، ڪپڙي جو= ٽڪر، نالو= سورھہ، نالو= راٺو.

**سڄي:** ٻٽ ڏني هيئي تہ ٽُڪر ڪرين ها پوءِ تون سورھہ هئين راٺا.

**مددي ڪتاب:**


1. لاٽيون سڄ لقمان جون، مرتب: ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، سنڌ سگھڙ سنگت پلائي تنظيم، 1995ع.
2. محمد لقمان ڪوڪر سان ڪچھري.






# سگھڙ فقير حاجي علي نواز وڳڻ

حاجي صاحب سان منھنجي ڏيٽ ويٽ سندس ڇپيل ڪتاب ”وڳڻ جا ويچار“ وسيلي ٿي. 2006ع ۾ جڏهن اهو ڪتاب ڇپيو تہ آغا نور محمد پٺاڻ صاحب ان جي مهورت جو بلو ڪيو. مهورت کان اڳي مون ڏانھن اهو ڪتاب موڪليائين ۽ چيائين تہ ان ڪتاب تي تقريب ۾ ڳالهائڻو آهي. مون ڪتاب تي تفصيل سان لکي ڳالهايو. جنھن ۾ سگھڙائپ جون سيئي جنسون پنھنجي جوبن ۾ جرڪندي نظر آيون. مون ڪيس ڏاڍو داد ڏنو. ان سان گڏ ڪجھہ صلاحون بہ ڏنيم.

ان کان پوءِ حاجي صاحب سان قرب جو رشتو وڌندو ويو، جيڪو اڃا تائين جاري آهي. ساڻس سگھڙائپ ۽ سگھڙن جي مسئلن تي ڪچھريون ٿينديون رهن ٿيون. هن سگھڙن جي ڀلائيءَ لاءِ هڪ تنظيم بہ ٺاهي آهي،جنھن جو الڳ احوال ڏنو ويو آهي.

هيءُ همراھہ سعودي عرب ۾ بہ رهيو آهي، تنھن ڪري عربي ٻوليءَ کان بہ واقف آهي. سنڌي، سرائڪي ۽ اردوءَ ۾ شاعري ڪئي اٿائين. هو پنھنجيءَ شاعريءَ بابت لکي ٿو تہ: ”منا سائين جيئن تہ مون شاعريءَ جي شروعات 73_1972ع ۾ ڪئي جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو صاحب هارين جا هفتا ڀيو ملهائي، جنھن تي مون لکيو جنھن جو عنوان آهي.

”اڄ ملهايو عيد ڪان وڏ، هاريو هفتو هيل،
عوام جو اوهان سرچشمہ سھڻو ساراهيو ادا ڀلي“

ان کانپوءِ 75_1974ع ۾ مون قمبر جيل ۾ بہ ڪجھہ التجائون لکيون، پوءِ ٿورو ماحول تي لکندو رهيس، جيڪو فقير جانڻ چن ڪي

ڏيکاريندو هئس جو سٺو داد ڏيندو هو. ان کانپوءِ 1977ع ۾ سعوديءَ ويس، اتي به ڪجھ عرب سردار جي شان ۾ لکيم جو ان مان ڪجھ به سنڀالي نه سگهيم. پوءِ جڏهن 1989ع ۾ پاڪستان آيس ته ڏکن ۽ محبوب جي جدائيءَ دل ۽ دماغ کي صبر ڪرڻ نه ڏنو ۽ روئڻ مون لاءِ راحت بڻيو. جو ڏک ۽ جدائيءَ جا سهرا لکي ۽ ڳائيندو رهيس پر بغير ڪنهن رهبر جي. پوءِ جڏهن منهنجي قسمت منهنجا پير ڪراچيءَ ۾ ڪوڙيا، اتي مون کي هم خيال ماڻهو مليا جهڙوڪ سگهڙ ديدار سيال. سگهڙ قمر لاڙڪ. جن سان مون پنهنجي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ اڪثر ملاقاتيون ٿينديون رهيون.

جيئن ته ديدار سيال مون کي قابل سگهڙ نظر آيو اُن جي صحبت ۾ مون سگهڙائپ جا گُر هٿ ڪيا، جنهن تي داد ملندو هيو ۽ پوءِ ديدار سيال هتان ڪراچيءَ مان، لڏي پنهنجي اباڻي ڳوٺ واپس ويو. ۽ مون وٽ سگهڙن جي آمد رفت جاري رهي، جهڙوڪ: محمد ملوڪ عباسي، محمد لقمان ڪوکر، محمد مٺل جهتيال ۽ محمد ايوب واهوچي جهڙا ڪيترائي پلوڙ سگهڙا ايندا رهيا. جيئن ته استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي مون سان گهڻي پريت رهي جن سان گڏجي آءٌ P.T.V. تي پروگرام ڪندو رهيس ۽ اُتي مون کي ڪراچيءَ جو رهائشي سگهڙ محمد اسماعيل پهوڙ مليو، جنهن سان گهڻيون ڪچهريون ٿينديون رهيون ۽ ڪچهرين ۾ هر جاءِ تي سڀ دوست داد ڏيندا رهيا. آءٌ هنن دوستن سگهڙن جي شاعريءَ تي گهڻو ڌيان ڏيندو هئس. (وڳڻ جا ويچار_ص: 5_7)

سگهڙ حاجي علي نواز وڳڻ جي پيدائش 1943ع ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ رئيس ڪريم ڏني وڳڻ، وارهه ۾ ٿي. سندس پيءُ جو نالو حاجي خان وڳڻ آهي. سندس والد صاحب حاجي خان ڪلهوڙي جي لارين بسن جو ڊرائيور هو، جيڪو اَن جي ڇڙائيءَ واريءَ مشين جو مستري به هو ۽ هارپو به ڪندو هو. سندس پٽ به ان پيشي سان لاڳاپيل هئا. حاجي علي نواز پلو پاڳيو به آهي، مال ڍڳي جو شوق به اٿس. اوطاقي مڙس آهي. ڪن ڀيٽن ڪمن ڪري ٻه دفعا جيل به ويو. جاين ٺاهڻ جو مستري به آهي. الله سائينءَ ڪيس سعوديءَ گهرايو، جتي وڏي مستريءَ جي حيثيت ۾ جاين اڏڻ جي ٺيڪيداري مليس. هُن ان مان فائدو وٺي ڪيترن ڀين همراهن کي به





سعوديءَ ۾ روزگار ڏياريو. هو 13 سال سعوديءَ ۾ رهيو.

حاجي نصرالله وڳڻ لکي ٿو ته: ”حاجي علي نواز مديني ۾ محمد جيئل شاهه جيلاني مرشد ورتو هو، جنهن حضور جي روضي ۾ دعا گهري هئي ته: هن حاجي علي نواز کي هتي رهائجو. سو جڏهن حاجي علي نواز جا ٻار جوان ٿيا ته واپس اچڻ لاءِ ڪو رستو نه پيو مليس پوءِ جڏهن 3 مهينا روز لک صلوات پڙهيائون ۽ پاڪ ڪلام پينگهي ۾ لوڏيائون جو رستو مليو ۽ هتي اچي ويا پر اتان جا ڪمايل پيسا اتي ئي خرچ ڪري خالي هٿين آيا ۽ اچي جيڪب آباد ۾ مزدوري ڪرڻ لڳا جنهن جي خبر سندس مرشد پاڪ سيد محمد جيئل شاهه کي پئي ته پنهنجي گاڏي موڪلي حاجي علي نواز کي پاڻ وٽ گهرائي (2) ڏينهن رهائي پوءِ چار مينهون ٿينڪر تي چاڙهي حاجي علي نواز کي چيائين ته مزدوري نه ڪر هنن جو کير وڪڻي گذر ڪر. انهن مينهن حاجي علي نواز جا سڀ غم لاهي ڇڏيا جو نياڻين پٽن جون شاديون وغيره ڪرائي پوءِ مرشد جي اجازت سان ڪراچيءَ وڃي رهائش ڪيائين.

حاجي علي نواز شاعري 74 /1973ع کان ڪندو هيو پر پوءِ جيئن مديني مان واپس آيو ته الله ۽ رسول جي شان ۾ لکندو ۽ ٻڌائيندو رهيو ۽ چيائين ته هيءَ شاعري مرشد پاڪ جي خاص مهرباني آهي هاڻي به سندس وٽ مرشد پاڪ جا گهڻا پيرا آهن ۽ هن وقت هڪ وڏو سگهڙ آهي“

حاجي صاحب هن وقت ڪراچيءَ جي مواچ ڳوٺ ۾ رهي ٿو، جتي سگهڙن جي سنگت رچايون ويٺو آهي. هُن کي سگهڙائپ جي فن جي خدمتن عيوض قلندر لعل شهباز ايوارڊ 2011ع ۽ پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس سنڌ پاران سرٽيفڪيٽ 2006ع به مليو آهي. سندس ڪجھ بيت ۽ ٿيهه اکري نموني خاطر ڏجي ٿي.

**آجيان جو بيت**

پـلـي آئـيـن پـلا پـريـن، وڏا وَڙ ڪَـري،
اوهـان ريءَ عـجـيـب پـئـي، ڏکـي يـار سَـري،
ساهه سدا هو سارَ ۾، پـئـي مـونـجـهـي دل مَـري،

واڻ تڪيندي وَرهَہ ٿيا، ڪو وانگي ڪين وَري،
اڄ تہ ڪيا احسان اَٿو، اڱڻ پير پَري،
ماڻ اوھان کي مون ڏيان، ڳَني ڪُڙمب ڳَري،
ٿي ڏاڍي دل ٺَري، وڳڻ جي وارِث ڏسي.

## تڏي جا تونگر

خان اوطاقي ڪوڙ، ڪي خصلتي ڪيڪار
پَيلا خان پلوڙ هِن نَوَ لڪي نِروار
ايندي کي عزت ڏين، تن جا نَنڍڙا ٻار
ڪير مکڻ سان ماکيون ٻہ، وانجن ڪن وينجھار
مايون ٻہ تن مهانڊن جون، ڏڻ ڪان ناھن ڏار
رِليون، وهاڻا، چادريون، ٿيون سَرس سِبَن سينگار
موڪليندیون مهمان ڏي نہ مِلي جيئن مَيار
ميرن وٽان محبت جا، ٿا ملن خُلق خرار
جي ميڙ آئي تن مان ڀِر، تہ بخشيندا هِن يار
تن پرين لکين پار، وڳڻ واڪاڻي ڪيترا

## ڳجھارت

**ڏيڻي**: نالا مالَ جا پکي، ٻولي، ڪاٺ جي، مالَ جن
نالا= وارث، مال جا= وَڳ، پکي= وهيا، ٻولي= آءُ، ڪاٺ جي= ڪِلي، مال جن = ٻَرَن (چيلن)
**پڇڻي**: وارِث وڳ وَيا آءُ اکيلي ٻَرَن .

## تيھ اکري

(الف)
اَحمد آيو آهي، اسان ڏانهن عظيم
ثنا جنهن سَرور جي، آهي ملڪن مَنجھہ مقيم





مکو آ محبوب کي رب، ڪري پاڻ ڪَريم
مِٺو آهي ميم، مالڪ کي محبوب جو

(ب)
بادشاهي بخشش جي، آ ملي مرسل مِير
عالم کي آ آسرو، مَٺي محبَ منير
جو ساٿي آهي سفر ۾، سو ساٿي ٿيندو سِير
قادر رب قدير، مکو آ وارث ويجھڙو

(ت)
ترس ڪيو آهي، راحم رب جبار
مير مڪائين ڪارڻي، اڙين جو آڌار
سڀ ڏنائين سيّد کي، ڪندا قُرب ڪنڌار
ٿيندا ٻيڙا پار، ڪرم ساڻ ڪريم جي

(ث)
ثناء ثابت آ سرور جي، ڏسو مَنجھہ جهان
خالق خلقي خوبرو هِن ڏنا محب مَهان
واهہ ڪلي آوڳڻ چئي، ڪيو ڪين گمان
آهن وڏا احسان، آندا عَرب اُمت لئہ

(ج)
جملي آ جلوو نبيءَ نادَر نور جو
عرش پي سايو پيو گهري، سهڻي پاڪ حضور جو
حورون ملڪ آ سَلسلو هن ذات جي ظهور جو
تونگر هن طهور جو، آ متّ نہ ڪو مولا کيو

(ح)
حبيبن ڳالھ ڪيان مان، ڇا خدا جي پيار جي
صفت آ صاحب ڪئي تنهن، نور جي انوار جي

قُرآن ۾ تعريف آهي، تنهن مِٿي مَنٺار جي
جنت ۾ي آهي يار جي، مالڪ سندي محبن بِلي

(خ)

خُدائي آ خزانو مير مرسل کي مليو
سونهن سوپيا جو مليو، صاحب کي آهي سلسلو
سهڻي سيد جي صاحبيءَ سان، پار پوندو قافلو
بلڪل اسان جو پرجهلو، محبوب آهي مصطفیٰ

(د)

داتا جو آ دلبر، سونهن ۾ سڀ کان مٿي
حُسن تنهن حاڪم سوا، سهڻو نہ ڪو بہ ڏسندو ڪٿي
مرڪ محبوبن پيو ماڻهو، شام جون ماڙيون ڏسي
مخلوق پئي مالڪ پسي، معراج ۾ ويجهو ڪري.

(ذ)

ذِڪر آهي زور جو، قادر آهي ڪيو
محمد ﷺ کي مخلوق ۾ آ سهڻو رب ڪيو
سوئي چاٽي سڄڻ کي، جنهن سان گڏ رهيو
جو عرش منجھ ٿيو، اهو علم آهي الله کي

(ر)

رحمت آهي رب جي، اسان تي اظهار
مِٺو مِير محمد ﷺ، آهي اڙين جو آڌار
ايندو ڏينهن قيام، هُو شافي شفادار
ٿيندو قلب قرار، سيّد آئي سوڙهہ ۾

(ز)

زور ضامن ضعيفن جو، پنهنجي اُمت ڏي ايندو
ڏسي حال حبيب، واپس نہ ويندو





قطاري ڪمزورن کي، ساڻ وٺي ويندو
هوندو سائين هوندو، جانب گڏ جنت ۾

(س)

سزا جو خوف اصل، ڪيو انسان
سچا سّيد سان ٿيو، ساڻ صِدق ايمان
شيطانن جي شر جا، مَٿيو سڀ عنوان
ڪس لڳندوَ ڪانہ، سلهاڙيو پاڻ سيّد سان

(ش)

شرارت ڇڏي شيطان جي، تون جلد نبيءَ ڏي وَرُ
ٻيا سڀ دَر سچا ٿي، وٺ دولت وارو دَرُ
جي ڪوٺي ٿئيس خان سان، ويندئي ڀائو ڀلي ڀَرُ
چريو ٿي نہ ڇَرُ، گندا گاهہ گناهہ جا.

(ص)

صدوري صادق ٿي وٺ، سون سچاڻي سَچ
قرض ڏيڻ جي قهر کان، ڪو اڳيان هَلي بچ
سودو ٿئي اڄ سستڙو، ڳاڻو تولئہ ڳچ
نفعو پائي نچ، وارث وٺان وڃڻ ڇٽئي

(ض)

ضعيفن جو ضامن، اچي ٿيندو عربي اُتي
جتي نہ واهي واهرو، جو ڪري ماڙ مَٿي
عاجزن ڏانهن اچڻ جي، ڇڏي آ ڪامل ڳالھ ڪَٿي
هِتي توڙي هُتي، آهي احمد ﷺ آسرو

(ط)

طاقتون سڀ اُتي پريشان هونديون پاڻ
ساٿي سنگتي سوڙھ ۾، ڪندو ڪونہ سڃاڻ

اڻ سڏئي ايندو عربي اُتي، آ واحد ڪئي واڪاڻ
تون دِل تنهن ڏي تاڻ، آ جنت جنهن جانب جي

(ظ)

ظاهر ذات ظهور آ... نبيءَ جي نشان
الله جنهن لاءِ آ چيو، آٽيو مَٽس ايمان
اهڙي ذات عجب جي، آ خالق ڏِني خان
مڙيئي مسلمان، ٿيا آهيون ميجيندي محبوب جي

(ع)

عزت اسان جي آهي ڪئي رب گهڻي
مڙني مخلوقن ڪان مٿي ٿا ويهون هام هڻي
ڏنو آهي الله ڪري، پنهنجو دوست ڏٽي
جتي وانگي نہ ڪوڻي، اُتي ايندو عربي اُمت ڏي

(غ)

غافل هوندا گُم، جن ڪئي پلائيءَ ڪان پُل
نبيءَ ڏانهن نِروار ٿي، جڏهن آيا نبي ڪُل
مڙيئي اچي محمد ڪي، گهور پائيندا گُل
ڏِسبا شان شُغل، محشر ۾ محبوب جا

(ف)

فِڪر ناهي ڪوبہ آهي راز خدائي زور
جي راضي ڪرين رب کي، تہ گهر ٻچا سِر گهور
نبي جو نروار ٿِي تورَ دُرود نہ تَور
سپ ڪجھ سيّد ڏي سور، عربي ڇڏائيندءِ آزار ڪان

(ق)

قريب ٿي قريب ٿيا، ڪندئي قِياس قريب
ڪر قرب قريب سان، تہ ڪرئي رب قريب





بنا ڪرم ڪريم جي، نہ ڪو ڪندئي ڪرم قريب
ڪٿئي شال نصيب، جو سرين يار سيّد ڏي

(ڪ)

ڪمائي تنهنجي ٻي ڪا بہ ڪم جي ناهي
هلي آ حبيب جو ڪس قلب لاهي
سڄڻ مليو هي سون ٿي، وڃ ڪوڙ ڏي نہ ڪاهي
اڄ پوک هيءَ ڏِس راهي، جا سنگ ڪڍي ٿي سڦرا.

(ل)

لُڏنديِن ڪينڪي، جي سڄڻ سڄاڻي
مالڪ جو محبوب، ٿيندئي ساٿي سياڻي
قادر رب قبر ۾، ٿو هر هڪ ڪي آڻي
اڻ پڙهہ اَڻ ڄاڻي تي رڳو هوندو رحم رسول جو

(م)

مذاق ٿو هِتڙي ڪري گهڻي شيطان
ستت ڇڏ سڄئي ڪي، ميڙي ويندئي مان
سنجهي آءُ سڄڻ ڏي، تہ خان سڏني خانُ
هتي ڇا احسان، ڏسجان قُرب قبر ۾

(ن)

نخرا ڇڏي نَود جا اڄ هلي هوت حبيب
طلب رڳو تونگر جي، ڏس پوءِ محب مجيب
تات تنهنجي آ طاهر ڪي، رو نہ رات رقيب
ڪُليا ٿي نصيب، شل وٺين چوڻ وڳڻ جو

(و)

وسارج ڪينڪي، جو ڪم ڇوانءِ ٿو هيءُ
شيرين شڪر ٿي شاھ وٽ، رڳو پس پرين پو پيءُ

چڏ موڳائي محل ٿي، آ جانب وٽ جي جيءُ
سوڙهي نہ ٿيندئي سيءُ، جي رهبر ماڻين روح سان

(هہ)

هيئائين هل يار، ڪر نفس نوائي
جو مال ميڙيو ٿي مڪر سان، سو سار صبح سائي
ساهہ نہ لهندين سڄڻين، چڏ ڪوڙن ڪمائي
هي طعام نہ چڏ پائي، جو مولا ڪو آ محبوب سان

(ل)

لذتون لهندين لوڪ ۾، ٿيندئي قبر بہ روشن يار
مالڪ جي محبوب جا، تون پڇ نہ ڪنهن ڪان پار
سنپالون هِن سيّد ڪي، گهڻيون تنهنجون بارو بار
جي هِت هٿ نہ ڪيئي هٿيار، تہ قبر ڪندئي ڪينرو

(ء)

ايئن نہ ڪجان اَصُلي، جيئن مسڪيني مار ملي
وٺي سات سيّد جو، ٿي بحري باز بِلي
ووڙي لهو وَريام ڪي، ڳليں ڳوٺ ڳلي
اُنهيءَ چست چِلي، اڳيان اڙٻين ڪَينڪي

(ي)

يقيناً يار تون هيءَ ڏسندين ڳالهہ ڳڻي
پرچائي وجهندين پرين ڪي، جو اڳيان بار ڪٽي
محبوب ڪي مهر ٿي ڏني رب مَڻي
جيڪو جو بہ ڪٽي، وڃڻ سو ملي ٿو محبوب سان

**مددي ڪتاب:**


1. وڳڻ جا ويچار، حاجي علي نواز وڳڻ، 2006ع
2. حاجي علي نواز سان مختلف وقتن تي ڪچهريون.


www.sindhsalamat.com



# حاجي رحيم بخش قريشي

حاجي رحيم بخش ولد عبدالله قريشيءَ جي پيدائش پاڪستان ٺهڻ کان هڪ سال پوءِ سنہ 1948ع دوران سندس اباڻي ڳوٺ سيوهڻ کان اپرندي پاسي سنڌو درياهہ جي پر ۾ آباد ڪيٽي قادر بخش شاهہ ضلع نواب شاهہ ۾ ٿي. سندس والد مسڪيني حال ۾ بہ کيس ڳوٺ پير خدا ڏني شاهہ پرائمري اسڪول ۾ پرائمريءَ تائين پڙهايو ۽ ڪافي عرصي کان پوءِ 1975ع ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشوري ۾ سرڪاري ملازمت ملڻ سبب اتان هجرت ڪري هميشہ لاءِ اتي ئي رهائش اختيار ڪئي. پاڻ سنہ 1966ع کان وٺي ادب ۾ پير پاتائين.

استاد محمد خان قريشي ۽ سنڌ جي سدا حيات سگهڙ استاد فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جي صحبت کيس پهرينءَ صف جو سينيئر سگهڙ بڻايو. استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جو ساڻس پيچيدو پيار هئو ۽ هو هر هفتي توڙي مهيني وٽس 10 کان 20 سگهڙن سميت مهمان هوندو هئو. سندس وڃڻ کان پوءِ ان ساڳي ئي مشن کي برقرار رکي پايئہ تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ هن سنڌ سڄاڻ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) جو بنياد وڌو ۽ ذاتي خرچ تي پاڻ 8 مئي 2004ع تي سنڌالاجيءَ ۾ سگهڙ ڪانفرنس، ڪوٺائي مرڪزي صدر کي پڳ ٻڌرائي.

هو "رمزون رحمت الله جون" ايوارڊ، استاد محمد ملوڪ عباسي ميڊل، لوڪ ادب ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ماڻي چڪو آهي. پي.ٽي.وي ۽ ريڊيو تي ڪوڙ سارا پروگرام ڪيا اٿائين. سگهڙائپ جي سيني صنفن جو ماهر آهي.
**(ڪتاب سگهڙ ڊائريڪٽريءَ تان ورتل)**

www.sindhsalamat.com

## سينگار

ڏس قيس قريب جا، ويا ڪنبي ڪاريهر،
تلنگ تليهر تاب چڙي ويا، ڪين ڪنيائون ڪر،
پونگ پچنگ پرڪي بيٺا، آڏو ڏئي اوڙر،
اڳ اليهر سپ سيهر، پيا ڪن پچر،
تہ واسينگن ڪان وارن جا، وڏ واهہ واهہ آهن ور،
اهڙا انگ عجيب ڪي، ڏنا ڏاهي ڪي ڏاتر،
آڪلن منجهہ ڪٿر، منهنجو راڻو ”رحيم بخش“ چوي.

O





# سگهڙ محمد مٺل جهتيال

سنڌ ۾ صدين ڪان وٺي سگهڙ ايندا رهن ٿا ۽ ايندا رهندا. انهن سگهڙن ۾ سنڌ جو قوي مهان سگهڙ استاد فقير محمد ملوڪ عباسي رحہ هڪ اهڙو سگهڙ ٿي گذريو، جنهن جي مقابلي جو سگهڙ هن هلندڙ دؤر ۾ پيدا ٿيڻ مشڪل آهي. جو تہ پهرين ان ڪي ملوڪ ٽيٽو پوي ۽ پوءِ فقير بڻجي وري سگهڙائپ جي ميدان ۾ هزارين شعر لکي ۽ وري ايڏي وڏي مڃتا ماڻڻ ڪان پوءِ سوين سگهڙ شاگرد ڪرڻ ناممڪن آهي. ان ئي مهان سگهڙ جي مهان شاگردن ۾ سگهڙ محمد مٺل جهتيال پڻ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ڪيس قدرت جي طرفان ڏات ۽ ڏانوَ جو اڻ ڪٿ خزانو عطا ٿيل آهي، سندس پڙهڻ جو انداز پڻ من موهيندڙ ۽ دل ڪي ڇهندڙ آهي.

پاڻ صحافت جي ميدان ۾ پڪار اخبار ڪان وٺي پاڻ مڃايو اٿائين ۽ ڪيترن ئي وڏن پروگرامن ۾ ڪمپيئر طور ماڻهن جون دليون ڪٽي چڪو آهي. قد ڪاٺ جو پورو پنو آهي پر سوچ سمنڊ جي گهرائيءَ ڪان وڌيڪ گهري اٿس ۽ جذبا احد پهاڙ ڪان وڌيڪ اوچا اٿس. ايڏي منزل ماڻيندڙ هن سڄاڻ سگهڙ محمد مٺل جهتيال جي پيدائش 7 جنوري سال 1959ع ۾ پنهنجي بابي علي نواز خان جهتيال جي ڪڪائين صحن تي ٿي. پاڻ پرائمريءَ ڪان ئي وڌيڪ ذهين ۽ هوشيار رهيو. اڳتي هلي مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين.

پاڻ 22 سالن جي عمر ۾ سنڌ جي سداحيات سگهڙ استاد فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جي صحبت حاصل ڪيائين ۽ فيض سان فيضياب ٿي سگهڙائپ جي ميدان ۾ آيو ۽ پنهنجي استاد سان بربحر شهر توڙي ٻهراڙيءَ ۾ ڪيترين ئي ڪچهريون ڪيائين. سندس سگهڙائپ جي

سفر ۾ سنڌ، سرحد (خيبرپختونخوا)، پنجاب ۽ بلوچستان سميت پلي پار يعني مڪي پاڪ مديني شريف ۾ حقيقي محبوب جي حاضريءَ دوران بہ گڏ رهيو. جيتري صحبت ۽ فيض هن شاگرد کي عطا ٿيو، شايد ئي ڪنهن خوش قسمت کي عطا ٿيو هجي.

پاڻ سگهڙ پائيءَ جي ميدان ۾ ڪيترائي وڏا ايوارڊ جن ۾ شهباز ايوارڊ، جلال ڪتي ايوارڊ ، سنڌي ادبي سنگت ايوارڊ، سگا ايوارڊ، استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ، سميت ڪيترائي ميڊيا سرٽيفڪيٽ ماڻيا اٿائين. سندس پهريون ڪتاب (مٺل ماڳ وسن) 375 صفحن تي مشتمل سال 2000ع ۾ ڇپيو ان کان سواءِ سندس شاعري ۽ لوڪ ادب تي مشتمل ڪتاب (مٺا ٻول مٺل جا) ۽ انقلاب سان ڀريل قومي ڪتاب (ڪنڌ ڏنائون قوم تي) پڻ زير اشاعت آهي.

جڏهن 23 مارچ 2004ع تي دلبر دوست حاجي رحيم بخش قريشي ۽ مون راقم الحروف (عاجز لاشاري) هن تنظيم سنڌ سڄاڻ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) جو بنياد وڌو تہ ان وقت هن ئي سگهڙ يعني محمد مٺل جهتيال کي باصلاحيت سگهڙ ڏسي صدارتي عهدي لاءِ منتخب ڪيو ويو ۽ هن وقت تائين سندس محنت ۽ محبت واري موٽ آهي جو ٿوري عرصي ۾ (سلات) پنهنجي ميڊيا ذريعي سنڌ جي سياسي، سماجي ڌرين، اديبن، دانشورن ۽ باشعور عوام کي ثبوت پيش ڪيو آهي تہ سڄاڻ سگهڙ جيڪي استاد محمد ملوڪ عباسيءَ کان پوءِ ماضيءَ ڏانهن ڌڪجي رهيا هئا سي وري ڪيترائي ورهہ مستقبل طرف اڳتي وڪون وڌائي نڪري آيا آهن ۽ پنهنجي سنڌي لوڪ ادب کي عالمي سطح تائين ميڙائڻ لاءِ رات ڏينهن رڌل نظر اچي رهيا آهن.

الله پاڪ ۾ اميندون آهن تہ سگهڙن جي سچائي ۽ سگهڙن سميت هتان جي عوام جي هڙان ۽ وڙان واري دلي مدد جاري رهي تہ دنيا جي هر ملڪ ۾ لوڪ ادب جو چرچو هوندو ۽ ٻين جو ادب، سنڌ جي سگهڙن اڳيان جهڪيل رهندو. آمين. **(عاجز رحمت الله لاشاري)**





## سينگار

ڪارا قيس ڪلھن تي، پوئنرن لاتي پاچ
چنيڻ شمشيرن، دهشت ۾ ڏچراج
ماڻھو ماس "مٺل" چوي، ٿي ڪنوڻ تنين ڪاچ
لاڪيٽن جي لاچ، جيئاري جي "جهتيال" چوي

## پهاڪي جو بيت

عقل وارو عقل سان، جوڙي ڏيندو جواب،
بي عقل پيو بڪ ڪندو، ڪري هوڙ حساب،
سالڪ سمجهدار سان ٿي ساعت پل ثواب،
"مٺل" چٽ ملوڪ نہ ٿئي، توڙي پڍي ڪنڌ ڪتاب،
سمجهڻ وارا سمجهن پيا، هڪ جملي ساڻ جناب،
باقي رڍن اڳيان رباب، ڪي وڄائيندي ورهہ ٿيا.

(سلات جي سگهڙ ڊائريڪٽريءَ تان ورتل)

o

# رحمت الله عباسي

ڪانڌڙا ڪالوني موري ۾ رهندڙ ۽ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جو شاگرد نالي وارو سگهڙ رحمت الله عباسي ولد گهٽو خان عباسي 1950ع ڌاري ڄائو. هُن سگهڙائپ جي شروعات ويهن سالن جي ڄمار ۾ 1970ع ڌاري ڪئي. سندس فن بابت سائين حاڪم علي شاهه بخاري لکي ٿو ته: ”ظاهري طور تي مڙس قد ڪاٺ جو هلڪو آهي پر سندس ڪلام ۾ تمام گهڻو وزن آهي. سندس بيت پڙهڻ جو انداز ڇٽو، سنجيدو، ڏاڍو وڻندڙ ۽ دلڪش آهي. ڳجهارت ڳولهڻ جو به بهترين ڪاريگر آهي. مون ڪي سندس هيءَ خوبي ڏاڍي وڻندي آهي ته محفل ۾ ايترو پڙهندو آهي، جيترو وقت هوندو آهي. ٻين سگهڙن وانگر مائيڪ کي چنبڙي نه پوندو آهي.“ (رهاڻ رحمت الله جي)

ساهتي پرڳڻي سان واسطو رکندڙ هن سگهڙ ۾ به ڪيترين ئي خوبيون آهن. مهمان نوازي، خوش خلقيءَ يار ويسي وغيره سندس خوبين ۾ شامل آهن. سندس ڪلام ۾ به ساهتي پرڳڻي جي نج سنڌي ٻولي، پهاڪا ۽ چوڻيون وغيره سيبتائيءَ سان ڪم آندل آهن. هُن لوڪ شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جهڙوڪ: گفتا، نصيحت جا بيت، معجزا، مناظرا، بنا نقطي بيت، ٽيهه اکريون، ڏهس وغيره.

عام طور تي سگهڙن ڏهس لکيا آهن پر هن همراهه ويهس ٽيهس ۽ چاليهس به چيا آهن.

سندس هڪ ڪتاب ”رهاڻ رحمت الله جي“ شايع ٿي چڪو آهي، جنهن جو تعارف هن ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي، اهو ڪتاب احمد خان سهاڳ سهيڙيو آهي، خدمتن جي موٽ ۾ کيس مختلف ايوارڊ به ملي چڪا آهن،





جن مان ڪجهه هن ريت آهن:

1) حضرت جلال ڪتي ايوارڊ
2) قلندر لعل شهباز ايوارڊ
3) حضرت سچل سرمست ايوارڊ
4) ڪلهوڙا عباسي تنظيم پاران ايوارڊ

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ خيرپور تان پروگرام ڪندو رهندو آهي. پي ٽي ويءَ تي 1984ع کان فن جو مظاهرو ڪندو رهندو آهي. سندس ڪلام مان چونڊ هيٺ ڏجي ٿي.

### ٽيهه راتيون بيتن ۾

#### پهرئين رات

پهرئين رات پتو نه پيو ڪل مون ڪائي،
اوچتو اڄ رات جو هڪ واهه پڌم وائي،
ڪنهن ٻين برهه جي، ڪا ويهي وڄائي،
تنهن دونهين درد فراق جي دل ۾ دکائي،
سڌي منهنجي سيني ۾، سا تڪ ڪري تائي،
گهورن دل گهائي، لڳي اکين اڄ عباسي چئي.

#### ٻي رات

ٻي رات ٻوٽيان اکيون پوريان ته پتجن،
ڦٽي ننڊ نيڻن جي، پيون ورهه ۾ وڄجن،
روڪيان ڪٽي رئڻ کان، ته گهٽيون نه گهٽجن،
جيئن منڌائتو مينهن پوي، تيئن لهر ۾ لتجن،
معلوم نه ٿي مونکي سگهيو، ٽيون سور ڪهڙي سنجن،
اهڙي اُڄ اکين کي جو مورهون نه متجن،
سي هاٽي ڪيئن هتجن، جن رئڻ سکيو رحمت الله چئي.

### ٽين رات

ٽين رات ٽمي پيون، هي اکڙيون اجايل،
ڪيريون رڳو خمار ۾، ڪن بس نه بڪايل،
اکيون اباٽڪيون عشق ۾، سدائين سڪايل،
سمجهيم ڪنهن جي سور جي، ڪا اٿن چوٽ آيل،
ماٺ نه ڪن مَنيون، هي ڏاڍيون ڏکايل،
بدن باهه پڙڪي پئي، ڪا اٿن دونهين دکايل،
گهورن جون گهايل، رئن روز رحمت الله چئي.

### چوٿين رات

چوٿين رات چتو ڏٺم هڪ خوشيءَ وارو خواب،
جهڙي سهائي سج جي، منهن اهڙو مهتاب،
چوڏاري چانداڻ ٿي، ٻيو ڪونهي جوڙ جناب،
مڻ ڪٿوري مشڪ جي، پلي هجن گنج گلاب،
اچي وڳو اندر ۾، منهنجي رڳن منجهه رباب،
چڙهيو نشو نيهن جو، پيتم شوق شراب،
هٽيو سڀ حجاب، ڪئي اکين عيد عباسي چئي.

### پنجين رات

پنجين رات ٻجريون، هيج منجهان هيڪر،
واجهائن پيون ورهه ۾، هي نماڻيون نڌر،
ٿئي ديدار دلبر جو، ڪو ٻيو دفعو ٻيهر،
ٿئي عيد عباسي چئي، جاني پسي جيڪر،
جيڪي پرينءَ پٽيون، ڪري نيڪ نظر،
اچي تير عشق جو، ڪا پين سڪ سنگهر،
دم دم لاهيو در، سي رئندي ئي رهجي ويون.





### ڇهين رات

ڇهين رات ڇرڪ پري اُٿيم آڌيءَ رات،
ساڳي ٻولي سڄڻن جي، لاشڪ ٻڌم لات،
نهاريم پئي نڪريو، هت پرهه تائين پرڀات،
پسڻ لاءِ پرينءَ جي، صبر نه ڪن سات،
ويڳاڻين وس ڪيو، اڄ ملڻ لاءِ ملاقات،
اهڙيءَ طرح عباسي چئي، مونکي اچن پيا اوقات،
قرار گهڙي ڪا نه، مون سمهي سڪ نه ماڻيو.

### ستين رات

ستين رات سنجهي مان، مونکي پلٽي پيم پور،
حب وارن کي هميشه، هڪ سڪڻ ٻيا سور،
اندر باهه عشق جي، رڳو ڪامن پيا ڪور،
لڳي اجهامي ڪانه ڪا، ماريو تنهن مذڪور،
سڪ نه ستيون ڪڏهن، گهايو جن کي گهور،
اصل نه ڪيم عباسي چئي، ٻاهر ڪا ٻاڦور،
وڃن پيون وهلور، اکيون انهيءَ پار ڏي.

### اٺين رات

اٺين رات عجيب جي، وٺي ڏٺيم واٽ،
اڌمان منهنجي اندر مان، اٿن پيا اوٻاٽ،
ويچاريون سي وسي پيون، ڳوڙهن پري ڳاٽ،
جيئن سانوڻ مينهن ستو پوي، چپر مٿان چاٽ،
پرينءَ سندي پيار جي، آچڪي جنين چاٽ،
اٿن يار عجيب جي، گهڻي اڄ اوسات،
اچن اندر مان اڌ ماٺ، رئڻ سکيون رحمت الله چئي.

www.sindhsalamat.com

## نائين رات

نائين رات نذر کي، اڇي غم کيو گهيرو،
ڦري تون فضل جو، کر فقير ڏي ڦيرو،
پيس پناري تو پرينءَ جي، توڙي مدو آئون ميرو،
تنهنجا ڳڻ وينو ڳايان، کر پورل تون پيرو،
جرڪي هن جهان ۾، جاني ٿيان جيرو،
اجار اڇي عباسي چئي، دلبر تون ديرو،
وجي هي ويرو، روئڻ جو رحمت الله چئي.

## ڏهين رات

ڏنيم ڏهين رات جو، پئي چونکي چوڏاري،
هيکر هانوٺري پوي، لهي من تان مونجهاري،
منٿ وڏو آ ماهه کان، نه گهڙي سهان گهاري،
ساعت سال پانيان، پئي اڇي انڌاري،
سٽ اهڙي سک جي، کنهن سور ته سيکاري،
اڇي يار عباسي چئي، ته کري بدن بهاري،
ويو ڏئي ڏيکاري، ڦٿي دل فراق ۾.

## يارهين رات

يارهين رات يار جو، مليو پرينءَ جو پيغام،
آواز ٻڌم عشق جو، ته نه کر غم غلام،
سڻي پوءِ سڄڻ جا، سرهو ٿيس سلام،
اها خبر خير جي، مونکي ڏني عشق انعام،
اڄ سپاڻي اچڻا اتئي، واري واڳ وريام،
راحت ٿي رحمت الله چئي، آيم پوءِ آرام،
منهنجا ڪچ کمام، وجي اگهيا در عباسي چئي.





## ٻارهين رات

ٻهاريم ٻارهين رات جو، مون اڱڻ ۾ ايوان،
اٿم پريم اچڻا، کي مان پريا مهمان،
سينگاريم گهر گهوٽ لاءِ، هي چوڏاري چوغان،
بخت کليو بدڪار جو، لٿم غير گهان،
کنهن کي وٽيس کونه کو، پوءِ جر کيس منجهه جهان،
گهر ٻچا گهور کيا، ٿيان قدمن تان قربان،
کٿي محب مکان، کٿي اڱڻ منهنجو عباسي چئي.

## تيرهين رات

تکيم تيرهينءَ رات جو، رانجهن سندي راهه،
سواءِ تنهنجي سپرين، منهنجي وَسنءَ کانهي واهه،
هٿن خالي حبيب مان، کو سکيو کٺان ساهه،
بار منهنجي بدن تان، لڳ خدا جي لاهه،
اڄ يار عباسي چئي، ته ڏيهن پوي ڏاهه،
اهڙي روز رحمت الله چئي، اگهي منهنجي آهه،
ٿئي تنهنجي نيک نگاهه، ته جرکان هوند جهان ۾،

## چوڏهين رات

چوڏهين رات چريءَ کيون، دل درد ونديءَ دانهون،
ڦٿيل دل فراق جي، پئي رَند ڏسي راهون،
سڏکا پريو سڏڙا کري، ايلاز ۾ آهون،
پرين منهنجو پور جي، اٿم ويون سپ واهون،
مڙي کونه ماڳهين، کري قريب ڏي کاهون،
پائي پاند ڳچيءَ ۾، پوءِ ٻڌم کٽي ٻانهون،
ته لکين مون ۾ لاهون، تون عنايت کر اچڻ جي.

## پندرهين رات

پندرهين رات پڪ ٿي تہ ايندم اڄ عجيب،
آهون منهنجي اندر جون، پيون ڪن قريب،
ڏکي اوگهڙ ڏول منهنجي، هٿن ساڻ حبيب،
نوازش ٿي نالائق تي، نوان ٿيم نصيب،
اهڙا قرب اڻ چاڻ تي، ڪيا محب مجيب،
نہ تہ ماڻهو مهڻا محب جا، پيا ڏين راڄ رقيب،
نظر ڪر نجيب، تہ ٿئي عيد عباسي چئي.

## سورهين رات

سورهين رات سر جيو هڪ وجود ۾ وڻ،
پتا تنهن ۾ پيار جا چڻ مٺائي مڻ،
وڏم پٽي وات ۾ تہ ڦٽو سڪ سمهڻ،
مٺاڻ تنهنجي محبت ۾، چڻ ماکي ۽ مکڻ،
اهو پودو جنهن پوکيو، تہ اٿس لاکيڻو لڇڻ،
اٿس پاڙون پاتار ۾، ٿو اجاري اگڻ،
اهڙي رمز رکڻ، اٿس اٿڪل وڏي عباسي چئي.

## سترهين رات

سترهين رات سنجهي مان، آيو پيار پڪي،
ويٺو اڇي وجود ۾، اهڙي رمز رکي،
وري منهنجي ويجهڙو، آيو لال لکي،
ڦکي مونکي فرق جي، اڇي محب مکي،
غم ويا گم ٿي، پوءِ ٻيهر دل ٻکي،
وئي بيماري بدن مان، جا دونهين پئي دکي،
مون اهڙي چاٽ چکي، جو ٿي عيد عباسي چئي.





## ارڙهين رات

ارڙهين رات انعام، هيءُ پرينءَ ڪان تہ پُنون،
دلبر يار دلاسو، اڇي ڏکيءَ ڪي ڏنون،
ساري مون سڄڻ ڪي، هو راتو ڏينهن رنون،
پنهل مون کي پيار ڏئي، چپر ڪونہ چنون،
مونجهاري جو من تي اڇي ٻڌئي پاڻ ٻَنون،
ورهن ڪان ويران هئي، ڪئي فڪر دل فنون،
مون کي محب منون، ٿو ڪنهن دم وسري ڪينڪي.

## اوڻيهين رات

اوڻيهين رات اڇي ويو، پرينءَ پروانو،
ويا ڏينهن ڏکن جا، ويو کُلي خزانو،
ڳالهہ وڏي آ ڳڻ جي، ڪا بيحد بيانو،
اڇي روح روان ٿيو، ڪيم شاهي شڪرانو،
ٻاتا اکر ٻٽڙي، آيم ذڪر زبانو،
ماڻهن ڏنيون مبارڪون، هيءُ مرڪيو مستانو،
هي نئون نذرانو، منهنجو اگهيو در عجيب جي.

## ويهين رات

ويهي ويهينءَ رات جو، مونکان هڙئي پڇائون حال،
سڏايم سڀ سڄڻ کي، جو ڪيل منهنجو قال،
اوڏايون مون ۾ اصل ڪان، آهي ڪونہ افعال،
ميڙي محبوب ڇڏيون، محبت ڏئي ڪمال،
گوهر تو گدليون، ڪڍي لکين ڪيون لال،
تون لوڪن لڄپال، مون ۾ عيب عباسي چئي.

## ايڪهين رات

اڇي ايڪهينءَ رات جو، ڏڪيم ڪڻي ڍول،
لهي ويا لهري ۾ ڏڪ مڙوئي ڏول،
مهڙا ماڻهو محب جا، رحمت الله ڏين رول،
جهولي پايو جهليان، جهڻڪون سپئي جهول،
اگهيا در عجيب جي، ٻاتا منهنجا ٻول،
مرڪيو منهن مسڪين جو، هنئين لٿا هول،
گهر ٻچا گهول، ڪيان آکهہ سڄي عباسي چئي.

## ٻاويهين رات

ٻِٽ ٻاويهينءَ رات جو، پيون وڃن چٽ چڙيون،
جن کي عشق اٿاريو، سي سمهن ڪيئن سڙيون،
ساعت صبر نہ اچي، پيون ڏين گهاءَ گهڙيون،
اٿئي ويٺي عباسي چئي، رڳو تن تڙيون،
جن کي نير نينهن جو، سي سمهن ڪيئن سڙيون،
لنديون جي لوڪ ۾، سي ازل کان ئي اڙيون،
جي چاڙهيءَ عشق چڙهيون، تن کي لڳو رنگ رحمت الله چئي.

## ٽيوهين رات

ٽڪاءُ ٽيويهينءَ رات جو اصل ڪونہ اچي،
اپي پير اچي ويو، ٻيٺو نينهن نچي،
اوڏاهين هل عباسي چئي، جتي رنگ رچي،
سڄڻ پسي سرهو ٿيان، من ڏسي محب مچي،
اٿئي پهر اداس ۾، پيو اهڙيءَ پر پچي،
اونهو بحر عشق جو، ڪو اتان بخت بچي،
ڪونهي ڪم ڪچي، پڪو پتڻ پار ٿيو.





## چوويهين رات

چٽڪو چوويهينءَ رات جو، آيو پئي اکين،
چوڏاري چرپر ٿي، ات پچار ڪئي پکين،
آيو يار عباسي چئي، ڪئي لات لکن،
سرڪي اها سڪ جي، ڪي چاهہ وارا چکن،
ڦڪي فرق فراق جي، پيا محب مکن،
ڪي سٿون پڙهي سرفراز ٿيا، ڪي لائق پيا لِکن،
ڪوجهي منهنجي ڪکن، ڪٽي رنگ لاتو رحمت الله چئي.

## پنجويهين رات

پنجويهينءَ رات پرينءَ جا، گهٽ نهاريم گهير،
چمان ڪڻي چشمن سان، پهرين اهي پير،
هنيون نہ هڪ جاءِ تي، هئي جنهن کي هير،
الائي چو عباسي چئي، ڪيائين اچڻ مهل اوير،
ڪيا ڪونہ قرب مان، اڄ ساجن مون ڏي سير،
يا مون ۾ ڏٺائون مير، يا روح پليائون رحمت الله چئي.

## ڇويهين رات

ڇوٽ ڇويهينءَ رات جو، ٿيا سرها سانگ سفر،
گوهر گدليون ڪڻي نوازيون نڏر،
ڪچايون منهنجون ڪيتريون، ڪٽي دور ڪيون دلبر،
سڏيو سڄڻ سڪ مان، لهي غم ويا گوندر،
ڳڻپ ڪان ڳُڻ مٿي ٿيا، مون تي قرب ڪسر،
اڻ چاڻ عباسيءَ کي، ڪٽي راهہ ڏَسي رهبر،
شروع ڪيم شعر، سي اگهيا در عجيب جي.

### ستاويهين رات

ساري ستاويهينءَ رات جو، قلم ڪم ڪيم،
سڄيون راتيون سيئي، ڇتيون سڀ ڇيم،
اڻ ڄاڻ اياڻو آهيان، جھڙي پرک پيم،
سي ڪل لکيم ڪاغذ تي، جھڙو حال هيم،
جي اکر اڳيان آيا، سي وڏي سڀ ويم،
بار مون بدڪار جا، ڪوتا خان ڪنيم،
ٿورا لک ٿيم، مون تي يار محبوب جا.

### اٺاويهين رات

اٺي اٺاويهينءَ رات جو، شروع ڪيم شڪران،
ڪوجهي هن ڪمزور تي، ٿيا اڻ ڳڻيا احسان،
مون تي ته منهنجا پرين، محب ٿيا مهربان،
ڪاري منهنجي قلب کي، ڪيائين برسائي بستان،
راضي ٿيو رحمت الله چئي، رب ڏٺي رحمان،
ڪتي ڪل ڪاراڻ کي، اڄو ڪيائين ايوان،
سگهڙ ٿيس سلطان، ٿو عالم سڃاڻي عباسي چئي.

### اوڻٽيهين رات

اوڻٽيهين رات عباسي چئي، ڪيم سو سلام،
پلي آئين پر جهلا تون، مون ڏي عشق امام،
شامل گهٽا شروع ڪان، مون ۾ ڪچ ڪمام،
پلٽ مون تي پيار جي، تو ڪئي گنج گدام،
لطف لائق لک ٿيا، ڪيئي تيڏيءَ مهل تمام،
پرين تو پڙ ڪنئين، تو ڪاري ڏينهن قيام،
تو نوازي ناڪام، لاتو رنگ رحمت الله چئي.





### تيهين رات

تليم تيهه راتيون، منهنجي رنگ لڳو روح،
سڙيل دل سالن جي، تنهن ڦٽيءَ جهليا ڦوهه،
ڪيترا ڪنيل ڪچاين جا، کي ڪوٽيل منهنجا ڪوهه،
دلبر تنهنجي دربار ۾، مون جاچي وڏي جوهه،
تون وَسِڻءَ واهه ولهن جي، مون لکي پاتي لوهه،
تون راضي ٿي رحمت الله چئي، سنجهي يار صبوح،
تنهنجي ورد ورونهن، مون کي الله ڏياري عباسي چئي.

مددي ڪتاب:

1. رهاڻ رحمت الله جي، مرتب: احمد خان سهاڳ
2. رحمت الله عباسيءَ پاران موڪليل تعارف

O

# ڏاڏو ڏتل ابڙو

ڏاڏي ڏتل ابڙي جو اصل نالو الهڏتو آهي، پاڻ هڪ سينيئر سگهڙ آهي. هو محمد صديق ابڙي جي گهر ۾ 01_01_1955 ع تي ڄائو. سگهڙائپ جي سِٽي استاد محمد ملوڪ عباسيءَ پياريس. هو مختلف ٽي وي چينلن، ريڊيي، ننڍين توڙي وڏين ڪچهرين/ڪانفرنسن ۾ پنهنجو ڪلام پڙهي چڪو آهي. هن لڳ ڀڳ سمورين صنفن ۾ ڪلام چيو آهي. سندس ڪلام "توکي آ منهنجو سلام سائين" ۾ ڇپيو آهي.

پاڻ محمد ملوڪ عباسيءَ جي جوڙيل تنظيم سنڌ سگهڙ سنگت ۾ بہ هڪ سرگرم عهديدار جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو اچي پيو.

سندس هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

اوطاقي ابڙو چئي، سدا خوش هُجن
ماڻ ڏئي مهمان کي، تا محبت ساڻ ملن
حال حبيبان پيش پريان، تا قربدار ڪن
ڏاڏا ڏتل ڏسن، انهن آ اَڻ کُٽ گنج الله جو

o





# "عاجز" رحمت الله لاشاري

عاجز رحمت الله گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي. هڪ ئي وقت هو مذهبي عالم، نعت خوان، مولودي قاري، عالم، صحافي، سگهڙن جو اڳواڻ، مختلف ڪتابن جو ليکڪ، ٽي وي ڪمپيئر ۽ سلجهيل سگهڙ آهي. سندس ڄمار تہ ننڍڙي آهي پر هُن ڪم وڏا ڪيا آهن. خاص ڪري سگهڙائپ جي شعبي ۾ تمام ٿورڙي عرصي ۾ هُن گهڻا ۽ معياري ڪم ڪيا آهن.

هو ٻي جنوري 1982 ع (22، ذوالحج) تي فقير شاهنواز لاشاريءَ جي گهر ۾ ڄائو. سندس سڄو نالو مير رحمت الله آهي. هن ست درجا ۽ مدرسي جي تعليم پرائي. 1990 ع کان سگهڙائپ جي فن ۾ پير پاتائين سگهڙائپ ۾ سندس استاد محمد ملوڪ عباسي آهي.

هن کي اسڪول ۾ جيڪي استاد مليا انهن ۾ ڪامريڊ غلام قادر ساريو،محمد امين منگي ۽ زبير جکرو اچي وڃن ٿا. هيءُ هڪ روشن خيال مولوي آهي، جنهن جو هڪ سبب سندس استادن جي تربيت بہ آهي. هونءَ بہ سنڌي مولانا گهڻي ڀاڱي روشن خيال آهن. هو فرقي پرستيءَ جي خلاف ۽ صوفين واري پيغام تي هلندڙ آهن. ڪجهہ سالن کان مٿن ٻاهريان اثر ضرور پيا آهن پر انهن انتها پسنديءَ وارن اثرن کان عاجز ڪوهين ڏور آهي. سندس ديني استاد مولوي محمد صالح لاکو ۽ حافظ محمد بخش چنو آهي.

پاڻ ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز جي بزرگن الله بخش عرف سهڻا سائين ۽ خواجہ محمد طاهر عرف محبوب سڄڻ سائينءَ جو مريد بہ آهي. هيءُ همراهہ سگهڙن جي سکن لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهي ٿو، پنهنجن سينيئر سگهڙن سان گڏ مختلف تنظيمن ۾ رهڻ کان پوءِ سنڌ سگهڙ لوڪ

ادب تنظيم (سلات) جي باني ممبرن ۾ بہ شامل ٿيو. هينئر ان جو مرڪزي اڳواڻ آهي. ان تنظيم جي پليٽ فارم تان هو سگهڙن لاءِ جاکوڙيندو رهي ٿو. سنڌس ديني خدمتون بہ جاري آهن.

هُن صحافت جي ميدان ۾ بہ پاڻ ملهايو آهي. مختلف اخبارن ۾ ڪالم لکندو رهي ٿو. خاص ڪري روزاني الک ۾ سنڌس لکيل ڪيترائي ڪالم، مضمون، وغيره ڏاڍا مقبول ٿيا. سگهڙن لاءِ هن هڪ رسالو "سگهڙ سماچار" جاري ڪيو، جنهن ۾ سگهڙن جون سرگرميون ۽ سنڌن لکڻيون ڇاپيون وڃن ٿيون. ماهوار "لاشار" جو ايڊيٽر بہ آهي.

هن مولودن ڳائڻ جي شروعات ننڍي هوندي کان ئي ڪئي، مولودن جا ڪيترائي آڊيو البم مارڪيٽ ۾ اچي چڪا اٿس. مختلف چينل بہ سنڌس مولود هلائيندا رهن ٿا.

عاجز رحمت الله شروع ۾ "آڪاش" تخلص بہ ڪم آندو. سنڌس مختلف ڪتاب پڻ شايع ٿي چڪا آهن، جيڪي مذهبي ۽ سگهڙائپ واري فن تي لکيل ۽ ترتيب ڏنل آهن. سنڌس ڪجهہ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. رحمت جا خزانا (ست پاڳا)
2. رمزون رحمت الله جون (لوڪ ادب شاعري)
3. رنگ رحمت الله جا (لوڪ ادب جي انسائيڪلوپيڊيا)
4. مولود ۽ مداحون
5. ديس وسي ديدار اسان جو (ترتيب)
6. فيصلا انصاف جا (ترتيب)
7. آهون احمد حسن جون (ترتيب)
8. سنڌ سجاڻ سگهڙ ڊائريڪٽري (ترتيب)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب عاجز لاءِ لکي ٿو تہ: "سنڌ جو سگهڙ بنيادي طور مذهبي شاعر رهيو آهي. پر هن سگهڙ ۾ اعليٰ گڻن واريون سيئي خوبيون سمايل آهن. مذهب سان گڏ ادب، صحافت، خطابت، امامت، تدريس جي ڄاڻ سميت نظم ۽ نثر بہ سٺي نموني سرجيندڙ آهي. هي سيئي مٺيا جا موتي ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ملندا آهن." (رنگ رحمت الله جا، ص_ 129)





هن نوجوان کي سنڌس ڪيل ڪم تي 25 کن ايوارڊ، شيلڊون، ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ وغيره ملي چڪا آهن. جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

1. دولهہ دريا خان ايوارڊ 1998ع
2. استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ 2000ع
3. حضرت جلال ايوارڊ 2002ع
4. قلندر لعل شهباز ايوارڊ 2003ع
5. رمزون رحمت الله جون ايوارڊ 2003ع
6. آواز ۽ انداز ايوارڊ 2003ع
7. لاشار ايوارڊ 2005ع
8. ميلاد نبي ايوارڊ 2005ع
9. عشق رسول ايوارڊ 2005ع

دعا آهي تہ سنڌس ڪم جي رفتار ۽ معيار جاري رهي تہ جيئن خاص ڪري لوڪ ادب جي وڌ ۾ وڌ خدمت ٿي سگهي.

سنڌس لوڪ شاعريءَ مان چونڊ هتي اوهان لاءِ پيش ڪجي ٿي.

## آيو عربي چام (مولود)

ٿي ويا جشن ولادت جام،
آيو آيو عربي چام.

هن ربيع الاول ۾، هر مسجد محفل ۾،
ٿي جذبا ويا جاري، هر مؤمن جي دل ۾،
لڳا نعرا رسالت عام، آيو آيو عربي چام.

هيئن پنهنجي ڪلام اندر، فرمايو آ پرور،
محبوب اسان کي ڏئي، احسان ڪيو ظاهر،
آهيون سيئي سڄڻ جي سام، آيو آيو عربي چام.

آقا جي آمد سان، ٿي هر جا هبڪاري،
وئي نور سان روشن ٿي، هيءَ دنيا آ ساري،

ويو فڪر مليو آرام، آيو آيو عربي ڄام.

رڳو دائي حليمان يا، امان آمنہ لئہ ڇو چوان،
ڪائنات ۾ ڪرم ٿيا، ساري عالم لئہ ٿو چوان،
آهي هڙني لئہ انعام، آيو آيو عربي ڄام.

سائينءَ جي صدقي ۾، ”لاشاري“ لوڪ اندر،
ٿيو سگهڙ ثناگر ۽ هن شاهہ جو آ شاعر،
پيو ٺاهي غزل ڪلام، آيو آيو عربي ڄام.

## هفتو (مدح)

آهين دوجهان جو تون عربي امام،
اوهان تي ڪروڙين دورد و سلام.

آهي ڏينهن **ڇنڇر** ڏکن جو ڏٺو،
ڏسان شال تنهنجو مدينو مٺو،
اوهان ڏي اچڻ جي طلب آ تمام.

آيو ڏينهن **آچر** رهيو انتظار،
ڏيکاري تنهنجو ڏيهہ پروردگار،
گذاريان اتي هر گهڙي صبح و شام.

وري سک ستايو آ **سومر** جي ڏينهن،
اکين لڙڪ لاڙي وسايو آ مينهن،
ٻنهي مان اي ٻهڳڻ وهيو جر آ جام.

**اڱاري** ٻہ اُڻ ٿڻ اندر ۾ رهي،
آهي حال هيڏو اچان ڪيئن ڪهي،
عطا ڪر اچڻ لئہ، ڪو گنج و گدام.

اچي ڏينهن **اربع** جي قاصد چيو،





وڃان ٿو مديني سنيهو ڪو ڏيو،
مٺي مصطفىٰ سان ڪيان ڇا ڪلام

کڻي قلم ڪاغذ هي **خميس** تي،
چيو مانس احوال عربيءَ کي ڏي،
ويهان سائي روضي جي پر ۾ ٿي سام.

رڳو ”رحمت الله“ نہ **جمعي** جو وار،
مگر منهنجي گذري اتي سڀ ڄمار،
ٿئي جنت البقيع منهنجو مقام.

## ٻارنهن مهينا (مدح)

الائي ڪڏهن ٿا مونتي قرب ٿين،
اچا لڙڪ اکين منجهان پيا وهن.

جو ساريءَ دنيا کان، شهر آ سٺو،
ڏسان شال ڏوري، مدينو مٺو،
پيا روز ديوانا ديدار ڪن،
اچا لڙڪ اکين منجهان پيا وهن.

ڏٺو ماهہ ”**محرم**“، لڳي سک سبيل،
ڪري منهن مديني، ڪئي مون اپيل،
اکيون سائي روضي کي سامهون ڏسن،
اچا لڙڪ اکين منجهان پيا وهن.

”**صفر**“ ۾ صدق سان، گهريم هيءَ دعا،
ڏٺا جيڪي خوابن ۾ منظر هئا،
منهنجا پير پهچي سي گهٽيون گهمن،
اچا لڙڪ اکين منجهان پيا وهن.

آيو "رحمت الله" "**ربيع الاول**"،
لڳو ورهه وانگي مونکي هڪڙو پل،
مديني جا طالب جدا ڪيئن جين،
اڄا لڙڪ اکين منجهان پيا وهن.

ائين ئي ڏکن ۾ ڏٺو "**ربيع الثاني**"،
هتي مون ٿي سمجهي زهر زندگاني،
مونکي ڪين خوراڪ ڪاڏا وڻن،
اڄا لڙڪ اکين منجهان پيا وهن.

"**جمادي الاول**" ۾ پيا جوش جاڳي،
نه جذبو جهڪو ٿيو رهي طلب ساڳي،
هي تڙپي لڇي پيو منهنجو ساڳيو من،
اڄا لڙڪ اکين منجهان پيا وهن.

آيو ماهه "**جمادي الثاني**" جڏهين،
نئين سر ڪئي مون تڪي تار تڏهين،
تون راڻا ٿيءُ راضي ته غمڙا لهن،
اڄا لڙڪ اکين منجهان پيا وهن.

وري مون "**رجب**" ۾ ڪيو روج راڙو،
ٻڌي منهنجون دانهون آيو اوڙو پاڙو،
ادا ڇا ٿيو ٿئي؟ مونکا پيا پڇن،
اڄا لڙڪ اکين منجهان پيا وهن.

شهنشاهه ڏيو شرف "**شعبان**" ۾،
مدينو ڏسان ماهه "**رمضان**" ۾،
"شوال"، "**ذوالقعد**"، اوڏانهن اڇن،
اڄا لڙڪ اکين منجهان پيا وهن.

گذاريان مڪي ۾ ٻه مان ڪا گهڙي،





اڄان پوءِ "**ذوالحج**" ۾ حجڙو پڙهي،
سمورن گناهن جون معافيون ملن،
اڄا لڙڪ اکين منجهان پيا وهن.

## مناقبو

### (حضور علي مشڪل ڪشا جي شان ۾)

اڄ هڻبا نعرا حيدر جا،
نعري هڻڻ سان بيشڪ ٿيندا،
بلند اسان جا هي درجا.

جنهن جي ٻچن ميدان ملهايو،
سرڙا ڏئي اسلام بچايو،
ڪفرڪنبائي حشمت سان جنهن،
توڙيا قلعا هئا خيبر جا.

آهي ٻنهي حسنين جو بابو،
جنهن جي بڻي آ ولادت ڪعبو،
چو نه گداگر ٿينداسين پوءِ،
دل سان اسان سڀ هن در جا.

آهي سائين ڪريم جو نياڻو،
مالڪ ڪيو آ راڄن راڻو،
ڳڻ ڳائي پيا ڳائينداسين،
هت خاتون جي شوهر جا.

جن جا اهڙا والد هوندا،
دين تان سي گهر چو نه گهوريندا،
شان ڏسي جن صدقا ڪيا هن،

www.sindhsalamat.com

ٻچڙن اڪبر اصغر جا.

محشر ڏينهن ڪندا غمخواري،
اميد آ ”عاجز لاشاري“،
بخشي ڇڏيندا بخشش صدقي،
ڪوجها عمل مون ڪمتر جا.

## پنجڪا
## (سيئي چار، ٻيڙا پار)

الله ۽ محمد جي ڪيِ، اڪرن جو اُچار،
تنهن کان پوءِ ملائڪ ٻه تون، سيئي وڏا سار،
ٻيا وڏا ڪتاب واحد جا هن، گهڻا ڏيان هيءُ ڏار،
۽ تون پهر رات جا ٻه، ڳڻي ڪر شمار،
سيئي چار، ٻيڙا پار.

## پنجئي پياسي رات جا

چور چوي سج لهي اونده اَنڌوڪار ٿئي،
چمڙو چوي ڳالهه نهي، مور نه چمڪار ٿئي،
عاشق چوي رات رهي، يار جو ديدار ٿئي،
عابد ٻانهون الله جو، ڪڏهن نه بيزار ٿئي،
پئي دعا گهري نه ڏينهن ٿئي، مون سان گڏ ميهار ٿئي،
سهڻيءَ سميت ”عاجز“ آهن پنجئي پياسي رات جا.

## رسالو ڳجهارت _1

**ڏيڻي**: ليڪو مهانگو جرجو، ٻولي شهادت،
ٻولي عبادت، نالو نالو پريءَ جو.

لفظن جي معنيٰ: ليڪو= ملهه، جرجو= قطرو، ٻولي= سڪڻ، ٻولي=





اسان، نالو= نظر، نالو=ناز

**سجي**:

**ڏيڻي**: ملهه مهانگو قطرو، سِڪڻ شهادت،
اسان عبادت، نظر ناز پريءَ جو.

(سر ڪلياڻ)

## رسالو ڳجهارت _2

**ڏيڻي**: نالو چائين فقيرجي ڪرين، نالن اي نه نالو،
ٻولي ٻولي مرد جي وجهه اڇلي آڳ ۾.

لفظن جي معنيٰ: نالو = صوفي، فقيرجي = سَڏ، نالن = صوفين،
نالو= صلاح، ٻولي = ڪاتي، ٻولي= رک، مرد جي = ٽوپي (ڪلاه)

**سجي**:

صوفي چائين سڏ ڪرين، صوفين اي نه صلاح،
ڪاتي رک ڪلاهه، وجهه اڇلي آڳ ۾.
(ڪل)

## رسالو ڳجهارت _3

**ڏيڻي**: ذات تنهنجي ذات، مٽ نه سمجهان نالي سين،
تون ٻولي ۾ رات، نالو ٻولي سوجهرو.

لفظن جي معنيٰ: ذات= چنڊ، نالو= پرين، ٻولي= اڇو، نالو= سجڻ، ٻولي= نِت

**سجي**:

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان نه پرين سين،
تون اڇو ۾ رات، سجڻ نت سوجهرو.

## مام پرولي ”معما“

ويندي، ويندي واٽ سان، ڏٺو شهر اندر مون شور،
هڪ نر بينو هو نانگ ڪنيون، هئو شان پريو شهزور،
هي ڦڻ ڪي بينو ڦوڪا ڏئي، وجي ولائت ۾ پيو شور،

هاڻي ويهي ڪر ڪو غورُ!!، تہ ”عاجز“ الائي ڇا ڏٺو؟

**پيچڻي:** ٽيليفون

### مام پرولي _ 1

نہ عرش تي نہ فرش تي، هئو جڙيل هڪ جهان،
اُن مٿانهين محلات ۾، سوين هئا انسان،
سِيلَ ٽيل هئو سمورو، هيءُ ڏسي ٿيس حيران،
”عاجز“ جي ان ڳالهہ تي، هاڻي دل سان ڌريو ڌيان،
پوءِ ڪولي ٻڌايو خان، تہ ڇا منجهان مون ڇا ڏٺو؟

**پيچڻي:** هوائي جهاز

### مام پرولي _ 2

اوهين ڏسو، اسين ڏسئون، پر نہ ڏسي الله،
چوي ”عاجز رحمت الله“ تہ ڳولي ڏيو ان ڳوٺ کي،

**پيچڻي:** خواب، الله پاڪ نٿو ڏسي

### مام پرولي _ 3

اوهين ڪريو، اسين ڪريون، پر نہ ڪري الله،
چوي ”عاجز رحمت الله“، تہ ڳولي ڏيو ان ڳوٺ کي.

**پيچڻي:** ننڊ _ ننڊ کان الله پاڪ آهي.

o





# محمد ايوب جوڻيجو

محمد ايوب ولد محمد پچل جوڻيجي لوڪ ادب جي شاعراڻين صنفن تي طبع آزمائي ڪرڻ سان گڏ عروضي ۽ ڪلاسيڪي صنفن جهڙوڪ: غزل، گيت، وائي ۽ نظم وغيره تي بہ طبع آزمائي ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي تہ هو پاڻ کي شاعر ۽ سگهڙ لکندو آهي. سندس ڳڌيل ڪلام تي ٻڌل ڪتاب ”مٽيءَ جي خوشبوءِ“ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. سندس وڌيڪ تعارف لاءِ **روشن جويو** لکي ٿو تہ:

”اسان جي عزيز دوست محمد ايوب ولد محمد پچل جوڻيجي جو جنم 18جنوري 1965ع تي خيرپور ناٿن شاهہ تعلقي ضلعي دادوءَ جي ننديڙي ڳوٺ بچو واهڻ ۾ ٿيو. ابن ڏاڏن کان پورهيت طبقي سان واسطو رهيو اٿن. پرائمري تعليم پر واري ڳوٺڙي شهمير واهڻ مان پرايائين. جڏهن تہ مئٽرڪ 1981ع ۾ ٻورڙي هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين. انٽر موجوده استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو مان 1984ع ۾، جڏهن تہ ايم ايس سي (فزڪس) جي ڊگري سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1993ع ۾ ورتائين.

1998ع ۾ ٻورڙيءَ ۾ تبليغي جماعت جو وفد آيو تہ سندس زندگيءَ جا نقش نگار ئي تبديل ٿي ويا. اُهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن هن تنظيم سان وابستگي جاري اٿس. ڊاڪٽر اسرار احمد جي تنظيم اسلامي ۾ بہ ڪم ڪري چڪو آهي. سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب سان لڳاءُ اسان جي دوست کي امڙ جي ٿڄ مان ئي مليو هو. پاڻ سال 2000ع ۾ شاعريءَ جي شروعات ڪيائين. سنڌ سگهڙ لوڪ تنظيم ۽ بزم روح رهاڻ ۾ پنهنجين سمورين توانائين سان ڀرو ونندو رهي ٿو ۽ هن وقت سنڌي ادبي سنگت سان بہ ٻانهن ٻيلي آهي.

اسان جو دوست محمد ايوب جوڻيجو سعيد پور ٽيپا ڏگري ڪاليج، استاد بخاري ڏگري ڪاليج ۽ ڏگري ڪاليج ٿٽي ۾ ڪانٽريڪٽ بنياد تي سالن جا سال ليڪچرار رهيو، پر ڪنهن به پوتار جو مٿي تي هٿ نه هجڻ سبب مستقل نه ٿي سگهيو. تعليم کاتي مان نيڪاليءَ کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ۾ هڪ سال لاءِ پروف ريڊري به ڪيائين. موجوده وقت ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ پروف ريڊر طور ڪم ڪري رهيو آهي. پاڻ سنڌ جي سياسي ۽ ثقافتي آزاديءَ جو قائل ۽ نقيب آهي. (روشن جويو، ڄامشورو)

هتي محمد ايوب جي شاعريءَ مان چونڊ پيش ڪجي ٿي:

### هفتي جا ڏينهن

**سومر** ڏينهن ساهه کي لڳي ڏاڍي تانگهه،
اچڻ تنهنجي آسري اُڏايم ٿي ڪانگ.

**اڱاري** ڏينهن عجيب تون آئين ڪونه اڱڻ،
سڄو ڏينهن سڪ ۾ گذريو تو سڄڻ.

**اربع** ڏينهن اچڻ جو واعدو ڪيو تو،
نڪي پاڻ آئين نڪي نياپو مڃو تو.

**خميس** ڏينهن خوب تنهنجو ڪيو انتظار،
ڪيئي ڪال ته رستي ۾ آهيان يار.

**جمعي** ڏينهن جانب اوطاق آيو هلي،
دل ڏاڍي خوش ٿي ان سان ملي.

**ڇنڇر** ڏينهن قرب مان، مون ڪڪڙ ڪٺو،
گڏ سڄڻ سان سارو ڳوٺ گهمي ڏٺو.

**آچر** ڏينهن ”ايوب“ مون کان ڪئي موڪلاڻي،
جدا ٿيندي جانب کان وهي پيو اکين مان پاڻي.

o





## حسين بخش رڏ

حسين بخش رڏ ناري ضلعي خيرپور ۾ پنهنجي والد صاحب فقير هدايت علي رڏ جي دونهين دکائيندو پيو اچي. سچي ترجي سگهڙن کي گڏ ڪيون وينو آهي. هن همراهه سگهڙائپ جي فن وڌائڻ لاءِ ڏاڍو جاکوڙيو آهي. ان حوالي سان چونڊڪي ۾ ميوزيم به جوڙيو اٿن. جنهن جي ڏسڻ جي ڏاڍي اُڪير آهي. هُن مختلف ڪتاب ترتيب ڏنا آهن، جن ۾ 1. حرف هيرن جهڙا، 2. سونهاري جي سونهن، 3. سگهڙ ڪچهري، فقير هدايت عليءَ جو ڪلام وغيره شامل آهن.

هن انٽر تائين تعليم حاصل ڪئي آهي،پاڻ ريڊيو پاڪستان خيرپور جي پروگرام سهڻي ڌرتيءَ جي ڪمپيئرنگ به ڪندو رهندو آهي، تر ۾ ٿيندڙ ڪچهرين جو مور به هوندو آهي. هُو پهرين فيبروري 1960ع تي ناري ريگستان ضلعي خيرپور ۾ ڄائو. هو پهنجي باري ۾ لکي ٿو ته:

”آءٌ جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هيس تڏهن بابو سائين مون کي ڏور بيت، سينگار بيت، ڳجهارتون لکي ڏيندو هيو ۽ آءٌ اُهي بيت ياد ڪندو هيس، اسان جي سونهاري ڳوٺ ۾ درگاهه بچل شاهه بخاريءَ تي روزانو منجهند جو ڪم ڪار کان واندا ٿي ڳوناٺا سگهڙ اچي گڏ ٿيندا هئا. ڏور ڳجهارتون ڏيندا ۽ ٻڌندا هئا يا وري ميوو خان ڪورڪاڻي جيڪو پڻ سگهڙ هيو. اوطاق تي ڪڏهن ڪڏهن گڏ ٿي بابا سائينءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ڪچهريون ڪندا هُئا. مرحوم نور محمد شنباڻي سنڌ جي سگهڙن ۾ شمار ٿيندو هو اُهو ۽ طريل خان شنباڻي بالاچ خان شنباڻي، رئيس شهباز ڏنو ڪورڪاڻي، سگهڙ غلام حيدر پنيرو، محرم خان پنيرو ۽ مراد خان پنيرو ڪچهرين جا مچ مچائيندا هئا.

مون کي لوڪ ادب جي ڪچهرين جي محبت نندپڻ کان ئي هئي چو ته پنهنجو استاد ۽ هميشه مون لاءِ دُعا ڇپر ڇانوَ بابو سائين فقير هدايت علي هيو، جنهن پڙهائڻ سان گڏ ڪچهرين جو واقف ڪيو. بابو سائين مالي حالت ۾ هڪ مسڪين ماڻهو هو. غربت جي ڪري گهڻو انگريزي پڙهائي نه سگهيو باقي هميشه هدايت ڪندو هيو ۽ وس آهر گهرو تعليم ۽ سنڌ استادن جي خدمت ۾ اچڻ جو حڪم ڪندو هيو ۽ اهي سيئي ڪم، روزگار، هارپو، ڪم، پڙهڻ، لوڪ ادب، سان واسطو ۽ زماني جا ڪم، برادري واسطا، اهي ڄڻ ته خود سيکاريا هئائين."

## ڪچهرين مان جيڪو اعزاز حاصل ٿيو ان بابت ڪي ڳالهيون

مون کي ياد آهي ته جڏهن آءٌ ٽيون درجو پڙهندو هيس ته امتحان وقت صاحب امتحان وٺي پيو ته اسان جو استاد مرحوم علي نواز ڪورڪاٽي جنهن صاحب کي چيو ته هيءُ ڇوڪرو سگهڙ آهي. سينگار جا بيت به ڪيس ياد آهن. صاحب چيو ته پلا بيت ٻڌاءِ مون بابي مرحوم جو هڪ سينگار بيت ٻڌايو، سپروائيزر صاحب چيو ته اهو بيت سليٽ تي لکي ڏيکار! مون اهو اڌ بيت سليٽ تي لکيو چو ته سليٽ ننڍي هئي ۽ بيت وڏو هو. صاحب اڪر ڏسي استاد کي چوڻ لڳو ته ڇوڪرو هيءُ پاس آهي. هن ڇوڪري کي چوٿون درجو ڏنو ويو. بس ڏاڍو خوش ٿيس ۽ اڃا سينگار بيتن تي زور ڏنم، پيو ته جڏهن اسڪول ۾ گسائيندو هيس ته استاد سزا لاءِ اُٺاري بيهاريندو هيو. آءٌ وري خوف کان ڪجهه چپن ۾ هوريان ڳالهائيندو هيس. استاد پڇندو هو ته ڇورا چپن ۾ ڇاٽو چوين؟ آءٌ چوندو هيس ته استاد بيت ٿو ياد ڪيان اهو ٻڌي استاد سزا ڪونه ڏيندو هو ۽ مار کان بچي ويندو هيس.

ڪڏهن ڪڏهن اڻ وٽنڊڙ ڪمن جي ڪري بابو ڪاوڙبو هيو ته پين پنوڪٽي هاسيڪار بابي جي سامهون لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندو هيس يا بيت چوندو هيس ته جهٽ پٽ بابو راضي ٿي پوندو هو. اهڙيءَ طرح من ويو وڌندو.

هر ڪاهيندي به ياد اٿم ته ڪيئي بيت ٺاهيندو هيس يا وري ڪو دل پيارو دوست ملندو هيو ته به بيت چوندو هيس. اهڙيءَ طرح بيتن جي چوڻ ۽ لکڻ جو نندپڻ کان ئي شوق هيو. 1975 ع ڌاران "ٽالپور وڏا تعلقي ڪوٽ





ڏجيءَ" ۾ هڪ وڏي ڪچهري ٿي ان ۾ لاڙ جا سگهڙ به آيل هيا. مون هڪ ڏور بيت ڏنو جيڪو سگهڙ ٻيڙي فقير پسند ڪيو ۽ سينگار بيت جي ڪچهريءَ بابت به داد ڏنائين. مون کي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي گهرائڻ جو به اعزاز ٻيڙي فقير ڪنيار ڏنو. الله پاڪ جي مهربانيءَ سان ريڊيو پاڪستان تي اڄ تائين حاضري ڀريندو آهيان. حيدرآباد ۾ پهچڻ کان پوءِ سيد صالح محمد شاهه "فتح خان" پاڪستان ٽيلي ويزن ڪراچيءَ تي مون کي متعارف ڪرايو ۽ اڄ تائين اها مهرباني جاري آهي.

### مالي حالتون:

پرائمري تعليم پوري ڪري گهرو ڪم ۽ هارپي جو ڪم بابي سان گڏجي ڪيم. آگسٽ 1975 ع ۾ ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ نارا ڪئنال تي سرڪاري چٽنل مشينن تي نوڪري ڪيم پهريان آئل مين ۽ ٽن سالن کان پوءِ آپريٽر مقرر ٿيس. آگسٽ 1981 ع ۾ آپريٽريءَ جي نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏئي وري ڳوٺ ۾ اچي حڪمت جو ڪم ڪيم جيڪو به پڻ بابي سائينءَ سان گڏ ڪيم. چو ته بابو طب يوناني ڪم جو به وڏو ڄاڻو هو، حڪمت جو ڪم نندپڻ کان ئي بابي سائينءَ سان گڏ ڪندا هئاسين. حڪمت جي ڪم مان ايڏي آمدني ڪانه ٿيندي هئي جنهن تي اهل وَ عيال يا گهڻا ڀاتي ۽ انهن جو پورو روزگار ٿي سگهي، ان ڪري 1983 ع ۾ "هاءِ اسڪول عنايت حسين شاهه نارا گيٽ" تي چوڪيداريءَ جي نوڪري ملي.

نوڪري، روزگار سان گڏ استادن وٽ باقاعدي پڙهندو به هيس. نتيجو اهو نڪتو ته 1985 ع ۾ استادن جي مهربانيءَ سان هاءِ اسڪول نري ميرواهه سينٽر تي آرٽ ۾ فارم پرائي امتحان ڏنو ۽ الله پاڪ جي مهربانيءَ سان پاس ٿيس ۽ 1987 ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيس، جيڪو هن مهل تائين فرض انجام ڏيندو رهان ٿو.

### اولاد:

قادر ڪريم جي قرب سان ست پٽ ۽ هڪ نياڻي اٿم. 1992 ع سال منهنجو هجري سال آهي چو ته انهيءَ سال جي سيپٽمبر مهيني ۾ سندم

نوجوان پٽ رجب علي وصال ڪري ويو ۽ ڊسمبر مهيني جي 12 تاريخ بابي مرحوم جي جدائي نصيب ٿي. الله پاڪ کين جنت نصيب ڪري آمين.

**لوڪ ادب سان واسطو:**

مٿي ڄاڻايل احوال موجب ننديپڻ کان ئي لوڪ ادب سان واسطو رهيو آهي. انهن سيني حالتن ۾ گذرندي ڪچهرين جي حوالي ساڻ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي مشاهدا ڪري ڪچهرين ۾ شامل ٿيندو رهان ٿو . پوءِ اهي ڪچهريون سرڪاري هجن يا غير سرڪاري. لکڻ لاءِ به جيڪو هيءُ مواد ڪتاب "حرف هيرن جهڙا" اهو به نندپڻ کان ئي لکيل قلمي مواد آهي. ان کان علاوه بابي سائينءَ جو ڪلام اهو به جڏهن کلهن تي وڏو بار هو، جيڪو ڪتاب "سونهاري جي سونهن" نالي ساڻ ڇپجي چڪو آهي. ان کان علاوه ناري ريگستان جا سگهڙ ۽ ناري ريگستان جي جاگرافي ڪجهه دوستن ساڻ گڏجي ڪتاب "ريگستاني رهاڻيون" به شايع ٿي چڪو آهي.

حقيقت ۾ سنڌ جي وڏن سگهڙن ساڻ جيڪو منهنجو ملڻ ٿيو يا جيڪي انهن ساڻ ڪچهريون ٿيون اِهو سڀ ڪجهه بابي سائينءَ جي دعا جو اثر هو. جڏهن به ٻاهر ڪنهن ڪچهريءَ تي ويندو هيس ته بابو مون کي هڪ رپيو يا ٻه رپيا هٿ ۾ ڏيندو هو. اَءٌ کيس چوندو هيس ته بابا مون وٽ پاڙو خرچ گهڻو آهي ته چوندو هو، پٽ هي دعا جا اٽئي ۽ اميد ته ڪنهن به ڪچهريءَ ۾ تنهنجو هٿ نه منجهندو، خير، اهي ته پيار جون ڳالهيون هيون جيڪي اڃان به ياد تو ڪيان. اصل ۾ هيءَ هڪ ڳالهه تو لکان جيڪا اسان جَن سگهڙن سڳورن کي ڪانه وٽندي پر ڪا اهڙي خراب ڳالهه ڪانهي.

بابو مرحوم هدايت ڪندو هو ته ڪڏهن به ڪوشش ڪري پنهنجي پاڻ کي استاد نه چوَرائجي، استاد اهو آهي، جنهن کي عام ماڻهو ازخود پيار مان استاد تسليم ڪري. اهو ئي سبب هو جو سڪندڙ شاگردن کي چوندو هو ته بابا سڀ پاڻ اڃان لوڪ ادب کي سِکون ٿا، هونئن ته ڪافي کيس شاگرد هئا.

**سنڌ جي وڏن سگهڙن ساڻ ڪچهريون:**

مون قادر بخش راڄپر ساڻ هڪ ڪچهري نندپڻ ۾ ڳوٺ سيد گمبل





شاهه تعلقي ناري ۾ ڪئي. ان کان علاوه بخشيو شر، قاضي الهواريو، ٻيڙو فقير ڪنڀار، حاجي مهيسر، محمد ملوڪ عباسي، ڪريم بخس وسطڙو، محمد موسىٰ مهيسر، علي شير فقير جاگيراڻي، شاهنواز ڪتوهر، مهوال فقير ڪتوهر، محمد منل ٻرڙو، حبيب الله لاشاري ۽ ٻيا ڪوڙ سارا سگهڙ جيڪي گهڻائي ۾ هيءُ جهان ڇڏي ويا آهن تن سان روح رهاڻيون ٿيون.

**ادبي ڪمن ۽ ڪچهرين ۾ مون سان ساٿ ڏيندڙ دوست:**

هڪ وڏو ماڻهو تي ڪري هميشه صلاح ۾ سلهاڙيل، مير اختر حسين ٽالپور ٻيو هميشه ڪچهرين ۾ حاضر ٿيڻ وارو فقير گل محمد ڪنڀار حيدرآباد وارو، مَلڪ شفيق احمد نارا ڪئنال آر. ڊي نمبر 202 وارو، رئيس علي شير شنباڻي، شير خان مهراڻي، رئيس محمد جمن خان لغاري، سگهڙ غلام حيدر پنهور، راوت خان خاصخيلي، رهاڻ فقير مهر، استاد لطف علي رڏ، استاد بشير احمد رڏ، استاد هوت علي رڏ، استاد اوم پرڪاش، ڊاڪٽر ليلا رام چونڊڪو، استاد غلام شبير خاصخيلي اسان جي ناري ريگستان ۾ جيڪي به ڪچهريون ٿين ٿيون انهن ۾ ڪچهريءَ جو قربدار ماڻهو، فقير قائم خان پنهور جيڪو پنهنجو مٽ پاڻ آهي."

سندس چونڊ ڪلام هتي ڏجي ٿو:

**پٽائيءَ جي حضور ۾**

پـلاري پـٽـائـيءَ تـي سـويـن ٿـيـن سـلامـي
عـقـيـدي مـان ايـنـدي ڏيـن ٿـا غـلامـي
مـفـڪـر مـبـصـر ۽ شـاعـر عـوامـي
رسـالـي جـي بـيـتـن مـان ٿـيـن ٿـا ڪـلامـي
وڏي پـيـار ۽ الـفـت مـان هـتـڙي اچـن ٿـا
شهنشـاهـه جـي نـنـگـريءَ جـي چـائـٺ چُـمـن ٿـا

لَـڌو مـانُ مِـٽـيءَ اوجـاڳـن جـي عـيـوض
پـلاري پـٽـائـيءَ جـي پـاڳـن جـي عـيـوض

مليو فيض فَڪر کي ماڳن جي عيوض
ٻڌيهہ سر سونهَن ٽا راڳن جي عيوض
سيئي بيت سيد جا آيتون ئي آهن
پرين جي پار ڏي نيو من ٽا لائِن

مارئي مومل سهڻي ۽ سورٺ جون صدائون
نوري ڄام تماچي ۽ ڪينجهر جون هوائون
سسئيءَ جي سچائي اُلفت جون اَدائون
۽ ساموندين جا سفر ۽ جوڳين جون جفائون
پر وڏو سر ڪيڏارو ڇيو پٽائيءَ ڀلاري
ڇڏيائين عشق وارن کي جلدي روئاري

لکيا مختلف نموني راقمن رسالا
پنهنجي ڄاڻ آهر ڏنا ويا حوالا
هر سال هتڙي پڙهجن ٽا مقالا
سگهڙ شاعر ۽ اديب اچن ٽا اعلٰي
مگر رسالي جي بيتن کي پٽائي ٿو پاڻ ڄاڻي
باقي حسين بخش هر ڪوئي مطلب ٿو ماڻي

## پهاڪا

اندر آڪيرو اُلوءَ جو، ٻاهر طوطي جي تنوار
اندر ديرو دغا جو، ٻاهر وفا جو واپار
اندر قاتل ڪَڙائي، ٻاهر مِٺي ماکيءَ لار
اندر شِر شيطاني، ٻاهر آيتون اظهار
اندر ڪَڻاهہ ڪُلفت جو، ٻاهر الفت جي آڌار
اندر ڪرو ڪوٽ جو ٻاهر نفعو ڪري نروار
حسين بخش هن حال تي، وڏو ڪيم ويچار
تہ توڙي پڙهجن حج هزار، تہ بہ درجا آهن دِليِن تي





بک نہ پڇي ڳنڍڻ، ننڊ نہ پڇي هنڌ
عشق نہ پڇي ذات، پيار نہ پڇي پنڌ
باهہ نہ پڇي ڪاٺ، واءُ نہ پڇي رنڊ
گنجو نہ پڇي ڦڻي، پَٽ نہ پڇي ڏند
موت نہ پڇي مهل، ڪات نہ پڇي ڪنڌ
بيت ۾ اهڙا بند، ڪنهن حريف چيا حسين بخش چئي

آدم کان اڄ تائين گذر ٿي ويا ڪيئي زمانا
ٿيا ڌرتيءَ تي ڏاڍا ۽ کُٽي ويا ڪيئي خزانا
ڏسو هابيل ۽ ڪابيل جو ڪيئن جهڳڙو لڳو
ننڍي ڪي وڏو ڪُهي ڀاءُ پيو سڳو
لائي زر زمين جي لالچ، لائي حسد هو رُڳو
لائي دنيا دولت، لائي تہ ڪو پَٽ جو وڳو
پر ادي مان عدو ٿيو، جنهن ڀاءُ جو ڳاٽو ڀڳو
جڻ شيطان جي حرڪت ۾ ڦاٿو ڪڳو
مگر آدم جي الفت جنهن حاصل ڪئي
ڪئي ڪڻي نازل، الله ان تي رحمت

هڪ ڪڻي مان ڪثر ٿيا ۽ ڪثر مان ڪڻا
اچي آدم جي اولاد جا ٿيا رِشتا گهڻا
۽ ڏاڏيءَ هوا جا ڄڻيا ڄڻ ٻہ ڄڻا
هڪ کي تسبي مالها ٻئي کي جڻيا
ٻنهي ٿي چاهيو وڏيڪ آءٌ ٿو وٺان
پلا هندو ۽ مسلم جا ڪڻي نالا ڪڻان
هڪ باهہ جي آڙاهہ ۾ جليو جنهن جو تن
۽ ٻيو ڌرتيءَ ۾ ٿيو ڪفن سان دفن

آريا ۽ اڻ آريا ڀي انسان ئي هئا
هيو ڌرتيءَ تي پاڻي، هُو جڻ حيوان ئي هئا

ڪي مونث ڪي مذڪر، ڪي ڇوڪر ۽ جوان ٿي هئا
مگر ڪي سياڻا سهاجها، ڪي نادان ٿي هئا
پر ملڪ الموت جي چنبي، ماري مات ڪيا
خاڪ ۾ ٿي خاڪ ويا، بيوس ڪٺي حالتن ڪيا

ڇون تا تہ پهريان هو پاهڻ جو زمانو
پتر مان هر چيز هر شئي ٺاهڻ جو زمانو
پوک ڪيتي زمين ۾ هو هر ڪاهڻ جو زمانو
محل ماڙيون جاءِ جايون ٺاهڻ جو زمانو
حاڪم ۽ محڪوم ڪائڻ ۽ ڪارائڻ جو زمانو
ڏسو موهن جو دڙو آثار آهن قديمي
سا تہ سنڌ جي ثقافت ۽ پار آهن قديمي

اصل ۾ عرب ۽ سنڌ ۾ يا ڪي ٻيون جاتيون هُيون
ماڻهن جون ماڻهن سان رڳو لڙايون هيون
ڪٿي قتل غارت ڪٿ ڦاسيون ۽ ڦاهيون هيون
ڪٿي تہ قومون ڏاهپ ساڻ ڏاهيون هيون
ڪٿي تہ جنگيون ۽ ننگيون ۽ رت جون باهيون هيون
ڪٿي راڻا ۽ راڻيون ڪٿي ٻانهيون ۽ دايون هيون
۽ روءِ زمين جا شهنشاهہ بہ لاڏاڻو ڪري ويا
سڪندر ۽ سليمان جهڙا بہ حسين بخش هالاڻو ڪري ويا

## هاري ديس جو

هاري هردم هر هلائن ٻنيءَ ۾ تا ٻج ڳڏائن،
پاڻيءَ سان تا پوک پچائن، فصل پچن جلد لڻائن،
محنت هاريءَ ڪارڻ مان، قوم تي ڪيو قرب ڪِسان
راضي تنهن تي رب رحمٰن





ملڪ ۽ قوم جي زينت هاري، راتيان ڏيهان محنت جاري
ڪڙمي ڪاهِن پوک پياري، ڪٽڪ ڪمند ۽ جوئر ساري
ووڻڻ ڪپهہ جي وارو واري، ڪپڙا ٺهن سوٽي ٿان
قوم تي ڪيو قرب ڪسان، راضي تنهن تي رب رحمٰن

ڪمند پيڙي ڳڙ بنائن ڪند منايون ڪوڙ پيا ڪائن،
مجيريءَ سان وندي ورهائن، پنهنجو قومي فرض نڀائن
ديس سندي ڪي پلو پائن، گرمي سرديءَ ۾ حيران
قوم تي ڪيو قرب ڪسان، راضي تنهن تي رب رحمٰن

هاري حسين بخش حريف، فصل ڪاهن ربيع خريف
سادا ماڻهون شان شريف، وقت غريبي حال ظريف
تن جي رکندو لج لطيف، پوک ۾ زيادهہ پاڪستان
قوم تي ڪيو قرب ڪِسان، راضي تنهن تي رب رحمٰن

## جوئر جي پوک ــ جهار جي مند

پڪي جوئر پيها پيا، پکين لاتو شور،
هور ڙي ٻِلا هور
متي پٽيو ڳوڙها ٺاهي، ڪانياڻيءَ تي زور،
هور ڙي ٻلا هور
ڪٻر ڪانگو ڳيرا ڳيريون، جهرڪن جي تہ جهڪور،
هور ڙي ٻلا هور.
وَهنيو وينو سنگ اکوڙي، چَٽون بٽيو چور،
هور ڙي ٻلا هو،
اچي جوئر اچا داڻا، آهن جي تہ اَتور،
هور ڙي ٻلا هور
لابارن ۾ لايون موڪن ڪاريون پري مور،
هور ڙي ٻلا هور

هاري حسين بخش هزارين، ڪن سانوڻيءَ جا دور
هور ڙي ۾لا هور.

لفظن جي معنىٰ: ڪسان= هاري، سوٽي ٽان =ڪپڙي جو ويڙهيل ڍڳ، ربيع= سرءُ سانوڻي، هور ڙي هور = ڪڙمي هڪل ڪرڻ مهل هڪلون ڪندو چوندو آهي.

### بهارجي مند

هن حياتيءَ ۾ ڏسن ٿا اُنهارا سوين سيارا
پر بهار ۾ بهاريون، نوان رنگ ناز نظارا.

وڻن ۾ واڏايون، وَڏن ٿا ڦُٽن ٿا ڦَرن ٿا
لُڏن ٿيون لاڏ مان لامون، لُڏِي ڏين لُوهه لامارا

چگُو ٿيو چيٽ چؤڪو ٿيو، ڦوڳن جهلي ڦوڳي آ
ڪَڪوريا ڪِرڙ ڪوماٽل، سڙيل ساوا ٿيا سارا.

باغن ۾ بهاريون ٿيون، گلابي گل ٿيا گهرا
چتون چيها بلي بلبل، ڪري ڪوئل ڪوڪارا

جَهڪوريو، جُهڙ مٿي اُپ ۾، ڪَڪوريا ڪڪر ڪارا،
وٽيو سانوڻ سنگهارن کي، لٿا مَنَ مونجهه مونجهارا.

ڇوَن ٿا اِئين عالم تہ مَڪي ۾ آيو محمد هو
تہ بهار جي موسم هئي، خوش ٿيا حسين بخش پارا.

O





# نظير احمد ميمڻ

نظير احمد ميمڻ بابت **قاضي مقصود احمد** لکي ٿو تہ: ”نظير احمد ولد ستار ڏني ميمڻ جو بنيادي تعلق مٽياري تعلقي جي ديهه ابڙيجاٽيءَ ۾ قائم ڳوٺ گل وسيءَ سان آهي، جتي پاڻ 1964ع ۾ ڄائو هو. پرائمريءَ جا پنج درجا ويجهي ڳوٺ ماڪن شاهه جي وسيءَ ۾ پڙهيائين ۽ پوءِ هارپي جي ڪم ۾ مائٽن جو هٿ ونڊائڻ لڳو. 80 واري ڏهاڪي ۾ پيدا ٿيل بدامنيءَ ڪري 1983ع ۾ سڄي ڳوٺ لڏپلاڻ ڪري ٻيا ٺاڪ وسائڻ جو فيصلو ڪيو. اهڙيءَ طرح ڳوٺ جي اڪثر آبادي مٽياريءَ جي پوليس اسٽيشن ويجهو ميمڻ ڪالوني ٻڌي اچي ويٺي. ڳوٺ ۾ سندس خاندان گهڻي قدر زراعت پيشہ هو، پر شهر ۾ اچڻ بعد واپار وڙي ۾ بہ لڳي ويو. خود نظير احمد ۽ سندس ڪي پائر ٺيڪيداريءَ جي ڪم سان لاڳاپجي ويا. نظير احمد ميمڻ جو والد ستار ڏنو ولد گل محمد ميمڻ پاڻ بہ سگهڙ هو. هڪ لحاظ کان چئي سگهجي ٿو تہ لوڪ ادب سان سندس دلچسپي موروثي آهي، پر هن باقاعدي لوڪ ادب تي طبع آزمائي 1993ع ۾ شروع ڪئي، جڏهن سندس واسطو يار محمد ٻگهئي سان ٿيو، جيڪو سنڌ جو مشهور سگهڙ آهي ۽ جنهن جي صحبت کيس لوڪ ادب جي صنفن تي باقاعدي طبع آزمائي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

نظير احمد ميمڻ ميڊيا جي مختلف ذريعن، جهڙوڪ: ريڊيي، ٽي ويءَ تي پنهنجو فن پيش ڪري چڪو آهي ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ بہ سندس شاعري ڇپجندي رهندي آهي. پاڻ لوڪ ادب جي حوالي سان ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ گهڻو متحرڪ رهيو آهي. سنڌ سڄاڻ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم سلات قائم ڪندڙ بنيادي ماڻهن منجهان هڪ آهي. پهرين پاڻ هن

تنظيم جو ضلع مٽياريءَ جو صدر هو ۽ هن وقت مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي.

نظير احمد ميمڻ ذاتي طور تي هڪ پر خلوص سٻاجهڙو ۽ يارويس انسان آهي. جڏهن ڪجھ سال اڳ اسان سنڌي ادبي سنگت مٽياري شاخ جون باقاعدي گڏجاڻيون ڪندا هئاسين ته هو پنهنجن ساٿين مشتاق مگڙئي، محمد ابراهيم ميمڻ، ميهار لغاري، خير محمد لغاري، محمد صادق سولنگي، پير بخش چانڊئي، محمد سومار ڪنڀار، محمد اسماعيل ڪوسي، محمد عارب ڪوسي، نواز منگواڻي، سائين رکيي ماڇي، محمد حسن ٻبر وغيره سان گڏ انهن گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ايندو هو ۽ انهن ۾ به پنهنجي منفرد انداز سان نروار نظر ايندو هو.

فن جي حوالي سان ڪيس ڪافي ايوارڊ ۽ شيلڊون پڻ ملي چڪيون آهن. جهڙوڪ: دولهه دريا خان ايوارڊ، سگهڙ محمد امين سنياسي ايوارڊ، مٽياري مددگار فورم ايوارڊ ۽ ٻيا ايوارڊ. هن لوڪ ادب جي صنف مان خاص طور تي سينگار شاعري، ڳجهارت، نصيحت، پهاڪن وغيره تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس هڪ ڪتاب ”صدين جي سوغات“ ڇپجي چڪو آهي. هن ڏور بيتن تي مشتمل هڪ ڪتاب ڏار مرتب ڪيو آهي، جيڪو پڻ جلد ئي ميدان ۾ آندو ويندو. (**ڪتاب: صدين جي سوغات**)

## احوال درويش ۽ ڏرتيءَ جو

**درويش:** درويش پڇيو ڌرتيءَ کان مائي ڪر بات بيان،
ڏٺا تو ڪي ڏيهه ۾ ساجاهه وند سلطان،
ڪٿي گل ڦل گلزار ۾ ڪٿي ويڙها ويران،
ڪي ڪمزور پيدا ڪنڌيءَ ۾، ڪي جوڌا پٽ جوان،
ڪي عاشق هئا عليل، ڪي ماڳ مٿي مستان،
ڪن اوريو الله سين، ڪن ڏريو ئي نه ڏيان،
ڪن جي هڪل نه هلي حجري تائين، ڪي هستيءَ ۾ حيران،
ڪي رهزن وڏي روپ ۾، ڪي مومن مسلمان،
ڪي مرد رهيا مات ۾، ڪي شور وڏي شيطان،





ڪي جن ديو ۽ پريون ڪي اوج وڏي انسان،
ڪي ڪنگال رهيا ڪاڪ تي، ڪي ڌن پرور ديوان،
ڪي ظالم ٿيا زمين تي، ڪي مسڪينن وڏا مهربان،
هو شاهي جن جو شان، سي ڏٺا تو ڪي ڏيهه ۾؟

**ڌرتي:** ڏٺا مون هئا ڏيهه ۾، سي ٻڌ ٻاجهارا ٻول،
ڪن مليو نه ماسو ملڪ ۾، ڪن تري نه سگهي تول،
ڪي وساري رهيا، ڪن جهجها پريا جهول،
ڪي منجهيل رهيا ماڳ تي، ڪي آدمي انمول،
ڪن پروڙيو نه پرور ڪي، ڪي اڳيرا اتول،
ڪي حيران هستيءَ ۾، ڪي رليا رڳو رول،
ڪي آڪڙ اجائيءَ ۾، ڪي ڏاري هليا ڍول،
جي خان ڪوليا اٿئي خول، سي درويش ٻڌل دل سان.

**درويش:** ٻڌاءِ درويش ڪي دل سان، جي رندن هئا روليا،
سي ڪيئن گڏيا ڪاپڙي، جي ٽاڻ هئا ٽوليا،
يا پاڻهي گڏيا پاڻ ۾، يا ڳولهه ڪنهن ڳولهيا،
جي ٻڌل هئا ٻاڙ سان، سي خان ڪنهن ڪوليا،
يا آهه اماڻي آسمان ڏي، ٻه اکر هئنئون ٻوليا،
جي مالڪ هئا ميليا، سي ثابت ٻڌاءِ سير سان.

**ڌرتي:** ثابت ٻڌ سير سان، پڪ رکي پوري،
ٻڌائڻ ٻول توکي آ منهنجي مجبوري،
قادر بنايا قل سان، ڪي حاذق حضوري،
آدم بوتو بنيو ته لڳي خامي ڪي خوري،
بي ايمان ويو بهشت ۾، چپ رکي چوري،
چي: وڻ ڪائڻ اوهان لاءِ آ بيحد ضروري،
ويا ويجهو وڻ جي، ٿيا ڪامل قصوري،

ڪائڻ سان ڪٿا ٿيا در انهيءَ دوري،
تڏهن پرور ڪين پوري، جڏهن ٻول پڙهيائون ٻاجهہ جا.

**درويش:** ٻول پڙهي ٻاجهہ جا، سي غازي ڪيئن گڏيا،
ويٺا هئا ويران ۾ يا ڪي آڪيرا هُئائون اڏيا،
جي پيائر لڙيا پيٽ تان، سي تونگر هئا تڏيا،
قابيل ماريو هابيل ڪي، جي سائينءَ آهن سڏيا،
پوءِ جڏهن لالڻ هئا لڌيا، تنهن ڪان پوءِ جي سڌ سڻاءِ.

**ڏرتي:** جڏهن لالڻ ويا لڏي، تڏهن ڪيڏا ڪيس ٿيا،
ويا ويري ور چڙهي، انڌا ڪيئن ابليس ٿيا،
انڌاريءَ جو اوج ۽ ڪيئن رنگيلا ۽ رئيس ٿيا،
مولا موڪليا نبي، شيث، ۽ ادريس ٿيا،
پوءِ تہ ملڪ ۽ ديش ٿيا، دور انهيءَ ڏرتيءَ تي.

**درويش:** ادريس ڪان پوءِ ڪهڙو نبي هو آيو،
قادر جي ڪرم سان ڪڏهن پير هو پايو،
ماڻهو هئا مات ۾، يا تر هُيئون تپايو،
امانت ڏيندا هئا آرام سان، يا ڪتل ويا ڪايو،
سجدو ڪندا هئا سائينءَ کي، يا ويٺا بت بنايو،
اگهاڙا هلندا هئا اوٺ ۾، يا پوش هُيئون پايو،
پوءِ جو نبي هو آيو، تنهنجو نالو ٻڌاءِ نظير چئي.

**ڏرتي:** نالو ٻڌ نظير نبيءَ جو، نوح ٿيو نروار،
جو واريو واءُ فضل جو، وري رب ستار،
پوءِ ٻہ مٽيا ڪونہ ملڪ مان، چغل، چور، چڪار،
غرق رهيا گناهن ۾، ٻيو بديون بيشمار،
ڪامل نوح ڪنڌيءَ تي طرحين ڪيا تڪرار،





پر فرق نہ پين ڦڪيءَ جو، بدليا نہ بيڪار،
حڪم آيو حاڪم جو، عاقل تي اظهار،
ٻيڙي بناءِ ٻاجهہ سان، پورو رکي پيار،
پوءِ تہ دلبر دير نہ ڪئي، ترت ٿي تيار،
ٿاهي ٻيڙي ٻاجهہ سان، ڪيائين آگي جو انتظار،
آئي اوت عنبر مان، ٻيا نيئي وهيا نار،
بچي نہ ڪا بستي، نہ ٻاري ٿي ڪا ٻار،
بچيا اهي باقي، جي سهڻا هئا سوار،
باقي ٻين کي ٻوڙي خاوند ڪيو خوار،
هر جوڙو جنس جو، دلبر ڪنيو هو ڏار،
جڏهن جودي جبل تان نرمل ڪئي نهار،
پوءِ تہ لالڻ هنئي لت تہ ڏڪجي ٿيو ڏار،
جو واحد واپس هو سيريو هي سنسار،
خان خبر اها ڪئي، قادر قرآن ۾ اظهار،
ٻاجهاري هو ٻيهار، واحد وسايو ويران کي.

**درويش:** واحد وسايو ويران کي، پوءِ وريو ڪهڙو واءُ،
ڪم اهي ساڳيا، يا آيو ڪو سپاءُ،
آيو ڪو عقل وارو، دلبر ڪو داناءُ،
نوڙي پڙهيئون نمازون، يا وري ڪيئون وڏاءُ،
ادب اخلاق هو ڪو چڱو منجهن چاهہ،
اجها ڪهڙا انهن جا، جو پاڻهي ٿاهيائون پناهہ،
سگهي ڳالهہ سڻاءِ، پوري سا پروڙ سان.

**ڏرتي:** وقت آيو اهڙو جو پرور جاتو پاڻ،
عاد انهيءَ دور جو، ثمود ٿيو ساڻ،
طاقتور تن ۾ جوڌا ڪئي جوان،
مضبوط قوم تن جي، جا پرور ٻڌائي پاڻ،

جايون بنايئون جبلن ۾، تلي پنهنجي تاڻ،
هود آيو هلي جو مولا ڪئي ڪا ماڻ،
پر نہ ڇڏيئون بتن جي، نہ آئي مجيئون آڻ،
چيئون عذاب ڪندو ڇا الله جو پلي تون اماڻ،
جبل چرندا جاءِ تان، ڀڃي ڪنداسون ڀاڻ،
پوءِ تہ هوا آئي اهڙي جو سوست ڪٽي ساڻ،
هستي نہ رهي هڪڙي جو جتن نہ هئي چاڻ،
ڪڙي نہ رهي ڪاڻ، نشان ان جي نظير چئي.

**درويش:** تنهن کان پوءِ دنيا ۾ ڪهڙا ٿيا رنگ،
عدل انصاف هو يا ساڳيا چوريئون چنگ،
هئي ڪا بلبل بستان ۾ يا رڙيا رڳو ڪنگ،
ماڻهو رهيا مات ۾ يا ڏوري هيئون ڏنگ،
خوش رهيا خاڪ تي يا تن ڊڪڻ لاءِ تنگ،
ڪي بهاريون باغ ٿيا، ڪي سونا چاوا سنگ،
غافل رهيا گناهن ۾ يا آدمي اڙٻنگ،
امن هو انهن ۾ يا رڳو جو ٿيئون جنگ،
هئا رهبر روءِ ۾، ڪي آدمي اڙٻنگ،
ڪا محبت اوتيئون ملڪ ۾ يا پورن پيتي پنگ،
جيڪي نرمل آندا ننگ، سي مائي ڀڏاءِ ميمڻ کي.

**ڏرتي:** ميمڻ ٻڌ من سان، پوءِ جا حال احوال،
پوءِ ڪجهہ عرصو امن ۾، گذريا ڪئي سال،
ٿيو واڌارو ويڙهہ ۾، ڪي اولاد عيال،
اُني موڪلي آگي تہ ڪريو پوري تنهن جي پال،
ڪير پيارينڊي هئي خلق کي، لاڪيٽي هئي لال،
ڦرو ڦرندو هو هن سان تلي پنهنجي تال،
ماري تنهنکي وڏائون، نہ ڪوٺن ڪيو خيال،





ڏسي حرڪت هنن جي صالح ڪيو سوال،
ڪر تباهہ تن کي جو آهن بڇڙا ٿيا بتال،
شڪل ڦري ٿين باندر پولي جي مثال،
خاوند ڇڏين ڪاري، بڇڙا ٿيا بيحال،
جي سونگ ڏسي ٿو سرڪس ۾، آهي ان جو عيال،
ميمڻ ڇڏ مستي، ڪي اڇا ڪر اعمال،
جو اهڙا ٿيا هئا حال، ڏرتيءَ تي ان دور ۾.

**درويش:** ڏرتي ان دور کان پوءِ ماڻهو ڪهڙي ماڳ ۾،
ننڊ ڇڏيئون نپاڳي، ڪي جوڏا رهيا جاڳ ۾،
سچا رهيا سائينءَ سان يا ويريءَ ورتا واڳ ۾،
موٽيا مالڪ ڏي يا ابليس جي آڳ ۾،
خيال ڪيئون خشڪيءَ تي يا جهڙي پيا جهاڳ ۾،
اعمال هئا اڇا يا ساڳيو پوندو پاڳ ۾،
عاقل اڪابر يا ساڳي رڌ رهي راڳ ۾،
جي لاهوتي هئا لاڳ ۾، تن جي خبر ڀڏاءِ ڪولي.

**ڏرتي:** خبر ٻڌ خاص تہ بہ موڳن مت آئي،
جهڙا جنگيون ساڳيا، پاڻ ويتر وڌائي،
ڪي بت پرست بنيا، ڪي تڙيل توائي،
ڪامل آيو ڪنڌيءَ تي، خليل الله خدائي،
چي برائي ڪيو بدن مان،ڪريو پليل پلائي،
پڇي بت انهن جا پوءِ سهٽل ڪنئي ساهي،
مال گڏي ملڪن يا انڌن آگ لڳائي،
باهہ مان بهاريون ٿيون، چمن چمائي،
تہ بہ مڙيا ڪونہ ميمڻ چئي آڪڙا اجائي،
نظر گهمائي نمرود، جلدي فوج گهرائي،
محب لاءِ مالڪ وڻان ڪا خاص مدد آئي،

مڇر موڪليا مولي، جن ڪئي صفن صفائي،
جن کي خودي وئي ڪائي، تباهه ٿيا ترانهيءَ ۾.

**درويش:** تباهه ٿيا تر ۾، پوءِ ڪهڙا هليا اوج،
پئي ڪر ڪافرن ۾ يا ڪا مسلمان جي موج،
عدل انصاف هو يا فرنگين جي فوج،
رڙ يا ڪنگ ڪنڌيءَ تي يا ڪڏي گهمي کوج،
جا باريءَ وسائي بوند، سا خبر ٻڌاءِ کولي.

**ڏرتي:** خبر خان ابراهيم جي ڏري ٻڌ ڏيان سان،
ماني مور نه کائيندو هو، سواءِ مهمان سان،
تي ڏينهن گذري ويا، ويتو وير ارمان سان،
پوءِ ته مولا ملائڪ موڪليا، جو جلدي مليا جوان سان،
کيئي طعام تري آيو، شاهي وڏي شان سان،
ڪئي بات بيان ملائڪن، صاحبي سلطان سان،
موڪليا آهيون مولا جرئت وڏي جولان سان،
تباهه ڪنداسين قوم لوط جيءَ کي، حڪم مالڪ مهربان سان،
پوءِ روءِ نه رهي زمين تي، نام ڪنهن نشان سان،
لالڻ بچايو لوط کي، پنهنجي ئي امان سان،
جي گڏيا هئا شيطان سان، سي پرور ڪيا پورا.

**درويش:** ابراهيم ع جي ڪا سچي ڳالهه سڻاءِ،
مولا جي مهر سان رهيو ڪهڙي جاءِ،
اولاد الله ڏنس ڪهڙو، ٻوڙي تون ٻڌاءِ،
جو واحد ان وچ ۾ واريو ڪهڙو واءُ،
کي پٽ ڏنا هئس پرور، اهڙا ئي داناءُ،
هڪل هلي هين کو پري تائين پڙلاءُ،
عبادت ڪيئون الله جي جانن ڪهڙي جاءِ،
ٻڌ ميمڻ هن مسڪين کي، ڪا ڳهڻي ڳالهه سڻاءِ.





**ڏرتي:** دعا گهريائين مالڪ کان ٻئي هٿ ڪڍي،
جو آهيان پهتو پيريءَ ۾ ويا وار چِٽي،
وارث ڏي واحد تون، جو آ مون گهرج گهڻي،
عطا ٿيو اسماعيل، جنهن ۾ هئي ڪا بات ٻڻي،
جنهن کي چاتو پاڻ ڏٺي، سا خبر ٻڌائينس کولي.

**درويش:** اسماعيل پيدا ٿيو ته وري ڪهڙي ويس،
هو سهڻو سلڇڻو يا ڪو مانجهي ميس،
خبر ٻڌاءِ کولي جا صاحبزادي جو سيس،
جا خبر ٻڌائي خان جي قادر پاڻ قديس،
چمندي چام هو يا مرد مهميس،
سا خبر ٻڌاءِ کولي جا پڇي ٿو نظيس،
جيڪي صبر ڪيا ڪئين سير، سي مائي ٻڌاءِ ميمڻ کي.

**ڏرتي:** چمڻ کان پوءِ ابراهيم کي آڳي ڪيو اشارو،
ٻنهي ماءُ پٽ کي چڏي اچ جتي ڪلر آ ڪارو،
پوءِ ته وير ويرم نه ڪئي، ڪيو توڏي کي تيارو،
آڻي اتي ڇڏيئين، جتي ٻني نه هو ٻارو،
نه ڳوٺ نه شهر، بس هڪڙو هو چارو،
پياس لڳي پرينءَ کي ته بيبي ڏٺو نظارو،
ڊوڙون پاتيون هيئين ڳل ڏئي ڳارو،
ڪڙيون هنيون خان ته نيئي وهيو نارو،
پوءِ ته ٻنو ٻڌي ٻاجهه سان بيبيءَ هو بيهاريو،
نه ڪڙو آ نه کسارو، نه بلڪل هو کارو،
جو زم زم ٻڌو ٿئي ذهن سان، سوئي آ سارو،
پاڻي ڏئي پاڻ، ٻڌايئون شهر موچارو،
جو مڪو سڏجي ملڪ ۾، چاڻي جڳ سارو،
پوءِ ته وري ابراهيم تي، آڳي ڏاريو ڪو ڏارو.

ڪر قرباني ڪامل جي، جو آ جان ڪان پيارو،
چٽ پٽ ڪي تہ ڪندس قربان توکي جو آگي جو آرو،
پٽ ڇيو پيءُ کي تہ پوءِ ڇا جو مونجھارو،
ديـر نـہ ڪـر دانـاءَ، ويـرڪـر وارو،
پوءِ تہ پيءُ ڪھڻ لاءِ، پٽ ڪسڻ لاءِ تيارو،
شيطان ڪيترا شڪ ڏيکاريا، پر چليس نہ چارو،
قادر پنھنجيءَ قدرت سان، ڪيو سھڻو سوپارو،
جو منڪر ھو مارو، سو سڙي ويو سور ۾.

**درويش:** سڙي ويو سور ۾، پوءِ ڪھڙا گھڙيئين گھٽ،
ماڻھو قاسائي مڪر ۾، ڪھڙا وڏئين ڪٽ،
ڪھڙا ماڻھو ماڳ تي، ڪھڙا پڙيون پٽ،
آئي سمجھہ سيڻ ۾، يا ويريءَ وڏا وٽ،
ڪي آيون آباديون انھن ۾ يا رڳو لوڙ ۽ لٽ،
ھيون چاڏيون چاھہ جون، يا موڙھن پڳا مٽ،
بازاريون برابن سان، يا ھڙن پريا ھٽ،
جي خان وينا ھئا ڪٽ، سي مائي ٻڌاءِ ميمڻ ڪي.

**ڏرتي:** ميمڻ ٻڌ من سان، ابراھيم مان ٿيو اسحاق،
اسرائيل قوم ان مان ھلي، جنھن جي وڏي ھاڪ،
يعقوب پٽ اسحاق جو، مرد بلڪل بيباڪ،
ٻارنھن پٽ ٻھڳڻ ڪي ڏنا پرور ڏٽيءَ پاڪ،
ڄائو يوسف يار ڪي، تہ ٻھڪي پئي اوطاق،
خار لڳو خانن ڪي، جھوري وڌن جھاڪ،
خان ڪي اڇلي کوھہ ۾، ڪري دانھون آيا دمناڪ،
بگھڙ کائي ويس بابا، ڏس جنھن جي آ پوشاڪ،
قسم ڪٽي ڪيڏا ڏنئون، سھٽل ڪي ساڪ،
ڪو قافلو آيو ڪنعان ڏي، جن ڊاري ھئي ڊاڪ،





ڀلو آيو بازار ۾ تہ لڳا وير تي ڪي واڪ،
سودو ٿيو صاحب جو، ڇري پيا ھئا ڇاڪ،
مرد آيو محل ۾، ڄڻ پئي ڪڪڙ تي ماڪ،
زليخا ڦاسايو ھو ڦند ۾، تاڙيو بندي تاڪ،
پوءِ ھلي ھئي ھاڪ، مرد ان جي مصر ۾.

**درويش:** مـرد ان جـو مصـر ۾ ھـو وريـو ڪـو وارو،
ڏينھن گذريا ڏکن ۾ يا ڊريو ڪو ڊارو،
پاسو وتو ڪنھن پنھل جو يا ملڪ ٿيو مارو،
قصو ٻڌاءِ سارو، مرد جو ميمڻ ڇئي.

**ڏرتي:** قصو ٻڌ ڪامل جو، ويڙھو ئي ٿيو ويري،
عورت ڇيو عزيز ڪي، مون ۾ اک وڏئين ميري،
عزت وئي ھئي ھٿن مان، جا گولي ھئي گھيري،
پڇي نڪتيس بند مان، خفا ٿيس ڪيري،
عزيز پڇيو عاقل ڪان، آھي ڪا شاھدي تيري،
جانب نھاريو جھوليءَ ڏي، منھنجو پنھل آ پيري،
ٻن مھينن جي ٻار جا ڇھنب ھئي ڇوري،
ٻول ٻڌي ٻالڪ جا، جي گھور ھئي گھيري،
تنھن تائين ڦٽي ھيس ڦيري، پوءِ جانب موڪليئون جيل ۾.

**درويش:** جانب ويو جيل ۾، رھيو ڪيترا ڏينھن،
ٻاري انھيءَ بند مان، ڪامل نڪتو ڪيئن،
اجھو بنائي آگي، ڪھڙو مولا وسايو مينھن،
خفا ٿيو ھو خان يا نرمل لڳايو نينھن،
اھو ٻڌاءِ تيئن، جيئن جانب نڪتو جيل مان.

**ڏرتي:** جانيءَ جو جيل مان، ٻاريءَ بنايو ٻھانو،

ڪنهن قيديءَ ڏنو ڪو خواب ۾ خاصو خزانو،
ٻين قيدين تنهن کي تڙي ڏنو طعنو،
يار يوسف تنهن کان پڇيو ڳل ڏئي ڳانو،
پائو آهين بند ۾، چو بلڪل بيگانو،
چي: ڏٺم خواب هن ڪوليءَ ۾، جنهن ڪيو ديوانو،
يوسف چيو يار ڪي، ماڳهين نه ٿيءُ مستانو،
تون ڇٽندين جيل مان، پياريندين پيمانو،
سو ڇٽي ويندين جيل مان، تازو توانو،
وساري ڇڏيئين وير ڪي، خاصو ڏسي خانو،
وريو واءُ واحد جنهن آ جوڙيو هيءُ جهانو،
پوءِ ته مولا بنايس مصر جو، هو اهو بلڪل بيانو
اهو تحمل ۽ ترانو، جو قادر ٻڌايو قرآن ۾.

**درويش:** يوسف کان پوءِ زمين تي ڪهڙا دور هليا،
ڪنگ رڙيا ڪنڌيءَ تي يا ڪي مانجهي مور هليا،
ڪي داناءَ آيا ڌرتيءَ تي يا ساڳيا شور هليا،
ڪي عاقل ٿيا، انهن ۾ يا رڳو چغل خور هليا،
ڪي موڳا بنيا ملڪ ۾ ڪي ڏاهن جا ڏور هليا،
جي ڌرتيءَ تي دور هليا، سي مائي ٻڌاءِ ميمڻ ڪي.

**ڌرتي:** پوءِ ڪجهه وقت ڪنڌيءَ تي، نبي آيو ڪونه،
ڪپتين جي قوم مان، بادشاهه بنيو فرعون،
خدا سڏايائين خلق ۾، ڏنئين چاندي ۽ سون،
ظالم جي ظلم کان، چوري ڪنهن ڇُون نه،
دٻدٻو تنهن دَلي جو، پري هئي ڪا پون نه،
نه ڪمي هئي مال ۾، نه اندر ۾ ڪا اون،
نه بيماري بدن ۾، نه سري ڪڏهن جونءِ نه،
نجومي آيا نياپي تي، گهڙيا سيئي گهوڻَ،





ايندو قوم اسرائيل مان، ترت ويندئن تون،
پوءِ ته ڪافر مڙيو ڪونه، کهائين قوم اسرائيل جي.

**درويش:** مائي ان مڪار جي ساري ڳالهه سڻاءِ،
ڪهڙا ڪرت قوم ۾ ويريءَ هئا وڌاءِ،
ٻار ٻچيو ڪو ٻيڙي يا ستي ڪديئين ساهه،
ادب هئس اکين ۾، ڪو حراميءَ حياءُ،
ڪِريس ڪوٽ ڪنڌ تي، آيس ڪو ايذاءُ،
ٿيو ڪرم قوم تي، وريو ڪهڙو واءُ،
جو دلبر هو داناءُ، تنهنجو نالو ٻڌاءِ نظير چئي.

**ڌرتي:** ڪافر انهيءَ ڪنڌيءَ تي، مسڪين ڇڏيا ماري،
ڪلڙا تنهن قوم جا، کهايئين جي ڪاري،
نه حمل ٻچيو هاڙي ۾، جو اڪر اڇاري،
پر سيڪ نه ايندو ان سر ڪي،جو آگو اتاري،
چائو موسيٰ ماءُ ڪي، ڏس پرور ٿو پاري،
آيا جاسوس جاءِ ۾، ڳولا ڪيئون ڳاري،
آئي مت ماءُ ڪي، ڇڏيو پيٽيءَ ۾ تاري،
نرمل نيل مان، جنهن ڪي طالب آيو تاري،
مٿي ان محل وٽان، جت نار ڏٺو نهاري،
ڪيائين سڏ ساهيڙين ڪي، اها ثابت ڪيو ساري،
پوءِ وير اتي وهاري، ڪيئون شادمانا شور سان.

**درويش:** پوءِ ان ٻالڪ تي وري ڪهڙي وٽ،
جانب ويٺو جهولن، هو ناهو ڪو ٺٽ،
اڪيلو رهيو انهن ۾ يا پرور پري پٽ،
ڦيرو ڏئي فرعون سان، ڪئي جانب ڪهڙي جٽ،
جا مير پري هئي مٽ، سا مائي ٻڌاءِ ميمڻ چئي.

**ڏرتي:** ميمڻ مهل انهيءَ شيطان لڳو شڪ،
بلڪل انهيءَ بيبيءَ سان بري ڪئي بڪ،
جو وجهي هٿ وارن ۾ چڪي ڏني چڪ،
ٻالڪ اهو ئي آ، مون جا پوري آهي پڪ،
بيبيءَ چيو بيهودي ڪي تو سهڻا آ سڪ،
موسىٰ ڪي مارڻ لاءِ وڏائي هُيئين وڪ،
منڪر ٿيو مانو، آسيا جي تاب ڏسي تڪ،
پوءِ پياري پربڻ ڪي پڪ، نپايئين ناز مان.

**درويش:** نپايو هئن ناز مان سا سڌ ڏي ساري،
ڪيائن پيار پنهل سان يا ڪوڙو ٿيو خاري،
دوس ڏنئن دل سان يا اندر ۾ آري،
بيوس اڳيان بي بيءَ جي چليس نہ چاري،
بنهہ ان بدمعاش ڪان ڪيئن بچايو باري،
جا گهوٽ پئي گهاري، سو گس ٻڌاءِ گلاٽي چئي.

**ڏرتي:** گلاٽي ٻڌ ڪنهن گهتيءَ ۾، ڪو ڪامل ڪپتي هو ماريو
خون تنهن ڪوتي جو، هو هٿن تي هاريو،
جانب انهيءَ جوءِ ڪي، وير نہ وساريو،
آٽي ڪنهن اوٽ هيٺ واحد وهاريو،
مهل ان ميمڻ چئي هو بڪ بيزاريو،
اڪيون ڪٽي آسمان ڏي هو نرمل نهاريو،
ڏٺو ولر وير جو، دختر هو ڌاريو،
اجارو ڏسي انهن ڪي، هو پاٽي پياريو ،
پوءِ تہ ڪو وقت ڪمي ٿي، چاهہ مان چاريو،
ڪيو قول شعيب پربن سو هئائين پاريو،
ڏنئن نياڻي نرمل ڪي جو اڪر اچاريو،
وٺي بي بي بر ۾ اچي وير وهاريو،

www.sindhsalamat.com



ٿي سنڀال صاحبزادي ڪي چئي باهہ ڪا ٻاريو،
نہ اجهو نہ اوٽ رڻ پٽ هو سارو،
آيو آواز عنبر مان بيبيءَ وساريو،
آئون مالڪ آن تنهنجو جنهن جڳ آجياريو،
اتئين واڳ واريو، ميمڻ چئي مصر ڏي.

**درويش:** مائي پوءِ مصر ۾ ڪيائين ڪهڙو ڪم،
ڏنئين عذاب اڪين سان يا باري رکيو ڀرم،
ٻڌي نصيحت نرمل جي ڪو شيطان آيو شرم،
شيطان ان ڪي چا ڪندو، جنهن تي قادر ڪري ڪرم،
جي اڪر چيئي اتم، سي مائي ٻڌاءِ ميمڻ چئي.

**ڏرتي:** حڪم ٻڌي حاڪم جو ڪامل دير ڪئي ڪانہ،
آيو در دلي جي شاهي وڏي شان،
آ نبي بنايو نظير چئي آڻ تون ايمان،
آڻ ايمان ان تي جنهن بنايو آسمان،
ٻدل ٻول ٻهڳڻ جا جلي ويس جان،
حڪم ڪيائين حويليءَ ۾ گهرايو هامان،
محل بناءِ مولا ڏري ٻڌ ڏيان،
مولا ڏسان موسىٰ جو آ متي آسمان،
ڪيئين ڪٽ ڪست مان طبوع طولان،
پيو ڪڏ ڪامل جي شور ڪري شيطان ،
حبيب هليو هارون وٺي خيال رکي خان،
آيو نديءَ نيل تي صاحب ڪٽي سامان،
نہ ٻيڙي هئي ٻيٽ تي، نہ رستي جو ڪو نام نشان،
لالڻ چڏيولٽ ڪي، تہ جر رهي نہ جان،
جهاڳي نڪتا جهاڳ مان، محب آيو ميدان،
پوءِ تہ رازق روزي موڪلي جا ڪمي هئي ڪانہ،

www.sindhsalamat.com

مــن صـلــوا مــوڪـلـيــو جــو ذري پــڌ ڏيــان،
حاڪم حڪم ڪيو، بچائي نہ رکو بنهہ داتا جو هي دان،
تہ بہ مڙيا ڪونہ ميمڻ چئي ڪري ذخيري جو زيان،
پوءِ باريءَ بند ڪيو جو هڙئي ٿيا حيران،
تهان پوءِ جوان، ٿي ڪيتي شروع خلق ۾.

**درويش:** ڪيتي شروع ۾ خلق ڪيئون ڪهڙا ڪم،
رهيو امن انهن ۾ يا بولاٽيون ۽ بم،
خوشيون آيون خشڪيءَ تي ڪي گوندر ۽ غم ،
عقل جو ڪو اوج هو يا وري ٿيون وهم،
انڌاريءَ جو اوج هليو يا شاهي ٻري شم،
جيڪي ڏرتيءَ تي دم، سي مائي ٻڌاءِ ميمڻ چئي.

**ڏرتي:** ميمڻ پوءِ ملڪ ۾، مليو ڪو ميتاس،
دائود ان دور ۾ رهبر ڪيو راس،
زبور ڏنئين زاهد ڪي اهڙو ئي اپياس،
ٻڌڻ ٻول ٻهڻ جا پي پکن لڳي پياس،
آواز اهڙو الله ڪيو لهيو اندر جي وئي آس،
خاوند خاص رکي هئي چڱي منجهس چاس،
خوشبوءِ ان خان جي هلئي ورهن تائين واس،
لهي غم ويا گوهر جا هئي اندر ۾ اداس،
جي الله پڄائي آس، نظير تنهن نبيءَ جي.

**درويش:** نبي ان جو نظير چئي، هو نرالو ڪو ناز،
خوبي تنهن خان ۾ يا رکيل منجهس راز،
سهي ٻڌاءِ سهڻل ڪي، جو محبت جو هيس مجاز،
جا طاقت ملي تهمور ڪي، تنهن عاقل جو انداز،
جي صاحب بخشيا ساز، سي مائي ٻڌاءِ ميمڻ چئي.

www.sindhsalamat.com



**ڏرتي:** ميمڻ تنهن محب جو، مولا ڪيو مان،
نالو تنهن نبيءَ جو، سورهيہ سليمان،
حڪم هلندو هيس هوا تي، پيا جن ۽ انسان،
ديو بہ دلبر اڳيان، عاجزي مڃي آن،
ڪيئين عرض الله کي، ڪٽي هٿ آسمان،
مخلوق ڪارايان مولا تنهنجي، ڪري جو مهمان،
ديڳيون جا دور هلايا صاحبِ سلطان،
لاکون ديڳيون لولاڪ لئہ، جلدي رڪايون جوان،
مڇيءَ هڪڙي منت ڪئي، محبت مهربان،
بک اٿم بيزاريو، جو ڪجهہ کاڌو اٿم ڪانہ،
اجازت ڏني عجيب جنهن کي شاهي وڏي شان،
ڪائي پلي خوش ٿيءُ، جي ٿئي دل گهريا دان،
هڙ ئي خوراڪ کائي وئي، جي پريل هئا دالان،
چئي اجا ڪي اٿئي، ڪر انڌيءَ تي احسان،
پيو نہ اٿم پيٽ ۾، نرمل ڪوئي نان،
اج بک ماريو ٿئي بادشاهہ، اٿم اهو ارمان،
مولا ڪارائيندو آ ماڳ تي، ڏءُ برابر ڏان،
پوءِ تہ صاحب ڪريو سجدي ۾، جي مان هيس نادان،
رزق ڏيڻ جي رازق، تو وٽ ڪمي آ ڪانہ،
مان بندو ٿي بيهندس داتا ٿي دربان،
اها بات اهو بيان، قادر ٻڌايو قرآن ۾.

**درويش:** تهان پوءِ نبيءَ جي، هلي هئي هاڪ،
وسي هئي ان ويڙهي، محبت جي ڪا ماڪ،
پيدا ڪيا پيارا ڪي پرور ڏٺيءَ پاڪ،
هئي محبت ملڪ ۾ توري گهٽي تاڪ،
نہ ڪي نياڳ هو نظير چئي، چوريا جنهن چاڪ،
جنهن وير ورتي واڳ، سا مائي ٻڌاءِ ميمڻ چئي.

www.sindhsalamat.com

**ڌرتي:** ميمڻ ان دور کان پوءِ آيو جو ايوب،
قصو تنهن ڪامل جو خاوند ڪيو خوب،
عدل انصاف صبر شڪر جو مثال مليو نه ڪوبه،
اولهه گهم يا اوڀر، اتر يا جنوب،
بادشاهه مان بيمار بنيو، محب جو محبوب،
دور پهلو دلبر جو، گذري تيو غروب،
پوءِ مالڪ موٽائي ڏنس سڀ سروب،
جو محب جو منسوب، سو قادر ٻڌايو قرآن ۾.

**درويش:** تهان پوءِ ڌرتيءَ تي ڪهڙو دور هليو،
ريت تنهن راهه جو ڪهڙو دڳ جهليو،
آيو عقل انهن ۾ ساڃيو سور سليو،
هو دور دهشت يا هُئون پاڻ پليو،
جو چاهه ۾ چليو، سو مائي ٻڌاءِ ميمڻ چئي.

**ڌرتي:** ميمڻ پوءِ ملڪ ۾ يونس نبي تيو نروار،
جا قوم صدوم جي نه ڪيو ڪو اعتبار،
پلو انهن پولن کان پڇي تيو بيزار،
نڪري آيو نظير جي درياءَ جي ڪنار،
ٻيڙي ڏٺئين ٻاڙ تي، سهڻو تيو سوار،
وزن ويو وڌي، ناکي ڪئي نهار،
آيو ڪٽو ڪامل تي، تي دلبر تي ڏڪار،
اڇليئون عجيب کي پاڻيءَ جي پاتار،
مڇ ويتو ماک تي کو ڪيو انتظار،
ويو ڳهي وير کي، ڪاڻو وجهي ڪار،
ڏسي پيٽ ۾ پاڻ کي، جا صاحب ڪئي سار،
دعا پڙهيئين دل سان، عجيب منجهه انڌار،
مڇ اڳاڙي مير کي ڏکي ڪيو ڏار،
تهان پوءِ ٻيهار محب آيو ملڪ ۾.





**درويش:** تنهان پوءِ ڌرتيءَ تي هليو ڪهڙو دور،
آڻي ايمان الله تي، غارن ڪيو غور،
نظر نه هو نظير چئي، نياڳو ڪو نور،
جي هو ڪو ان هاڙي ۾، ساندو يا ڪو سور،
تڪي ڪري تور، ٻڌاءِ ٻول سڀ سچا.

**ڌرتي:** ٻڌ ٻول سچا، جي ٻڌايان تن جا پار،
دقيانوس تنهن دور ۾ هو بلڪل بيڪار،
غلام بنائي غريبن کي، ڏيندو هو آزار،
هڪ ڪتو منجهن، ٻيا چڳا هئا چار،
سي ظالم جي ظلم کان نڪري تيا نروار،
جهاتي پائي جبل ۾، غازي گهڙيا غار،
ستا سي سوڙهي ۾ جا سامن نه تي سار،
اتي جو اوچتي نرملن ڪئي نهار،
پڇيئون پاڻ ۾ هوند تيا پهر ٻه چار،
پوءِ تنه هڪڙو ٻار وتڻ ويو بازار،
سامان وٺي صاحب دلبر ڏنا جي دينار،
دينار ڏسي دهلي پيو دڪاندار،
چئي ڪوڙا هن ڪنهن وقت جا، ڪانهي ڪا درڪار،
وٺي آيا وير کي، جو سين جو سردار،
پڇيو تن پياري کان، تون ڪٿا آئين يار،
چئي ڪالهه نڪتاسون ڪوٽ مان، ٻاري ڪٽي ٻار،
پوءِ ته تاريخدان آيا ترجا، جن وهي ڪيا ويچار،
چيئون سڪا آهن سالن جا، صديون گذريون چار،
هيءُ ڪوڙ ڳالهائي پيو منتي ڪيو مار،
جي سچو آهين سي ساٿي سڀ ڏيکار،
پوءِ ته گهلي آندو ان تي هو جتي آدمن انتظار،
اندر گهڙيو اڳيان سڀ جي ته داتا ڪئي ديوار،

رستو نه مليو جي حيلا ڪيئون هزار،
جو صاحب رهيا سهي ۾ ڇڏي سڀ ڪار،
ميمڻ اهي سڀ آچار، قادر ٻڌايا قرآن ۾.

**درويش:** مائي پوءِ ملڪ ۾ آيو ڪو نبي،
چڱيون ڳالهيون چاهه، ڪو منجهس راز ربي،
ڪهاڻي تنهن قاصد جي، ڪهڙي جي ڪبي،
ساري ڳالهه سبي، من سان ٻڌاءِ ميمڻ چئي.

**ڏرتي:** ميمڻ ٻڌائيانءِ من سان، خاصي جي خبر،
قادر بنايو ڪرم سان، بادشاهه سڪندر،
ڪرنيئن لقب تنهنجو، ظاهر ڪن ذڪر،
بادشاهي روءِ زمين ملي، جنهن منڪر،
چڱو هليو چين ڏي، ٿيو غازيءَ جو گذر،
ڏٺئين تنهن ڏيهه ۾ ڏاڍو هو ڏڪر،
ڪاٺن ڪٽائي ڇڏيو، ڪپائي سو تر،
وير ڪيو ويچار، چڱو ڏئي چڪر،
ياجوج ماجوج هن منهن وڏا منڪر،
پٽ بنائي پلي پاڻ وهائي پگهر،
قائم هوندي قيامت تائين نظير ڪر نظر،
ميمڻ سان مگر، ٽٽندي ڪنهن ٽيم تي.

**درويش:** ڏرتيءَ تي ان دور ڪان، پوءِ رهيا ڪهڙا راز،
آئي مت ماڻهن ۾، جي مڙيا يا ڪي مجاز،
ڪهڙي اوج ڪنڌيءَ تي، يا پڙڪيا هئا باز،
پئي ڪوڪ ڪن تي، آيو انٽن ڪو آواز،
جيڪي سري وڃيا ساز، سي مائي ٻڌاءِ ميمڻ چئي.





**ڏرتي:** ميمڻ پوءِ ملڪ ۾، آيو جو ذڪريا،
پٽ تنهن پيغمبر ڪي، ياد بخشيو يحيٰ،
ٻئي پٽ پيءُ ٻرو جي پلهه جي پيا،
هڪڙو چاڙهي آري تي، ٻئي قتل هيئون ڪيا،
جي نرمل هئا نيا، سي قادر ٻڌايا قرآن ۾.

**درويش:** تهان پوءِ ڏرتيءَ تي رهيو ڪهڙو روح،
آئي ڪهڙي عنبر مان، خاوند ڪان خوشبوءِ،
نڪري وئي نظير چئي، بدڪاريءَ جي بوءِ،
جا صاحب بخشي سوءِ، سا مائي ٻڌاءِ ميمڻ ڪي.

**ڏرتي:** ميمڻ ان ملڪ ۾ آئي جا عورت،
نڪري آئي ناڪي ۾ تڙ ڪري ترت،
ڏسي سامهون نر ڪو، آئي نماڻي نفرت،
چي: پري ٿيءُ پاڪ ڪان، جو جن آهين يا ڀوت،
چوڻ بيبيءَ سان سر ڪيو ڪين سوت،
چئي: ڊڄ نه تون ڊاءِ ڪان، مان آهيان ملوڪ،
آگي جي آرڊر سان ٿيندو توکي پيٽ،
ڪيئن ٿيندو ڪامل، مون نه ڪئي ڪا صحبت،
بس ائين ئي ٿيندو الله جي حڪمت،
ٿيو پيٽ پڌرو، هلي نحوست،
چوڏاري ٿي وئي ڪا ويچاريءَ تي وٺ،
نڪري آئي نظير چئي، ڇڏي رشتا رت،
پٽ ڄائو پياريءَ کي، آئي اندر کي آٿت،
جنهن جي پرور رکي پت، تنهن کي لهر نه ڪو لوڏو.

**درويش:** پٽ ڄائو پياريءَ کي، وري ڪهڙي وير،
ٻڌاءِ تون ٻاجهه سان، صبر ان جا سير.

سٿا ڪي صبر سان، مانجهي انهيءَ مير،
سا مائيءَ ٻڍاءِ ميمڻ ڪي، جا اندر ۾ اڪير،
ڪندون گڏي ڪير، محب پيتا ميمڻ چئي.

**ڏرتي:** قصو تنهن ڪامل جو، پرور ٻڌايو پاڻ،
حاڪم آيو هلي امڙ وٽي ساڻ،
ڏسي تن کي ڏيهه وارن، مچائي مچاڻ،
چيئون پيءُ تنهنجو کهڙو، تون ڪوٺي نڪتي ڪاڻ،
اشارو ڪيو امڙ، پڇو اوهان ان کان پاڻ،
ٻوليو اهو ٻالڪ جو ڄڻن نه هئي ڄاڻ،
پيغمبر آيس پرور ڪان، اها سهي مون آ سڃاڻ،
انجيل مليو الله ڪان، اوهان پولا نه ٿيو پاڻ،
پوءِ ته جلي ويا جان ۾، واڻيئون ڪافي واڻ ،
خالق ڪڻي ويو خان کي، اهي اهو ئي اهڃاڻ،
جنهن سان سائين هجي ساڻ، تنءِ نه لڳي تن کي.

**درويش:** تهان پوءِ ڏرتيءَ تي مچيا کهڙا مچ،
هلي ڪسوٽي ڪوڙ جي، يا ثابت رهيا سچ،
هو ملڪ مات ۾ يا ڪوڙن لائي خچ،
آيو امن انهن ۾ يا پورن وڌي بچ،
جنهن رهبر جي ٿي رچ، سا مائي ٻڍاءِ ميمڻ چئي.

**ڏرتي:** ميمڻ پوءِ ملڪ ۾ وري ڏري آيا ڪئين دليل،
قادر جي ڪعبي کي ڦري آيو فيل،
انيون پڪڙي عبدالمطلب جون، انڌو ٿيو عليل،
کهي آيو ڪافر وٽ البيلو اصيل،
ڪافر پڇيو ڪامل ڪان، ڪيئن آئين تون عقيل،
مال ڪاهي آئين منهنجوجن ڪئي ڪانهي پيل،

www.sindhsalamat.com



ڪافر ڪن ڪڙا ڪري سمجهيو منٿ ڪندو ميل،
چئي اهو ڪم آ قادر جو، آجهانن جليل،
اٺ موٽاءِ منهنجا، آهي نه ڪنهن جي عيل،
باقي قريب نه وڃ ڪعبي جي، پورا نه ٿيءُ پليل،
ته ٻه مڙيو ڪونه، منڪر دڙي ٿيو ڊول،
ابابيلن ان ڪان صفا ڪئي سبيل،
تاڻي تن جو تيل، نڪتو هو نظير چئي.

**درويش:** مائي ٻڍاءِ ميمڻ چئي پوءِ جا حال احوال،
محب آيو ملڪ ۾، ڪهڙا پلا ٿيا هئا پال،
اڇي عجيب اگڻ تي، خان پريا خال،
اڇڻ سان ان جي ويا مٽجي وبال،
جيڪي جروهيا هئا جال، سا مائي ٻڍاءِ ميمڻ چئي.

**ڏرتي:** ميمڻ پوءِ ملڪ ۾ آيو آخر زمان،
ٿيو هن ملڪ تي مالڪ مهربان،
ٿي ولادت وير جي، جرڪي پيو جهان،
آيون دايون ديس جون، گوڙ ڪري گهمسان،
پلا گڏهه جن هئا پاليل پهلوان،
هڪڙي دائي حليمان پهچي سگهي ڪانه،
ٽڪل سواريءَ تي جڏهن آئي هئي دربان،
چئي: ٻالڪ رهيو آمنه جو غريب ڪر گذران،
پوءِ ته خان ڪڻي خچر تي، نه ٿي پوڙهي پشيمان،
خچر ڏسي خان کي جلدي ٿيو جوان،
هڙي سواري حليمان ڪڏهن هلي ڪانه،
پهرين پهتي سڀ ڪان ڇڏي ماڳ مڪان،
سڪا دوش تنهن ۾ ان ڪلي پيا خزان،
اهو مولا ڪيو مان، نظير نانءُ نرمل جو.

www.sindhsalamat.com

**درويش:** پوءِ دائيءَ وٽ دلبر جي ٿي سنڀال،
گذارو تنهن غريب وٽ، نه مڏيون هئا مال،
رهبر رهيو تنهن وٽ، ڪامل ڪيترا سال،
دائي وٽ دلبر لاءِ ڪهڙي پلايو پال،
جيڪي محب مليا مال، سي مائي ٻڌاءِ ميمڻ چئي.

**ڏرتي:** ميمڻ ٻڌ من سان، پوءِ جا وير واري،
ڪجهه مهينا گذريا، ٿي امڙ الله کي پياري،
پوءِ ڏاڏي انهيءَ ڏيهه ۾، پرت پچاري،
نپايئينس ناز مان ڳل ڏئي ڳاري،
ٻه سال ٻهڳڻ سان گڏ گذاري،
چڏيو ڏيهه ڏاڏي، ڏئي بيشڪ ويو باري،
نپائڻ لاءِ نظير چئي، نه نر رهيو نه ناري،
پوءِ چاچي ابوطالب وڪ هئي واري،
گوهر تنهن گهوٽ هئي، چاهه مان چاري،
جانب پهتو جوانيءَ کي، جنهن جي محبت موچاري،
مالڪ لاءِ محب هئي، ميس سيئي ماري،
ادب ۽ اخلاق جي سين پرت پچاري،
هاڪ سڄي هاڙي ۾، جام هئي جاري،
جا گهوٽ گهڙي گهاري، سا سڏ ٻڌج سيگهه ۾.

**درويش:** جوانيءَ ۾ جانب هئي ڪا هاڪ هلي،
جاني گهميو جوءِ ۾، ڪهڙي راهه رلي،
سا سڏ ٻڌاءِ ساري جا جانب جهاڳ جهلي،
جا منزل ملي، سا نار ٻڌاءِ نظير چئي.

**ڏرتي:** نظير جڏهن نالو نبيءَ جو ٿيو نروار،
امين سڏيندا هئا احمد کي، پيهي ڪيئون پيار،





خديجه جو ان خلق ۾ هو وڏو واپار،
امير بنائي عربيءَ کي ڪيئين سين جو سردار،
وڳ وٺي ويس، هليو محب متو منتار،
ويڙهه ڪڙيءَ واٽ تي، عجب ٿيو اسرار،
ڏاچيون انهيءَ ڏيهه جون، بلڪل هيون بيمار،
ابتيون آيون عربيءَ ڏي، جي ڏڪيون نه ڪنهن ڏنار،
هتڙو گهمائي حبيب پرينءَ ڪيو پيار،
انهيءَ ويل ائن ڪي، لٿو اندر جو آزار،
طاقت ڏسي تونگر جي، ويا غم غبار،
اهڙا ئي آچار، ٿيا مهل انهيءَ ميمڻ چئي.

**درويش:** ان ڪانپوءِ عجيب جا هليا ڪهڙا حال،
واپار مان وير ڪي، مليا ڪهڙا مال،
خديجه تنهن خان جي ڪهڙي ڪئي سنڀال،
اهي سيئي سال، مائي ٻڌاءِ ميمڻ چئي.

**ڏرتي:** ميمڻ پوءِ محبوب جي هلي وئي هاڪ،
بيبيءَ جا پلي لاءِ ٻري پيا هئا چاڪ،
موهي وڌو هيس ميمڻ چئي، عاقل جي اخلاق،
چيئينس چاهه منجهان وڏي ساري واڪ،
پوءِ ته شادي ٿي شان سان، پنهل پهري جا پوشاڪ،
انهيءَ جي اوطاق، خوشي ٿي خان لاءِ.

o

# رحيم بخش ڏهوٽ

رحيم بخش به هڪ مڃيل سگهڙ آهي. ساڻس منهنجون ڪچهريون ٿينديون رهنديون آهن. هُن جو والد صاحب ڏٽي بخش ڏهوٽ به ناميارن سگهڙن منجهان آهي. هو ڳجهارت ۽ ڏور بيت جو ماهر سگهڙ آهي. رحيم بخش کي سگهڙائپ جي ڏات ورثي ۾ ملي. رحيم بخش وٽ سنڌي ٻوليءَ جو ذخيرو ته آهي ئي پر بيت پڙهڻ جو انداز به ڏاڍو نرالو اٿس.

پاڻ 29-02-1969ع تي ڳوٺ گهوگهاري تعلقي قمبر علي خان ضلعي قمبر شهداد ڪوٽ ۾ ڄائو. هُن ڏهن ٻارهن سالن جي عمر ۾ شاعري شروع ڪئي. هُن اڄ تائين جيترو لکيو آهي، ان بابت سندس چوڻ آهي ته ”اٽڪل ڇهه ست ڪتاب ٿي ويندا انهن مان هڪ ڪتاب چونڊي ڇپرائڻ لاءِ تيار ڪيو آهي، جيڪو ستت ئي ڇپجي ويندو.“

هو سنڌ ۾ ٿيندڙ ڪچهرين ۽ تقريبن ۾ شرڪت ڪرڻ کان سواءِ ريڊيي ۽ ٽي ويءَ تي به فن جو مظاهرو ڪندو رهي ٿو. سندس پهريون پروگرام پاڪستان ٽيليويزن تي 1984ع ۾ ٿيو. ان کان پوءِ 1985ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پنهنجو فن پيش ڪيائين.

هن فن جي تربيت پنهنجي والد صاحب کانسواءِ نالي واري سگهڙ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ کان پڻ ورتي. سندس پيءُ ڏٽي بخش ڏهوٽ پنهنجيءَ اوطاق تي ڪچهريون ڪرائيندو آهي، جتي سنڌ جا پلوڙ سگهڙ اچي گڏ ٿيندا آهن. انهن ڪچهرين به رحيم بخش جي وڏي تربيت ڪئي. پنهنجيءَ محنت ۽ والد صاحب جي دعائن سان وڏو نالو ڪڍيو اٿائين ڪيس مڃتا ۾ مختلف ايوارڊ پڻ ملي چڪا آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:





1. تنظيم فکر و نظر سنڌ پاران پاڪستان جي صدر هٿان شيلڊ 1986ع
2. پاڪستان ٽيليويزن (پي ٽي وي) ايوارڊ
3. قلندر لعل شهباز ايوارڊ
4. ٻيڙو فقير ڪنڀار ايوارڊ
5. استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ
6. سهڻي ميهار ايوارڊ

رحيم بخش ڏهوٽ جي ڏات مان چونڊ هيٺ ڏجي ٿي:

### ٻاونجاهه سنڌي زيورن جا نالا

ويندا وزندار، سدا ڪن سهاڳڻيون
نٿ، دهري، نصبيون، جهومڪ جلويدار
بئنسر، چوڙو، ٻوليون، روپيون رائيدار
ڪنگڻ، ڪڙيون، چلڙا ڪڙيون ڪڙکي دار
واليون، پنڙا ڪيوٽيون، ٻانهيون ٻهڪيدار
ڪٽ ماليون، ڪيوٽيون، چوڏس چندن هار
مرڪيون، لونگ، مگريون، نوراهيا نروار
هئي جتي هيڪا نڊي، پازيبن پچار
سرن من سوگهو ڪيو، چاڙهي ڪيپ خمار
ور ڏيئي واڱيا مٽان، گيسو گهنڊيدار
لڪ چوري مون سان ڪيا، ڪي ايرينگن اظهار
حُورن کي هٿن ۾ هيون، منڊيون مزيدار
ڪري گهمن پيون ڪامڻيون، ڪينون خوشبودار
واسيو وجود ڪي، مرو اي مهڪار
ڪيرمندن ڪيڪار، ڪئي اسان کي ڪاڄ ۾

### ڏهس جو بيت ڏهه نالا سچ جا

صورت پاڪ سڄڻ جي، ڪيو ديو مٽان داءُ
مرڪڻ ساڻ محبوب جي، سن سکي ويو ساءُ
سورج سائين سردار کان، ڪري بادل منجهه بچاءُ

شمس گھڻو ششدر ٿيو، تجلو نہ آڻي تاءُ
خُديءَ ساڻ خُرشيد تون، اپري متي نہ آءُ
لڪوارن عجيب ڪان، ڏھوٽ ڪري ڏھڪاءُ
سامھون سج سختيءَ سان، روش ڪري رانپاءُ
مٿان پاڪ محبوب جي، نہ واڪا ڪري واءُ
تون بہ اھڙي در مٿي آءُ، تہ لڳئي رنگ رحيم بخش چئي

## سينگار جو بيت (تجنيس حرفي)

ھرجا ھاڪ حسن جي، ٿي ھير ھلي ھولي
مرڪڻ ساڻ محبوب جي، ڪئي ڇيھارين ڇولي
دري ادن دل پاڪ ڪئي، مون جڏي جي جھولي
پر اجان ديد اتان مري، خاص پيرين خولي
آھو عين عجيب جي، رمزن دل رولي
رنگا رنگي باغ برنگي، بلبل ٿي وئي ٻولي
چتون مينا چاند چڪوري، ٻاٻيھن ٻولي
ڏوڏر ڏاڙھون ڏھوٽ ڇوي، گوھر مان گھولي
وس وسيھر ويچارا ٿي، ناگڻ وئي نولي
پربت پاٻيھو پيار ۾، ٿي گنير ويا گولي
ڊرڪي ويئي ڊولي، اھا رات بہ رحيم بخش چئي

## نصيحت

ادا ڪر نہ آڪڙ ڪلھي تي ڪفن آ
متان يار سمجھين، تہ ھيءُ منھنجو وطن آ

(1)

ٻلا ڏي خبر تو قبر جو وساري
رھي ڪونہ سگھندين سھڻا عمر ساري
بينو آھي بگڙيو مٿان پنھنجي ماري
اھو باب برسيل ڪو چٽڪو چمن آ





متان يار سمجھين، تہ ھيءُ منھنجو وطن آ

(2)

ڏاھو ٿيءُ خدارا، ڏنگايون ڇڏي ڏي
ٻلو اٿئي ٻلارا، برايون ڇڏي ڏي
آھي ڇوٽ ڇاڙھي، ڇرايون ڇڏي ڏي
ھاڻي تنگ تومان، زمين و زمن آ

(3)

ڪيئي راج راڻا راڻيون ڇڏي ويا
شاھيون بادشاھيون اباڻيون ڇڏي ويا
ڪھاڻيون نيون، ڪي پراڻيون ڇڏي ويا
سخي شاھہ سڪندر بہ ڌرتيءَ دفن آ

(4)

ڏنئي پاڻ پنھنجن ڪي دولت تي ڌوڪا
ليمي ڪي لڏايئي، ڪانديري ڪي ڪوڪا
متيري ڪي ماريئي، ٺاپر ڪي ٺوڪا
ھاڻي بيزار تومان خميسو خدن آ

(5)

ٻلو ٻاءُ ٻانئين، ڇڏ خون ڏاڙا
سڄي رات سانگي پٽن توکي پاڙا
آڏو قيد ڪھري ڏَڪن جا ڏھاڙا
سنگتي نہ ساٿي نہ ساڻ بابو بگن آ

(6)

ڏھوٽ ڏور منزل، وڪر ڪر وڳاڻو
رحيم بخش روئي، راضي ڪر ڪوراڻو
طفيلي محمد جي، نہ ٿيندو پڇاڻو
آڏو پاڪ عربيءَ جو، سھڻو صحن آ
متان يار سمجھين، تہ منھنجو وطن آ
ادا ڪر نہ آڪڙ، ڪلھي تي ڪفن آ

# محمد اسماعيل ڀوهڙ

محمد اسماعيل ڀوهڙ نالي وارو سگهڙ آهي، ريڊيي ۽ ٽي ويءَ تي فن جو مظاهرو ڪندو رهي ٿو. اصل ٺل ضلعي جيڪب آباد جو ويٺل آهي پر هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

### ڏهس جو بيت اکين تي

سهڻيون اکيون سڄڻين ڪڪوريل ڪاريون
چم چاتيءَ تي آنکيں الاريون
آئيز اِسترغين ٻارڻ ويا ٻاريون
چاهه چشمن چُور ڪيا ڀرڪش پياريون
نين وجهي ناڪيليون وجن ڪونڌر قطاريون
عَين عُقابي اسماعيل چئي وتن ڏاڙي خاطر ڏاريون
لحظي منجهه لُٽيون وجن خَن عمر ڪاريون
نيڻ نهاريون ويا پاڳل ٻڌايون ڀوهڙ چئي

### ڏِٽ پِرولي_ 1

مشهور آهي ملڪن ۾ اٿس موج وڏي مستي
چسڪي تنهن جي چُور ڪيا واندي ناهي وستي
ماٺ لهي مڙني وٺ توڙي حاتنگ رکن هَستي
هونءَ تہ آهي صفا سستي، پر عزت وڏي اسماعيل چئي

**ڀيڇٽي:** چانهہ





### ڏِٽ پِرولي_ 2

ڏسڻ واري ڏاهي رکيس ماپي ٻئي پاسا
منڍن جا موڳن سان ڪيئين پيوند ٻئي پاسا
جو هلائيندو حق تي تنهن جا ڀر ڪري پاسا
تنهن جا ٻئي پاسا، هُوندا پارس ڀوهڙ چئي

**ڀيڇٽي:** تارازي

تارازيءَ جي سئي ڏسيندي آهي جا وِچ تي رکيل آهي. پيوند سان هُن جا پڙ هوندا آهن جيڪو صحيح تور ڪندو هتي بہ نيڪي ۽ آخرت ۾ بہ نيڪي.

### ڏٽ پرولي_ 3

پيڻ سڳي پائرن ۾ آهي ڪامڻ وڏ ڪٺر
نهاري نڪو نار ڏي، ڪنڌ ڪٽي ڪو ڪر
مڙيئي مِڙيا وَجن، موڳن ڏي ساڻ ڪنيو ٺمر
وجي مهمان ٿين مردن جا دانا وٺيو دَر
ٻيا پيي ري ڪانديا رُلندا وتن، جن ڪي پيٽ جي تہ پچر
اوهين وينا هو وينجهر. پرولي ڳوليو ڀوهڙ چئي

**ڀيڇٽي:** ريل گاڏي

ريل جي مشين گاڏن کان سگهي آ. پر سپ کو گاڏن ڏانهن ڀڳو ويندو آ. ريڪانديا معنىٰ بغير ٽڪيٽ جي پنندا بہ وتن ۽ سفر بہ ڪندا وتن.

O

# احمد علي چانڊيو

احمد علي چانڊيي سان منهنجي پهرين ملاقات آغا نور محمد پٺاڻ صاحب معرفت ٿي هئي. 2000/2001ع جي ڳالهه آهي ، جڏهن مان ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي ادبي پروگرام رسالو ڪندو هئس. رسالي ۾ عام طور سگهڙن کي نہ گهرائيندا هئاسين. آغا صاحب جي تجويز ۽ منهنجيءَ خواهش تي انتظاميا مون کي اجازت ڏني تہ پلي هڪ ٻہ سگهڙ بہ ڪنهن ڪنهن پروگرام ۾ گهرائيندو ڪر. سو آغا صاحب جي معرفت مون احمد علي چانڊيي کي گهرايو. احمد عليءَ جو اهو ريڊيي تي پهريون پروگرام هو، جڏهن تہ هو 1997ع کان پاڪستان ٽيليويزن تي پروگرام ڪندو رهندو هو. اُتي ڪيس پروڊيوسر سميع بلوچ ڪچهري پروگرام ۾ متعارف ڪرايو هو، جنهن جو ميزبان سيد صالح محمد شاهه هو.

احمد علي 1995ع کان ڪراچيءَ ۾ پورهيو ڪري پيٽ پالي پيو. سندس اصل ڳوٺ علي مراد چانڊيو تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو آهي، جتي هُو ڳجهارت جي ڳولهو سگهڙ دودي خان چانڊيي جي گهر ۾ 1-1-1968ع تي ڄائو. ڪيس پڙهڻ جو جوڳو ماحول نہ مليو، مڙئي هنيانءَ جي سڄائيءَ تي سنڌي پڙهي لکي ڄاڻي ٿو. ننڍپڻ کان ئي شاهه جي بيتن سان ڏاڍي دلچسپي هوندي هئس. گهرجي ماحول ڪيس سگهڙائپ جي ميدان ۾ آندو. ويهن سالن جي ڄمار کان فن جي شروعات ڪيائين. فن جي سکيا استاد غلام اڪبر گاڏهي ۽ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ کان ورتائين. آجيان جا بيت، سينگار، ڏور ڳجهارت ۽ پهاڪن تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو.





سندس پسند جي صنف سينگار آهي. سنڌ جي سمورن شهرن ۾ فن جا جوهر ڏيکاري چڪو آهي. سندس ڪلام رسالي ڪلچرل هيرٽيج ۾ بہ ڇپجي چڪو آهي. هڪ ڪتاب جيترو مواد تخليق ڪري چڪو آهي، جنهن کي شايع ڪرائڻ جي ضرورت آهي. پاڻ حاجن شاهه حضوري ماڙيءَ واري جو مريد آهي. ڪيس فن جي مڃتا ۾ مختلف ايوارڊ بہ ملي چڪا آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

- ايراني سفار تخاني پاران ايوارڊ
- استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ 2005ع
- شهيد دودو سلطان سومرو ايوارڊ 2013ع
- عباسي ڪلهوڙا تنظيم پاران ايوارڊ

سگهڙائپ جي فن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ احمد عليءَ پنهنجا شاگرد بہ پيدا ڪيا آهن، جن ۾ الاهي بخش ناريجو، جمشيد علي زهراڻي، علي نواز لنجواڻي، انور علي ڪاڪيپوٽو، علي ٻُر چانڊيو ۽ ٻيا شامل آهن .

احمد عليءَ جو هيٺ آجيان جو اهڃاڻ بيت ڏجي ٿو، جنهن ۾ هُن نون ٻولين ۾ ڀليڪار چئي آهي، انهن ٻولين ۾ سنڌي، هندي، انگريزي، پشتو، بلوچي، پنجابي، براهوي، هندڪو ۽ عربي شامل آهن.

**آجيان جو بيت**

**ڀلي آئين** ڀلا ڀرين، محب مٺا منٺار
**سواگتم نمسِت**، ٿي آئين نروار
**پخير راغلي**، پارائين گلن جا هار
**ست بسم الله**، سونهن ٿا تو سينگار
**جي آيان نون**، جانب هوئي تن اندر ۾ تار
**ويلڪم** وارث، ٽولڙي سڪايل جي سار
**وش آ تڪي**، ويهہ تہ پرين ڪيون پيار
**بخيرٽ** پلو ٿيو، سڄڻ آهن سرڪار
**خيري آئي** خير ڪيو، رازق رب ستار
**أهلاً سهلاً** احمد چئي، ٿيا قرب ڪرار

جاني آئين يار، ڇڱايون ٿيون چانديو چئي.

### آجيان جو بيت

آيا اڱڻ عجيب، سڄڻ ڪري ستاري،
عجيب آئي احمد چئي، ٿي بيحد بهاري،
خوشيون مون کي ڪوڙ ٿيون، هر طرف گل گلزاري،
آهي رات ڪاري، ٿي چانداڻ وئي آ چانديو چئي.

O





# الهڏنو لانڊر

الهڏنو هڪ سينيئر سگهڙ آهي. 1972 ع کان خدمت ڪندو پيو اچي. سنڌ جي ثقافت کاتي توڙي ٻين سرڪاري ۽ غير سرڪاري تقريبن ۾ ڪلام پڙهي داد وصول ڪري چڪو آهي. هن جي والد صاحب جو نالو احسان لانڊر آهي، جنهن جي گهر ۾ پهرين جنوري 1942ع تي اک کوليائين. سندس والد بہ سگهڙ هو. پاڻ سگهڙائپ جي سکيا ڪانئس ورتائين.

سندس ڳوٺ محمد يوسف جي مياڻ لڳ سانگهڙ آهي. پنهنجي هينئين شعر ۾ سگهڙن کي نصيحت ڪري ٿو:

### سالڪن جا سخن

سگهڙ سڏائين پاڻ پڏائين، سِڪُ اصل ۾ هيءَ عادت
لوچي لهج لوڪ ۾، شاهي شرافت
اٿڻ ويهڻ ادب جو، ٻي سهڻي صداقت
مڙ يئي معلوم ڪر حاصل حقيقت
ادب ۽ اخلاق سان ڪر وائي پيو وحدت
توبهہ سندي تسبيح سان ماڻج معرفت
پوءِ انهيءَ ڪنهن نيت، ملندءِ اجر"الهڏنو" چئي

O

# محمد سومر سومرو

شڪارپور سان تعلق رکندڙ محمد سومر سومرو ولد جوڻ سومرو 9_4_1949ع تي ڄائو. چاليهن سالن کان هن فن سان نڀائيندو پيو اچي. سگهڙائپ ۾ سندس استاد فقير محمد ملوڪ عباسي آهي.

ڪيل پروگرامن ۾ پي ٽي وي، ريڊيو پاڪستان، ڪي ٽي اين، سنڌ ٽي وي، مهراڻ ٽي وي. سنڌ ثقافت کاتي جي ترتيب ڏنل قلندر شهباز ميلي، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ميلي، سچل سائينءَ جي ميلي سميت سوين پروگرام شامل آهن

سندس ڪلام ادبي رسالن اخبارن وغيره ۾ شايع ٿيو آهي. هن استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ سميت مختلف ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ماڻيا آهن. هيٺ سندس اهڙو شعر ڏجي ٿو جنهن جي پڙهڻ سان چپ چپ سان نہ ملندو:

ڪڪر ڪيس ڪلهن تي، سرس گهٽا سارنگ
اُڳَ اليهر ڪان اڳرا تليهر تيز تارنگ
نيٽ ناٽ نهوڙيا آهو ادگر جاچن جهنگ
گهرا گهاوَ غزالن ٿيا ڪُچيا ڪين ڪرنگهہ
ظاهر زري زينت آئي. رجني چڏيا رنگ
چاند چند وري چلڪو چڏيو چاسينگر چهنگ
ڪٽ ڪيٽيل ڪيريا ڪارڏو الڊ هر ڪان وڏ انگ
تنهن ننگيءَ تي هن ننگ، ساري جڳ جا سومر چئي





## سينگار

پائي پوشاڪون پدمڻي، مٿي سر سالور
تڙ ڦل تيز تلاءُ تي، پورب ڪري پور
چنڊ ئي وار وڏا اندر ٻهڪن ٻوٽا ٻور
مرڪڻ ساڻ محبوب جي گلن لاتي گهور
عينان، نينان آهو مارن ڪجل ريءَ ڪلور
کهنگ ڪاز ڪونجڙي جوڀن جهوريا جهور
گنئير، گت گنوايا ٿيا چنچل چور
”سومر“ پائي سورَ ساهي مرگهہ مري ويا

O

# ممتاز علي عباسي

**عباسي صاحب** پنھنجي باري ۾ لکي ٿو تہ: ”منھنجو والد صاحب فقير محمد ملوڪ عباسي جيڪو سوين سگھڙن جو استاد ھيو. ان جو ھڪڙو پروگرام نوان جتوئين ۾ رکيل ھيو. مان سندس شاگرد فقير محمد حسين شر وٽ ترسيل ھيس، اتي سندس شاگرد رحمت الله عباسي وٽڻ آيو پوءِ اتان محمد حسين ۽ رحمت الله عباسي گڏجي آياسين.“

”نوان جتوئين ۾ حاجن جانوريءَ وٽ پھتاسين ان جي والد صاحب سگھڙ گور جانوريءَ جي ورسي ھئي ان پروگرام ۾ منھنجو والد صاحب اڇٽو ھيو، جيڪو نہ اچي سگھيو. ان پروگرام جي صدارت مونکي ڏنائون ۽ پوءِ محمد حسين شر ۽ رحمت الله عباسيءَ چيو تہ تون ڪجھ نہ ڪجھ ٻڌاءِ. ان ڏينھن مون کي وڏو صدمو رسيو تہ آئون آئينده جنھن بہ استيج تي ايندس تہ سگھڙ ھوندس. پوءِ پنھنجي والد صاحب استاد محمد ملوڪ عباسيءَ کان سکيا ورتم. اھو 79 وارو دور ھيو. ان کان پوءِ بابا پاڻ سان مونکي پروگرامن ۾ ساڻ وٺي ويندو ھيو. پوءِ چاھي اھي پروگرام سرڪاري يا غير سرڪاري ھجن. 1998ع ۾ والد صاحب بيمار ٿي پيو. سال جي پھرئين مھيني ۾ سندس طبيت خراب ٿي پئي. ڇھ مھينا اسپتالن جا چڪر ڪاٽڻا پيا. آخري ڇھو (2_6) رات جو ٻارنھن وڄي 55 منٽن تي دم ڏٺيءَ حوالي ڪيائين. ان جي وفات کانپوءِ مونکي ڏاڍن ڏکين مرحلن مان گذرڻو پيو. سندس ڪجھ شاگردن وڏيون تڪليفون ڏنيون جن جي نالن کان ماڻھو ڪجھ با خبر آھن. منھنجي والد صاحب جي دعا ھميشہ مون سان گڏ آھي.“ ان جي دعا سان مونکي ڪافي ايوارڊ مليا آھن.

1) ايران جي سفارت خاني پاران ڪراچيءَ ۾ ايوارڊ مليو.





2) سنڌ ميوزم حيدرآباد ۾ ثقافت کاتي طرفان حضور سائينءَ جي شان جو ايوارڊ مليو. ٻئي ايوارڊ حضور سائينءَ جي شان ۾ مليا.
3) جلال کٽي ايوارڊ مليو.
4) قلندر شھباز شيلڊ ملي.
5) ان کانپوءِ ڪلھوڙا تنظيم جو ايوارڊ مليو.
6) پوءِ تنوير عباسي ايوارڊ مليو.
7) ان کانپوءِ قلندر شھباز ايوارڊ مليو.
8) 2011ع ۾ پاڪستان ليول تي P.TV ايوارڊ مليو.
9) 2008 ۾ دعوا اڪيدمي اسلام آباد وارن ايوارڊ سرٽيفڪيٽ ڏنو.
10) 2009ع ۾ ڪلھوڙا تنظيم پاران تاج پوشي ڪرائي وئي.
11) 2013ع ۾ سگھڙ فقير عبدالرحمٰن ايوارڊ ڏنو ويو.

ان کان سواءِ سرٽيفڪيٽن جو ڪو بہ اندازو ناھي.

سگھڙ پائيءَ جي صنفن جي ڄاڻ رکان ٿو. سگھڙائپ جو مواد ٻن ڪتابن جيترو ٿيندو، وسيلا نہ ھجڻ ڪري ڪتاب نہ ڇپرائي سگھيو آھيان.“

لوڪ ادب جي حوالي سان چند سٽون:

لوڪ ادب لاءِ دل آتي رھندي
ڇھ فٽ منھنجي ڇاتي رھندي
تيسين ممتاز لوچيو سوچيو
جيسين عباسي حياتي رھندي

**سمجھاڻيءَ جا بيت**

گذر غريبي گن پلو تون ھل چڱي چاري
ڳالھاءِ اھڙو ڳڻن پريو سڀ ڪو پيو ساري
محبت سواءِ ممتاز چوي ٻي ھستي چڏ ماري
عاقل عربيءَ گھوٽ جي تون لڳي پئہ لاري
اندر ٻارڻ عشق جو، تون ٻھڳڻ چڏ ٻاري
روئي ريجھاءِ راڻي کي، ھَئي ھنجون ھاري
پوءِ پرين توکي پياري، ويندا جام جنت جو

سمجھہ رک سياڻو ٿيءُ تون ادب پاسي آءُ
سھڻا ٿوھہ پٽن تي، ڀلين مٿان پاءُ
دغا باز دوکي سان، ڪندو در آئي کي داءُ
ھو پيءُ لڄائيندو پنھنجو، ٻي مٽي لڄائيندو ماءُ
ڪوڙي کي ڪھڪاءُ، اصل نہ ايندو عباسي چئي

ادب سواءِ آدميءَ کي، چڙھيل آھن چوٽا
ڪونھي ڪمي ڪوڙن کي ناڻو ڇا نوٽا
اصل کان عباسي چئي، آھن سچ مٿان سوٽا
ڪائي ويا ڪوٽا، ملڪ سچو ممتاز چئي

## سينگار (سرائيڪي)

قسم خدا دي سڄڻ اسان ڏي محبوب کاندا مھماني نت نشاني
والي مئڏي ويڙھي آندا کھڙي کران قرباني مين مستاني
لک لک صدقي ٿيوان جو عجب ڪيئي احساني در جاني
شان مئڏا "ممتاز" ھايا جڏا ان پسيم پاک پيشاني گوھر فيشاني
راز ايجھا رحمان ڪيتا وھوا صورت پاک سبحاني قسم رباني
نام سڄڻ دا وندر وظيفا ول ول ذڪر رباني حمد حقاني
ڪيھي وصف کران سو وار لکان سائين دلبر دان دشاني برحق باني
وار وسيھر کندم ڪالي ابرو صنف ايراني ڪان ڪماني
اکيان آھو پروان پالا! لبڙا لاک لاشاني مست جواني
مٽ انھن ري نہ ملدي ڪوئي حسن ماہ ڪيغاني جگ وچ جاني

O





# غلام قمبر عرف ڪبير

استاد محمد مٺل مھر جو شاگرد غلام قمبر عرف ڪبير ولد غلام حسين ذات بليدي 01_01_1949ع تي ڳوٺ ڏاتا خان تعلقي رتيديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. سگھڙائپ جو فن 1975ع ۾ شروع ڪيائين ۽ انھيءَ فن ۾ سندس استاد محمد مٺل مھرا ٿس.

ماڻھو سچا، ڪي ڪي ٻچا، عام ناھن اڄ
باقي ٺيڪيدار ٺڳيءَ جا، ٺارت پي ڪن رڄ
اھڙن ڪوڙن کي ڪبير چئي، وجھجي ڇائيءَ ڇڄ
پائو تن پڄ، جن کي ويھہ زبانون وات ۾

O

www.sindhsalamat.com

# فقير امداد علي ٻبر

خيرپور ناٿن شاهه جو فقير صاحب غلام حيدر جي گهر ۾ ٻي فيبروري 1955ع تي ڄائو. 1975ع کان فن جي ابتدا ڪيائين. سگهڙائپ ۾ سندس استاد حاجي خدا بخش مشوري آهي. هن جي فن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڄام توکي ڄاڻ پوندي، هيئنئر توڙي هاڙهي
نفس ڪيرائي ناهر ٿو، وريامن کي به واڙي
نڪي ٿو باهڻ کان بس ڪري، ٿو ڏيهاڙي ڏاڙهي
ڦرجي ڪيئي فقير ويا، آهن دلي جي ڏاڙي
چڱايون ٿو چٽ ڪري، ٻراين جي ٻاڙي
ٻلائي چڏيا دل ڪيئي، رهزن هِن راڙي
سرامنديس ۽ تونگر ٿو تاڙي
امداد جهڙن اٻوجهن کي، جانب ٿو جهاڙي
قبر حشر ۾ حامي ٿجان، ڏاها اِن ڏيهاڙي
اِها جهلڪ جهولي جي، ٻي سختي ٿي ساڙي
ڪيل قول ڪريم سان، نه پاڻ سگهيا سين پاڙي
هاڻي چڱا وڃان چاڙهي، ٻاجهه سان ٻبر چوي.

## سينگار (سرائيڪي)

پر پير پرين آءُ اگڻ سا ڏي، لهه سار متا مين تيڪون هان
وڏي ناز والا ناز نين سڄڻ نا مار متامين تيڪون هان





(1)

نازڪ نين چراون چين اصل عين لوڪون لڙپين
لڙيدي لئين جاني جو ٿئين مئين هان مطمئين سڏدي سئين
سڄڻ سڏ ڏين من مستين دن ياريں مصلي مين
اسان نا يار گڏ گذار ڪرو نا ڏار سڻ سرڪار
متا مين تيڪون هان

(2)

ابروان عار مثل تلوار واران تي وار ڪرن هر وار
اهڙي ڪا ڪار جانب جهٽڪار لعلڻ للڪار وڏاوي پيار
تيڏي تنوار لڳاوي لارچتي چمڪار صعفي سٽڪار
نهين ويچار منيو هار ٿيوي اقرار سهٽا سردار
متا مين تيڪون هان

(3)

نين نيور گهتن چاگهور ڪرن ڪلور پلاون پور
ڏيهان ڏور وتن وهلور پوون پور ڏيون جو سور
چڪنا چور ظاهر ظهور مئينا مغرور ٿيندي ضرور
ڪافي قرار اسان هر بار چاوڻ لاءِ تيار ميڏا مهدار
متا مين تيڪون هان

(4)

عين اٽل پرين پل پل ڪنهن به محل ڏيون اچل
ڪنباون ڪل پلڪان پيل ڦهري ڪجل ريح ڏتل
بيشڪ بلڪل بدن بخمل صنم سهٽل هلاون هل
هن حرف هزار لعلڻ لاچار نڪتي نروار اڪر ڏون چار
متا مين تيڪون هان

(5)

جو هو وي حڪم ٿيوي هڪ دم جاني جسم چوٽي چم
نهين اتم سپ صنم تيڏا قسم قبول ڪتم

جو ستم سو ستم ملي مرهم تہ مٿي غم
بلاشڪ بار لٿي غبار اهي آزار ميڏا
منٺار
مٺا مين تيڪون هان

(6)

”ٻبر“ ٻولي چپ چولي تڪي تولي پڳي پولي
ڪٿي ڪولي ڏاڍي هولي، ٿرن ٿولي رليي رولي
”امداد“ اوتي جهڪان جهولي ڏڪئي سولي ڏينهن ٿولي
ڳئي گذار سر بازار تيڏا ديدار هو وي بار بار
مٺا مين تيڪون هان

o





# غلام رسول ”غلام“ مگريو

غلام رسول جو تخلص ”غلام“ پيءُ جو نالو ميان فيض محمد مگريو ۽ ڳوٺ ڪانپور تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو آهي. هُن ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ 1954ع ۾ جنم ورتو. پنجن درجن تائين تعليم پرايائين، غربت سبب اڳتي نہ پڙهي سگهيو. سگهڙ پائيءَ جو شوق تہ ڪيس ننڍ پڻ کان هيو پر باقاعدي 1969ع کان شروعات پنهنجي پيءُ ۽ ناني شيخ محمد کان متاثر ٿي ڪيائين.

ڳوٺ ٻگيءَ ۾ وڏيري محمد بچل ابڙي سگهڙن جي ڪچهري ڪرائي، جنهن ۾ هن بيت پڙهيا جتي ٻيا بہ سگهڙ موجود هيا، جن ۾ سنڌ جو پلوڙ سگهڙ فقير محمد ملوڪ عباسي بہ موجود هيو، سو ان کان متاثر ٿي شاگرديءَ جو سڳو ٻڌرايائين. اٽڪل هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين. ريڊيي، ٽي ويءَ تي فن پيش ڪري چڪو آهي. سندس ڳچ مواد ڪتابي صورت ۾ اچڻ لاءِ آتو آهي.

### سينگار جا بيت

هڪ عجب رنگ عجيب جو، ٻيو آهوءَ کان وڌ عين
نرگس ناز چڙي ڏنو، ڏسي نازڪ جا هي نين
وارو واسينگن کان وڌ، وهواه، سِرڪن پيا سين
ڏني تجلي تيز تڪي آ، واحد ٻي وِڄ ڪين
تنهن بہ تاب چڙي ڏنو هو، اوڏي مهل اُتين
ڪولي جڏهن لبڙا لالي، محب پيو مرڪين
تہ چڙي چنڊ چانڊني، وئي رنگ مٿي رين
اٿي منهنجو محب مٺين، ٻيا ڪل آهن گهٽ غلام چئي

جهڙو سجڻ سهڻو سائين، اُهڙا هيس انگ
وار واسينگن وڏ وهه واهه، وجهن پيا ونگ
پرون برسيل باغ برابر، ڏور هڻن پيا ڏنگ
اکين جي ته اشاري سان، پئي ماريائين مير ملنگ
جي مرکي پيو محبوب منو، ته رات متي پئي رنگ
چڏي شور، ٿيا گهور، پو ته اِلاهي اڙٻنگ
ٿيا عاشق لک پتنگ، منهنجي گوهر مٿان غلام چئي

### نصيحت جو بيت

ائين سينو صاف ڪر، جيئن چنڊي اَنَ ڪي چَڄ
وڏائيءَ کان وڏو، پياءُ پري تون پڄ
چڏ گوڙ غلام چئي، نه واڪا ڪري وَڄ
آهين هٿڙي اڄ، سڀاڻي نه هوندين سپرين

O





# امام ڏنو مهراڻي

ڪچهريون سنڌ جي سگهڙن لاءِ وندر ورونهن ۽ دانائيءَ جي درس ڪان سواءِ نرسريءَ جو ڪم به ڏين ٿيون، جتان ڪيترائي ٻج ڦٽي وڻ ٻڻجن ٿا. امام ڏنو مهراڻي به انهن ڪچهرين جي پيداوار آهي. سندس ڳوٺ علي آباد باٺيري لڳ ڪنب ضلعي خيرپور ۾ هُن جو پيءُ گل محمد ۽ سندس سنگتي چنڊ خان، مراد خان، زنوار ماڪوڙو ۽ ٻيا جڏهن ڪچهريون ڪندا هئا ته امام ڏنو ٻڌندو هو، ائين هن ڪي به شوق جاڳيو، باقاعدي تربيت استاد محمد سومر ڳاهي جي هفتيوار ڪچهرين مان ورتائين. استاد محمد سومر ڳاهو سندس استاد آهي.

هو سگهڙائپ جي سموري فن تي مهارت رکي ٿو. پاڻ 1955ع ۾ ڄائو. پيٽ گذر لاءِ درزڪو ڪم ڪندو آهي. ريڊيي، ٽي ويءَ ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ به حصو وٺندو رهي ٿو.

### التجا بارگاهه الاهيءَ ۾

اي منهنجا خدا ڪر معاف خطا، آهين بيشڪ بخشڻهار به تون
پنهنجي ساڻ ڪرم رک منهنجو ڀرم، اي ڏوليا ڏکڻ هار به تون
بدڪار آهيان بيڪار آهيان، ستر ڪر ستار به تون
هٿ خالي ڪٺي چوان توکي ڏٺي، منهنجي پروربڌ پڪار به تون
هيٺي حال مٿان ڪرپال مٿان، پنهنجو ڪرم ڪجان ڪلتار به تون
ڪر مهر ڏٺي آ گهرج گهٽي، هي جڏڙو جيءُ جيار به تون
ٿو آهون ڪريان ۽ دانهون پريان، ڪر پوري مدد ڪار به تون
تنهنجي در تي هلي مون جهولي جهلي، ڏي گنج پنهنجي مان غفار به تون

ڪر فضل فضا پنھنجو فيض عطا، اي ڏيھن جا ڏاتار ٻہ تون
آھي راھ اَٽائي ڪر سھڻا سٽائي، ٿي سوال مددگار ٻہ تون
اي منھنجا مولا ڪر سانگ سولا. ڪل عالم جا آڌار ٻہ تون
ننگ پال ڏٽي لڄ پال ڏٽي، مخلوق سندا مھندار ٻہ تون
اي سھڻا ربّ ڏي علم ۽ ادب، آھين جوڙيندڙ جنسار ٻہ تون
پاڪستان جو اعلیٰ شان ڪجان اي ملڪن جا مختيار ٻہ تون
سنڌ شاد رھي آباد رھي، سڄي سنڌڙيءَ ڪي سينگار ٻہ تون
مينھن وسن ٿڌڪار ٿين، ڪر گاھن جي گلزار ٻہ تون
مارو مال جيئن، خوشحال ٿين، ڪر ساٽيھ منجھ سڪار ٻہ تون
ڏڪ ڏھنج ٿين سک سھنج ٿين، لاھ سور سارا سرڪار ٻہ تون
ھيءُ امام ڏنو آ چورو چنو، محبوب جو ڏيھ ڏيکار ٻہ تون
حر مين چمان رين چمان، او مولا متا منتار ٻہ تون
ھيءَ منھنجي دعا منظور ڪجان، صدقي سخي سردار ٻہ تون
ڏي قلب منھنجي ڪي قرار ٻہ تون، ھر رات ٻہ تون ھر وار ٻہ تون

## نصيحت جا بيت

انسان پنھنجي علم ۾ ٿو اھا ڳالھ ڳڻي
سائين سگھ ڏني آ قادر منجھ ڪڻي
چٽي ٻج ٻنيءَ ۾ ٿو مٿان ھر ھڻي
قادر جي قدرت سان ٿي ڌرتي ماءُ ڄڻي
سلو اھو سائو ٿئي، ٻِلي ساڻ ٻڻي
وڏي جڏھن وڏو ٿئي، وہ وا پيو وڻي
پچي جڏھن پوک پئي، لحظي منجھ لڻي
ڪڻي مان ڪيچ ٿين، پيو ڪرار ڪڻي
مانجھي مرد مٿي، پيو اپائي ان امام ڏنو چئي

الله ڪيو اعلیٰ آ. عقل مند انسان
اشرف المخلوقات جو، مالڪ ڏنس مان
عقل علم عطا ڪيس، مالڪ مھربان





نفعي ۽ نقصان ڏي ٿو، ڌري پنھنجو ڌيان
ڪل نفس ذائقة الموت جو ڪيو فائق آ فرمان
ڪر عبات الله جي، راضي ڪر رحمان
محشر جي ميدان، پيو مرڪندين مھراڻي چئي.

جيڪو ڪرڻو اٿئي ھت ڪر، اٿئي پرور جو پيغام
ويل وقت وري نہ ايندو، پڙھي ڏس قادر جو ڪلام
محنت ڪر تون مرد ٿي، اٿي صبح شام
ويھڻ ڇڏ وساري، ڪر نيڻن ننڊ حرام
تندي تڪبر تما ٿيئي خلل آھن خام
حسد ھوڏ ھستي تڙي ڇڏ تمام
گلا غيبت گار اصول ناھي اسلام
نياڳي انھيءَ نفس ڪي، ڏي لاھوتي تہ لغام
آيا ٿيھ نہ ٿار پڙھ نماز جنھن جو نام
آخر ھلڻو پوندءِ اتي، جتي مڙني جو مقام
آڏو عربي امام، اجھو اٿئي امام ڏنو چوي.

جيڪو ڪرڻو اٿئي ھت ڪر، متان وڃي ويل ٽري
جيڪا، گھڙي جھان ۾، ضايع ڪر نہ ذري
ھيءُ جھان فاني آ وڃبو نيٺ مري
اٿئون امام ڏنو چوي ايندين ڪونہ وري
اُٿي اور الف سان، چاھت ساڻ چري
پنجئي وقت نماز جا پڙھ ضايع ڪر نہ ذري
پريت رک پنجن سان کولي دل دري
ويندين تار تري، محبت سان مھراڻي چوي.

o

# گدا حسين سهتو

سگهڙ گدا حسين سهتو ولد يار محمد فقير سهتو ويٺل ڳوٺ ملڪو واهڻ لڳ راڻيپور تعلقو ڪوٽ ڏيجي ضلعو خيرپور. هو 1955ع ۾ ڄائو. تعليم قرآن پاڪ ناظره ۽ پنج درجا سنڌي پنهنجي ڳوٺ پرائمري اسڪول ملڪي واهڻ مان حاصل ڪيائين. سگهڙ محمد سومر ڳاهي جي صحبت ۾ سگهڙائپ ۾ شوق وڌيس.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، خيرپور ۽ P.TV ڪراچيءَ جي سنڌي پروگرامن ۾ پاڻ ملهايو اٿس. سندس مزاحيه ڪلام گهڻو چيل آهي. سگهڙائپ جي بيتن ۾ وڏي ڄاڻ پيدا ڪئي اٿائين. سنڌ سگهڙ ادبي پلائي تنظيم ضلع خيرپور ۾ سينيئر نائب صدر آهي. ڪيس مختلف ايوارڊ به ملي چڪا آهن. بزم گلڻ ڳوٺ گل محمد ڄامڙي پاران به ايوارڊ ماڻيو اٿائين. سندس هڪ ڪتابڙو”گفتا گدا حسين جا“ به ڇپجي چڪو آهي، جيڪو سنڌ سگهڙ ادبي پلائي تنظيم ڇپرايو آهي.

### نصيحت جا بيت

انڌي اڳيان روئڻ آهي اکين جو زيان
پلي جر وهاءِ جال، ٿيندئي نيڻن کي نقصان
هن جو پنجر نه ڀري، تون پنهنجي اجائي ڳاري چڏ جان
اڄڪلهه اهڙا انسان، گهڻا گدا حسين چئي

سون ڪٽي وچ، لڙي لوهار وٽ، ملهه ڪندس آنو
هُن کي کهڙو قدر سون جو، جيڪو گٽي رڳ روزانو





نينهن لائي ناتو نه نباهي، اهو به انهيءَ جو نانو
يا چڙي قربدارن جي ڪچهري، ٻاهر ٻڌي وڃي گانو
تنهن ڪان بنائي بهانو، ڪٽي سنگت ڇن سهتو چوي

ڪمينيءَ ڪم ذات ڪان، مڙي ڪر ٽارو
ويهي وچ ڪچهريءَ ۾، وڃائيندو وات وڏارو
يا گهٽ وڌ ڪندو گلا، هوندس خواريءَ جو ڪارو
يا چالاڪيءَ سان چوري ڪري ڏيڪاريندو ٽاڻو پوليس وارو
بچائي پير پاڳارو، اهڙي جي صحبت ڪان سهتو چوي

### هنر(مارئي)

ڪونه ڪن ڪڌهن اُتي اباڻا ڪوڏي
سڳ نه ڪن سنگهار، ڪنهن سان هي ڪوڏي
مارو ملڪ مليرم، ڪائين ڪين ڪوڏي
ياد ڪنديس يقين آ، عمر تون ڪوڏي
عمر مان ڪوڏي، آهيان سانگين لاءِ سهتو چوي

ڪوڏي: راند ڪوڏي ڪوڏي
ڪوڏي: متي مائٽي ڪنهن سان ڪڏي ڪونه ڪن
ڪوڏي : هڪ پائي نه پيسو
ڪوڏي : ڪوڏيهن
ڪوڏي : قربان، مليرو وچڻ لاءِ راضي

O

# بهار علي ”بهار“ ٻرڙو

بهار عليءَ بابت **گل حسن ملڪ** جو لکيل تعارف ڏجي ٿو: ٻلاري پونءِ ۽ پٽ ڏٽيءَ جي سونهاريءَ سنڌ هر دور ۾ مهان محققن،شاعرن، دانشورن، بزرگن، ڏاهن، صوفي راڳين ۽ سالڪ سگهڙن کي جنم ڏنو آهي. اهڙن انمول اڪابرن مان اتر سنڌ جو نالي وارو سيبتو سگهڙ ۽ صوفي راڳي استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو پڻ هڪ آهي. جنهن ڪچهريءَ ۾ سدائين موڪ مسڪراهٽون هجن ۽ ماٺهو يڪسو ٿي ڪنهن ڏاهي سگهڙ کان ڏاهپ ڀريا ٻول ٻڌندي اڌ رات تائين ڪانپ ڪڍي ويٺا هجن ته سمجهو ته ان ڪچهريءَ جو مور استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙوئي ٿي سگهي ٿو. استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو ضلعي جيڪب آباد جي لڳ هڪ ننڍڙي ڳوٺ جمن شاهه ۾ پهرين جنوري 1950 ع تي ڄائو.

استاد بهارعلي تعليم پنج درجا سنڌي پڙهيو. وڌيڪ تعليمي سهولت نه هئڻ ڪري نه پڙهي سگهيو. پر الله تعاليٰ جو پاڪ ڪلام ناظره پڙهي پر ٿيو. ڪجهه سالن کان پوءِ استاد بهار عليءَ جو والد محترم مرحوم وزير احمد ٻرڙو ميرپور ٻرڙي جي لڳ مرزا واهه جي ڪڙ تي هڪ اڪيلو گهر جوڙي ويٺو. جتي اڄ استاد بهار علي ٻرڙي جي نالي سان هڪ ڳوٺ وجود ۾ آيل آهي.

فرقي واريت کان وٺون ويندڙ سدائين صوفين جي گيڙو ويس ۾ استاد بهار علي ٻرڙو ضلعي شڪارپور جي مشهور درگاهه حضرت سائين بيدل فقير جي اڳوڻي گادي نشين شمس الدين عرف سائين شمن فقير جو هٿ ورتو طالب بڻيو.

استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو ننڍپڻ کان وٺي سنڌ جي مهان سگهڙ





استاد محمد سيفل پٽي کان سگهڙ پائيءَ جا سڀ ڏي گڻ ۽ گر سکيو.

استاد محمد سيفل پٽي لوڪ ادب جي دنيا ۾ هڪ وڏو نانءُ رهيو آهي، جنهن جي وفات تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هڪ خط سنڌ جي سچاڻ سگهڙ گل حسن گل ملڪ ڏانهن لکندي چيو هو ته محمد سيفل پٽيءَ جي وفات سگهڙائپ جي دنيا لاءِ هڪ وڏو حادثو آهي. اُن ڏاهي سگهڙ پنهنجي ڏاهپ سان استاد بهار جي روپ ۾ هڪ اهڙو برک سگهڙ تيار ڪيو. جنهن جا ڪيترائي شاگرد نه صرف سنڌ پر واديءَ بولان بلوچستان ۾ به لوڪ ادب جون لاٽيون ٻڌائيندي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪري رهيا آهن. سنڌ سگهڙ سنگت لوڪ ادب ويلفيئر تنظيم (سلات) جو استاد بهار مرڪزي سينيئر نائب صدر آهي. استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو سنڌ جو پهريون سگهڙ آهي، جنهن جي سگهڙائپ جو تحقيقي جائزو سال 1990ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگرد شمن ٻرڙي ايم. اي. فائينل شعبي سنڌي لاءِ مونو گراف لکي فرسٽ ڪلاس حاصل ڪيو.

استاد بهار سنڌ جو هڪ وڏو باڪمال سگهڙ آهي، جنهن جو هن وقت تائين ڪو ترم برميچي نه سگهيو آهي.

هو ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندو رهيو آهي. هن جي ڏاهپ جو ذڪر سدا حيات محقق ۽ تاريخدان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ به ڪيو آهي ۽ ان کان علاوه محترم عبدالله ورياهه 1991ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپايل سگهڙن جي ڊائريڪٽري (حصو پهريون) ۾ پهرين سگهڙ طور پيش ڪيو آهي.

استاد بهار جو ڪتاب ”بهار جي بوند“ لوڪ ادب جي سيني صنفن تي ٻڌل آهي.

”بهار جي بوند“ قلمي صورت ۾ ترتيب ڏنل آهي، جيڪو مالي مونجهارن سبب هن وقت تائين نه ڇپجي سگهيو آهي.

استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙي کي مختلف ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ جيڪي مختلف موقعن تي مجتا طور ڏنا ويا انهن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

1) مجتا ايوارڊ 2003ع ۾ اڳوڻي ناظم ضلعي جيڪب آباد مير شبير علي بجارڻيءَ هٿان سنڌ هارس ۽ ڪيٽل شو جي موقعي تي .

ڳـولـيـنـدا تـڙتـن، بـيـرومـي بـهـار چـئـي

**لفظن جو چير**

- ڪونهارا= ڪوهہ+ هار، ماڇي= مون +آچ ئي
- سومرن= سي+مرن
- شيراٽي= شر+ آٽي
- جعفري= جوءِ +ڦري
- مَلڪن= ملڪن
- سميجا= سي+ منهنجا
- نوحاٽي= ني+ هاٽي
- پنهورن= پنهوارن
- سجهراح= سجهہءِ+ راهہ
- ميمڻ= مون ميڙن (منٿن)
- تڙتن= تڙ+ تن
- بيرومي بهارچئي= برن ۾ بهارچئي

**سمجهاڻي:**

ڪوهہ ڪوءِ هار تنهنجا مون آچ ئي نہ، جي ڪن سي مرن شر آٽي ڏين ٿو، جوءِ ڦري تہ ڏس کهڙي نيڪي اٿئي ملڪن سي منهنجا اٿئي. ني هاٽي ڏج پنهوارن سجهہءِ راهہ ڏکي ٿئي، من مون ميڙن ڳوليا هوندا تڙ تن، برن ۾ بهار چئي

o





# گل حسن گل ملڪ

**عاجز رحمت الله لاشاري** گل حسن لاءِ لکي ٿو تہ: سگهڙ گل حسن گل ملڪ ولد الهوڏايو ملڪ وينل مبارڪپور تعلقو ٺل ضلعي جيڪب آباد، جنم 01_09_1967ع، تعليم بي ايس سي، بي_ايڊ، ۽ ايم_اي سنڌي فرسٽ ڪلاس. ناظره قرآن شريف پڙهيل. پيشو انگريزي استاد، هن وقت 16، اسڪيل ۾ ايچ —ايس_ٽي طور گورنمينٽ هاءِ اسڪول مبارڪپور ۾ هڪ باڪمال محنتي ۽ جفاڪش قابل استاد جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. گل حسن ”گل“ ملڪ سگهڙائپ جي دنيا ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج نہ آهي. 1983ع کان وٺي هن وقت تائين پي_ٽي_وي ۽ ڪيترن ئي چئنلن تي پروگرام ڪندو رهيو آهي. هن 1980ع ۾ قابل استاد محمد سيفل پٽيءَ کان سگهڙائپ جو ڳانو ٻڌرايو ۽ لوڪ شاعريءَ ۾ پير پاتو. سنت ئي استاد جي وفات کان پوءِ هن پاڻ کي اڌورو سمجهندي سگهڙائپ جا وڏيڪ گر سکڻ لاءِ استاد محمد سيفل پٽيءَ جي پهرين ۽ مڃيل شاگرد سگهڙ بهار علي بهار ٻرڙي کان سگهڙائپ جو ڳانو ٻڌرايو. گل ملڪ پڙهيل ڪڙهيل هئڻ ڪري ٿوري عرصي ۾ سگهڙائپ جون سيئي منزلون طئي ڪري استاد سگهڙن ۾ ليکجڻ لڳو. هن جا ڪيترائي شاگرد سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ڏات جا ڏيئا ٻاري قوم کي روشن ڪري رهيا آهن. هو سدائين لوڪ ادب جي دنيا ۾ سرگرم نظر ايندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو رات جو منڙي نند ڦٽائي موبائيل تي ڪانفرنس ڪال ذريعي سنڌ بلوچستان جي سگهڙن کي پاڻ ۾ ملائي ڏور_ڳجهارت ڏهس ۽ ٻين ڪوڙ سارين لوڪ ادب جي لاتين مان لطف اندوز ٿيندو آهي ۽ پنهنجن شاگرد کي بہ ان موبائيل سروس ذريعي سگهڙائپ جي سکيا ڏيندو آهي.

گل حسن "گل" ملڪ جا لوڪ ادب جي مهان ليکڪ مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان بہ خط و ڪتابت ذريعي رابطا رهندا هئا. هن وقت بہ ڊاڪٽر صاحب جا هن ڏانهن لکيل خط وٽس موجود آهن. جيڪي هن تازو 05_آڪٽوبر 2013ع تي سلات پاران سنڌالاجي ڄامشوري ۾ ڊاڪٽر صاحب جي ياد ۾ سنڌ بلوچستان لوڪ ادب ميلي جي موقعي تي سنڌس پٽ حوالي ڪيا.

گل حسن "گل" ملڪ هڪ ڪتاب (Book of Pronunciation) اُچارن جي ڪتاب جو بہ مصنف آهي جنهن کي پسند ڪندي ڊاڪٽر صاحب ساراهہ جوڳو هن ڏانهن خط لکيو.

گل حسن "گل" ملڪ واديءَ مهراڻ جي ڪيترين ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندو رهيو آهي.

هن جو تعارف ۽ شاعري جن ڪتابن ۾ ڇپي آهي، تن جا نالا هن ريت آهن:

1. سوچن جي سرهاڻ (سنڌ جي ناميارن شاعرن جو چونڊ ڪلام) مرتب: غلام مصطفیٰ "مشتاق" ميمڻ (مهراڻ اڪيڊمي)
2. سگهڙن جي ڊائريڪٽري، حصو پهريون 1991ع مرتب: عبدالله ورياهہ، سنڌي ادبي بورڊ
3. سنڌي شاعري فن کان فڪر تائين (عبدالوحيد جتوئي 1998ع)
4. سنڌي شاعريءَ جي مختصر تاريخ (ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري) ڇاپايل مهراڻ اڪيڊمي 1999ع.

اڄ ڪلهہ سنڌ بلوچستان جي نمائنده تنظيم سنڌ سگهڙ سنگت لوڪ ادب ويلفيئر تنظيم (سلات) جو هو مرڪزي سيڪريٽري جنرل آهي.

گل حسن "گل" ملڪ کي ايوارڊ ۽ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ جيڪي مختلف موقعن تي مجتا طور ڏنا ويا تن جو تفصيل هن ريت آهي.

1) مجتا ايوارڊ 2003ع ۾ اڳوڻي ناظم ضلع جيڪب آباد مير شبير علي بجاراڻيءَ هٿان سنڌ هارس ۽ ڪيٽل شو جي موقعي تي.
2) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ_ 8 جنوري 1995ع، سنڌ هارس ۽ ڪيٽل شو جيڪب آباد جي موقعي تي پاران: ادبي سب ڪميٽي جيڪب آباد





3) 23rd March Pakistan Day (1995) Commendation Certificate, By: Alammuddin Bullo-Deputy Commissioner Jacobabad
4) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 8_ نومبر 2011ع، هنڌ: در محمد ڪمال سولنگيءَ جي اوطاق نٿ سولنگي ضلعو نوشهرو فيروز، پاران: سلات.
5) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 20 ڊسمبر 2011ع، هنڌ: عبدالقادر عرف بابو خان ٻرڙي جي اوطاق ميرپور ٻرڙو تعلقو ٺل ضلعو جيڪب آباد، پاران: سلات.
6) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 8_ سيپٽمبر 2012ع، هنڌ: ٽيچرس ڪلب سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، پاران: سلات، سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس جي موقعي تي.
7) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 23 مارچ 2013ع، استاد سگهڙ محمد سيفل پٽي يادگار ايوارڊ سرٽيفڪيٽ، سلات پاران: (سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪنوينشن جي موقعي تي) هنڌ: ميان جو ڳوٺ تعلقو خان پور ضلعو شڪارپور سنڌ.
8) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 05 آڪٽوبر 2013ع، هنڌ: سنڌ الاجي ڄام شورو، سلات پاران ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ياد ۾ سنڌ بلوچستان لوڪ ادب ميلي جي موقعي تي.

سندس ڪلام مان چونڊ هيٺ ڏجي ٿي:

## ڀاڪا

(1)

جا ڪنيءَ سا پاٽ ۾، پوندي ڏسندءُ پاڻ
سالڪ سپورنج سيبتا، مون تن مان جي اڻجاڻ
بس حال پريان نال، ڪهڙي تاٽيان تاڻ
اوهين سگهڙ سڀ سڄاڻ، مون ۾ ڳڻ نہ ڪوئي گل حسن چئي.

(2)

ڏڏل ڪيسر ٽٽن ۾، وري نہ واپس وري
ڪو گولي چوڙي ڳن مان، سگهي پوئتي ڪين ڪري
تيئن سورهيہ پنهنجي سخن تان، ڦريو ڪين ڦري
پيو هرڪو ٽريون ٽري، اُن ڳڻن واري تان گل حسن چئي.

(3)

ذات تي ڏات ناهين، جنهن تي ربّ ٿئي راضي
اڻ پڙهيل ابوجهن پنيان ڏٺاسين، ڪورٽ جا قاضي
غيرن جا پٽ غلمان هوندا، ٻڌي چڊ ڳالهه تازي
يزيد ظالم پٽ حسيني، جنهن بلڪل ڪٽي بازي
چڱن پنيان ڇتا، ڇتن پنيان چڱا، ٿيا گل حسن چئي غازي
پيو پيش مجي آزي، ته بٽيو حر حسين جو

(4)

جت ساڙي سيڪ سلا، مرجهائي مسڪين
اوڏانهن ٻج ٻڌي، هاري هرگز نين
چڱن خوب چيئه، تو چوين هينئن حسين
ته ڪيئه جت جوئر سان، تي ڪلر تو مان ڪين
اَجائي ميار اڄ ڏئين، ورتئه ٻني ٻي نه
جي ڏاهو تي ڏسين ها، زهر منجهه زمين
ته چڏي پوڻ پلي، هوند نه ڪيڙين هي نه
ڪڏهن چوين ها ڪينڪي، پوڪيم جيڪا تي نه
’گل ملڪ‘ چو غمگين، اڄ لاڙين لڙڪ اکين مان

## ضلعي جيڪب جي سگهڙن جي نالن تي ٻڌل ناصحاڻو هنر

جو عبدالرحمان کي ياد ڪندو ته پوءِ محمد نواز ايندو
جمن جو مقابلو آ الله بخش ڪندو
غلام محمد کي ڏور ناهين سائين سيفل ڏيندو
پوءِ حاڪم ڪوري الهداد چوندو
جتي گل حسن وارا هوندا، اُتي تي بهار علي سائين ملندو
ڪچهريءَ ۾ ڪوجهو نه هوندو، آهيو لعل محمد ڪري ملڪ چئي





**سمجهاڻي:**

- جو عبد (ٻانهو) رحمان کي ياد ڪندو ته پوءِ محمد نوازيندو.
- جو من (دل) جو مَ قابل آ ته پوءِ الله جل جلاله بخش ڪندو.
- غلام، محمد کي يعني محمد جي غلام کي ڏر ناهين سائين سو قل ڏيندو.
- پوءِ حڪم ڪري الله جل جلاله داد چوندو
- جتي گلَ حسن وارا هوندا، اُتي تي بهار (خوش) علي رضه سائين ملندو.
- ڪوچهري ۾ ڪوجهو نه هوندو، آهيون لڪل محمد جي ڪري ملڪ چئي.

## سينگار ۾ سون جو ڏهس

سون برابر سڄڻ جي، ڪڏهن ڪين ڪندن
سوسن، سهرو، چلڪي چمڪي بهتر پريت بدن
فيم، ٽنگهه، سونهن سلالي، ختم ڪيو خيسن
طلا، عطافر، رنگ ڦتايو محب اچي ويو من
وري نه ڪوئي وتافر ويجهو هتي مست مگن
ٻڌ ’گل ملڪ‘ ڪري ڪن، آهي حسن وڌ حبيب جو.

**سون جا ڏهه نالا:** سون_ سهرو_ سوسن_ طلا_ عطافر_ ڪندن_ فيم_ وتافر – ٽنگهه_ خيسن.

## سينگار ۾ نڪ مبارڪ ۽ طوطي جو ٻٽو ڏهس

ڪيل، ڪڪيلو، ڪونتر، تيمر ٻولي پيو اڄ ٻاتو
ٻامس، پامس، پزم، پسي تنهن پيچ پرينءَ سان پاتو
ڦونز، نوز، نڪ، ناڪ، ڏسي تيو البيغا آتو
انف، باس، نيف، پرينءَ جي، متو ڇتونءَ کي چاتو
پئرٽ_ پپيهه، طوطي، عشق لعلڻ سان لاتو
ڪئي ’گل ملڪ‘ ثنا چا مان، تو آهي حسن وڌ حبيب جو

**طوطي جا ڏھ نالا :** ڪيل_ ڪڪيلو_ڪونتر_پپيھر—پئرٽ_البيغا_ طوطو_چَتون_تيمر_منو.

**نڪ مبارڪ جا ڏھ نالا:** نڪ_نيف_ نوز_ناڪ_ انف_ ٻامس _پامَس_ پِزم _ باس_ ڦونز.

### ڏٽ پرولي

هاٿيلي جھرڪي هر ڪنهن کي اچ ڪلهہ آهي عام
ٻيساهي ٻند سان ڪري پئي پاڻ ڪلام
ڪڏهن کھاٽيون کاوڙ پريون، ڪڏهن پھچائي سڄڻن جو سلام
ڏٽ پرولي ڏاها ڏوري، نار سڏايو نام
ملي ٿي جتي ڪٿي جام، آهي گڏ گھڻن سان گل حسن چئي

**پيچڻي**: موبائل

### سينگارِ سج جو ويهس

ارن، عارق، آڏت، آهي تيز ٽڪيرو تابُ
حُسن پسي هاديءَ جو ويو ڏيُ سسي ديتاب
سج، سوهو، سورج، ايندو چا اڳيان آفتاب
خورشيد، خاورِ خاموش، ناهين جانب جو تہ جواب
روش، رين، رَوِ، چڏي ڏي، شارق شمس شباب
جي پرين پيارو پري ڪري، نرمل سائين نقاب
تہ وڙن ويزا وجون ٿئي، ڪامل اڳيان ڪباب
پر ويو ٻچائي بانرڪي، ڏئي ڪڪر واهہ وهاب
’گل ملڪ‘ سڄي سنسار ۾ آ، لعلڻ لاجواب
بس ناهي حد حساب، آهي حُسن وڏ حبيب جو.

**سج جا ويهہ نالا:** سج_سورج_ سوهو_ روش_ رين_ رَوِ_ارن_ عارق_ آفتاب _ آڏت_ شمس_ شارق_ ورن_ ويزا -وجون_ خورشيد_ خاور_ ڏِيُ_ديتاب





_ بانر.

### ٽڳڻو (گرچيلو)

(1)

هاري ٻار ڪڻائي نٿو
جوئر ڪانوُ ڪائي نٿو
پٽڪو ائين ٻُجڳائي نٿو
گڻ اهو گل حسن کي سگھڙ ڪوئي سڻائي نٿو

**پيچڻي**: ٿري ناهين

(2)

استاد لکڻ ڏانهن نہ وري
ڪڙمي ڪم نہ ڪري
پوتار پاڻي پاڻ پري
گڻ اهو گل حسن چئي کھڙي ماري

**پيچڻي** : چاڳ ناهين

(3)

لاٿو نئڙو ٿو ڦري نہ جائي
سيرب نٿو ٿاهي نائي
پرٽ پري ڪيئن پورهيت مائي
گل حسن چئي ڳالهہ سڻائي
وه واہ! ڏيندس جنهن ٻہ ٻڌائي

**پيچڻي**: پَٽُ ناهين

### سينگارِ چنڊ جو ٽيهس

قمر، بدر، طوبا، جوڙ نہ اڳيان جاني
درڳ، ڏچراج، مڏاش، نشاقر، نوڪ، نوراني
اند، هلال، هسند، سَس، نہ سڄڻ ثاني
چن، چندرما، چاند، ٻڏيو ستارن باني
پورن، پونم، پهلو، جڏهن سونهن ڏني سلطاني

نوخ نمايو سهڻي صورت، جلوي جوت جواني
مڏاش، مکرند، اُماس، عجيب قدمين سن چند ورو فاني
پونو، پانو، پنرو، چگڙو لعلڻ پر لاثاني
مون، ماهه، مهتاب، تنهن کان سرس سجڻ سبحاني
چندبِ چٽائي، مرڪ مٽائي، راز هتي هو رباني
حسين ويا ’گل ملڪ‘ هتي، تي حورن کي حيراني
خان هُجي کو خاني، تہ بہ حُسن وڏ حبيب جو

**چندبِ جا ٽيهہ نالا:** چندبِ_چاند_چندورو_چن_چندرما_پانو_پونو_پنرو_پورن_پونم_پهلو_نوخ_نشاقر_نوڪ_مون(Moon)_ماهہ_مهتاب_مکرند_مڏاش_اُماس_اِند_هلال_هسند -درڳ_ڏچراج_طوبا_سن_سس_قمر_بدر

### ڳجهارت (سرمارئي)

**ڏيٺي:** اد اڙي عمر هڪ واٽڪي نرنام کي
ٻي ٻڌي آءُ ڪانہ ٻہ پائي

واٽڪي= چوٽي، نرنام = **الله تعالىٰ**
**پيٺي:** اد اڙي عمر هڪ چوٽي **الله تعالىٰ** کي ٻي ٻڌي آءُ ڪانہ؟

o





# خليل الرحمان مهيسر

استاد خليل الرحمٰن ولد سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر وينل ڳوٺ رفيق مهيسر تعلقي ڪنگري،ضلعي خيرپور ۾ 8_2_1973ع تي ڄائو. ناظره قرآن پاڪ جي تعليم پنهنجي والد کان ورتائين. پوءِ مئٽرڪ 1988ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول پيرجي ڳوٺ، انٽر 1991ع، بي. اي 1994ع، ايم اي 1998ع ۽ بي. ايڊ 1996ع، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج سکر مان حاصل ڪيائين. 1990ع کان وٺي تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو. هينئر گورنمينٽ هاءِ اسڪول رفيق مهيسر ۾ بحيثيت استاد، J.S.T تعليمي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ٽيلي ويزن ڪراچي تي سنڌي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندو رهي ٿو. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، قلندر لعل شهباز، سچل سرمست جي عرس وارين تقريبن جي موقعن تي سنڌ سگهڙ ڪانفرنسن ۾ سگهڙ پائيءَ جو فن پيش ڪري پاڻ ملهايو اٿس. خانداني طرح سگهڙ گهراڻي سان وابستہ هجڻ ڪري گهڻو پرائيندو رهي ٿو. سگهڙائپ جي فن جو سندس والد عبدالرحمان مهيسر استاد آهي، جنهن جي تربيت هيٺ سگهڙ بڻيو. بيتن پڙهڻ وقت ٻڌندڙن کي ڏاڍو متاثر ڪري ٿو. سگهڙ پائي جا سهڻا بيت چيا اٿس.

(ڪتاب: **حال حيات ضلعي خيرپور جا سگهڙ**)

خليل الرحمٰن سچل سرمست جي عرس جي موقعي تي سچل يادگار ڪاميٽيءَ سان گڏجي سگهڙن جي ڪچهري سنڀاليندو آهي. ان ڪانسواءِ سگهڙن جي تنظيم ”سنڌ سگهڙ ادبي ڀلائي تنظيم“ جو مرڪزي صدر پڻ آهي.

## ڳجهارت "مارئي"

**ڏيٺي:** ذات ڇڏيندي‌س سومرا نرنانءُ مارن جي

ذات= ناپر+ نا+پر، نرنانءُ= منا+ منن

**پيڇٺي:** ناپر (پرنہ) ڇڏيندي‌س سومرا مِنن مارن جي

## ڳجهارت" سرراءِ ڏياچ"

**ڏيٺي:** مال جو شهر ۾ پيوجڏهن نالي ڪاٺ جونيو

مال= راڙو+ شهر= جهوناڳڙهہ+ نالو= بيجلُ +ڪاٺ جو= متو

**پيڇٺي:** راڙو جهوناڳڙهہ ۾ پيوجڏهن بيجل متو نيو

## ڳجهارت "مومل راڻو"

ڏيٺي: نار نالي ڏي آءُ تن نار نالي ڪريان ميندرا

نار نالي= حليمان+هلي+مان، نار نالي= عيد

پيڇٺي: هلي مان ڏي آءُ تہ عيد ڪريان ميندرا

### بيت (1)

پلي آئين پلا پرين، محبت متا مهميرَ
اڄ گوندر غم لهي ويا، تيا ساهہَ سڌيرَ
اهڙيون عنايتون امير، پيو خاص ڪجانءِ "خليل چوي"

### بيت (2)

پرينءَ مون ڪي پري ڪان، ڪِلي ڪئي ڪيڪارَ
جڻ وسي پيو وڏ ڦڙو، ڪَڪَر ڪارونيارَ
تن منهنجو تيئن ٺيو، جيئن ٺئي واريءَ متي وسڪارَ
لٿا مَن جا مونجهار، خوشيون ٿيون "خليل چوي"

### سر سسئي (1)

ڪوهيارو ڪيچ ڏٽي، ڪيئن ويهان وساري
پينہ باهہِ برهہ جي، وَيو پاروچل پاري





جدائي جانب جي، ڳٽتي ٿي ڳاري
سرتيون سڪ سيني ۾، ڪيئن گهڙي سگهان گهاري
ٿو ساهہ سدا ساري، خان ڪي تہ "خليل چوي"

### بيت (2)

ڪوهيارو ڪيچ ڏٽي، منهنجو خانن جوپي خان
ڏيرن مون سان ڏاڍ ڪري، ڏنو سورن جو سامان
ڪتياڻيءَ جو خليل چوي، محب رکندو مان
آءُ آريءَ جهڙو انسان، تي ڪونہ ڏسان ڪو ڏيهہ ۾

### مارئي

موڪل ڏي ملير وڃان، سڻ حال حقيقت
ڪٺي آئين ڪوهہَ تان، زور ڪري زُريت
هت ڪانهي همير تو وٽ، پنهوارن پهچتَ
تون راڄ ڏٽي راڄن جو، ڪر هيڻن حمايت
تہ شافي شفاعت، ڪندئي محشر ۾ "مهيسر چئي"

محشر ۾ مهيسر چئي، صاحبُ ٿيندو ساڻي
ڪٺي آئين ڪاهڙ مان، ناحق نماڻي
عمر تون انصاف ڪر، چو تڏاتي تاڻي
خير ڪر خليل چئي، تہ وڃي لُلر ڏسان لاٺي
ڏُٺُ چوندي ڏيهہ مان، پيان پلر جو پاڻي
پڪا اُتي پهنوارن جا، هيءَ ڏسي ڏوتياڻي
منهنجي ساهہ سيباڻي، آهي متي ملڪ ملير جي

### سر سورٺ

اول آس الله ۾ رکي، نڪتو من ۾ مڱڻهار
سوڳڙي هليو گرنار ڏي، وڏو وهَم رکي ويچارُ
چئي سِر ڏيار سلطان جو، آهين ڏيهن جو ڏاتارُ
ٻر ڪر هي پينارُ، مڱڻو "مهيسر چئي"

# استاد پنھل ”فقير عارف“ لغاري

استاد پنھل فقير جو تعلق ميرپور خاص سان آھي. ھيءُ بہ استاد سگھڙ آھي، جنھن ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيا آھن. ھتي سندس سرائڪي ڪلام ڏجي ٿو:

**واھ واھ سير ڪراچي رنگ دا**

وھ واھ سير ڪراچي رنگ دا، جِتان ٻاڻ لڳي انگ دا
جِت ھر جِنس حُسن ھالاري، جِيوِين ڳُليا دوڪان پاساري
وڏي ڪاڻ مسافر ماري، بنا سامان سراسر جنگ دا
وھ واھ سير ڪراچي رنگ دا

ٿوريان ٿورِ ٿلن ٻڌ ساڙھيان، لک ڳوريان ڳيرو ڳاڙھيان
ڏگ روڊِ گھمن ڪياماڙيان، ھر جا لاڏ للنگ دا
وھ واھ سير ڪراچي رنگ دا

ڇتي ڇوڙ مارن ڇاتي ڇيري، دل درد دماوَن ديري
ڳِن گھاڙو ڪريندن گھيري، جيوين ظالم تير ٿفنگ دا
وھ واھ سير ڪراچي رنگ دا

واھ با غ ڪِلفتن رستي، جيت سؤز والي سر بستي
پائي ڳُل گھمن ڳُلدستي، چائي خيال انيڪ اُمنگ دا
وھ واھ سير ڪراچي رنگ دا





سِڪ سوز سِٽي سامانا، جِت ھر قوم دا آنا جانا
لاھور توڙي ملتانا، مَڪران اِتئون لنگھندا
وھ واھ سير ڪراچي رنگ دا

ڏاڍي سونھن صدر ڍِي لاثاني، جِت آوَن جاوَن جان دَي جاني
يا وِچ راھ ڪن مِھماني يا ڏيون پيار پلنگ دا
وھ واھ سير ڪراچي رنگ دا

ڪيا عارف لکون افساني، ھر خيال ڳون قدرت جاني
مَئي پان ھَوَون پئماني اِھا ساھ سُراھي مَنگدا
وھ واھ سير ڪراچي رنگ دا.

O

# ممتاز امين سنياسي

ناميارو سگهڙ محمد امين سنياسي ابڙي جو پٽ ممتاز 1969ع ۾ ڄائو. 1988ع کان شاعري ڪندو پيو اچي. هن وقت نيو سعيد آباد ضلعي مٽياريءَ ۾ رهي ٿو. سگهڙن جي تنظيم سلات ۾ بہ ڏاڍو سرگرم رهي چڪو آهي. سندس اِها ڪِرت اڄ بہ جاري آهي.

عشق جي موضوع تي سندس هڪ ڏگهو بيت هيٺ ڏجي ٿو.

عشق برابر ناهي عقل
اوکي چاڙهي عشق جي ڪجهہ اڳتي هل.
اڳتي هل، اڳتي هل.

عشق ڪري وِيو بلاول بانگو
ڪين ڪيائين سر جو سانگو
نيهن نڀوڙي ڪيو نانگو
ڇُري هٿ ۾ وير نہ وانگو
آذان ڪري ڪيئن ڪم اڙانگو
ڪيو پنهنجي ڇيَ سان خان خلل.

هيان نانگ صديق سچي ڪي ڏنگ
ڪينَ ڪيائين پوئتي ٽنگ
تيز لڳس پئي تير تفنگ
ڀڳڙ خاطر ڀيڻان ڀنگ
زهر بلاجو زوريءَ زنگ

www.sindhsalamat.com



جانب خاطر ڪيائين جهل.

اُحد جي جنگ ۾ ڏال ڳسي وئي
ڏال جي عيوض ڏال اچي وئي
سعيد معاذ جي جان اچي ئي
جنگ زبر جي زور مچي وئي
سهڻي نبيءَ جي جان بچي وئي
ٿيو ڏند شهيد پياري پنهل.

رک عشق سليمان فارس وارو
توريت ۾ ڏٺو جنهن نام پيارو
سهڻو محمد سائين سوپارو
پڙهندي رکيائين آرو
جنهن کي ڪيو تي شيهن شڪارو
اُتي آيس حيدر ڏئي تہ هڪل.

ڏس ڪيئن ڪمائيو عشق خليل
جنهن کي ڇيو تي رَبَ جليل
پٽ کي ڪئي هُئي پيءُ اپيل
هائو هڪدم ڪئي اسماعيل
جهٽ پَٽ تي ويا دور دليل
مانجهي نہ مڙيا تنهن مهل.

عشق ايوب نبيءَ جان ڪر تون
اِئين جانِ ڏُکن سان پر تون
مال اولاد صدقي ڪر تون
صد مان سختيون سر تي سهہ تون
نہ ڪنهن کان ماني پاڻي گهر تون
ڏئي جان جوکي ۾ رَهُہ جهنگل.

www.sindhsalamat.com

ڪٿي ويج ۾ ڪٿي قاضي
بلڪل ڪئي ٿي ٻرن بازي
راهه اُنهيءَ ۾ ٿي پيا راضي
ڪيئن بڻيان ڏس قيدي نمازي
هوڏهون هَڪلَ آئي تازي
زنده ڪيائون مرور مئل،

ڪٿي نپائيو نينهن سجاد
ڪيئن پڙهائيس نينهن نماز
ڪٿي قابو ڪٿي آ راز
ڪٿئون آيو ڪيئن آواز
نرمل ڪري نرتئون ناز
نينهن نپايائين پڙهي نفل،

نيزن تي به نينهن نپائن
سِرِ پنهنجي تي شينهن نپائن
لئون عشق سان پنهنجي لائن
نه پوئتي ڪڏهن به پير هٽائن
اکيون عشق سان سامهون اڙائن
عشق ڪري ويا محبَ مِٽل،

محبت جو ميدان ڏسن پيا
راڻا سياڻا گهوٽ ڪسن پيا
ننڍڙا وڏڙا جوان لچن پيا
عشق اکين سان اُتي ڏسن پيا
هاعشق سان راضي ڪين رُسن پيا
عشق جي ٻئي ڪي ناهي ڳَلَ

ڪي راڄَ ڇڏي ويا پنهنجا راڻا
جن سان محبت ڪيا ٿي ماڻا





ڪن ڪي پيڙي ويا هن گهاڻا
جن ڪي ڏنا ها ماءُ اولاڻا
ٽاڪ ڇڏي ويا پنهنجا ٽاڻا
عشق نه تن تي ڪئي ڪهل،

عشق جو آهي روپُ نه رنگ
عشق جو آهي اُلٽو اَنگ
عشق وڄهي ٿو واري ونگ
عشق بڻائي مَستُ ملنگ
عشق نچائي ڪري نسنگ
عشق وڄائي تيز طبَلَ،

عشق بَرَن ۾ ڪري بهاريون
عشق جون آهن تيزُ تراريون
عشق ڪٽائي سر تي خواريون
عشق وسائي تتلَ واريون
عشق نچائي نازڪ ناريون
عشق ڏياري بيحد ٻُلَ،

عشق ترازن جي آ وچ ۾
عشق بازارن جي آ وچ ۾
عشق نظارن جي آ وچ ۾
عشق هزارن جي آ وچ ۾
عشق ڪفارن جي آ وچ ۾
جتي ڳسن پيا جوان جَبَلَ،

عشق روئاري راڻيون روليون
عشق وارن جون ٻڌجن ٻوليون
عشق ڪيون ڪيئي خالي جهوليون
عشق جون آهن هر جاءِ هوليون

عشق جون پڙهجن پيون پروليون
عشق جا آهن هر هنڌ هُلَ،

عشق جي خواري سِرتي ڪڻ
عشق جا طعنا مهٽا سڻ
توکي ملندا تون نہ هڻ
عشق تہ ڏيندئي ڪونہ سمهڻ
عشق تہ ڏيندئي ڪونہ گهمڻ
اٿئي عشق جا باري بار اَٿَلَ،

عشق جو آدم آهي گهر
عشق ديرو دل اندر
عشق ٿو ڪائي جان جگر
عشق چڙهائي سوليءَ سِرُ
عشق رلائي جهنگ ۾ جهر
عشق نہ ڪنهن تي ڪري ڪهل،

عشق سنياسي سؤلو ناهي،
عشق ۾ رنج ۽ رولو آهي،
عشق اڻانگو اؤلو آهي،
عشق نہ ڪنهنجو گولو آهي،
عشق نہ ماسو تولو آهي،
عشق گنوايا جوان جَبَل.

o





# حافظ غلام شبير وسطڙو

حافظ غلام شبير پلوڙ سگهڙ ۽ خوش طبع مرحوم ڪريم بخش وسطڙي جو پٽ آهي. اُنهيءَ حوالي سان جيڪڏهن چئجي تہ حافظ غلام شبير خانداني سگهڙ آهي تہ ڪو وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. سگهڙ پائيءَ جو استاد سندس والد مرحوم ڪريم بخش آهي. حافظ غلام شبير ڪيترن ئي سگهڙن جو صحبتي آهي، پر سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر ۽ وريام فقير شيخ سان سندس تمام گهٽي ويجهڙائي رهي آهي.

پنهنجي ذهانت سان اديب فاضل جو امتحان ڏئي گورنمينٽ هاءِ اسڪول پير بادل شاهہ ۾ عربي ٽيچر جي پوسٽ تي تعليمي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. سگهڙ پائيءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. (**حال حيات ضلعي خيرپور جا سگهڙ**)

سندس بيتن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

**سر "مومل راڻو"**

راڻا تنهنجي رسڻ جو مون کي ڏاڍو آهي ڏکُ
بدي ڏنئي بيڪار سمجهي، آهي جيءَ اندر ۾ جُڪُ
رهي سارو رخُ، ويهي وٿين ها وسطڙو چوي

(2)

راڻا تون رسي وئين، مومل ڪونهي ڪو ڏوهہ
سوڍا تون تہ سون آهين، مان لالڻ آهيان لوهہ
ڪنهن ٻوهيءَ ڪيو ٻوهُ، منهنجو گناهہ ناهي غلام شبير چوي

### اکين تي بيت

اکڙين جي اٽڪڻ جي، ٻڌو خاص خبر
ڇُر ڦر ڪري ڇريو ڪن، نهاري ڪن نظر
اڙجي وڃن اوچتو، پيا چريا ڏين چڪر
حافظ اچن هَر هَر، دلبر جي ديدار لئه

اکڙيون منهنجي عجيب جون وڏا ڪن ٿيون وارَ
سيني اندر سٽڪا ٿين، بنا هٿ هٿيارَ
ڇا جون ٻڙڇون ڇا جا ڀالا، نه ڪائي تن ڪٽارَ
اکين جا آزار، هوندا هزارن کي حافظ چوي

تون سڄڻ تون سهڻو، تون جاني لاجواب
ڏاڻ سان ڏک ڏور ٿين، سمجهان سرس ثوابُ
اکيون تنهنجون اشارن سان، پڙهائين برهه وارو بابُ
حبيب لاهه حجابُ، ته غم وڃن غلام شبير چوي

### ڪانگل جو بيت

ڪانگل چئج قريب کي، هٿ ٻڌي هيڪار
ڏاڍا ڏينهن لنگهي ويا، سڄڻ لهه ڪا سارَ
رهي روح نه ٿو سگهي، دلبر توکان ڌار
منهن مڙئي مونڏي، محب تو نه ميار
پرين اچي پيار، ڪر غريب غلام شبير سان

O





# محمد ايوب واهوچو

محمد ايوب واهوچو هڪ سلجهيل سگهڙ آهي، لوڪ شاعريءَ جي روايتي موضوعن کان هٽي ڪري به شاعري ڪندو آهي، ان ڪانسواءِ حاجي علي نواز وڱڻ سان گڏ سگهڙن جي تنظيم ”سگهڙ لوڪ وينجهار ڪچهري (سلوڪ) سنڌ“ ۾ سرگرم آهي. هو ان تنظيم جو هن وقت جوائنٽ سيڪريٽري آهي. ڪتاب ”وڱڻ جا ويچار“ ۾ ڪتاب ۽ ڪتاب جي ليکڪ حاجي علي نواز وڱڻ بابت به ويچار لکيا اٿائين. محمد ايوب اصل ڳوٺ سوالي خان واهوچي تعلقي نصيرآباد ضلعي قمبر شهداد ڪوٽ جو آهي پر روزگار سانگي هن وقت مواچ ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

هو غلام علي واهوچي جي گهر ۾ 20_10_1970ع تي ڄائو. هُن جي تعليم بي.اي آهي . سگهڙائپ جي فن جي شروعات 1990ع کان ڪيائين. سندس استاد محمد لقمان ڪوکر ۽ استاد محمد ملوڪ عباسي آهن.

هن وقت تائين جن صنفن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي، اُهي آهن: حمد، نعت، سينگار، ڏهس،ڏور، ڳجهارت، ڳاٽوءَ جا بيت، آجيان ۽ گفتي جا بيت، معاشرو، لوڪ گيت، وائي، ڪافي، قطعا، غزل وغيره.

هيٺ سندس ڪلام مان چونڊ ڏجي ٿي:

### ڳاٽوءَ جا بيت (گرچيلو)

(1)

سگهڙ سڏجي نٿو،
ڪڱڙ ٻڌجي نٿو،
سِڏِي نه بيهي پِٽ_ ڳڻ ڳاٽو کهڙي ڳالهه؟

جواب: ڏور ناهي.

(2)

مارو مَنَهن اڏي نٿو،
موالي سلفيءَ سڌي نٿو،
شاگرد نہ وڃي اسڪول۔ ٻڻ ٻاٽو ڪھڙي ڳالھہ؟

جواب: سَر ناهي.

(3)

هالو هام هٽي نٿو،
سوڍو ساھہ ڪٽي نٿو،
هارِي نہ ڇٽي ٻِج۔ٻڻ ٻاٽو ڪِھڙي ڳالھہ؟

جواب: تَر ناهي.

- هالو هام ان ڪري نٿو هٽي جو اُن جو تر ناهي پر= پرائي ڏيھہ ڪھڙي هام،
- سوڍو ساھہ ان ڪري نٿو ڪٽي جو اُتي جو تر ٻَڌل ناهي.
- هارِي اِن ڪري ٻِج نٿو ڇٽي جو اُن جي زمين تر يعني پڳل يعني پاڻي ناهي سڪيءَ تي ڇا ٻج ڇٽي.

هتي ايوب جو اهڙو ڪلام بہ ڏجي ٿو، جنهن ۾ هن ٻھراڙيءَ جي عورت جي عڪاسي ڪئي آهي. سلڇڻيءَ ۽ ڪلڇڻي ءَ عورت جا معيار مرد وٽ ڪھڙا آهن، انهن ڪان هن آگاھہ ڪيو آهي. ان ڪان سواءِ هيٺين شعرن مان اهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ اسان جي سماج ۾ عورت کي ڪھڙيءَ نظر سان ڏٺو وڃي ٿو ۽ سنڌي سماج وٽ عورت جون خوبيون ۽ خاميون ڪھڙيون آهن.

### ڪلڇڻيون زالون

اُٿڻ ساڻ الله جو نہ واتئون نانءُ وَٺن
نَڪِي موڳِيون منهن ڌوئن نہ ئي ڏندڻ ڏين
ڇڙهي ويھن چُلِھہ تي، تئي ڏي تَڪِن
لھي ماني، لامارو ڏئي، سِرڻ جان سَٿِن
ڪائڻ ڪريون ڪَمَ ٻَريون، خرار ڪُتائِن
نَڪِي اُلڪو عِزت جو، نہ غيرت گڻ رَڪن





مڙس سَڌِن موتَ ۾، ”ڇا هي“ ”ڇا هي“ ڪَن
اولاد ڏي ڪو اَصُلي، ڏيان ڪِين ڏَرِن
گَدلا ٻارَ ٻچا ۽ گندو گھر سَندُن
نياڳِين کي ننهنڪر آ، نہ ڇوَڙ ڪنهن جو ڪَن
چگائيءَ ڇئي نِرڙَ ۾، گُھندي، گُھنجَ وِجھن
سمجھائڻ تي سِگھيون وَرِي وِڙهڻ لاءِ وَڌن
ٿوري گھٽيءَ ڳالھہ تي، جھيڙو جو جوٽِن
ڇريون چُپ نہ ڪَن، رُڳو هَل هلان هُو نڌَن
اَدَب، عزت ڏَسِڻ تي، ڇنديون هِي ڇڙن
سوندِ ڪَدِي سَچو ڏينهن، سڳِيون سي وَٽن
منهن ڪري بہ ماٽهن سان، هي واتريون وِڙهن
ڳارين گروڙون گھرَ ڇا، پاڙي ڳوٺ ٻجَهن
اِهڙين عورتن ڪان ايوبُ ڇئي، مايون، مرد ڊِڃن
وڃي ڪوئي نہ ويجھو تن جي، کَھِي سپ لنگھن
هادِي ڏئين هِدايت، باقي ڳونري ڳالھہ ٻين
سَڏ اچي جي شاديءَ جو، تہ سِگھو هِي سَنبرَن
پاٿيون پائي سرمي جون، مَسيون، مساڳ مَلِن
پراوا ڪپڙا پائي پي، وِهانو تي وَڃن
جِنس گھٽ اگھہ ڪرڙو، سھڻو پاڻ سَمجَهن
وڃي وِهانوَ پرائي، وڏيون تاڙيون وڄائِن
جُھمريون پائي نَچَن ۽ وَڏا هَٿَ ڪٽن
ٽوڪون ٽِيئن ٽرڙين تي، تہ مورئون کِي مڙَن
ماءُ، ماسِي، نانِي اِهي پنهنجون پٽائِن
ٻي ٻُٽيون، بدچاليون، ٻُڻ لوٽيون لڄائِن
ڊاڙ ٻٽاڪون ڊِيڪٽيُون، هر جاءِ وڃي هَٽن
پاڻ پڏائِن پنهنجو، ٻي جي کِين ٻڌن
نندو، وڏو سَڏ ڪري، نہ ڪنهن ڏي ڏين ڪَنِ
نہ عَقل ٽوپي ٽڳِي جو، نہ رَڌ پچاءُ ڄاڻن
ڪم ڪار ڪَن نہ گھرَ جو، رُليون رُڳو رُلَن

سودي صرف لاءِ به پاڻ، هليون هَٽَ وَڃَن ڏوناڙ ڪَڍِي ڏَڳن تي، گهٽيون سَيرَ گهمَن هُڏيون ڏئي هَر ڪنهين، گٿو ڳالهائِن ڪيڏو به ڪاراءِ ڪُهٿين کي، ڪنهن جو ڪِين مَڃن چگن ڇَوٽي ڇِٽيءَ طرح، سمجهائي سالڪن "رهي راهُوجن بهي باهُوجن، ڪُتِي ڪؤريجن" ڪائي سائينئين پؤنکي ڪسائينئين، پيڪا پڌائِن لِکان ڪِهڙا ليکي ۾، ڪارناما ڪُڏين اِهڙن افعالن، به عارِض آهِن اڻڳٽيون،

## سلڇڻيون زالُون

اول نانءُ **الله** جو، اِهي وَٺِي اُٿَن پوءِ پاڻيءَ لَپَ ٽيون، مايون منهن وِڃهن بِسمِ **الله** ڪري بعد ۾، مالڙو مٿائِن ڪُٽو ڪَڍِي ڪِلَن تان، ڇيڻا مٿيا ڪَن گاهه ملي ڪُونَرَ ۾، مينهون پيي ڏُهَن ڪِيرَ گڏي چاڏيءَ ۾، ويهي وِلوڙِن ٻهاري ڪڍي ٻاجهه پريون، گهرَ کي گهمائِن صاف ڪري صَحَن پو، سانجَھڻ سونجِهڻ ڪَن ماني ڪارائي مَردَن کي، ڪَمَ تي پوءِ ڪَڍَن ٻارَ ٻچا تيار ڪري، مَڪتب موڪلِن ٿانَوَ ٽِپا گڏ ڪري، مرڪي سي مانجِن دِلا، مَٽَ ڌوئي ڪري، پاڻي پوءِ پَرِن چندي ڦُوڪَي گهرَ کي، سڀ شئي سنيارِن لٽا، ڪپڙا لَڄَ وندين، دِل سان پيون ڌوئِن استري ڪري اُنهن کي، راڻيون پوءِ رَکن پوتي پري پَلالَ جي، ڪُتِر ڪانو ڪَن وِٽِي مِلين ته ويهي، وري ٽوپو تڳو ڏين ٽوپ، ٽوپيون، گَجَ، هُر مِچ پرت سَپ پَرِن





ٽاڪيل رِلهيون ٿُڪَ تي، وِهاڻا ڳچ وَٽَن سَوَڙِين سان تن سيبتين جُون، صَندوقُون ٻسڪَن مِزمانن کي مانَ ۾، وِڇائي ويهارِن ماني ڪري منت ۾، خُوشيئُون ڪارائِن رُڌل پنهنجي ريجَهه ۾، وانديون ڪِين ويهَن سَڄو ڏينهن سَٻاجهڙيون، سوگهيون منجهه ڪَمَن پويي پنهنجي گهرَ ۾ مرڪنديون وَتَن اُداسي نه اُنهن ڇهري، ٽڪيو سي نه ٽَڪَن روزا به رَکن نمازون به، پابنديءَ سان پڙهن صَدوريون ، سبوجهيون، سٽيون سي سڌَجَن صُورَت سهڻيون، سيرت ۾ حَسِين تن حُسن سلڇڻين کي سَڏُ ڪجي، ته "جِيءُ" وراڻي ڏين چئيجين ڪو ڪم ڪار ته، ننهنڪرئي نٽن هيٺ هميشه حياءَ سان، ڪَري ڪَنڌ هَلَن ٿورو ملي به ٿڌيون رَهَن، ڪڏهن نه ڪُرڪَن ماتيڻون سي مات سان صَبرَ ۾ رَهَن اَؤکيءَ ۾ اَيوبُ چئي، مورئون ڪِين منجهن سدا سچي رَبَ کي، ٻانهيون ٻاڏائِن ابي اَمڙ عِزت ڏئي، ماڻ رَکَن مڙسَن سوڍيون رَهن سَٿُرَ ۾، گهران نه نِڪرَن آواز به اُنهن ڪَنڌيءَ، لوڙهي، ٻاهر ڪين ٻڄهن ادب ۽ اخلاق ۾ ٽيون مٿاهيون مَڃجَن اوڙي پاڙي عزت نِگهه، ڏاهِيون جي ڏسجن ڳالهيون هَر هِڪ ڳوٺ ڳليءَ، تنجُون ڳائِجَن ليکو لِکڻ ناهه ڪو، لکي چا لکجَن اَڃا به گُڻ اِلاهي، اُڇا مَنجهه اُنهن عَقُلَ پريون عورتون، اِهڙيون ڪَئي آهِن جي ڪٽي جاچجن، ته ملنديون سَڃيءَ سِنڌ ۾.

O

# روشن علي ڪوري

روشن پيرل ڪوريءَ جي گهر ۾ 1962ع ۾ ڳوٺ بابل جروار ڏوڪريءَ ۾ اک کولي. هو پرائمري پاس آهي. مزدوري ڪري پيٽ پالي ٿو. سگهڙائپ ۾ سندس استاد محمدملوڪ عباسي آهي، 35 سالن کان سندس سگهڙائپ جاري آهي. هو سچيءَ سنڌ ۾ فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. مختلف تنظيمن پاران سرٽيفڪيٽ ۽ گولڊ ميڊل، شيلڊون ۽ ايوارڊ مليل اٿس. ٽي.وي ۽ ريڊيي جي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندو رهي ٿو. سندس چواڻي هزارن جي انگ ۾ شعر لکيل اٿس، جن ۾ نعت، ڪافيون، غزل،آزاد نظم، سينگار، ڳجهارت، ڏٽ پرولي، ڏور بيت، هُنر، گرچيلو، اخلاقي بيت، پهاڪا عشقيہ شعر، ڏهس ۽ ٽيهہ اکري وغيره اچي وڃي ٿي.

### نصيحت جو بيت

سچڻ نِہ سَرَ جيئن، اُيو ٿيءُ نہ بَڙُ
ڏسي محل ماڙيون، ڀونگي ٿون نہ سَڙُ
وڃي ٻي وڻن سان، ورائي ڪج وَڙُ
ٻي ڳڻن جي ڳالهہ ۾، ٿيل نڪي ڪَڙُ
ڪوڙو عادي ڪوڙ جو، جيئن ٻليءَ ڳڙ
سچيءَ وهي سڀ ڪو، ڪپيءَ نہ ڄٽي جَڙ
راضي رهہ روشن چئي، ٿورو ڏسي نہ رَڙُ
پائيندڙ ڪان پاسو ڪري، اوکيءَ ڪين اَڙُ
اُهو پچائج تَڙُ، جتي ملاح ٿو مِهر ڪري





### سينگار جو بيت

سهڻي سانول صبح سويرو، سونهن پسائي ساجن
سَرو سورج سامهون، سڄڻي سَرِڪن سهڻا سَنَ
ڀَبَ پاليهر پيش، ٻاٻيها پوپَٽَ پڄرن پَنَ
مرنگها ميندل مور، مٽوئڙا موهيا ماهي من
ڪاتي ڪرنا ڪاتي ڪوئل، ڪاڏي ڪري ڪن
جانب جلوي جاني، جنگ جوڙي جوين
چاند چندورو چور، چَڇورون چاهت چريا چن
تڳي ترني تابيو تجمل، تيز تڙ پائي تن
رات رهي ”روشن“، راڻي رنگ رچائيا.

O

# ڏلو فقير پٽي

ڏلو فقير هڪ سٺو سگهڙ آهي. ڏلو فقير ولد نياز حسين پٽي ڳوٺ فقير نياز حسين پٽي تعلقي گمبٽ ضلعي خيرپور سان تعلق رکي ٿو. هو پرائمريءَ جا پنج درجا پاس آهي. محنت مزدوري ۽ پوکي راهي ڪري پنهنجو پيٽ پاليندو آهي. سگهڙائپ ۾ سندس اُستاد سندس والد نياز فقير ۽ فقير عبدالرحمٰن مهيسر آهن. پهاڪو ۽ ڏور بيت سندس پسند جون صنفون آهن. سندس هڪ ڪتاب ”گنيءَ جا گن“ ڇپجي چڪو آهي. جيڪو سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر ترتيب ڏنو اٿس. سنڌ سگهڙ ادبي پلاٽي تنظيم سان بہ سلهاڙيل آهي.

سندس ڪتاب ”گنيءَ جا گن“ ۾ **فقير عبدالرحمٰن مهيسر** سندس تعارف تفصيل سان ڏنو آهي. جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو:

”ڏلو فقير ولد مرحوم نياز فقير پٽي وينل ڳوٺ نياز فقير پٽي تعلقي گمبٽ ۾ 1970 ڌاري جنم ورتو. ابتدائي ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ هادي بخش فقير وٽ قرآن پاڪ ناظران پڙهيو. سنڌي پرائمري پنج درجا مدل اسڪول سوني پٽيءَ ۾ پڙهيو. وڌيڪ غربت جي ڪري پڙهي ڪونہ سگهيو ۽ ٻني ٻاري جو ڪم ڪار ڪرڻ شروع ڪيائين.

سنڌ سگهڙ ادبي پلاٽي تنظيم ضلع خيرپور طرفان بهترين سگهڙ جو سچل سرمست ايوارڊ 2004ع ۾ حاصل ڪيائين.

ڏلي فقير پٽيءَ جو روحاني رشتو پير سيد نالي چڱي شاهہ جيلاني (گمبٽ) وارن جي خاندان سان ابي ڏاڏي کان وٺي وابستہ رهيو آهي.

سگهڙ ڏلي فقير کي پنهنجي ٻني ٻارا آهن ۽ پاڻ محنت ڪري هارپو بہ ڪندو رهي ٿو. اُن سان گڏ پنج ست مينهون جوڙو ڏاندن جو ڪجهہ





ڳائو ٻاڪرو مال بہ رکيو اچي. پائرن جي پاڻ ۾ محبت آهي رب ڪريم کين اِها محبت دائم قائم رهائي.

ڏلي فقير پٽيءَ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي ۽ هر سگهڙ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي داد حاصل ڪندو رهي ٿو. وڏن سگهڙن، سياڻن، سالڪن سان سندس ڪچهريون رهيون آهن. اميد تہ اڄان بہ سندس نالو روشن ٿيندو ۽ پنهنجيءَ اوطاق تي هر سال تمام وڏي سگهڙن جي ڪچهري ڪرائيندو رهي ٿو.

پهريائين پنهنجي والد مرحوم ڪان ڏور ڳجهارت جي ڪچهري هٿ ڪيائين پوءِ سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر جي صحبت ۾ ذوق وڌايو اٿس ۽ سگهڙ پائيءَ جي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس ۽ وڌيڪ فن تي لڪندو رهي ٿو. سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر جي صحبت ۾ وڌيڪ لوڪ ادب جو پانڌيئڙو بڻيو آهي.

سگهڙ ڏلي فقير پٽيءَ پنهنجي صلاحيتن کي ڪم آڻيندي لوڪ ادب جي شاعري طبع آزمائي ڪري پاڻ مڃرايو آهي. خصوصاً ڏور، سينگار، ڏٺ پرولي، ڳجهارت،مهل موقعي جا بيت، هدايت ۽ نصيحت جا بيت، وغيره چيا آهن.“

هو سنڌ ۾ ٿيندڙ ننڍين توڙي وڏين ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيندو رهندو آهي. ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. هيٺ سندس پرولي ۽ آجيان جو بيت ڏجي ٿو:

**پرولي**

**ڏيڻي:** هر هنڌ هر جاءِ تي، ٻڌائي خبر چارَ
ٺاهڻ واري ٺاهي ڇڏيو، ٻڌ سارا سماچار
ڪن پيا ڪروڙين تنهن سان، پنهنجا پراوا پيار
ڏلا هن دنيا ۾، ڪري ٿو ٻاتيون بيشمار
ڪي عاقل عقلدار، ڏاها ڳولين هن ڏٺ کي

**پيڇڻي:** ساراهيان سچو ڌڻي، ساراهيان رب ستارَ

ريڊيي ڪي راڄ ٿا سنڌس ڪرائين سينگار
جھنگ جھر ۾، ڪنيو وتن ڏٽن جا ڏنارَ
سَيلَ تنھنجو ساھ آھن، ڪري پيو جبلن ۾ جھونگار
بجليءَ تي بہ ٻوليون ٻڌ، پري پري جي پچار
اھي پورا ڏنم پار يا اجا دل سان دوڙايان

### بيت

(1)

پلي آئين پلا پرين ڪامل قرب ڪري
ويھي ڪا ورونھن ڪر پلڪ تي نہ پري
سدائين شل سھڻا، پيو اھڙو واءُ وري
تي ساعت ڪونہ سَري، تو دلبر سواءِ ڏلو چئي

(2)

آڪڙ چنڊ اجائي، وائي سڀ وسار
تہ قادر توتي ڪري، صاحب جي سرڪار
دوئي ڪڍي ڏلو چئي، من پنھنجي ڪي مار
ڏاڍا اھڙا ڏار، جو پھرين پتڻ پار ٿئين

o





# شاھنواز چنو

شاھنواز ولد علي نواز چنو 1961ع ۾ پيدا ٿيو. سگھڙائپ جي شروعات 1978ع ۾ ڪيائين. سگھڙائپ ۾ سندس استاد محمد منل مھر آھي. پاڻ ھن وقت جڪرا پاڙي رتي ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ رھي ٿو. ھن مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آھي. ھيٺ انھن مان چونڊ پھاڪو ڏجي ٿو:

### پھاڪو

ٿوھہ ھنداڻو ول پوکج ھڪ زمين
مٺين وجھينس مصريون ڪوڙ پري کُرجين
ڦري جڏھن ڦر ڪن، آڇج مٿان امين
تنھن جو ميوو مٺو، ڪنھن ڪڏھن چيو ڪين
چو تہ وجي پت بنياد تي، توڙي ھجن حورن ڪان بہ حسين
”چنا“ گھمجن چين، تہ بہ ٿوھہ ھنداڻو ھڪ نہ ٿئي

o

# محمد صالح عباسي

محمد صالح عباسي ولد غلام سرور عباسي 20_7_1977ع تي ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سگهڙائپ ۾ سندس استاد فقير محمد ملوڪ عباسي هو. سگهڙائپ ۾ 23 سالن کان مٿي عرصو گذاريو اٿائين. ريڊيي پاڪستان، پي ٽي وي، سنڌ ٽي وي، مهراڻ ٽي وي ۽ سنڌ ثقافت کاتي جي ترتيب ڏنل مختلف پروگرامن ۾ حصو وٺي چڪو آهي.

سنڌي ادبي ميگزينن، اخبارن ۾ توڙي ادبي ڊائريڪٽرين ۾ سندس ڪلام ڇپجي چڪو آهي. هن مختلف ايوارڊ به ماڻيا آهن، جن ۾ 1. شاهه لطيف ايوارڊ، 2. استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ سميت لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو ايوارڊ ۽ ٻيا ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ شامل آهن. پاڻ هن وقت سنڌ سگهڙ سنگت پلائي تنظيم جو مرڪزي جنرل سڪريٽري آهي.

## سينگار

وهوا حسن حبيب جو، ساري جڳ سرهاڻ
مرڪڻ ساڻ محبوب جي، ٿي چوڏاري چانڊاڻ
ماڻهن جنن ملائڪن ۾، هلي وڻ ٽڻ ۾ واڪاڻ
چاسينگر جيئان چمڪو ٿيو چڻ ٿري هلي ٽانڊاڻ
تن ڪي کهڙي ڪاڻ، جن ڪي سڄڻ مليو ”صالح“ چئي

o





# سگهڙ رمضان فقير مگڻهار

ميرپور خاص سان تعلق رکندڙ سگهڙ رمضان فقير مگڻهار پلوڙ سگهڙن منجهان آهي. هِن ڪيترائي شاگرد به پيدا ڪيا آهن، جن مان جان محمد جاني بروهي به هڪ آهي.

## سينگار (سرائيڪي)

نين سياه ساجن دي، سٽ سينگ ڪَرن سنگسار اُتي
زُلف ڪريندن زور زخم، جيوين مار ڏنگي مڻدار اُتي
خورشيد خِجل بيتاب بدر، ٿئي رُوح پسي رخسار اُتي
ويک لبان ٿُون لال بدخشان، ٿِيوَن لڄِي لاچار اُتي
دند جواهر مَرجان موتِي، احمر ڪيا اظهار اُتي
سخن سڻي شِيرين زُبان، ڪِيتا ترڪ طوطي تڪرار اُتي
ويک قدم رفتار پرين دي، گنير ٿئي گرفتار اُتي
سيماب جِسم ميڏي جانب دا، جيوين جهلڪ موتي جنسار اُتي
حُور پريان پي حيران ٿِيون، ول ويک سڄڻ سينگار اُتي
مين ڪهڙي ڪران صفت ثنا، سندي يار سهڻي سردار اُتي
فلڪ مَلڪ ڪُل مطيع ٿئي، اِهو ويک ايڏا اسرار اُتي
لاهه لوک لکي نَهِين لام ڪنُون، لامِيم نہ ويچا وار اُتي
ٿُون الف الله ڪر ڄاڻي، جِتان دائم هئي ديدار اُتي
سِچِي سوز والي سرڪ ڏيندا، سِر پيش ڌرين صد بار اُتي
مين جام ڪيتي محبوب ڪنون، چا پٽ ڪڙين پئنار اُتي
رمضان ويکيَن رب روح اندر، ميڏا هوت هنئين دا هار اُتي

o

# جان محمد ”جاني“ بزنجو بروهي

جان محمد بروهيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات ڏهہ سال ڪن اڳ بزم طالب المولىٰ جي اڳواڻ ۽ نالي واري شاعر اقبال شاهين صاحب ڪرائي هئي. شاهين صاحب مون وٽ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي ادبي پروگرام رسالي ۾ هر هفتي ايندو هو. ان ڪانسواءِ تنظيم سرهاڻ ويلفيئر سوسائٽيءَ ۾ بہ اسان سان گڏ آهي. سرهاڻ سوسائٽيءَ پاران خوشبوءِ نالي خبر نامون ڇپبو آهي، جنهن ۾ شاهين صاحب چيو تہ هن نوجوان سگهڙ جو ان ۾ تعارف ڏيو. مون جان محمد جو تعارف ان ۾ ڇپيو. جڏهن بہ مواچ ڳوٺ وڃڻ ٿيندو هو تہ جان محمد، ڪاڇيلي محمد سومار ۽ ٻين سان ڪچهريون ٿينديون هيون، جيڪو سلسلو اڄا تائين جاري آهي. هيءُ همراهہ ڄائو تہ ضلعي ميرپور خاص جي ڳوٺ موسىٰ خان بروهيءَ تعلقي حسين بخش مريءَ ۾ پر رهي مواچ ڳوٺ ڪراچيءَ ۾ ٿو.

ڏاڍو جاکوڙي جوان آهي، سنڌيءَ ڪانسواءِ اردو، بلوچي، براهوي، پشتو ۽ سرائڪي نہ رڳو ڄاڻي ٿو پر ان ۾ شاعري بہ ڪري ٿو. نظم ڪان سواءِ نثر ۾ بہ لکي ٿو. سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ مضمون بہ لکيا اٿائين. لوڪ شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪندو آهي، حيرت جي ڳالهہ اِها آهي تہ هيءُ رڳو اَٺ درجا پڙهيل آهي. پرائمريءَ ڪان شاعري ڪندو پيو اچي. اڪر ڏاڍا سهڻا اٿس. انگريزيءَ ۾ بہ لکي ۽ اسٽيج تي پڙهي ڄاڻي ٿو.

هيءُ همراهہ هڪ سماجي ڪارڪن پڻ آهي، ڪيس گهڻو ڪري ”جاني“ سڏيندا آهن. اصل نالو جان محمد ولد محمد مراد بزنجو بروهي اٿس. هو مختلف سماجي تنظيمن ۾ اهم عهديدار جي حيثيت سان ڪم ڪندو آهي.





United Human Rights Council Karachi West جو نائب صدر، بروهي سوشل ويلفيئر تنظيم (رجسٽرڊ) مواچ ڳوٺ جو باني جنرل سيڪريٽري ۽ سگهڙ لوڪ وينجهار ڪچهري (سلوڪ) سنڌ جو جنرل سيڪريٽري آهي.

سگهڙائپ جي فن ۽ سگهڙن جي خدمت ڪان سواءِ غريبن کي راشن ڏيارڻ، علاج ۽ دوائن ۾ مدد ڪرڻ، ڪفن دفن، صلح صفائي ۽ ٻين سماجي ڪمن ۾ ڏاڍو سرگرم آهي.

صحافت سان بہ دل اٿس. هفتيوار اردو اخبار ٽو ڊي ايوننگ اسپيشل ڪراچيءَ جو سب ايڊيٽر بہ رهي چڪو آهي. صحافت ۽ سماجي تنظيمن ۾ سندس جذبو ساراهڻ جوڳو آهي. سندس قلم ۽ عمل غريب ماڻهن جي حق حاصل ڪرڻ لاءِ هر وقت جنبش ۾ رهي ٿو. بيگناهن کي پوليس ڪان ڇڏرائڻ، غريبن جي پلاٽن تان قبضا ختم ڪرائڻ ۽ ٻين خدمتن لاءِ سرگرم رهي ٿو.

سگهڙائپ جي فن ۾ بہ سندس وڏو نالو آهي، هر صنف تي جهجهي تعداد ۾ لکيو اٿائين. سندس ڪلام تي ٻڌل ڪتاب تياريءَ ۾ آهي. هتي سندس چونڊ ڪلام ڏجي ٿو:

### نصيحت

ڪجي ڪم اُهو ئي وڏي شوق سان، غريبن جي جنهن ۾ ڀلائي هُجي
صداقت سان هر ڳالهہ اِهڙي ڪجي، جَنهن ۾ صِدق ۽ سچائي هُجي

وساري فرق سڀ نسل ذات پات، خُدا لئہ ادا ٿين حقوق العباد
هُجي دل ۾ خدمت جو جذبو سدا، رڳي سوچ ۾ بس سنائي هجي

سکيا علم ۽ هُنر جي هٿ وڏي، تہ ڪو حال ٻين جو سڌري پوي
پکڙجي ڪا تعليم جِي روشني، اُنهن جِي پڻ رهنمائي هُجي

هُجن جي وِڙهيل تِن جي اصلاح ٿئي، اُنهن ۾ وڏي ڀائپي ناهہ ٿئي
سڌاري جي هموار جيئن راهہ ٿئي، اسان ۾ اِها سيبتائي هُجي

ٿجي آسرو بي سهارن سندو، يتيمن معزورن بيمارن سندو
ڪبي اِئين حاصل خُدا جِي رضا، سچي جنهن سان راضي خُدائي هُجي

عَدل جي گهري ڪوئِي اڄ چاڙ تو، ڏجي ساٿ مسڪين مظلوم جو
سِگهي تنهن کي انصاف ڏيارڻ لئه، اسان ۾ حقي حق ادائي هُجي

حقيقت ۾، خدمت ئي اسلام آ، اهو جان محمد جو پيغام آ
بروهي بُرائي نہ ڪنهن سان ڪجي، چڱائي هُجي بس چڱائي هُجي

## سينگار

جِن نازڪ خد نگين سي سَسوءِ ڪان سهڻا سپرين
نِهوڙيو نوڪندڙ ڪي نيڻن سان ٿا نين
ڪَچ قريبن اِئين چوان، جِيئن سنها مار سرين
ابرو سندن آڪرا، سدا ڪان بہ سنگين
اُلف انگن چا اِهڙو، مڪ ڪسر ڪان مِين
لالون لب لچايون تِن، پِٿُون وڏ پَسين
ڏچن دُر دٻايا سي سرسِي بيهڪ سِين
ٻولڻ وقت بروهي چئي، ٿي ڪوئل ڪچي ڪين
سَرو صنوبر سچٽين، ٿا بردا دَر بيهين
ڪافين لڪا ڪار پسي ڇهبڪ جهڙي چين
جان وڪاري وِڪون ڪٽي ٿا ڪبڪون ڪوهہ ڪنبين
آهي سپ پرينئين سر سِين، صنم مون سنسار ۾.

## سينگار (سرائيڪي)

دلبر دي ديدار ڪنُون هڪ ساعت سهسين سالي
سهڻا صاف سَرو قد سالم قامت يار ڪمالي
وال سِياهہ مٽدار وَ سيهر ڪالي نانگ نِرالي
ابرو سيف سنگينون سهٽي پونئر پِزون هِن پالي
ٻانَ جنگي هٿيار ڏوهين چا مارن ديد دو نالي





رُوپ رنگيني رخسار عجائب آڪان ڪِيا احوالي
بوسہ جِند بي جان ڪِيتا، جيڪو لب ڪسر ڪنون لالي
دِهِن صفا دُر هِيرَي مرجان موتي نَهِين مجالي
مرڪڻ نال مريندا ماهِي رُخ چا ڏي رومالي
غب غب دي وِچ غرق ڪريندئي، اُهو چاهہ ذنخ دي چالي
ناز نوان ڪوئِي نينهن لڳو سي جوٻن ويک جمالي
زير سهري سينگار ڪريندا بدري ماهہ مِثالي
سيني سهٽل سرسا سونهن، خاص اُتئون دل خيالي
صدقي سهٽل يار سجڻ ٿون، پِرت ڪِيتا پئمالي
قمر جِتان قُربان ٿِيون، حَسِين اُتان ڪِيا حالي
ڪر ٻِروهي پال پلايان والن وَرق وِصالي
قدم اُتا چا قربئون آوَن گهول گهتان گهر ٻالي
ملڪ مڏيان ڪل مالي، صدقي سهٽل يار صنم تَئُون.

O

# حاڪم علي ميمڻ

سگھڙ حاڪم علي ميمڻ ڳوٺ لائق ڪوري رحيم آباد تعلقي خانپور ضلعي شڪارپور ۾ 1967ع ڌاري ڄائو. سگھڙائپ جي شروعات ننڍي هوندي کان ئي پنهنجيءَ اوطاق مان ڪيائين. هن جا وڏا ڪچهري ڪندا هئا، هيءُ ٻڌندو هو.

فن ۾ استاد محمد عظيم ڪلهوڙي کي استاد ڪيائين. جيڪو لوڪ ادب ۾ وڏو نالو آهي. هن ريڊيي، ٽي ويءَ جا ڪيترائي پروگرام ڪيا آهن. ان سان گڏ قلندر ايوارڊ 2011ع ۾ ماڻيائين. ڀٽ شاهه، سچل سرمست ۽ جيڪب آباد هارس اينڊ ڪيٽل شو وغيره ۾ ٿيندڙ ڪچهرين ۾ حصو وٺي چڪو آهي.

### محبت تي بيت

(1)

هيءُ ملڪ هلي تو محبت سان، ٻڌل آ قرب سان ڪائنات
الفت جي عاشقن کي، وائي آهي وات
ملڻ جهلڻ پيائري پاڪر، طلب هلي ٿي تاب
حُب هميشه حاضر حبيبان، تازي تحقيقات
جاڳڻ وارا جاڳن ٿا، اُٿي آڌيءَ رات
سِڪ جو سڳو سڪ ٻڌل، آ محبت ۾ مرجات
ڏسڻ ۾ ڏسجي، صحبت سا صفات
نينهن سندي نعت، تا حبدار ڳائن حاڪم چئي





(2)

اجان محبت اينتري آ ملڪ ۾، جنهنجي تورجي نٿي تور
ماپ ورچ ڪان مٿي آ، الفت سندي اور
قربانيءَ وارا قرب سان ڏين ٿا، سر گهمائي گهور
محبت جا مچ متل آهن، درست ڏسان ٿو دؤر
ڪي سڪ ساڻين تا سيني ۾، مانجهي مرد مور
زبري زورئون آهي زور، حب هوتن جي حاڪم چئي

o

www.sindhsalamat.com

# غلام شبير عباسي

استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي پٽ غلام شبير کي سگهڙائپ جي سُتي گهر مان ئي پياري وئي، جتي هو 27_8_1973ع تي ڄائو. سگهڙائپ جي گهاٽن وڻن جي ڇانوَ ۾ پلجندڙ غلام شبير کي ريڊيي، ٽي ويءَ ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ وڃڻ ۾ ڪابہ ڊڪيائي پيش نہ آئي. هُن جي فن جي آبياري ٿيندي رهي. هُن کي مجتا ۾ ڪيترائي ايوارڊ بہ مليل چڪا آهن، جن جو تفصيل هن ريت آهي.

جلال ڪتي رحہ ايوارڊ، شاعر شيرل باڊاهي ايوارڊ، قلندر شهباز ميلا ڪاميٽي جو بهترين سگهڙ سرٽيفڪيٽ، استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ، ڊاڪٽر تنوير عباسي ايوارڊ ۽ ڪيترائي مجتا سرٽيفڪيٽ شامل آهن.

### ڏهس سينگار (اُٺ جا ڏهہ نالا)

پسي حُسن حبيب جو، اٺڙن جهليا اڳ
ڪيمل ڪنڌ جهڪايو، ٿو جمل جلي جڳ
توڏي تانگهہ پرين جي، ڊوڙي ورتا ڊڳ
نيش، گورا گسن تي ڪي ڊاٽي بڻيا ڏڳ
مهري، ميا مڳ، پيا پرن چرڪ شبير چئي

### بيت

هلي آءُ حبيب تون، تہ وري مون وارو
پلو ويس بدن تي، ڪيم ڪالهاڪون ڪارو
تنهنجي شوق شبير چئي، مونتي ڪيو مارو
وري پئي وارو، جي اچين هت ”عباسي“ چئي





# محمد جمن پٽي

پٽي صاحب ڄامشوري سان لاڳاپو رکي ٿو. پاڻ 1965ع ڌاري پيدا ٿيو. سندس پيءُ جو نالو شاهي خان آهي، هن ڪچ شاعري ڪئي آهي.

سندس ڪتاب جو نالو ”چڪر مال جو آ“ آهي. هن نديم عمراڻيءَ ۽ عاجز رحمت الله لاشاريءَ سان گڏجي محمد ايوب جوٽيجي جو ڪتاب پڻ ترتيب ڏنو آهي.

### حمد و ثنا

اي منهنجا خدا مونکي شفا ڏي سچي سردار جي صدقي
ڪر معاف مونکي، سڀ ڪي مٿي مختار جي صدقي
جنهن سان بہ ڪيو تو، آ گهڻو پيار جي صدقي
هن ڪربلا جي قافلي قطار جي صدقي
ساراهہ تنهن سائينءَ هڪ عمر ڪندي ڇا
وڻ قلم سمنڊ مس ڪجن پوءِ بہ مٽي آ

مختيار آهين مالڪ تون بخشي بہ سگهين ٿو
ٻانهن جي خطا ڍڪ ڏئي ڍڪي بہ سگهين ٿو
پلا ڪير پڇي توکان، تون پڇي بہ سگهين ٿو
محبوب جي صدقي ۾، ڇڏي سائين سگهين ٿو
کهڙا بہ هجئون ڪوجها تہ بہ ٻانها آهيون تنهنجا
مخلوق مڙئي تنهنجي، پيا عرض ڪيئون پنهنجا

ساهن جي رڳن کان بہ آهين، سائين تون ويجهو
سڌ کهڙا ڪجن ناهين پري، رحم سان ريجهو

بندي جو کھڙو حال، سوا تنھنجي آ کنھنجو
ٿو قبر ۽ حشر ڏينهن، ڪپي ڪرم ڪو تنھنجو
الله تون عادل عدالت نہ گھرون ٿا
بس ڪرم ڪپي سائين، توکان رحم گھرون ٿا

ڪل صدقي ولين جي ذڪر جو قسم ٿئي
سھڻي شاھ پٺائيءَ جي فڪر جو قسم ٿئي
۽ مھر نبوت جي منور جو قسم ٿئي
يٰس، طٰہٰ قرآن جي دفتر جو قسم ٿئي
گنھگار وجھي يار دوزخ ۾ ڪندين ڇا؟
رحمان ۽ رحمت جي اھا آ نہ تقاضا

الله! فجر، ظھر ۽ عصر جو قسم ٿئي
معصوم ڳلي خون خدا اصغر جو قسم ٿئي
حُسين جي حال سجدي سر جو قسم ٿئي
قاسم جي ڪسڻ گھوٽ حيدر جو قسم ٿئي
”جمن“ جي خطا خامي خدا خالق تون ڇڏي ڏي
ڪر معاف سيئي ذاتيون ۽ گھٽي بہ گڏي ڏي

O





# طالب پنيرو

ھيءُ همراھ سگھڙ سان گڏ ڪھاڻيڪار ۽ نعت خوان پڻ آھي. سندس تعلق شڪارپور سان آھي. سنڌ ۾ ٿيندڙ سگھڙ ڪچھرين ۾ پنھنجو ڪلام پيش ڪندو رھي ٿو، ھتي سندس چونڊ ڪلام ڏجي ٿو:

ڪي بنگلن حويلن ۾ ڪلندي ڏٺاسون
ڪي ئي مال دولت ڪي ڇُمندي ڏِٺاسون

جن غريبن يتيمن بيواھن ڪي ماريو
اُھي مغرور ماڻھون اڄ روئندي ڏٺاسون

عاليشان گاڏين ۾، ڪيائون عيش عشرت
اُھي روڊ رَستن تي رُلندي ڏِٺاسون

برسات سيلاب ھنيان اھڙا ھاڃان
ٻُڪيا پيٽ مارون اَڄ گھُمندي ڏِٺاسون

اُڃاريون اکيون، پيٽ اُگھاڙا نينگر
اَڃھو ناھي اُس تي اڄُ سمھندي ڏِٺاسون

وڏيرن ڪامورن، پَريا پيٽ پنھنجا
باٽا بيگناھن ڪي ھٽندي ڏٺاسون

ظالم بادشاھن جا، ڪوٽ ڪئي
عوامي انقلابن ۾ ڊھندي ڏٺاسون

ڪٿي باغ بلبل، ڪٿي آ ڪوڪ ڪوئل
جهرڪي ڪانگ ڳيرا بہ وڙهندي ڏٺاسون

شهرن ۾ گهر پنهنجا قبضي ۾ غيرن
نڌڪا اباڻا اڄ ڪسندي ڏٺاسون

ٻولي اباڻي نہ وسري وطن مان
سنڌوءَ ماءُ جيجل لاءِ سڪندي ڏٺاسون

آهن انڌير نگريءَ جا ظالم حڪمران
ڪي ئي منصور سولين تي چڙهندي ڏٺاسون

لطيف قلندر سچل شاهہ عنايت
مارن دعائون اتي گهرندي ڏٺاسون

پنيري سنڌ امڙ لاءِ لکيو آهي لکِندو
ڪري سجدو جيجل کي جهڪندي ڏٺاسون

o





# اللهؔ بخش سامت

اللهٰ بخش ولد فقير محمد ذات سامت 1961ع ۾ ڳوٺ ٽرڙي لڳ مير پور ٻرڙي تعلقي ٺل ضلعي جيڪب آباد ۾ پيدا ٿيو. پرائمري پنج درجا ميرپور ٻرڙي مان پاس ڪيائين. سگهڙائپ جو فن 1981ع کان شروع ڪيائين، جنهن جي سکيا استاد بهار علي بهار ٻرڙي کان ورتائين.

**سر سامونڊي**

اپيون ساريون وڻجاريون ورن لئہ
سامونڊي ساري، ٽڙپي ڳوڙها ڳچ ڳارين
سج اڀرندي سور ڪٽي، مٿي ٽڙ تنوارين
ورن ريءَ ولهيون ٿي، موٽي گهر گهارين
شل والي وارين، سامونڊي "سامت" چئي

o

# غلام اڪبر گاڏهي

ضلعي لاڙڪاڻي جي شهر باڊهہ سان واسطو رکندڙ غلام اڪبر گاڏهي سنڌ ۾ ٿيندڙ ڪچهرين ۾ شرڪت ڪندو رهي ٿو. هو الهڏني جي گهر ۾ 1_1_1964ع تي ڄائو. ٿيهن سالن کان هن فن ۾ آهي. سندس استاد محمد ملوڪ عباسي آهي. هن مختلف ٽي وي چينلن کان سواءِ ڪيترن ئي سرڪاري توڙي غير سرڪاري پروگرامن ۾ حصو پڻ ورتو آهي. هن مختلف صنفن تي پنهنجو ڪلام چيو آهي. هتي سندس هڪ ڏهس ۽ نصيحت جو بيت ڏجي ٿو:

### ڏهس (وارن جا ڏهہ نالا)

ڪارا ڪيس ڪلهن تي، پيا وٽ ڏين وسيهر
ونگ وشيهل وري پيا، ڪنيا ڪاريهرن ڪر
پونگ پيندا بدن تي، ڄڻ سُرڪي پيا سسيهر
ترنگ، تليهر تجلو ڏيئي، ٿا اڏلي پون اليهر
اهڙي رنگ اڪبر، پئي ڳنا گهوٽ گاڏهي چوي

### نصيحت جو بيت

دوستي رک دانائن سان، جي ادا ڏسين اشراف
مندي نہ آڻن من ۾، هُو سينو رکن صاف
انهن پاس اڪبر چوي، ڪر تون ڪشالا قاف
اورج احوال انهن سان، جيئن ٻيا نہ ٻڌن ٻاق
نہ تہ لٻاڙين جي لاڦ، ڪندي گم گاڏهي چئي

O





# عبدالستار مير بحر

عبدالستار پٽ غلام رسول مير بحر، فن جي شروعات 1990ع ۾ ڪئي. تعليم، بي.اي اٿس، ضلعي شڪارپور ۾ رهي ٿو.

### پاڻيءَ بابت

پرور رکيا پاڻيءَ ۾، اونهان ڪي اسرار
پيئڻ ساڻ پاڻيءَ جي، لهجي اڄ اڄار
ڏوئي ڏوڙ دز ڪي، اڇو ڪري اڇار
پاڻيءَ جي پهچڻ سان، ٿئي ساڻيهہ ۾ سڪار
پاڻي ملي پوک کي، ٿين اَنَ انبار
مال پي موجان ماڻي، حيوان لک هزار
ٻيا بہ ڪي ڪرشما اٿس، پويا پالڻهار
جي هڻبو ڏک هن ۾، تہ ڏک ساڻ ڏار
وري بہ ملي پاڻي پاڻ ۾، ٿيندو هڪ هيڪار
سِک سبق پاڻيءَ کان، گڻ گنهگار
ڪٿي ڪٿي اوپارو، گهڻو لنهنواريءَ ڏي لار
اٿس منهن اولهہ ڏي، جاڏي پنجتن هن پڳدار
باهہ اجها ئي پڙڪيل توڙي، بنهہ هجي بيڪار
اهڙيون سَوَ ڳالهيون ستار، پاڻ رکيون آهن پاڻيءَ ۾

O

# سيد مختيار علي شاھ

سيد مختيار علي شاھ ولد سيد شمن شاھ 1968ع ۾ ڳوٺ سونھاري پٽي، تعلقي سجاول جوڻيجي ضلعي قمبر شھداد ڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. پنج درجا پرائمري تعليم اسڪول سونھاري پٽيءَ مان پاس ڪيائين. 1992ع کان سگھڙائپ جي شروعات ڪيائين ۽ انھيءَ فن جي سکيا استاد سگھڙ منظور علي اسراڻ کان ورتائين.

### نصيحت

آھين قيمت سندو قطرو، ڇڏ واحد کي نہ وساري
اول آخر آھين سھڻي رب جي سھاري
صاف ڪري سينو ڇڏ، ٻيائيءَ کي ٻھاري
اِھو سبق سائينءَ ڏنو آ، پرين پيغمبر پياري
موت اٿئي مٿان، ويندين غفلت منجھہ گذاري
پيار ڪر پنجتن سان، تہ تار مان ڇڏيندءِ تاري
لڳ تن سڄڻن جي سھاري، تہ ڪندءِ ماڙ "مختيار شاھ" چئي





# عبدالقادر اوڳاھي

عبدالقادر ولد سکيو خان اوڳاھي 4 مارچ 1970ع تي مسجد محلي غوثپور تعلقي ڪنڌ ڪوٽ ضلعي ڪشمور ۾ ڄائو. سن 1990ع کان ادب ۾ پير پاتائين. پاڻ سنو سگھڙ، شاعر ۽ استاد آھي. پاڻ سگھڙائپ جو فن فقير بھار علي ٻرڙي کان پرايائين.

شاھ لطيف ادبي سنگت غوثپور جو سن 1998ع لاءِ جنرل سيڪريٽري ھيو. سندس ڪالم سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رھن ٿا. پاڻ ڪراچي ٽي ويءَ تي ڪيترائي پروگرام بہ ڪري چڪو آھي. سندس سينگار جا ڪجھہ بيت ھيٺ ڏجن ٿا:

### سينگار

سر و قد ساجن سھڻو دندان داڻ انار
پر بيحد بجلي تن ۾ جيئن ڪري وسڪار
زلف دائري ديم تي سونھن ايئن سردار
جيئن سورج سرنگ مان ڪڍي ڪا ڪنار
سپ ڪان سونھن زور زنخ جي ريدب مائل رخسار
افضل ابرو صيف سنگنئون چاڙيون جلويدار
عين اتم ادگر ڪان ريءَ ڪيفيون ڪجل ڏار
اعلىٰ پسيو عنمبر ڪان ھر ھنڌ ٿئي ھٻڪار
حسين ٻيا بہ ھزار، پر منھنجو عجيب وڏ عبدالقادر چئي

### آجيان جو بيت

جي جانب ٿلي ٿور، تہ گنير گام نہ ڪڙي
ڪرن قدمين اڇي محبوب اڳيان مور
هنج مٿس حيران ٿي ڪن گهڙيءَ تنهن سرگهور
اچن ائين "اوڳاهي" چئي، جيئن چنڊ ڪڍي چڪور
تل نہ ڪو تور، آهي جانب جو جهان ۾

o





# صابر حسين عباسي

نوجوان صابر حسين ولد ممتاز علي عباسيءَ کي سگهڙائپ ميراث ۾ ملي آهي. استاد محمد ملوڪ عباسي ڏاڏو اٿس، جڏهن تہ والد ممتاز عباسي استاد اٿس. پاڻ پهرين جنوري 1986ع تي ڄائو. هن هيٺين پروگرامن ۾ بہ فن جو مظاهرو ڪيو آهي:

ڪي ٽي اين، مهراڻ ٽي وي، سنڌ ٽي وي، ريڊيو پاڪستان، قلندر شهباز جو ميلو، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ميلو وغيره.

### بيت

پيارا مونکي پون ٿا پل پل تنهنجا پور
ڇو پيلا ڇاجي ڪري دلبر رهين ٿو دور
مٺا تنهنجي محبت ۾ آهيان مان مجبور
هميشہ ڪيترا ڏنا تو صابر کي سور
ايذا ڪر نہ ڪلور، ڪرڪو احسان عباسيءَ تي

o

# شفيق الرحمان ڪوري

هيءُ نوجوان روشن علي ڪوريءَ جي گهر ۾ 1995ع ۾ ڄائو. انٽر پاس آهي، ميمڻ پاڙي ڏوڪريءَ ۾ رهي ٿو. سگهڙائپ جي فن سان وڏو چاهه اٿس، جيڪڏهن محنت ڪيائين ته ضرور منزل ماڻيندو.

**بيت**

(1)

اُپري لٿو سج، چنڊ ڪٽي چانڊاڻ
مون پرين ڪاڻ، رات گذاري ڏينهن ڪيو

(2)

سورج جهڙو سومرا، نه تِڪ ڏيڪار تاءُ
آءٌ سڏيان پاءُ، توڪي وِيلو وَرُ ٿيان

(3)

سورج جهڙو سومرا، نه تاءُ ڏيڪار تِڪ
مور نه موڙيندي، ڏُکي تنهنجي ڏِک
منهنجو مونکي ليکو لِک، خالق ڪيو ڪيت سان

(4)

جهلي مون جهولي، تنهنجو نرالو سٽي نانءُ
هيو ڪوڙو ڪانءُ، ڪرسيءَ مٿان ڪوري چئي

o

www.sindhsalamat.com

# Kachahri Ja Mor

*Dr. Kamal Jamro*

**Culture, Tourism & Antiquities Department,**
**Government of Sindh**
**2013**

